پاڻ ۾
ويٺا آهيون

نجم عباسي

روشني
پبليڪيشن

ڊاڪٽر قادر بخش منگسي جي نالي!

سٽاءُ

= منهنجو اٺاويهون ڪتاب 7

ڀاڱو پهريون (ڪهاڻيون) [9-10]

1 - ڏاڙيلن جو ڏمچر 11

2 - تڙت ترقيءَ جي تاڙ ۾ 22

3 - لطيفان 42

4 - ڀهاڙن ۾ واردات 50

5 - آفريڪا جو مهمان 60

6 - جاڳيا جڏهن ڳوٺ 63

7 - وات ۾ ڪرڙي 76

8 - ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي 79

9 - پهرين ملهه 86

10 - پيار نه پلبو پنجرن ۾ 93

11 - اوندهه ۾ اوندهه 110

12 - اسين ڪمزور نه آهيون 115

13 - مورچي ۾ 125

14 - ڪليمي ڪامريڊ 133

15 - هوا ۾ ڀاڙون 141

16 - چار 147

17 - پستيون 151

ڀاڱو ٻيون (مڪالما) [163-164]

1 - لڏ پلاڻ 165

2 - بندش 168

3 - بي وقتي بانگ 174

4 - ماضيءَ جا بت 178

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5 -	تون تون، مان مان	182
6 -	امن جي تلاش	184
7 -	يهودي	188
8 -	معافي ثواب جي	194
9 -	ٻيجل ٻئي روپ ۾	196
10 -	ڍهنديون اهڙيون ماڙيون	199

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڇاڙويهون ڪتاب

مون اڳ ۾ هن قسم جون ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن، جي ڇپبيون به پئي رهيون آهن. ٻين به سنڌيءَ ۾ ساڳئي قسم جون ڪهاڻيون پئي ڇپايون آهن. انگريزيءَ ۾ به ساڳي طرز واريون ڪهاڻيون پئي لکيون ويون آهن. هن قسم جي ڪهاڻين ۾، سڄي جي سڄي ڪهاڻي ڪردارن جي گفتگوءَ (Dialogue) جي صورت ۾ پيش ڪئي ويندي آهي.

مون هاڻ ويچاريو ته انهيءَ نموني لکيل ڪهاڻي، ڪهاڻيءَ جون ڪي تقاضائون پوريون نه ٿي ڪري، جيتوڻيڪ ان ۾ گهڻو ڪري ڪهاڻيپڻون موجود هوندو آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ دلچسپيءَ جو سامان به ميسر ڪندي آهي. البت ان ۾ ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ ڪجهه ڪهاڻيءَ جون ٻيون گهرجون ڏيئي نه ٿيون سگهجن.

سوچڻ ڪانپوءِ مان ان نتيجي تي پهتس ته اهڙي لکڻيءَ کي "مڪالمو" (Dialogue) سڏجي ته موزون ٿيندو. ائين ڪرڻ سان، ان کي ڪهاڻيءَ کان الڳ سمجهي سگهبو.

مان ادب ۾ نئين صنف "مڪالمو" جي شروعات ڪري رهيو آهيان يا گهٽ ۾ گهٽ ان صنف جي نالي کي جنم ڏنو اٿم. اهو نالو ذهن ۾ رکي لکڻ سان، مونکي پڪ آهي ته ليکڪ جي لکڻيءَ ۾ پڻ نئون ڦيرو ايندو.

مون پنهنجي هن ڪتاب "پاڻ ۾ ويڙا آهيون" کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين حصي ۾ "ڪهاڻيون" ۽ ٻئي حصي ۾ "مڪالما" ڏنا اٿم.

ڪچهريون، خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾ سنڌ جي تهذيب جو خاص ۽ دلچسپ حصو پئي رهيون آهن. اهي ڪچهريون اوطاقن ۾، منهن ۾، سياري ۾ باهه جي چوڌاري، گرمين ۾ منجهند جو ڪنهن گهاٽي ۽ ڇانودار وڻ هيٺان ۽ شادين غمين ۾ ٿينديون آهن. اڳي گفتگوءَ جا موضوع ٻيا هوندا هئا، پر اڄ ڪلهه گهڻو ڪري سياست تي ٽيڪاٽپڻي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي. بي-بي-سيءَ جون خبرون به ٻڌيون وينديون آهن.

آهن تہ اهڙيون ڪچهريون اڄ تائين بہ قائم، پر انهن جي جڳهہ ڪيترن هنڌن تي هوٽلن ۾ ٽي-ويءَ ورتي آهي. ماڻهو رات جو دير تائين هوٽلن ۾ چانهہ پيئندي ۽ ٽي-وي ڏسندي، وقت گذاريندا آهن.

پر هوٽلن تي وهڪ جي عادت بہ گهٽجندي وئي. ڀهراڙيءَ ۾ ڌاڙيلن جي خوف، هراس ۽ ڌمڪاءَ ڪري، ماڻهن سج لٿي کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، ۽ هوٽلون ۽ دڪان جلد ئي بند ٿيو وڃن.

ڀهراڙيءَ جي ڪچهرين مان ڪنهن کي ڪا راز جي ڳالهہ ڪرڻي هوندي آهي، پوءِ اها ڪنهن جي لچائي يا رشوت جي هجي يا ڪنهن بدڪار شخص جي باري ۾ هجي، ڪنهن جي ڦرلٽ ذريعي تڪڙو شاهوڪار ٿيڻ جي هجي، ڪنهن سازش جي انڪشاف جي هجي، ڪنهن جي حقيقي يا هرويرو گلا ڪرڻي هجي تہ اها ڳالهہ شروع ڪرڻ کان اڳ، ٻين ڪچهري ڪندڙن کي چوندو آهي: ”پاڻ ۾ ويٺا آهيون!“ اهي ڪچهري ڪندڙ هن جا ساٿي ۽ هم خيال هوندا آهن.

جيئي سنڌ!   نجم عباسي

پاڳو پڇريون (ڪهاڻيون)

Soorih Mirani

"ڏاڙيلن جو ڏمچر"

"هجي ها ڪو پروفيسرن، اسڪالرن، سائنسدانن، ماهرن، فيلسوفن، شاگردن، شاعرن، ساهتڪارن، دانشورن، ڪامورن يا تاريخدانن جو ميڙ ۽ ان ۾ رکيل هجي ها خيالن جي ڏي وٺ لاءِ ڪو موضوع تہ اِهو ٿئي ها ڪنهن عاليشان ۽ سينگاريل هال ۾ ۽ ان کي نالو ڏنو وڃي ها "سيمينار". پر هيءَ تہ آهي ڏاڙيلن جي گڏجاڻي، جنهن جو موضوع جو اعلان بہ ٿيل ڪو نہ آهي. جڻ تہ چيل هجي تہ بحث مباحثي کان پوءِ سيڪو پاڻ وٽي موضوع بابت ڏکو هٽي، ۽ هيءَ گڏجاڻي ٿي رهي آهي ڪچي جي جهنگل جي ڳهاٽي ۾ ڳهاٽي حصي ۾، جتي ڏينهن جو بہ انڌيرو آهي ۽ ڪنڊن جي وچ ۾ اٽڪو ويهٽو ٿو پوي ۽ جتي پوليس ۽ فوج کان بچاءَ خاطر چوڪاري زبردست انتظام ڪرڻو پيو آهي. ڪن تہ ان گڏجاڻيءَ جو نالو ئي "ڏاڙيلن جو ڏمچر" رکيو آهي.

"ذات ڏاڙيلن جي اچي گڏ ٿي آهي، ڪوٽ سنڌ جي سيني ٽولين کي ڏنل هئي. هونءَ تہ سنڌي ڇڙوڇڙ آهن، پر سنڌي ڏاڙيلن جي تنظيم، ٽولين ۾ هوندي بہ مثالي تنظيم آهي. اصل شهرن ۾ پناهگيرن جي دهشتگردن جي تنظيم، سنڌ، باقائدگي ۽ اتحاد بہ ان سان پهچي نہ سگهن. ميڙ ۾ ٽولن جا سردار بہ آهن، ۽ انهن جا حڪمبردار بہ. چوڏاري بوسڪين جا پٽڪا ۽ بوسڪين جا ويس آهن، ٻانهن ۾ راڊو واچن جا چمڪاٽ. هر ڪنهن کي هڪ ٻہ يا ٽي ٽي موتمار هٿيار ۽ چيلهين ۾ ۽ ڪلهن جي چوگرد گولين ۽ ڪارتوسن سان ڀريل چمڙي جا پٽا ويڙهيل آهن. هو اڳ ۾ واقف هئا، توڙي اڻواقف، هڪ ٻئي کي وڏا وڏا ڀاڪر پائي ملي رهيا آهن، جن کي ٻُڌون ٻڌل هيون، تن بہ هينئر اهي ڇوڙي ڇڏيون آهن."

"ائين بہ ڪو نہ آهي تہ سڀ ڄٽ اڻ پڙهيل آهن، هنن ۾ ڪوڙ مئٽرڪ پاس ۽ ڪي تہ بي. اي، ايم. اي پاس بہ آهن."

"اسان کي پنهنجو ڪو صدر ۽ ڪو خاص مهمان مقرر ڪرڻ کپي، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارروائي هلائي."

"اِهي ڳالهيون هتي ڪونه هلنديون. هتي نه ڪرسي آهي ۽ نه ئي ڪرسيءَ جي رعب ۽ اختيار جو چڪر. جيڪو جتي ويٺو آهي، اُتي ويٺو هجي ۽ فقط ڳالهائڻ وقت اُتي بيهي پنهنجا خيال ظاهر ڪري. آزاديءَ سان ۽ بنا حجاب."

"اسين اِهو ورجائڻ لاءِ گڏ نه ٿيا آهيون ته اسين وڏيري ۽ پوليس جي ظلم ڪري ڌاڙيل ٿيا آهيون يا بيروزگاريءَ جا چڪ ۽ ڇهڪ سهي هي ڌنڌو اختيار ڪيو اٿئون."

"اسين اهو به نه ورجائينداسين ته پاٿاريدار، پوليس، ميمبر ۽ وزير جو اسان مٿان هٿ آهي: هو اسان جو بچاءُ ڪري ٿو. اسان جي مٿان ڇانورو آهي ۽ سيڻي لٽ مار جي مال ۾ مکيه حصيدار آهن."

"اسان اهو به نه دهرائينداسين ته اِهي اسان جا حصيدار ۽ اسان کي حڪم ڪندڙ آهن ته فلاڻي کي اغوا ڪيو ۽ ڀنگ نه وٺو يا فلاڻي هند ڌاڙو هڻو. سي ئي پوليس وارا، وڏيرا، ڪامورا ۽ سياستدان، جڏهن پنهنجي مفاد جي مرضي پوندي اٿن يا پنهنجي مطلب لاءِ، اسان کي پنهنجو ڪري دوکي سان مارائيندا آهن ۽ سرڪار کان اُسان جي سر تي رکيل لکين رپيا انعام حاصل ڪندا آهن."

"اسان اهو به نه ورجائينداسين ته اسين جو رڳو سنڌي دولتمند اغوا ڪندا آهيون يا قتل ڪندا آهيون، جو ته اسان کي خبر هوندي آهي ته اسان جيڪڏهن ڪو غير سنڌي اغوا يا قتل ڪيو ته پوري ملڪ جي پوليس، فوج، ڪامورا ۽ سياستدان اچي اسان مٿان پوندا ۽ اسان جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندا، پر سنڌيءَ جي حالت ۾ اسان کان رڳو پنهنجو حصو وٺڻ وارا اچي پنهنجا جهول ڀري ويندا آهن."

"اسان اِهو به ياد نه ڏيارينداسين ته اسان کي معلوم آهي ته اسان جي ڪارروايُن ڪري رڳو سنڌي ماڻهو مرن ٿا. جي اسان پنهنجي شڪار کي لٽيو، ڦريو يا ماريو ته اهي به سنڌي هوندا آهن. جي اسان پوليس سان مقابلو ڪيو ته ان ويڙهه ۾ مرڻ ۽ ڦٽجڻ وارا سنڌي پوليس وارا هوندا آهن. جي ڳوٺاڻن سان مقابلو ٿيندو آهي ته ان ويڙهه ۾ به مرڻ ۽ ڦرجڻ ۽ برباد ٿيڻ وارا به

سنڌي هوندا آهن. انهن مقابلن ۾ ويڙهين ۾ مرڻ ۽ زخمي ٿيڻ وارا ڌاڙيل يعني اسين به سنڌي هوندا آهيون."

"شهرن ۾ ڌاريا پناهگير دهشتگرد سنڌين کي پيا تباهه ڪن ۽ ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجا سنڌي پيا هنن جو خانو خراب ڪن."

"ڏسو ساٿي بي آرام ٿي رهيا آهن ۽ ڀُڻ ڀُڻ ۽ سُس پُس جي شور سان احتجاج ڪري رهيا آهن. جڏيو انهن ورجايل قصن کي! اي دوستو، يارو، ساٿيو! ماٺ ڪريو! هاڻي همراهه نيون نيون ڳالهيون توهان جي آڏو پيش ڪندا."

"غيرتون ته اسان سهسائي ڇڏيون. ذات جون، خاندان جون، زالن جون، نياڻين جون، زمين جون ۽ شايد قومي غيرتون به. اسان جون زالون ۽ نياڻيون ٽاڻن ۾ واڙيو ويٺا آهن، اسان جي ملڪيتن تي پراوا مالڪ بڻجي ويٺا آهن. اسان پنهنجي قوم وارن کي ڦري ۽ ماري رهيا آهيون. اسان ڌارين جو نالو ڇو نه ٿا وٺون، جي اسان جي هر مصيبت ۽ مسئلي جو ڪارڻ آهن! جڏهن اسان کي خبر به آهي ته ڌاڙيل بڻجڻ کان پوءِ ڌاڙيل جي سراسري عمر ٽي سال ٿيندي آهي ۽ هو پوليس يا ٻين سان مقابلي ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيندو آهي يا قانون جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، ڦاهيءَ چڙهندو آهي. پوءِ به ڌارين کي ڏسي ماٺ ڪري ٿا ويچون، حالانڪ اسان جي دل ڪڙهندي آهي. اِهو ڏيکاري ٿو ته اسان جو ٻيو سڀ ڪجهه مات ٿي سگهي ٿو، مگر قومي غيرت مات نه ٿي آهي!"

"اقتدار وارا سياستدان ۽ وڏيرا اسان ڌاڙيلن کي پنهنجي سياست جي مفادن واسطي استعمال ڪرڻ لڳا آهن. توهان ڏٺو هوندو ته هاڻي حاڪم سياستدان ۽ وڏيرا، اسان کي اهڙن سنڌين کي اغوا ڪرڻ جي چرچ ڏين ٿا، جي نه دولتمند آهن ۽ نه مالدار. پڌرو آهي ته اهڙن ماڻهن وٽان مشڪل سان اسان کي ڪو ڀُنگ ملي ٿو، يا ته بلڪل ڪو نه ٿو ملي ۽ پوءِ به راهه گناهه اسان کي هنن کي قتل ڪرڻو پوي ٿو."

"يعني رڳو پوليس ۽ سنڌ دشمن اڳواڻن کان ڀَتي ڀُرڻ لاءِ اسين اهڙا ڪيس ڪندا وتون."

"مون اخبار ۾ پڙهيو آهي ته سنڌ جا پرمار مير، پير، وڏيرا ۽ ٻيا

سياستدان پنهنجي دائمي فائدي لاءِ اقتداري مفادپرست غير سنڌين جي ڇُرچ تي، سنڌ ۾ وچولو طبقو ختم ڪرڻ پٺيان پيا آهن.“
”اهو وچولو طبقو ڇا آهي؟“
”سنڌ ۾ جيڪي پنهنجي مِڙي مانيءَ وارا آهن يا پڙهيل ڳڙهيل آهن، سي سمجهو ته وچولي طبقي وارا آهن. انهن ۾ ماستر، نوڪري وارا، شاگرد، دڪاندار، سياسي ڪارڪن ۽ ٻيا اهڙي سطح جا ماڻهو اچي وڃن ٿا.“
”ان طبقي کي ختم ڪرڻ مان وڏيري، وزير ۽ سياستدانن جي ڪرسيءَ کي ڪهڙو فائدو پوندو؟“
”مولائي مون کي ڪجهه نشڙو ٻه آهي، اِهي ڳالهيون سمجهه ۾ ڪونه ٿيون اچن.“
”سمجهه ۾ اچي وينديون، رڳو غور سان ٻڌندو رهه. اڃان ته گهڻن ئي ساٿين کي ڳالهائڻو آهي ۽ آئندي ٻه ههڙا ئي ڏمچر ٿيندا ئي رهندا. توهان ڏٺو نه آهي ته وڏيرو پنهنجي ڳوٺ ۾ اسڪول وجهڻ نه ڏيندو آهي ڇو ته هن کي ڊپ هوندو آهي ته جي هارين ۽ ڳوٺاڻن جا ٻار پڙهي پيا ته نه هن جي غلامي ڪندا ۽ نه هن جي حاڪميءَ کي مڃيندا.“
”مان اڄوڪي اخبار مان توهان کي هڪ ٽڪرو پڙهي ٻڌايان ٿو: هينئر سنڌ لاءِ خاص ٽي مسئلا آهن (١) شهرن ۾ غير سنڌي دهشتگرد (٢) ٻهراڙيءَ ۾ ڌاڙيل (٣) سياسي فائدن جو چشڪو. سو ٻه رڳو وڏيرڪي لڏي لاءِ...... هن ٽنهي شين جو گڏيل شڪار، ڳوٺن منجهان پيدا ٿيندڙ وچولو طبقو آهي. اهو ئي طبقو سنڌ جي تاريخي حقن جو شعور ٻه رکي ٿو ۽ سڄي طرح عوام منجهان آهي. پاڻ ٻه پڙهي ٿو ۽ پنهنجي اولاد کي ٻه پڙهائي ٿو. اهڙيون تنظيمون ٻه قائم ڪري ٿو، جيڪي اسڪولن ڪولرائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن. تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي ڳالهه ٻه ڪري ٿو ۽ سنڌين کي سرڪاري ملازمتن ۾ حصي ڏيارڻ تي ٻه ضد ٻڌيو بيٺو آهي. سنڌين لاءِ واپار، ڌنڌي، صنعتڪاري، ڪمپيوٽر سائنس، انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ سماجي سائنسن جون ڳالهيون ڪري ٿو. هي ڪي ساديون ۽ سوليون ڳالهيون ناهن. هي غير سياسي طريقن سان، سنڌ جي سياسي حقن جو ڪيس تيار پيو ٿئي.....“

”اسان جي قومي غيرت مري ڪانه وئي آهي. اسان ڳالهه سمجهي آهي، اسان جي هٿان انهن ڪنگلن کي ڪٽائڻ ۽ ڌمڪاءِ وجهڻ جي.“

”اسان وٽ سنڌ جي ڪن انقلابي پارٽين جا نوجوان آيا هئا ۽ صفا اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري ويا آهن.“

”ٺرٺر ٺرٺر ٺرٺر.............“

”هائو يار، اهي هوائي فير بڌائين پيا تہ توهان ڳالهہ سمجهو پيا! انهن ٺڪاڻن تي پکين جو وٽن مان ڦٽڪڻ ۽ ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامڻ ۽ ڪن جهنگلي جانورن جو ڪڙ ڪڙ ڪري ٽپڙا ڏئي ڊوڙڻ جا آواز بہ اوهين ٻڌو ٿا.“

”پکي ۽ جناور تہ ٺڪاڻن تي پڄن ٿا، پر اسان کي هر لمحي هر گهڙيءَ، هر ٿاڻي موت جو خطرو رهي ٿو.“

”اسان کي تہ پنهنجو موت اکئين پيو ڏسجي. ان ڪري ڪجهه ظالم وڏيرن ۽ سنڌ دشمن سياستدانن جي هٿن ۾ رانديڪو بنجي، پنهنجي قوم جي عوام ۽ باشعور طبقي کي تباهہ ڪرڻ بدران اسان نہ رڳو انهن قوم دشمن وڏيرن ۽ سنڌ دشمن اڳواڻن جا لاهہ پٽيندا اسين، پر شهرن جي پناهگير دهشتگردن کي بہ اهي ڏينهن جا تارا ڏيکاريندا اسين، جو سنڌ جي شهرن ۾ تہ ڇا پر ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ بہ هنن کي لڪڻ جي جاءِ نہ ملندي.“

”ڀهراڙيءَ جي ڌارين لاءِ تہ اِها ٻاهہ ٻاريندا اسين جو هو ٻئن ڏينهن اندر ائين غائب ٿي ويندا، جيئن بندوقن جا ٺڪاءَ ٻڌي هتان پکي هليا ويا.“

”سنڌين کي پورو حق آهي تہ اسان تي لعنتون وجهن، پر ڪي معاملا چڱا بہ ٿيا آهن، هڪ تہ اسان هٿيارن جو وڏو ذخيرو هٿ ڪري ورتو آهي ۽ ٻيو تہ اسان جديد هٿيار هلائڻ جي فوجي سکيا بہ حاصل ڪري ورتي آهي، ۽ سنڌين جو چڱو وڏو تعداد اِن فن ۾ ماهر ليکجي سگهي ٿو.“

”ڪير ٿو چئي تہ اسين هن جهنگلي حياتيءَ مان خوش آهيون، اسان جو رهڻ، پهرڻ، کائڻ ۽ سڀ جهنگلي جناورن وارو آهي، اسين هن زندگيءَ کي ڇڏڻ چاهيون ٿا، پر پوليس، وڏيرو ۽ اقتداري سياستدان اسان کي هيءُ ڌنڌو جاري رکڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي.“

”هن جڳهہ تي جي اسين پڪنڪ ملهائڻ اچون ها، تہ هيءُ ئي جهنگل ڪيترو نہ خوبصورت ۽ وڻندڙ لڳي ها. ڪي ننڍا ننڍا، ڪي ڊگها ڊگها گهاٽا

وڻ. انهن جي جدا جدا ٿولهه، ماپ ۽ رنگن جا ٽڙ، ڏار، ٽاريون، ڇڳا ۽ پن. ڪن وڻن ميوا لڙڪي رهيا آهن، ڪن ۾ ٻُور آهي، ڪن ۾ رنگ برنگي ۽ دلڪش گلڙا آهن، گوُنچ آهن. پکي سريليون لاتون لنوي رهيا آهن هڪ وڻ تان اڏامي ٻئي وڻ تي ويهي چڻ رانديون ڪيڏي رهيا آهن. آکيرن ۾ پنهنجن ٻچڙن سان چون چون جا شور ڪري رهيا آهن. پکي گهڙن سهڻن رنگن ۽ شڪلين وارا آهن. وڻن جي گهاٽائي ڪري چڻ تہ انڌيرو آهي، پر انهن جي وِٿين مان آسمان جا صاف، نيرا، روشن ۽ چلڪندڙ ٽڪرا ائين لڳي رهيا آهن جيئن اڌ رات جو ڪراچيءَ هوائي اڏي ڏانهن موٽر ۾ ويندي، ايئرپورٽ روڊ تي لڳل ٽيوب لائيٽون."

"اسان کي قدرت جي نظارن ماڻڻ کان بہ محروم ڪيو ويو آهي."

"اسان هڪ ٻي بہ وڏي ڪوتاهي ڪري، پنهنجي سنڌي قوم کي وڏو هاڃو رسايو آهي."

"ڏس، سڀ توڏي پيا نهارين، تون ان ڪوتاهيءَ کان مڙني کي آگاهہ ڪر، ٻڌڻ لاءِ ڪيتري نہ ماٺ ٿي وئي آهي؟"

"توهان ٻڌو هوندو ۽ اخبارن ۾ پڙهيو هوندو تہ هن سال جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ چار ڪروڙ سنڌي آهن ۽ پناهگير فقط سٺ لک. هر ڏهين ڏهين سال اِها ماڻهو ڳڻپ ٿئي ٿيندي آهي. هن ڀيري پناهگيرن سازش سٽي هئي ۽ وڏي رٿابندي ڪئي هئي تہ هو ڪوڙا ۽ هٺراڌو انگ ڏئي، سنڌ ۾ سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ ڏيکاريندا ۽ پاڻ کي گهڻائيءَ ۾. سنڌي هنن جي بدنيتيءَ کي اڳواٽ ئي تاڙي ويا. هيل تائين سنڌين ڪڏهن بہ ان معاملي ۾ دلچسپي نہ ورتي هئي ۽ نہ ايترو اهم سمجهي عملي قدم کنيو هو. هن ماڻهو ڳڻپ ۾ سنڌي سوير ئي سجاڳ ٿي ويا هئا. سياسي ۽ سماجي پارٽين ۽ تنظيمي، سياسي ڪارڪنن، شاگرد اديبن، پڙهيلن ڳڙهيلن، قوم جي هر باشعور فرد، ماڻهوءَ ماڻهوءَ در در، گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ، واهڻ واهڻ، وسنديءَ وسنديءَ، شهر شهر وڃي هر سنڌيءَ کي آدمشماريءَ جي اهميت ۽ قومي ضرورت سمجهائي ۽ هن تي زور رکيو تہ هو هزار ڪم ڇڏي بہ پنهنجن گهرن ۽ گهر جي سڀني ڀاتين جي داخلا ڪرائين ۽ فارم ۾ ڏسن تہ سندن مادري ٻولي "سنڌي" ٿي لکي وڃي. سنڌي اخبارن بہ هن ڏس ۾ اهم يا ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به چئجي ته عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو ۽ سنڌين کي ماڻهو ڳڻپ جي اهميت ڏيان تي آندي، اهڙيءَ طرح سياسي ڪارڪنن ۽ سنڌي اخبارن هنن ۾ سيڃاڻپ ڪارڊ، ووٽ ۽ سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ آڻڻ جي حوالي ۾ پاڻ ڳڻائڻ جي اهميت جو احساس پيدا ڪيو."

"اسان اِها ڳالهه سمجهي ته سنڌ جي پرمار طبقي کان سواءِ، هر طبقي جي ماڻهو ڳڻپ جي ماهري ۾ قوم جو هٿ ونڊايو. پر اسين نياڳا ڏاڙيل ان رستي تي به قوم لاءِ رڪاوٽ بنياسين. اسين هزارين ڏاڙيل آهيون، پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏيو ويٺا آهيون، اسان جا ٻار ٻچا، خاندان ۽ مٽ مائٽ پوليس جي ڏپ، ظلم ۽ آزار کان پنهنجا گهر، وٿاڻ ۽ ڳوٺ ڇڏيو الائي ڪٿي دربدر ٿيو، ڌڪا ٿاٻا کائيندا ۽ لڪندا ڇپندا وتن. هاڻي اسان جا يا اسان جي ٻار ٻچن توڙي عزيزن قريبن جي گهرن توڙي نالن جي ڳڻپ ڪيئن ٿي هوندي. انهن ته ڏپ کان به پنهنجي ۽ پنهنجي گهرن جي ڳڻپ نه ڪرائي هوندي ۽ نه لکرائي هوندي. ان جو مطلب ته سنڌين جو شمار هزارن ۾ داخل ٿيڻ کان رهجي ويو هوندو."

"کوڙ ڳڻپ ڪرڻ وارا اهڙن ٻيلن، جهنگلن، جبلن، پهاڙن ۽ ڪڇي جي ايراضين ۾ آيا ئي ڪونه هوندا، جتي لاءِ مشهور آهي ته اتي ڏاڙيلن جا اڏا ۽ لڪاٽا آهن، لڪڻ جا ٽاڪ ۽ وٿاڻ آهن. ڪيترن ته اهڙن رستن تان سفر ڪرڻ کان لهرايو هوندو، يا بيگاهه وقت ٻاهر نه نڪتا هوندا، جن لاءِ هنن ٻڌو هوندو ته اتي ڏاڙيلن بسن ۽ گاڏين جي ڦرلٽ ڪئي آهي. انهن ايراضين ۾ به ڪيترائي ڳوٺڙا آهن ۽ انهن ۾ رهندڙ سنڌي خلق به ته ڳڻپ کان رهجي وئي هوندي."

"ڏسو! نڪائن ڪري اڏاٽل پکي، پنهنجي سلامتيءَ کي جوکو نه ڏسي، وري موٽي اچي تارين تي يا آکيرن ۾ ويٺا آهن. شايد هو سمجهي ويا هجن ته اهي نڪاءِ شڪارين جي بندوقن جا نه هئا. ۽ هاڻي اهي ئي جهرڪيون، طوطا، تتر، ڪٻريون، ڪانوَ، ڳيرا، اطمينان سان، اسان جي حقيقت پسند ڳالهين کي ٻڌي، پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اسان جي همت افزائي ڪري رهيا آهن ۽ سرها ٿي رهيا آهن!"

"مان ته سمجهان ٿو ته سنڌين جي ماڻهو- ڳڻپ ۾ گهٽ ۾ گهٽ

ڪروڙ سوا ڪروڙ جي ڪهوڙي هئي وڌي هوندي ۽ سنڌ ۾ سنڌين جي آبادي پنج ڪروڙ هوندي. اصل ۾ مون ڪان لڪائي ولو. پناهگيرن خاص ڪري شهرن ۾ بي انتها بي ايمانيون ۽ حرامپايون ڪيون هونديون. ڪوڙ تہ هنن جو دين ايمان آهي. هنن جي اڙدو زبان ۾ سچ ڳالهائڻ لاء نہ لفظ آهن ۽ نہ گنجائش. هنن جا وري انهيءَ ڪاتي جا آفيسر ۽ وزير بہ پنهنجا هئا. مون کي پڪ آهي تہ هنن سنڌين جي تمام گهڻ گهرن ۽ ماڻهن جي داخلا ئي ڪانہ ڪئي هوندي يا تہ اهي بہ پنهنجي ڪاتي ۾ لکي ڇڏيا هوندا. ٻي حرامپائي هو هي ڪندا تہ گجراتين، ڪاٺياواڙين، مارواڙين، بوهرين، پارسين، عيسائين ۽ ٻين غير اڙدو ڳالهائيندڙن جو ڳاڻيٽو بہ اڙدو ڳالهائيندڙ ڪري داخل ڪري ڇڏيندا آهن. اِها بہ سڀني کي خبر آهي تہ پناهگيرن جي هندستاني ماڻهن ۽ بهارين جون لوڏن جون لوڏون هر روز ناجائز نموني سنڌ ۾ آنديون وڃن ٿيون، جيئن هو سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ آڻين. ٻئي پاسي هنن جا غنڊا، سنڌي هندن کي هيسائي، هنن کي سنڌ ڇڏڻ تي مجبور پئي ڪندا رهيا آهن. پناهگيرن جا دهشتگرد بہ سنڌين کي قتل ڪري، هنن جي انگ ۾ ڪمي آڻيندا رهيا آهن." "ڀائرو مون کي بہ ڪجهہ ڳالهائڻ ڏيو. ڪڇو، ڪاڇو، ٿر، ڪوهستان، نارو ۽ ريگستان بہ سنڌ جا علائقا آهن ۽ جتي رڳو سنڌي رهن ٿا. اِهي نهايت غير آباد، ويران، سنسان ۽ اڻانگا علائقا آهن. ماڻهن جي آبادي تمام گهٽ آهي. ڳوٺڙا ڇڊا، ننڍڙا، اڇورا ۽ هڪ ٻئي ڪان پري پري پنڌ تي آهن. نہ گهٽ نہ گهيڙ، نہ رستا نہ پيچرا، نہ وهٽ نہ سواري، نہ پاڻي نہ ماني، نہ اوهي نہ واهي. هاڻي اهڙن هنڌن تي ڪهڙو سرڪاري ملازم، پنهنجو سر سهسائي ماڻهو ڳڻپ ڪرڻ ويندو، يا صحيح ۽ مڪمل نموني ڪري سگهندو. پر اِهي علائقا بہ سنڌ جا آهن ۽ ايراضيءَ ۾ سنڌ جو ٽيون حصو والارين ٿا. اتي جي سنڌي رهاڪن جي آبادي شايد هڪ سيڪڙو، آفيسن ۾ ويهي ڪالم پُريءَ رستي ڏيکاري ويندي هوندي."

"اسان جي آباد ضلعن ۾ بہ گهٽا هاري ۽ پورهيت پنهنجي ٻني ٻاري تي رهن. پوء ڪٿي چار گهر هوندا، ڪٿي ڏهہ گهر هوندا، ڪٿي ويهہ گهر هوندا. انهن کي ڳوٺ بہ نہ ٿو چئي سگهجي. وڏ ۾ وڏ اهي ننڍيون ننڍيون وسنديون آهن ۽ انهن جو ڪو بہ نالو نہ هوندو آهي. اهي ايتري تعداد ۾

هونديون آهن جو ڳڻپ ڪرڻ وارو نہ سيني وٽ پهچي سگهندو آهي ۽ نہ ماڻهن جي صحيح ۽ مڪمل داخلا ڪري سگهندو آهي. اسان جي ماڻهن ۾ اجان بہ اِها عادت آهي تہ زالن ۽ ٻارن جا نالا نہ لکرائيندا آهن."

"اسان وٽ وري ٻيا ٽولا هوندو آهي لاڏو ماڻهن جا. هنن جو ڪوئي دائمي ٺڪاڻو ڪونہ هوندو آهي. ويڙهي جو ويڙهو گڏهن يا اُٺن تي ضرورت جو سامان ڪٽي هلندا آهن ۽ جتي ڪو خالي ميدان ڏسندا آهن تہ اُتي لڏو لاهي ڪجهہ وقت لاءِ ويهي رهندا آهن. هو پنڻ جو ڌنڌو يا ڪو پورهيو ڪندا آهن. هاڻي انهن جي ماڻهو ڳڻپ ڪيئن ٿيندي؟ پر آهن تہ سنڌي نہ!"

"پاڻرو مان اجان بہ توهان کي سڀ کان وڏيڪ ڌتڙيل سنڌين جي ياد ڏياريان ٿو. اهي آهن ملاح. هزارين لکين ملاح سنڌو درياهہ، ڍنڍن ۽ سنڌي سمنڊ جي ڪنارن تي رهن ٿا. گهڻو ڪري ٻي گهر ۽ ٻي زمين آهن. پاڻيءَ تي ترندڙ ۽ لڏندڙ ٻيڙي سندن گهر آهي. اها ٻيڙي ڪڏهن ڪناري پرسان ۽ ڪڏهن وچ سمنڊ جي لهرن ۽ طوفانن ۾ يا ڪُن جا درياهہ ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي دور دراز هنڌن تي عارضي جهڳيون ۽ جهوپڙيون آهن، جتي سرڪاري آدمشماري ڪرڻ وارن نہ ڪڏهن تڪليف ڪئي هوندي ۽ نہ ڪاڏهہ پرواهہ. مان نہ ٿو سمجهان تہ سنڌين جي انهيءَ جاتيءَ جي ڪڏهن بہ يا ڪنهن بہ پوري ۽ سچي نموني ماڻهو- ڳڻپ ٿي هوندي!"

"ماڻهو ڳڻپ جو سياسي، اقتصادي ۽ معاشي، عملي ۽ اهم پهلو آهي، پر اڄ ان تي ڪو نہ ٿا ڳالهايون."

"کهڙي نہ فرحتي هوا لڳي رهي آهي!"

"چوڏاري ڪيتري نہ سرهاڻ ۽ بهاري آهي!"

"اسان پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ هن طرح ڪليل دل ۽ آسانيءَ سان نہ ڳالهايو آهي. اسان پنهنجي طبيعت ڪيترو نہ هلڪي ۽ آڏامندڙ ٿا محسوس ڪريون، اهو ٿي تہ سچ جو اثر آهي."

"اسين سنڌي، سنڌ ۾ پنج ڪروڙ آهيون!"

"اسين سنڌي، سنڌ ۾ پنج ڪروڙن کان بہ مٿي آهيون!"

"ڌارين اچي اسان جي ڌرتي، اسان تي تنگ ڪئي آهي!"

"جي ڌارين کي سنڌ جي کيتن ۽ ڪارخانن مان لوڌي ڪڍيو وڃي تہ

ڪو به سنڌي بيروزگار نه رهي، ڪو به ڌاڙيل نه رهي."

"ان لاءِ اسان کي ڌارين جي دلال وڏيري، اقتدار جي بکئي سنڌي سياستدان ۽ سنڌ دشمن غير سنڌي سياستدان جي هٿن ۾ کيڏڻ کان پاڻ کي بچائڻو پوندو. اسين هنن جي هٿن ۾ چوپڙ جون ڳوٽيون نه بڻجنداسين. اهي ئي اسان جي باشعور وچولي طبقي کي اسان جي هٿان ختم ڪرڻ چاهين ٿا."

"اسان وچولي طبقي سان سات ڏئي پنهنجي سنڌ ۾ قومي ۽ سماجي انقلاب آڻينداسين."

"توهان اِهي ڳالهيون ڪيڏي نه اعتماد سان ڪري ويا ۽ انقلاب جو لفظ ڪيتري نه سولائيءَ سان توهان جي وات مان نڪتو آهي. پر مون کي پڪ آهي ته توهان مان گهڻا نه انهن ڳالهين جو مطلب سمجهن ٿا ۽ نه انقلاب جي سچ جي خبر اٿوَ. توهان چئو ٿا ته جي سرڪار، ڌاڙيلن کي عام معافي ڏئي ته توهان پيش پوڻ لاءِ تيار آهيو. پوءِ ڀلي انصاف سان توهان تي ڪيس هلائي توهان کي جوڳيون سزائون به ڏنيون وڃن. پر بيروزگار ته هن نظام ۾ پنهنجي جاءِ تي موجود رهندا ۽ جي نوان نوان بيروزگار پيدا ٿيندا رهندا، ته انهن جو ڇا ٿيندو؟ اهي ڪيڏانهن ويندا. ڌاريا به اسان جي کيتن ۽ ڪارخانن ۽ اسان جي ڌرتيءَ تان سولائيءَ سان ته ڪونه ويندا. ان لاءِ به اسان کي هٿياربند سياست ڪرڻي پوندي ۽ اهڙي تيز تحريڪ هلائڻي پوندي جو هنن لاءِ هي ڌرتي اهڙي تپي وڃي جو گهڙيءَ لاءِ هنن جا پير ان تي ڪِپي نه سگهن. تنهن کان سواءِ پنهنجي ملڪ جا مفت جا هيراڪ وڏيرا، پرمار، سرمائيدار ۽ اقتدار پسند سياستدان به آهن، جن جي ظلمن ۽ درندگين، اسان کي هيءُ ڏينهن ڏيکاريا آهن ۽ جيا‌پي جون واهون بند ڪيون ويون آهن، انهيءَ نظام جو به خاتمو آڻڻو اهي......."

"ياڻو، تون ڳالهائي تڪجي پيو هوندين، هاڻي مان تو ان ڳالهه کي اڳتي وڌايان. وري به اسان کي هٿياربند سياست سان ۽ وڏيون قربانيون ڏئي، هن سماجي ۽ سياسي سرشتي کي بهتر طور بدلائڻو آهي. زمينداريون ختم ڪري، زمين جو مالڪ هاريءَ کي بنائڻو آهي، جو کيڙيندو سو کائيندو ڪارخانن جو مالڪ مزدورن کي بنائڻو آهي، جو پورهيو ڪندو سو ئي اپت ۽ پيداوار ۾ ڪيل محنت آهر حصيدار ٿيندو."

”ها تاڙيون وڄايو ۽ وڄائيندا هلو، هي ڳالهيون تاڙيون وڄائڻ جهڙيون آهن، شهپرن کي شهه به ڏيو پيا، مڇن کي مروٽيو به پيا، پر رڳو ڳالهيون ناهن ڪرڻيون، رڳو تاڙيون ناهن وڄائڻيون عمل به ڪرڻو آهي. اصل ۾ سچ عمل آهي. مان چاٿان ٿو ته توهان جا ڪلها ڳنڍل آهن، ڏاڙيلن هٿان ۾ به سرَ جون سڻون ڏيڻيون پون ٿيون!“

”پر يونار اسان جو ذهن ۽ ضمير ته مجرم آهي. انقلابي ته عظيم انسان ٿيندا آهن، سو اسان جي ذهن ۾ اهو ڦيرو ڪيئن ايندو، جو انقلاب جون حقيقتون دل ۽ دماغ، ذهن ۽ ضمير قبول ڪن ۽ مڃين.“

”اهو به ٿي ويندو، نيت آهي ۽ هھڙا ڏمچر ٿيندا رهيا ۽ سنڌ جي انقلابي پارٽين جا سرويچ ڪارڪن توهان وٽ ايندا رهيا ۽ توهان، هنن جون ڳالهيون غور سان ٻڌندا رهيا ۽ انهن تي سوچيندا رهيا ته توهان ۾ به ذهني ۽ نظرياتي انقلاب اچي ويندو. توهان به عظيم انسان ٿي سگهو ٿا.“

”سائين! اسين ايترو جلد سڌرڻ وارا نه آهيون، جيئن توهان سمجهو ٿا. هڪ ته ٻاهريون پرماري طاقتون ۽ رياستي جبر اسان کي سڌرڻ نه ڏيندا ۽ ٻيو ته خود اسان جو اندر ڪاراڻ جي ڏيڻ ۾ قاتل آهي.“

”مان ته چوان ٿو ته توهان جو رڳو اِهو احساس ئي توهان جي اڄپي جو ڪارڻ بڻبو. بس پنهنجن چڱن ارادن کي دل ئي دل ۾ ورجائيندا رهو ۽ ان تي قائم رهو. جي اسان ۾ اُوڻايون آهن ته سنڌين جي ٻين عوامي طبقن ۾ به ڪي نه ڪي اُوڻايون آهن. جي اسان پنهنجي جهالت، اڻڄاڻائي يا مجبوريءَ ڪري پنهنجي قوم کي هاڃو رسائي رهيا آهيون ته سنڌين جا ٻيا طبقا ۽ عوام به قوم کي گهٽ هاڃو ڪو نه رسائي رهيا آهن. تنهن ڪري سيني کي سڌرڻو آهي. سڄاڳ ٿيڻو آهي، گڏجڻو آهي ۽ گڏيل طاقت سان جنگ لڙڻي آهي، پنهنجي بقاءَ لاءِ، پنهنجي اڄپي خاطر.“

”چڱو، هاڻي يارو ياري!“

”يارو ياري!“ ❑

ترت ترقيءَ جي تاڙ ۾

مان اهو نہ ورجائيندس تہ ساگر ڌاڙيل ڪيئن بڻيو؟ هاڻي تہ ٻار ٻار کي سماجي سائنس جي اها ڄاڻ پئجي وئي آهي تہ اسان جي طبقاتي سماج ۾ وڏيرا ئا ڌاڙيل بڻائن، پوليس ئي ڌاڙيل بڻائي، ظلم ئو ڌاڙيل بڻائي، بيروزگاري ئي ڌاڙيل بڻائي....... هن جي مڱ سِپي اهڙي سهڻي ۽ وٽندڙ هوندي هئي، جهڙي ڪنهن رومانوي ناول يا ڪهاڻيءَ جي هيروئن. هن جي سونهن جو تفصيل ورجائڻ ۾ توهان کي نواڻ نظر نہ ايندي. عملي طرح ڏسبو تہ واٽ ويندي ڪنهن ڳوٺاڻي جي هن تي نِهار وڃي پوندي هئي تہ هو رڳو ڳيتون ڏيندي ۽ ٽڏا ساهہ ڀريندي، پنهنجي ويندڙ واٽ ڀلجي ويندو هو. شرط آهي تہ هوءَ مُرڪندي، کلندي يا ڳالهائيندي هجي. ان وقت هن جو مُنهن تازي ٽڙيل جهنگلي خوبصورت گل وانگر ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ دل چاهيندي آهي تہ ان کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ان جي ذري ذري جو واس وٺجي. جڏهن هوءَ ماٺ ۾ هوندي هئي تہ هن جو منهن ڏاڍو ڳنڀير بڻجي ويندو هو ۽ ان تي هڪ سونهن پيدا ٿي پوندو هو، جو البت هن جي چهري تي بدمزگيءَ جو اهڃاڻ بڻبو هو. بس ائين سمجهو تہ ان وقت ائين لڳندو هو ڄڻ تہ ڪنهن وڏي چترڪار جو شاهڪار هئي، پرجنهن جي خوبصورت چهري تي ڪنهن ساڙيلي، ڪاري رنگ مان برش ڀري، هن جي منهن تي هڪ داغ ڪڍي ڇڏيو هجي.

هيءُ هڪ وڏو ڳوٺ هو. جنهن ۾ پرائمري اسڪول ۽ ٻن ميلن تي هاءِ اسڪول بہ هو، جتان شاگرد ميٽرڪ پاس ڪندا هئا. ڳوٺ جا رهاڪو هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، پورهيت، ننڍا دڪاندار، ماستر، ڪلارڪ ۽ شاگرد هئا. پڙهيلن جو تعداد بہ وڌندو ٿي ويو. پر گهڻو شمار نوجوان بيروزگارن جو هو، جن ۾ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل سنڌي هئا.

پر واري شهر ۾ ياڻ جو وڏو ڪارخانو هو، جتي غير سنڌين کي تہ جام نوڪريون ملنديون هيون، باقي سنڌين کي سوين ڦيرا ڏيڻ جي باوجود

ٻه روزگار کان سُکو جواب ملندو هو.

سڀئي ٻه ٽي درجا سنڌي پڙهيل هئي ۽ ڪا اخبار يا ڪو ڪتاب هٿ ايندو هوس ته ويهي پڙهندي به هئي. مُنهن جي پڪي ۽ واتراڌي به هئي. گهڻيءَ ۾ اڪيلو ويندي ڏسي ڪو ڇوڪرو هن کي ميڇ ڏيندو هو. سهيلين سان هلندي ڪي نوجوان هن جو پيڇو ڪندا هئا. ٻنيءَ تي لاٻارو لٽندي يا ٻيو ڪو ڪم ڪندي ڪي همراهه پريرو بيهي سيٽيون وڄائيندا هئا. يا ڪو فلمي گانو ڳائيندا هئا. يا ڪا ٻي فلمي ائڪٽنگ ڪندا هئا. پر وارن گهرن جي ڇتين تان ڪي ڇوڪرا جهاتيون پائي هن کي تڪڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ساهيڙين سميت پاڻي ڀرڻ لاءِ ايندي ويندي ڇوڪرن جا ڪي ميڙ هن پٺيان سيٽيون وڄائيندا هئا ته سڀئي ٻي ڌڙڪ ۽ پوري اعتماد سان هن ڏانهن اڪيلي سر وڌي ايندي هئي ۽ مرڪي چوندي هئي: ”توهان جو مسئلو بيروزگاري آهي، مون کي خبر آهي ته توهان کي پاڻ جي ڪارخاني ۾ نوڪري نه ٿي ملي، هاڻي توهان کي ان لاءِ گڏجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. نه صرف پرڪوشش پرپور ۽ تنظيم سان بغاوت ڪرڻ گهرجي. نه صرف هن ڳوٺ جي بيروزگارن جو ٽولو ٺاهي ڪارخاني وارن کي سنئين واٽ تي آڻڻ کپي، پر پروارن اوسي پاسي جي ڳوٺن مان هر هڪ ڳوٺ مان سنڌي بيروزگارن جا ٽولا ڪٺا ڪري، هزارن جي تعداد ۾ ان ڪارخاني تي چڙهائي ڪرڻ کپي ۽ هنن کي ٻڌائڻ کپي ته هي ڪارخانو سنڌ جي سر زمين تي آهي ۽ اتي صرف ۽ صرف سنڌين کي نوڪريون ملڻ کپن، ٻي صورت ۾ اسين هينئر جو هينئر منتظمين سميت سيٺي ڌارين کي ڪيڏي قبضو ڪنداسين.“ ڇوڪرا اهڙو چپ ٿي ويندا هئا، جو ڪنڌ ئي مٿي نه ڪٽي سگهندا هئا ۽ سڀئي وري چوڻ لڳندي هئي: ”توهان کي روزگار ملندو ۽ توهان پورهيو ڪندا ته توهان جون شاديون به ٿي وينديون ۽ توهان کي هنن اجاين عشقبازين جو موقعو به ڪونه ملندو. . . . . ۽ ها وڏيرو توهان جي مائرن ڀينرن سان مستيون پيو ڪري، اسانجي پٺيان وقت وڃائڻ کان بهتر آهي ته هن جي وڏيرپ ۽ هن جي ڪڌن ڪرتوتن کي ڳوٺ جا سڀ رهاڪو گڏجي، پنهنجي پوري سگهه سان ٻنجو ڏيو، ۽ اهڙي طرح پوليس جي پاپن ۽ هنن جي ڳوٺاڻن تي ڏاڍاين کي، پنهنجي سموري طاقت سان، هنن کي توبهه ڪرايو!“

سپنا جو مگينڊو ساگر ڪوئنڊر ۽ جانڻو جوان هو. هن اٺ ڪلاس پڙهيا هئا. ڏاڏا پنڌ ڪيائين، پر هن کي ٻه ڀاڻ واري ڪارخاني ۾ نوڪري ڪانه ملي هئي. ان ڪري هو پيءُ سان گڏجي کيتي ٻاڙيءَ ۾ هٿ ونڊائيندو هو. سپنا هن جي مائٽ به هئي. ان ڪري ننڍپڻ هوندي کان ئي هڪ ٻئي کي پئي ڏٺو هئائون ۽ هڪ ٻئي جي سڱ جي سڌ هئن. هنن جو هڪ ٻئي ۾ عشق محبت جو ناتو ته ڪونه هو، پر هڪ ٻئي واسطي پنهنجائپ وارو احساس ضرور هون. هڪ ٻئي کي ڏسندا هئا ته خوشي ٿيندي هون. سپنا کي ايتري خوشي ڪنهن ٻئي مرد کي ڏسي ڪانه ٿيندي هئي ۽ هوءَ ڪنهن ٻئي مرد ڏانهن پنهنجائپ جي جذبي ۽ غور سان نهاريندي به ڪانه هئي.

سپنا قد ڪاٺ واري ۽ سرير جي سگهاري، گهر توڙي ٻنيءَ جو ڪم ڪرڻ ۾ مڙس ماڻهو. هن جي پيءُ کي ايترو آرام هو، جو ڏهن ڏنن مونن پٽن هوندي به نه هجيس ها. جڏهن هوءَ سرتين سان کوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي هئي ته هڪ ئي وقت ٽي دلا پري مونندي هئي. هڪ ٻئي مٿان رکيل به مٿي تي ۽ ٽيون ساڄي هٿ سان پڪڙيل ساڄي ڪڇ تي. کاٻي هٿ سان هوءَ مٿي وارن دلن کي ٽيڪ ڏيندي هئي، جيڪي مٿي تي سينهونءَ تي رکيل هوندا هئا. هن کي ائين ايندو ڏسي، ڪي عاشقڙا جوان، سُسُ پُس ڪري ۽ مرڪي هڪ ٻئي کي چوندا هئا ته سپني پنج دلا کنيو پئي اچي مٿي تي، هڪ ساڄي ڪڇ تي ۽ ٻه ڇاتيءَ تي. هن جون ڇاتيون ايتريون اُپريل، جوين سان ڀريل ۽ تڙيون ڪڙيون ۽ ڪشش واريون هونديون هيون ۽ هن جي ڇاتي پهلوانن وانگر اڳتي نڪتل هوندي هئي، جو پوتيءَ سان ڍڪيل هوندي به دلچسپ شرارت ڪندڙن جي چوڻ موجب ٻن دلن جهڙو ڏيکاءُ تي ڏنائين. دلن جي حوالي سان ٻي به هڪ ڳالهه ڳوٺ ۾ ٻڌبي هئي. جنهن وقت هن کي ٽي پاڻيءَ سان ڀريل گهڙا کنيل هوندا هئا، ان وقت هوءَ پنهنجو کاٻو هٿ، جنهن سان هوءَ مٿي تي رکيل دلن کي ٽيڪو ڏيندي هئي، تنهن کي هيٺ ڪري سهيلين کي للڪار ڪندي هئي، ته هن مان ڪا به هڪ جڻي اچي ان هٿ کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان پورو زور ڏيئي پڪڙي، جڏهن ڪا سهيلي هن جو هٿ ائين پڪڙيندي هئي ته هوءَ هڪڙي ئي جهٽڪي سان پنهنجو پڪڙيل هٿ سهيليءَ جي ٻنهي هٿن مان ڇڏائي ونندي هئي ۽ هن جا ٽيئي

پاڻيءَ سان ڀريل دِلا ائين جو اِئين هن جي مٿي ۽ ڪڇ تي ڪنيل هوندا هئا ۽ انهن مان پاڻيءَ جو ڦڙو به ڇلڪي هيٺ ڪونه ڪرندو هو.

پڊرو آهي ته اهي ڳالهيون ڳوٺ وارن جون ٻڌل ۽ ڏٺل هيون. ۽ خود سپيءَ جي سگهاري بدن کي ڏٺو هين، ان ڪري ڪنهن کي به هن ڏانهن بدمعاشيءَ جي نهار ڪڻڻ جي همت نه ٿيندي هئي.

البت ڳوٺ جو وڏيرو پنهنجي طبقاتي نشي ۾ مڙڻ وارو نه هو. هن جي روش به روايتي هئي ۽ توهان جي چاتل هوندي، پر تڏهن به ماڻ ان جو ورجاءُ ڪندس، جيئن سپيءَ جي سگهاري ڪردار جي وڌيڪ چٽائي ٿئي. اڌڙوٽ وڏيري، سپيءَ کي ٻه چار دفعا ڏٺو هو ۽ هن جي ولولو وجهندڙ حسن ۽ هائيءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو هو ۽ دنگ رهجي ويو هو. هن کي ڳوٺ جي هر ڇوڪري ۽ عورت وانگر پنهنجي ملڪيت سمجهي، پنهنجا ۽ پنهنجي وڏن جا دستوري طريقا عمل ۾ آندائين . . . . ڌوتيون، پڙويون، ڪمدار. هن جي پيءُ ماءُ کي لالچون، ڌمڪيون. . . . . هڪڙي ڳالهه نرالي اها هئي ته وڏيري جو سپيءَ کي ڏٺو هو ۽ ڏسڻ سان ئي هن ۾ جيڪا خود اعتمادي، سختي ۽ پختگي محسوس ڪئي هئائين، تنهن هن کي سپيءَ سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ يا رڳو هن جي گهر آڏو لامارا ڏيڻ کان ئي بي همت بنائي ڇڏيو هو ۽ حقيقت به اها هئي ته وڏيري جي جن به هڪ ٻن پڙوين ۽ ڌوتين، سپيءَ سان رڳو ڳالهه جا ٻه ٻول شروع ڪيا هئا، ته سپيءَ انهن کي نڙگهٽ کان پڪڙي، اهڙي ته نپوڙ ڏني هئي جو، جي سپيءَ جا پيءُ ماءُ بروقت بچاءُ نه ڪن ها ته هو هن گهر مان سلامت نڪري ڪونه سگهن ها.

وڏيري وري به رواتي ڪم ڪيو. هن پوليس سان سازش ڪري، سپيءَ جي مڱيندي ساگر کي ڪوڙي ڪيس ۾ جڪڙي، ٻه سال ٽيپ جي سزا ڏياري ڇڏي. وڏيري کي خاطري ٿي ويئي ته ان عرصي اندر، سپي ڪنهن نه ڪنهن حيلي سان هن جي دام ۾ اچي ڦاسندي، ڇو ته جنهن جي آسري تي هيڏي ٽيڪر تي ڪيائين سو ته جيل ۾ قابو هو.

ساگر جي جيل ۾ پوڻ کان هڪ هفتو پوءِ، ڪي قيدي، جيل ٽوڙي ڪاميابيءَ سان ٻاهر ڀڄي نڪتا. ساگر کي به انهن سان گڏ ٻاهر نڪرڻ جو ٻلُ ملي ويو. هن ٻهرين رات ئي ان وڏيري ۽ ان پوليس جي صوبيدار کي

کهاڙيءَ سان قتل ڪري ڇڏيو. ٻيلي ۾ وڃي لڪڻ کان اڳ، هو سپيءَ سان سندس گهر وڃي مليو ۽ پنهنجي ڪارنامي جي ڄاڻ ڏنائين. سپيءَ شڪايت ڪئي ته اهو ڪم ته هن کي پاڻ ڪرڻو هو ۽ ان لاءِ هوءَ اجان ڪنهن طريقي ۽ موقعي لاءِ ئي سوچي رهي هئي.

ساگر ٻيلي ۾ وڃي، ڌاڙيلن جي هڪڙي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيو ۽ ڪجهه آزمودي ڪانپوءِ پنهنجي سرداريءَ هيٺ، خطرناڪ ۽ خونخوار ڌاڙيلن جي ٽولي ٺاهيائين. هن ڪيترائي خونن، اغوا ۽ ڦرن جا واقعا ڪيا. البت هن شعوري طرح پنهنجو نشانو وڏيرا ۽ سنڌ ۾ ڌاريا بنايا. ان دوران هو سپيءَ سان به ملندو رهيو ۽ هن کي ڪن هتيارن هلائڻ جي سکيا به ڏيندو رهيو.

(٢)

هن ڳوٺ ۾ پوليس ٿاڻو به هو، جنهن جو انچارج ننڍو صوبيدار هوندو هو. تازو هڪ نئون پنجابي صوبيدار هتي بدلي ٿي آيو هو. هو موڪل تي پنجاب ويل هو ۽ اتان شادي ڪري، زال سميت هن ڳوٺ ۾ آيو هو.

سهاڳ رات، اڪيلائيءَ ۾، سينگاريل ڪوٺيءَ ۾، جڏهن هن پنهنجي ڪنوار کي ڀرپور نظر سان ڏٺو هو ته هن جي سونهن ۽ سوڀيا، رنگ ۽ روپ، مرڪ جي مستي، شرميلي اکين جو مچڪائڻ، ليٽڻ جي ادا، ارهن جي چڪ ۽ ڪنواري ڪمر ڏسي هن شينهن ۽ ڪسرتي مڙس کي ايڏي ته خوشي ٿي هئي، جو پهلوانن وانگر وڏي رڙ ڪري، ڪنوار کي ٻنهي ٻانهن ۾ ڀيڪوڙي، ايئن وٺي ڦيراٽيون ڏنيون هئائين جو ڄڻ ته ڪشتي پئي کيڏيائين ۽ مخالف کي چت ڪيرائڻ تي چاهيائين. ڦيراٽيون ڏيڻ وقت پنهنجي موج ۾ ڇيلهه هن جي کي ايڏو زور ڏنائين جو ڪنوار کي ايذاءُ اچڻ لڳو. ڪنوار هجڻ ۽ پهرين رات هجڻ ڪري هوءَ ڳالهائي ته نه ٿي سگهي، تنهن ڪري پهرين ڪنجهڻ لڳي ۽ پوءِ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ مڇيءَ وانگر ڦتڪڻ لڳي. نيٺ صوبيدار هن کي شاديءَ جي سيج تي ڪري ليٽايو.

ڪنوار جو جسم ڏسي، هن کي جسماني شوق سان گڏ، هڪ ڳالهه جي بي انتها خوشي اچي دماغ ۾ ويٺي هئي، جنهن ڪري هن کي محسوس ٿيو ته هاڻي هن جي من جي مراد به پوري ٿي سگهندي. سڄي رات هو پاڻ ۾

خوشيون ۽ لذتون ونڊيندا ورهائيندا رهيا. وچ وچ ۾ صوبيدار پنهنجي من جون ڳالهيون به ڪندو رهيو. هو هن کي ٻڌائيندو رهيو ته سپاهيءَ جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ جدا جدا پنهنجي هم قوم جي وڏن آفيسرن ۽ ڪامورن وٽ، اردلي يا باڊي گارڊ جي ڊيوٽي ڏيندو رهيو هو. هن اهو به ڏٺو هو ته انهن جون زالون ڏاڍيون سهڻيون ۽ آزاد خيال هيون ۽ هن محسوس ڪيو هو ته انهن آفيسرن ڏاڍي تڪڙي ترقي ڪئي هئي ۽ وڏن وڏن عهدن تي پهتا هئا ۽ هن اِهو به محسوس ڪيو هو ته انهن مان گهڻن آفيسرن کي سندن سهڻين زالن جو ساٿ ۽ سهڪار رهيو هو، جو ته سنڌ جا ميمبر، وزير ۽ وڏا ڪامورا، سونهن جي معاملي ۾ ڏاڍا ڪچا آهن. صوبيدار پنهنجي ڪنوار کي اهو اشارو به ڏئي ڇڏيو ته هوءَ انهن سندس هم قوم جي بيگمن کان گهڻو وڌيڪ خوبصورت هئي ۽ جي هن جو سهارو ۽ سهڪار ٻئي ته هو ترقيءَ جا ڏاڪا، ڏاڍي تيزيءَ سان مٿي چڙهي ويندو. هو ڏهن سالن ۾ مس ننڍو صوبيدار ٿيو هو، پر هاڻي هو پنجن سالن اندر ئي ايس . پي نه ته ڊي . ايس . پي ضرور بنجي ويندو، ۽ پوءِ وڏن ايئرڪنڊيشن بنگلو، ايئرڪنڊيشنڊ ڪار، نوڪرن جا ٿها، سون سان پيريل تجوڙيون ۽ ڇا ڇا نه هوندو!

ڪنوار به پنهنجي شادي سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ صوبيدار سان ٿيڻ جو ٻڌي، پنهنجي آئيندي جي جيون لاءِ دل ئي دل ۾ اهڙائي نقشا ۽ اهڙيون ئي چٽساليون ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. هن سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ وارن پنهنجي ويس وارن ۽ ديس وارين لاءِ ڇا ڇا نه ٻڌو هو ۽ ڏٺو هو!

چارج وٺڻ سان ئي صوبيدار ڳوٺ ۽ آسپاس پنهنجي حد جي مجرمن، چڳن ۽ ڏاڍن مڙسن جو واءُ سواءُ وٺڻ شروع ڪيو. هن کي جلد ئي معلوم ٿي ويو ته هتي ڌاڙيلن جو انگ به ڪجهه سرس ئي آهي، جن مان ڪن تي ته لکين رپيا انعام رکيل آهي. هن مامري کي پنهنجي نگاهه کان ور ور ڪري سوچيو ۽ انهيءَ نتيجي ۾ پنهنجي مقصد جي حاصلات نظر آيس ته ڪنهن نموني هو ڌاڙيل پڪڙي ۽ ان سان گڏ زال جو سهڪار به حاصل ڪري ته هو تيزيءَ سان ترقي ڪري سگهي ٿو. هن وڏن وڏن ڌاڙيلن جي فهرست ڏٺي ۽ هرهڪ جون پوري تفصيل سان ڪارروايون، ڪارگذاريون، سياسي ڳانڍاپا، هن جو آڳو پيڇو، هو ڪهڙن سياستدانن جي سايي هيٺ آهي، ڪهڙي

وڏيري جي پاڻاريءَ جو هو، هن جا کهڙا عزيز مائٽ ۽ دوست ساٿي هئا ۽ ڪٿي جا رهاڪو هئا. هن جون کهڙيون يارڙيون هيون ۽ ٻيا اهڙا لاڳاپيدار سوال پڇيائين.

پڇاڙيءَ ۾ گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ، هن جي چونڊ جي نظر ساگر تي وڃي پيئي. هن تي ڏهه لک روپيه انعام رکيل هو. هو هن ڳوٺ جو هو، هن جي مَگَ به هن ڳوٺ ۾ رهندي هئي. هن جو ڪوبه وڏيرو، وزير يا ميمبر سرپرست نه هو، پاڻ سڀ وڏيرا هن جا دشمن هئا. هن جي مگ لاءِ صوبيدار ٻڌو ته ڏاڍي ڪڙڪ، تيزي باز ۽ سگهاري آهي ۽ ڪنهن تي اک ئي نه تي ٻڌيس. هن ميڻن ڪي تاءُ ڏيئي چيو، "ڪنهن مڙس سان واسطو ڪونه پيو اٿس، ڏسي ونبو."

صوبيدار، ساگر جي باري ۾ جاچ جوچ ۽ پڇا ڳاڇا ڪندو رهيو. جتان ڪتان رڳو هن جي دليري ۽ بي ڊپائيءَ جا قصا ٻڌائين. صوبيدار ڪي هاڻي هڪ ئي ڳَلَ سُجهي ٿي، اها هيءَ ته هن جي غيرت کي للڪارجي، هن جي غيرت ۾ هٿ وجهجن ۽ هن کي خبر هئي ته غيرت سنڌين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. هن جي مگ سپيءَ کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائبو ۽ گهر مان ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ لڪائبو ۽ پنهنجي وس ڪبو ته عيش به ماڻبو ته هي حرامي ڦر ڌاڙيل به اچي پيش پوندو.

هن کي اِها به ڄاڻ هئي ته سنڌي ڌاڙيءَ هٿان انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي مارجڻ جو نه آهي، هن کي وري به سنڌي يا اڻ سنڌي طرح ٻئي سنڌي (دلي، دلال يا دشمن) هٿان مارائي سگهجي ٿو. ان ڪري هن جتن ڪيو ته ساگر کي دوکي سان سندس ڪنهن دوست يا مائٽ ذريعي قتل ڪرائجي، پر ان ۾ به هو ڪامياب ڪونه ٿيو.

هن ٿاڻي تي مقرر جمعدار ۽ چارئي سپاهي بدلي ڪرائي غير سنڌي رکرايا هئا. هن جو پنهنجن آفيسرن کي چوڻ هو ته سنڌي سپاهي سنڌي ڌاڙيلن کي پڪڙڻ ۾ سچائي ڏيکاري نه ٿا سگهن.

هڪ سانجهيءَ جو صوبيدار ٻن سپاهين کي موڪليو ته سپيءَ کي وڃي سندس گهران ٿاڻي تي وٺي اچن. ڪڙڪي تي سپيءَ جي پيءُ در کوليو ته سپاهي ڌوڪي اندر اڱڻ ۾ گهڙي آيا ۽ رڙ ڪري چيائون ته سپيءَ کي

صوبيدار ٽاٽي تي سڏايو آهي. پيءُ پڇيو ته ڇو، ته سپاهي چيو ته اهو ٽاٽي تي صوبيدار کان هلي پڇي. پيءُ هنن سان بحث ڪرڻ لڳو ته هڪڙي سپاهيءَ هن کي ٺڦڙ وهائي ڪڍي. ايتري ۾ گوڙ تي سڀ ٻه ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ سپاهيءَ کي سندس پيءُ تي هٿ هلائيندو ڏٺائين ته پرسان پيل ڪپڙن ڌوئڻ واري سوٽي، ان سپاهيءَ کي وهائي ڪڍيائين ۽ اهڙي زور سان جو سپاهيءَ کان ڪوهن تي ٻڏجندڙ دانهن نڪري ويئي. ٻئي سپاهيءَ پنهنجي بندوق سپيءَ ڏي سڌي ڪئي ته سپيءَ به سوٽي الاري چيس ته "خبردارا جي گڙٻڙ ڪئي اٿئي ته هتان سنئين لڱين واپس وڃي ڪونه سگهندين!" جيتوڻيڪ سپيءَ کي ڪپڙن ۾ ساگر جو ڏنل ننڍڙو پستول به لڪل هو، هن کي پڪ هئي ته اهو ٻاهر ڪڍڻ جي نوبت ئي ڪانه ايندي. ايستائين گوڙ تي پاڙي وارا به پهچي ويا ۽ پوءِ جڏهن جهٽ ۾ خبر پکڙجندي وئي ته ڳوٺ جي ماڻهن جو انبوهه پهچي ويو. غريب ۽ شريف ته سدائين بيگناهه پوليس جي ظلمن جا ستايل هوندا آهن، ۽ وري شاگردن ۽ نوجوانن ۾ قومي جوش جي باهه جو مچ ٻري ويو ته هي غير سنڌي تي ڪري اسان جي غيرتن ۾ تا هٿ وجهن. سو جي ٻه چار پوڙها وچ ۾ نه پون ها ته هنن سپاهين کي ڳوٺاڻا اهڙي طرح ڳيا ڳيا ڪري ڇڏين ها، جو جنرل ضياءَ وانگر هنن جا لاش به نهي ڪونه سگهن ها.

صوبيدار ته تصور به ڪري ڪونه ٿي سگهيو ته ڪوبه ڳوٺاڻو، هن جي حڪم تي ٽاٽي تي اچڻ کان انڪار ڪري ٿي سگهيو ۽ پوءِ هن موڇڙا ڪاٽي، هڏ ڳڏ پيچائي موٽي آيل سپاهين کي، سڄي رات ايترين ته گارين ڏنيون جو شايد سندن مادري ٻوليءَ جو سڄو ذخيرو ختم ٿي ويو، جيتوڻيڪ هنن جي مادري ٻولي گارين ۾ ڏاڍي شاهوڪار آهي.

هاڻي ته صوبيدار جو عياشيءَ کان محروم ٿيڻ ڪري به ضد پاڻ وڌي ويو. پوءِ پوري سازش ۽ رٿابنديءَ سان، سپيءَ کي پنهنجو شڪار بنائڻ لاءِ ٺاهه ٺاهيائين. هڪ رات، سومهڻيءَ کانپوءِ، جنهن وقت سڀ ڪو سمهي پوندو آهي، اوچتو چار سپاهي، سپيءَ جي گهر جي پڊر جي پٽ ٽپي، ٺهي ڪٽن مٿان بندوقون تاڻي وڃي بيٺا، ۽ بندوقن سان چوڪون ڏيئي سپيءَ ۽ سندس پيءُ ماءُ ٺهي جي ننڊ ڦٽائي چيائون: "خبردار جي ڪو آواز ڪڍيو

اٿو. نہ تہ بندوقن سان توهان کي هتي جو هتي ختم ڪيو ويندو. اسان توهانکي گرفتار ڪرڻ آيا آهيون. توهان تي الزام اهو آهي تہ توهان ڌاڙيل ساگر کي پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏيندا آهيو ۽ هن کي کاڌو پيتو پڻ پهچائيندا آهيو. هو بہ پڪڙجي پيو آهي ۽ ٿاڻي ۾ بند آهي."

سپيءَ کان رهيو نہ ٿيو ۽ چيائين "ڪوڙا ڪنهن جاءِ جا گهٽي بڪواس نہ ڪريو ! سچاٽان تي توهان پاڙين ڪي!"

پوءِ هن پنهنجن ڪپڙن ۾ لڪل هٿيار کي هٿ هٽي ڏنو. هي وقت ان جي استعمال جو نہ هو ۽ سندس پيءُ ماءُ جي حياتيءَ جو سوال هو. ٻهر حال ٽنهي کي بندوقن جي سنگينن هيٺ، اونداهين گهٽين مان وٺي ٿاڻي تي اچي هڪڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو.

ٿوري ويرم کان پوءِ بہ سپاهي آيا.

"اسان سان هل، ساگر توسان ڳالهائڻ ٿو چاهي." هڪڙي سپاهيءَ سپيءَ ڏي منهن ڪري چيو.

سپي منجهي پيئي ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ ڏي نهاريائين.

"ڪٿي آهي ساگر؟" هن سپاهين کان سوال ڪيو.

"ٻي ڪوٺڙيءَ ۾ بند آهي."

"ڪهڙي ثابتي آهي تہ هو هتي ئي بند آهي. توهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو."

سپيءَ چيو.

"ڇوڪريءَ سان گڏ اسين هلنداسين." پيءُ چيو.

"هو ڇوڪريءَ سان اڪيلو ڳالهائڻ چاهي ٿو. ڏاڍي مشڪل سان صوبيدار ان جي موڪل ڏني اٿس. جو هن صوبيدار سان وعدو ڪيو آهي تہ هو توسان ڪن ڳالهين تي ڳالهائي، پنهنجا سڀ ڏوهہ هن سان باسيندو."

سپاهيءَ چيو.

"توهان ساگر کي هيڏانهن ڇو نہ ٿا وٺي اچو؟" سپيءَ اعتراض ڪيو.

"هو تہ خطرناڪ ڏوهاري آهي ۽ هٿ ڪڙين ۽ ڏنڊا بيڙين ۾ بند آهي ۽ پٽ سان لوهي زنجير ۾ ٻڌل آهي ۽ ٻئي لوهي دروازي ۽ ٽن مضبوط ڪلفن چڙهيل ڪوٺڙيءَ ۾ بند آهي. تنهنجي هن ڏانهن هلڻ ۾ توهان جي ڀلائي آهي. شايد توهان کي اڄ رات ئي ڇوٽڪارو ملي وڃي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون کي پورو يقين آهي تہ تون صفا ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين، پر هل، مان توسان هلڻ لاءِ تيار آهيان." نيٽ سيپيءَ چيو. هن ظاهري طرح پنهنجا ڪپڙا درست ڪندي، وري بہ هڪ دفعو پستول جي موجودگيءَ جي تسلي ڪئي. پهرين پيءُ ڏانهن ۽ پوءِ ماءُ ڏي نهاريائين ۽ اکين ئي اکين ۾ هنن کي آٿت ڏنائين تہ مان ڏندين ڏاند آهيان ۽ پنهنجي حفاظت ڪري سگهان ٿي. هو بہ ڄڻ هن جي اکين جي زبان سمجهي ويا ۽ ٻنهي مان ڪنهن بہ پنهنجي دل نہ لوڙهي.

(٣)

جڏهن هن جي اکين تان پٽي لاٿي ويئي، تڏهن هن پاڻ کي ڪنهن پراڻي پر سينگاريل ڪمري ۾ ڏٺو. پلنگ، ميز، صوفا سيٽ، غاليچو، ميز تي کاڌي پيتي جو سامان. هن جي نظر نيم نشي ۾ صوبيدار تي پيئي، جنهن جي آڏو ميز تي شراب جي کليل بوتل هئي، هٿ ۾ شراب ڀريل گلاس هو، جنهن مان سرڪيون ڀري رهيو هو ۽ هن جي بدصورت ٻوٿ تي ڪراهت ڀريل مسڪراهٽ هئي ۽ هن جون اکيون ڳاڙهيون هيون.

سپي ڪنهن بہ وقت هوش ڪونہ وڃايو هو. هن کي ياد آيو تہ ٽاٽي جي هڪ ٻئي ڪمري ۾ اوچتو ئي اوچتو ٽي چار مرد هن مٿان چڙهي ويا. هن جون ٻئي ٽنگون گڏي رسيءَ جي وڪڙن ۾ سوگهيون ڪيائون. پوءِ ڪپڙي جي پٽيءَ جي هڪ ٻئي مٿان ڪيترائي ڦيرا ڏيئي، هن جون اکيون بند ڪيائون ۽ وات ۾ ڪپڙو وجهي وات مٿان ٻيو ڪپڙو ٻڌائون ۽ پوءِ هن کي ڪٽي ٻاهر رستي تي آيا ۽ اتي بيٺل هڪ موٽر جي پوئين سيٽ ۾ هن کي اڇلايائون. اِها موٽر ڪجهہ وقت رستن ۽ گهٽين تان هلندي رهي ۽ هڪ جاءِ وٽ اچي بيٺي. هن ڪاٿو ڪيو تہ هيءَ سنسان جڳهہ، ڪنهن سنسان ماحول ۾ هئي . . . . هيئنر هوءَ هن بدماش صوبيدار جي سامهون هئي.

هي ڪمرو ڏسي هن کي محسوس ٿيو تہ ڄڻ اِهو هو اول بہ ڏسي چڪي هئي. وڏيري ۽ پوليس جي ظلمن ۽ ڏاڍاين جا داستان ٻڌي ۽ پنهنجي مڱيندي جي ڏاڙيل ٿيڻ کان پوءِ، هن کي ڄڻ پرون پئجي ويا هئا، ۽ ذهني طرح ور ور ڪري هھڙيءَ ئي جاءِ جو تصور ڪندي هئي، جتي کو ڪميٽو ۽

پليٽ ماڻهو هن کي زبردستيءَ کٽائي ايندو، ۽ هن اهڙي ڪمپيٽيٽي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ به تصور ئي تصور ۾ پنهنجين ترڪيبن جي تياري ڪري ڇڏي هئي. هن ان تماشي يا ناٽڪ جي به الاهي دفعا تصور ئي تصور ۾ Rehearsal ڪئي هئي ۽ ورجايو هو. هاڻي هن کي ائڪٽنگ ڪرڻي هئي.

هوءَ پاڻ سنڀالي اٿي وئي، صوبيدار سامهون ڪوچ تي ويٺي ۽ مرڪي هن ڏي نهاريائين. صوبيدار جي دل وڌي.

"ناراض ته نه ٿي آهين؟"

"هاڻي هتي پهچي، وڃي آهيان ته ناراضگيءَ مان ڪهڙو فائدو؟"

"پيئنديونءَ" هن شراب ڏي اشارو ڪري چيو.

"ڪڏهن نه پيتو اٿم. پيئندس ته هرويرو طبيعت خراب ٿيندي يا ايترو نشو ٿيندو جو مزو ماڻي نه سگهندس"

مان پيئڻ کان پوءِ ڏاڍو مزو ماڻي سگهندو آهيان ۽ مزو ڏئي سگهندو آهيان."

"پوءِ ته پيئو! خوب پيئو!"

"ماني به ته کائڻي آهي."

"ماني پئي کائبي. مون کي ته خاص بک به ڪانهي."

"پر مون سان مانيءَ ۾ ته گهٽ ۾ گهٽ ساٿ ڏيڻو اٿئي."

"اِهو ته ٿيندو، پر اڄ ته ڪا ڪسر نه ڇڏ، ايترو پي جو ڪاڏي جي لاءِ به تنهنجي پيٽ ۾ جاءِ نه بچي."

"ان لاءِ شرط آهي ته گلاس ڀري تون ڏيندي وڃ."

"ان ۾ ته مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي."

صوبيدار، سڀيءَ کي سمجهايو ته گلاس ۾ ڪيترو شراب هجي ۽ ڪيترو سوڍا يا پاڻي.

هوءَ هن کي گلاس ڀري ڏيندي وئي. پر سوڍا ۽ پاڻي گهٽ ٿي وڌائين ۽ شراب زياده. نشو ته اول ئي جام چڙهي ويو هيس، هاڻي ته ان ۾ ٻڏڻ لڳو. هڪ ٻه دفعو دانهن به ڪيائين ته هڪ ئي وقت ان انگريزي شراب جي بوتل جو مان ته ٽيون حصو پيئندو آهيان، هي ته اڌ ٿي ويو آهي. پر سڀي هن کي اِهو چوندي گلاس مٿان گلاس ڏيندي ويئي ته اڄوڪي رات خاص رات آهي.

پوءِ تہ هن کي انڪار جو بہ هوش ڪونہ رهيو. سپي گلاس مٿان گلاس زوريءَ هن جي چپن تي رکندي رهي ۽ هو صفا هوش حواس وڃائي ويٺو. سپيءَ بہ پوري بوتل پياري ڇڏيس. هو ڍير ٿي پيو، صفا مئلن جي قطار ۾.

ڳچل رات گذري چڪي هئي. هن کي پڪ ٿي تہ مري ويندو، پر مٿان بہ بچي پوي جي خيال کان، هن جو موت يقيني بنائڻ ۽ پنهنجي اڳين سان ڏسڻ لاءِ اها رسي کنيائين جنهن ۾ ڪيس ٻڌو هون ۽ هن جي ڳچيءَ ۾ ڏهہ ٻارنهن سٽون ۽ گهوگها ڏنائين، تان جو هن جو ساهہ ڪجهڻ بند ٿي ويو، ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪي پيس، زبان ٻاهر نڪري آيس ۽ اکين جا تارا ڦري ويس ۽ هن جو سڄو بدن ڍرو ٿي ويو.

(۴)

ساگر پنهنجو هڪڙو ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيو هو، جو سپيءَ وارن جي گهر جي ارگرد مناسب فاصلي تان نگهبانيءَ جي نظر رکندو هو ۽ ائين جو ڪنهن کي ان جوشڪ بہ نہ پوي، هن جو ڪم اهو هو تہ پوليس يا ٻئي ڪنهن کي هن گهر وارن سان هٿ چراند يا ڪا حرامپائي ڪندو ڏسي تہ هڪدم ساگر وٽ پهچي، هن کي چتاءُ ڏئي.

ساگر کي سگهوئي سڌ پئجي ويئي تہ سپي ۽ سندس پيءُ ماءُ ڪنهن ٿاڻي تي آندو ويو آهي. هو پنهنجي ٽوليءَ جي ٽن ڏهن، ماڻهن کي ساڻ ڪري، اتي پهچي ويو. ٽي سپاهي جيڪي پهري تي هئا، انهن کي هنن پڪڙي ۽ جڪڙي ورتو. انهن جا تہ ساگر ڌاڙيل جو پهچي وڃڻ جو ٻڌي ٻُي ڍڍر ڍرا ٿي ويا هئا، ۽ اڌ ساهہ نڪري ويو هئن ۽ بدن ۾ ايتري رڦٽي ڏڪٽي اچي پئي هئي جو بندوق هلائڻ جو ست ئي ڪونہ رهيو هئن. لاڪپ ۾ بند ڪيل سپيءَ جي پيءُ ماءُ وٽان ساگر کي سارو احوال معلوم ٿيو تہ ڪيئن دوکي سان سپيءَ کي وٺي ويا آهن. ساگر سڄي ٿاڻي جي تلاشي ورتي، پر اتي سپي ۽ صوبيدار هجن تہ لين. هن ٽن سپاهين کي بہ بندوق جي قنداقن سان ماري ماري رت ڪري ڇڏيو تہ هو صوبيدر جو ڏس ڏين. پر هنن کي خبر هجي تہ ٻڌائين ۽ واقعي ئي هنن کي خبر هئي بہ ڪانہ- پوءِ ٽنهي سپاهين کي گهٽا ڏيئي ٻوساٽي مارياڻون. سپيءَ جي پيءُ ماءُ کي آزاد ڪري، ساگر پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جي سنڀال هيٺ سندن گهر موڪليو، ۽ پاڻ پنهنجن ٻين ماڻهن کي ساڻ ڪري سپيءَ جي تلاش ۾ نڪتو. ڳوٺ جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳولا ڪئي وئي، سڀ حيلا هلايا ويا، پر جڻ تہ سپيءَ ۽ صوبيدار کي زمين ڳهي وئي هئي، سو هن جو سراغ نہ ملي نہ مليو. ساگر جو رت ٽهڪي رهيو هو. هوڏانهن صوبيدار کي ٻيٽ ٿي ڪانہ هئي تہ ساگر کي سندس ڪارروائيءَ جي ايترو جلدي معلومات حاصل ٿي ويندي. هن جو ڪاٿو هو تہ ٻئي ڏينهن تي مس هن کي خبر پهچندي، تيستائين هو سڄي رات عيش ڪندو ۽ صبح جو تعلقي جي ٻين ٿاڻن تان پوليس جا اٽالا گهرائي وٺندو، ۽ جيئن ٿي هي غيرتمند، پنهنجي پرواهہ نہ ڪري، ٿاڻي تي ڪاهي ايندو تہ پوليس جي گهيري ۾ ائين ڦاسندو جيئن مڇي ڄار ۾ ڦاسي پوندي آهي.

سپي جو هٿ نہ آئي تہ هن ٽهڪندڙ رت سان، ڏند ڪرٽيندي دل ۾ چيو تہ هن حراميءَ جي بہ هيءَ رات هنجي حياتيءَ جي پڇاڙڪي رات ٿي ڏسجي. هو پنهنجي ٽوليءَ سميت صوبيدار جي گهر پهتو. هن جو ارادو هو تہ هو هن جي گهر ۽ زال تي قبضو ڪري ويهندو، وڏيڪ ڪارروائي صوبيدار جي موٽڻ تي ڪبي. هو ٿاڻي تي مقرر سيني سپاهين کي تہ ماري چڪو هو.

گهر جي چوڪيداري ۽ ڪم ڪار لاءِ صوبيدار وارن پنهنجو ۽ ڳوٺ جو ماڻهو آندو هو، جو ڏيک ويک ۽ هلت چلت ۾ پورو پهلوان لڳندو هو. هن کي ڪا ڪڙڪ پئجي ويئي تہ ڏاڙيل ساگر ٿاڻي ۾ پهچي ويو آهي. سو يڪدم اچي بيگم کي اطلاع ڏنائين. هوڏانهن صوبيدار پنهنجي بيگم کي ٻڌائي ويو هو تہ ڏاڙيل ساگر جي باري ۾ پڪي خبر پئي آهي تہ هو فلاڻي هنڌ موجود آهي ۽ هو پنهنجو اٽالو وٺي، هن جي پٺيان وڃي ٿو ۽ هن کي يقين آهي تہ هن کي پڪڙڻ ۾ سوڀارو ٿيندو ۽ ان ڪري رات جو دير سان موٽندو. زال کي تاڪيد بہ ڪيائين تہ نوڪر دروازي وٽ هٿيار بند ٿي خبردار ٿي وهي. صوبيدار جي بيگم وري ساگر جي پهچي وڃڻ جو ٻڌي نوڪر کي تاڪيد ڪيو تہ جي ساگر هن طرف اچي تہ ريهي ريبي، ڪنهن نموني هن کي اندر سندس ڪمري ۾ پهچائي. بيگم سوچيو تہ هن کي پنهنجي مڙس جي نوڪريءَ ۾ تڪڙي ترقيءَ ۾ سهارو بڻجڻو آهي، جي هي ڏاڙيل ڪنهن نموني، ڪنهن طريقي هن جي هٿان جهلجي پيو تہ هن کي نہ رڳو مٿيرو

عهدو ملندو پر ڏهه لک رپيا انعام به ملندو. هن سوچيو ته هوءِ پنهنجي جوڀن ۽ چست حسن جي چقمق سان ساگر کي ريجهائي سگهندي ۽ هن کي هن سان گڏ، هن جي بستري تي جواني ماڻڻ لاءِ هرڪائيندي، ۽ هن کي ايستائين پنهنجن ماڻن ۾ روڪي رکندي، جيستائين هن جو صوبيدار مڙس، پنهنجي عملي سان اوچتو اچي هن کي چوڪنيو نه بڌي، هن اهي سڀ ڳالهيون مڙس کي سمجهائڻ لاءِ اول ئي پنهنجي نوڪر کي اشارو ڏيئي ڇڏيو هو.

(٥)

ساگر پنهنجن مڙني ماڻهن سان اچي صوبيدار جي گهر وٽ پهتو. در وٽ ويٺل نوڪر کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪو نه ڏنو ويو. هڪدم هن کي پڪڙي، هن جو هٿيار ڦري، هن جو ٻوٽ ڪٽي ٻڌائون. جيئن هو ڪو ٻوڪڙ ڪري نه سگهي. پوءِ هن کي ڏنڊا هڻي، مرڻ جهڙو ڪري، هٿ پير ٻڌي، گهر جي اڱڻ جي هڪڙي اونداهي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. پوءِ ساگر پنهنجن ائن ماڻهن مان چئن ماڻهن کي چوڪسي لاءِ ٽاڻي تي موڪليو ته جيئن ئي صوبيدار اچي ته هن تي قبضو ڪيو وڃي ۽ هن کي موٽر مان ئي لهڻ نه ڏنو وڃي، ۽ چار ماڻهو هن گهر جي چوڦير پهري تي بيهاريائين.

پوءِ هو اڪيلي سر، هٿيار تاڻي گهر ۾ گهڙيو.

دروازا ايئن کليل هئا ڄڻ ته هن جو انتظار ڪيو پيو وڃي، سارو گهر بجليءَ سان روشن هو. ساگر پنهي پاسن نهاريندو ورانڊي ۾ پهتو ۽ سامهون هڪڙي ڪمري جو لکيل دروازو ڏسي، اوڏانهن خبرداريءَ سان وکون وڌائڻ لڳو. پر چائنٽ ٽپڻ سان سامهون نظر پوندي هن جا قدم ڪپي ويا، هن جي واڇ گودو تي ويئي. هن جون اکيون ڦاٽي هڪ هنڌ ڄمي پٿر تي ويون ۽ هن جي دل بيهي وئي. هو ايترو ته پڙهيل ڪونه هو ۽ نه چترڪار يا مورتي ساز هو، جو سونهن جي ڪنهن يوناني ديويءَ جو نالو هن جي ذهن تي هڪدم تري اچي ها، پر جهنگ ۾ به هو هندستاني فلمون گهرائي دوستن ۽ ٽوليءَ وارن سان وي - سي - آر تي ڏسندو هو ۽ سهٽيون هيروئنون ۽ ايڪٽريسون هن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون ۽ انهن جا نالا به ياد رهجي ويا هئس. انهن ۾ سِري ديوي هن کي ڏاڍي پسند هئي ۽ وري وري پيو هن جون فلمون ڏسندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هن کي پنهنجي آغوش ۾ آڻڻ جي تمنا جا پيو خيالي محل جوڙيندو هو. هن کي خيال ايريو تہ سِري ديوي ! سِري ديوي ! سِري ديوي ! جون رڙيون ڪندو وڃي، پلنگ تي ليٽيل عورت سان چنبڙي، هو پاٽي پاٽي ٿي ويو.

سامهون سرهاڻ پريل ڪمري ۾، سينگاريل پلنگ تي، مرڪندڙ دعوتي انداز ۾ صوبيدار جي بيگم ليٽيل هئي. هوءَ پاسيري ليٽيل هئي، هن جو مرڪندڙ مُنهن در طرف هو. هن پنهنجي ڪابي مڙيل ٻانهن جي ٺونٺ وهاڻي تي رکي هئي ۽ ان جي هٿ جي ترئ تي پنهنجو مٿو رکيو هئائين. هن جي ڪابي ٽنگ ڊگهي تيل هئي ۽ ساڄي ٽنگ گوڏي وٽ ٿورو موڙي ڪابي ٽنگ تي ڪٽي رکي هئائين. اهڙي ريت هن جي ليٽڻ جو ڍنگ اهڙو هو جو هن جي بدن جون گولايون ۽ لاهيون چاڙهيون نمايان ٿي بيٺيون هيون، هن جي سڄي ٽنگ ستر تائين اگهاڙي پئي ٿي ۽ هيٺين ٽنگ جو ٻہ وڏو حصو ننگو هو، اهڙي طرح هن جي ڇاتين جا وڏا حصا بہ اڻ ڍڪيل هئا. حقيقت ۾ ساگر کي هن جو سڄو سونهري ۽ جوان جسم اگهاڙو نظر اچي رهيو هو. هن کي گوڏ ۽ ڪرتو پهريل تہ هئا، پر هن کي پتو ڪو نہ ٿي پيو تہ اهي ڪهڙي قسم جي ولايتي ڪپڙي جو لباس آهي. ايترو صاف، شفاف ۽ سنهڙو هو جو هن جي بدن جو انگ انگ ظاهر ٿي رهيو هو. ڇا سنهڙي پلاسٽڪ جو ڪپڙو آهي يا ٻيو ڪجھ. هن ٻڌو هو تہ ڪنهن زماني ۾ ڍاڪا جي ململ ايڏي باريڪ ٿهندي هئي، جو مُنڊيءَ مان سڄو تاڪيو لنگهي ويندو هو. پر هي ڪپڙو تہ ايڏو باريڪ ٿو لڳي، جو سُئيءَ جي ناڪي مان بہ سڄو تاڪيو لنگهي سگهي ٿو. هوءَ اهڙي انداز سان ليٽيل هئي جڻ تہ پِنين ۽ سترن جي چٽاڻيءَ جي نمائش هئي، نہ، پر هيءَ تہ سڄي بدن جي نمائش هئي!

ساگر جي زندگيءَ جون حالتون اهڙيون پئي رهيون هيون، جو هن وڏي جسماني سگهہ، روحاني سگهہ ۽ ارادي جي سگهہ حاصل ڪري ورتي هئي ۽ سڄو ئي هن سهڻي ڦندي ۾ سراپجڻ ۽ ڦاسڻ ڪان اڳ، هو پاڻ سنڀالي سُرت ۾ اچي ويو.

”جي تون ڪو چار پڪيڙيو آهي، يا ڪا ڪيڏ ڪيڏي آهي تہ ياد رکجانءِ تہ مون وٽ ڏاڍا موتمار هتيار آهن ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندوسانءِ.“

”اهو تو منهنجو قدر ڪرين. جڏهن ڪان تنهنجي مردانگيءَ جا قصا ٻڌا

اٿم ته اڻ ڏٺي ٿي تنهنجي لاءِ تڙڦندي رهي آهيان ۽ مس مس الائي ڪيتري انتظار کان پوءِ موقعو مليو آهي ته تون اچڻ سان مون تي شڪ ڪرڻ لڳو آهين."

" پيو ڪير آهي، هن وقت هن گهر ۾؟ "

" ڪير به نه."

" تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟ "

" هو ته توکي ڳولهڻ لاءِ جهنگ پيو جهاڳيندو هوندو. چئي ويو آهي ته هو سڄي رات ڪو نه ايندو. "

"مان توتي اعتبار ڪري نه ٿو سگهان."

"تون منهنجي پيار جو امتحان ٿو وٺڻ چاهين ته پوءِ هل ۽ هلي سڄي گهر جي جهڙتي وٺ."

"مان اول ائين ئي چاهيان ٿو."

بيگم اٿي سنئين تي بيٺي. پهرين پنهنجي بدن جي ڪن حصن جا شفاف ڪپڙا هٽائي، هن کي ڏيکاريائين. ساگر جا جذبا پڙڪي اٿيا. پوءِ هوءَ اڳيان ۽ هو پٺيان. هن کي هن جي چال به سِري ديويءَ جو نچڻ لڳو. هن گهر جا چارئي ڪمرا، رڌڻو، غسلخانو ۽ اسٽور روم چڱيءَ طرح جاچي ڏٺا ۽ هر طرح جي خاطري ڪيائين. پر هن جو بدن گرم ٿيندو تي ويو ۽ جذبا هاڻي قبضي کان ٻاهر ٿي ويا هئا. واپس پهرئين ڪمري ۾ اچي بيگم هڪدم در جو اندريون ڪڙو بند ڪيو ۽ ساگر کي ڇڪي پلنگ تي ڪيرائي هن سان سلهاڙجي ويئي. ساگر به مستيءَ ۾ اچي ويو، البت هٿيارن ڏي ڌيان رکيائين. هن کي ان ڳالهه ڪيڏو نه مزو ڏنو ته سندس خواهش جي موٽ ۾ هوءَ خواهش ڏيکارڻ ۾ ڪو به حجاب نه ڪري رهي هئي. مزي ۾ ڀرپور ڀاڱو وٺي رهي هئي. هي عورتون مرد کي راضي ڪرڻ جا گرَ ڄاڻن ٿيون ۽ هوڏانهن اسان جون زالون آهن، جي نڪاح ۾ڏل هوندي به پنهنجي جذبن جي نمائش تي پڻ نقلي حجاب جو پردو وجهي ڇڏينديون آهن.

هن ڪنهن به عورت سان ظلم ۽ زوري نه ڪئي هئي، طبيعت ٿيندي هٿس ته پئسن تي ڪا سهڻي عورت گهرائيندو هو ۽ ڪجهه وقت هن سان گڏ گذارڻ کان پوءِ، هو پاڻ کي ڏاڍو هلڪو محسوس ڪندو هو ۽ هن جي

بدن ۾ نئين طاقت ۽ تازگي اچي ويندي هئي، پر اهڙوڪي ملاقات کان پوءِ هن کي محسوس ٿيو ته ڇو ڪي مرد، سرُ جو سانگو لاهي هي جوکو کڻندا آهن.

ساگر ٻه ٽي ڀيرا موڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بيگم نخرن ۽ ماڻن سان کيس روڪيندي رهي ته پوري رات پئي آهي اڃان ته اڌ رات ٻه ڪانه ٿي آهي.

اڌ رات لڙي ته مخصوص سيٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اِها ساگر لاءِ سنڌس ساٿين جو مقرر ڪيل اشارو هو ته صوبيدار موٽي آيو آهي، ۽ هن کي سوگهو ڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ويو آهي. ساگر ٽپ ڏئي ۽ اهڙو تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتو جو بيگم تي پڇاڙڪي نگاهه به ڪونه وڌائين ۽ بيگم کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ۽ ڪو وقت ته سُڪتي ۾ اچي وئي.

(٦)

صوبيدار جي مرڻ جي پڪ ڪري، سڀيئي ڪجهه گهڙيون ويٺي رهي. پوءِ هن صوبيدار جو گولين ڀريل پستول کنيو جو صوبيدار ميز تي ڪري رکيو هو. جيتوڻيڪ هن کي پنهنجن ڪپڙن ۾ هٿيار به موجود هو، پر هي پستول تيار ڪري هٿ ۾ جهليائين ۽ اهو پنهنجي رئي سان ڍڪي ڇڏيائين. ٻڌڻ وقت چڙيون هٽڻ ڪري، هن جي پيرن مان جتيون نڪري ويون هيون ۽ هن وقت هن جا پير اگهاڙا هئا. هن پٽ تي صوبيدار جو چمپل پيل ڏٺو، اهو ڪري پاتائين. هن بتي وسائي ۽ پير پير ۾ پائي ٻاهر پڌر ۾ نڪتي، اتي اونده هئي. صرف تارن جي ٽمڪاڻ هئي. هوءَ ٻيهي اونده ۾ پنهنجون نظرون هيرائڻ ۽ پڌر جي ڇڪاس ڪرڻ لڳي. تارن جي ٽمڪاڻ، واٽهڙوءَ کي واٽ منجهائڻ نه ڏيندي آهي. جلد ئي هن کي شيون نظر اچڻ لڳيون. اڱڻ جو ٻاهريون در بند هو. ان تي ڪڙو چڙهيل هو، پر ان ۾ ڪلف لڳل نه هو. در جي ڀرسان ڪو ماڻهو کٽ تي سمهيو پيو هو، جو گهري ننڊ ۾ هو ڇو ته هن جي کونگهرن جو آواز ٻڌجي رهيو هو. هوءَ نه گهبرايل هئي نه ڊنل يا خوف هراس ۾ گهيريل. هن جو پنهنجي هوش حواس تي پورو ڪنٽرول هو. اصل ۾ هن جي ذهن ۾ ڪاميابي ۽ خوشيءَ جو احساس ابري رهيو هو. هن ڪيتري وقت

ڪان اهڙو ڪارنامو ڪرڻ جي تمنا پيدا ٿي. هوءِ ڏسندي ۽ ٻڌندي رهي هئي ته سنڌي ورهين ڪان وڏي بکيا، بيروزگار ۽ ڏتڙيل هئا، ۽ غير سنڌي، سنڌ جي سرزمين تي، ڪارخانن، آفيسن ۽ اسڪولن ۾ مزوريون، ملازمتون ۽ عهدا والاريو ويٺا هئا. اخبارن ۾ به اهڙيون خبرون پڙهي هن جي دل سڙندي، ڪامندي، پڇرندي هئي. هن ڌارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تان ختم ڪرڻ تي چاهيو. هن ڪهريو تي ته هوءَ پاڻ اهڙو ڪارنامو ڪري سيني سنڌين عورتن لاءِ عملي مثال بنجي. هن کي ڌاڙيلن تي به سخت ڪاوڙ ايندي هئي، جي رڳو سنڌي وچولي ڪلاس وارن کي نشانو بنائيندا هئا. ساگر جو به هر ملاقات ۾ ان طرف ڌيان ڇڪائيندي هئي. هوءَ سوچيندي هئي ته مون کي موقعو مليو ته مان نه رڳو پنهنجي ان ارادي کي عملي صورت ڏيندس، پر ٻين ڌاڙيلن کي به سنڌيت جي غيرت ڏياريندس.

بهرحال هوءَ خوش هئي ته هن نه رڳو هڪ بدڪردار، ظالم ۽ ڪميٽي صوبيدار کي قتل ڪيو هو، پر هڪ قومي دشمن جو به خاتمو آندو هو.

هوءَ پستول هٿ ۾ پڪڙي، پوري اعتماد سان آهستي آهستي در ڏانهن وڌي ۽ آهستي آهستي ڪري ڪڙو لاٿائين ۽ ٻاهر نڪري در ٻيڪڙي ڇڏيائين. اونداهي ڪهڙي ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. تڏهن معلوم ٿيس ته هي ته ڪو ٻيو ڳوٺ آهي. هي سندس وارو ڳوٺ نه آهي. پر هي ڪهڙي قسم جو ڳوٺ آهي! نه ٻارن جي روئڻ جو آواز، نه پوڙهن جي ڪنگهڻ جو شور، ڪڪڙن جي پهرين دس جو وقت ته نه به ٿيو هجي، پر نه ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز آهي ۽ نه ئي گدڙن جي اوناڙ. هن کي موٽر نظر ڪا نه آئي. چوڌاري ماٺ، انڌيرو، سنساني ۽ ويراني هئي. سوچيائين ته شايد گهر جي ڀٽي پاسي واري ڪهڙيءَ ۾ بيهاري هوندن. هن جو شڪ صحيح نڪتو. هن موٽر ڀيان آسپاس جو ۽ موٽر جي اندر غور سان تپاس ڪئي. هن کي موٽر ۾ سيٽ تي ننڊ ۾ پيل ڊرائيور ڏسي، اطمينان ٿيو. موٽر مٿان زور سان ٺڪون هڻي، ڊرائيور جي ننڊ ڦٽايائين. هن موٽر جا دروازا کوليا. سِڀيءَ پٺين سيٽ تي وهندي ڊرائيور کي چيو، ”صوبيدار صاحب هتي ئي سمهندو، مون کي جلدي ٽاٽي تي پهچاءِ!“

ڊرائيور ننڊاکڙو هو، بس ايترو ئي سمجهڻ ڪافي سمجهيائين ته ٽاٽي

تي هلڻو آهي. موٽر هلندي سپيءَ فيصلو ڪري ورتو ته ڏاڙي تي ٻيءَ ماءُ حوالي نه به ٿيس ته ڊرائيور جي ڪنڌ تي پستول رکي هن کي ٻيلي ڏانهن هلڻ تي مجبور ڪندس. اتي پهچي، ڊرائيور کي گولين سان ماري ٻيلي ۾ ڪر تي ويندس، پوءِ اتي ساگر کي ڳولڻ ڏکيو نه ٿيندو.

موٽر اچان ڏاڙي جي در تي بيٺي مس ته، اونده مان چار ڇٽا اوچتو ڊوڙي آيا ۽ موٽر کي وڪوڙي ويا. سپيءَ هنن جي مُنهن مهانڊي مان تاڙي ورتو ته هي ساگر جا ساٿي آهن ۽ ڏاڍو اطمينان ٿيس ته ساگر به پهچي ويو آهي. هن زور سان چيو ته، "مان سپي آهيان ۽ هي صوبيدار نه پر ڊرائيور آهي."

ائين چئي، هن پنهنجو پستو ڪڍي، پنيان ان ڊرائيور جي ڪنڌ تي رکيو ۽ همراهن کي چيائين ته، "هي منهنجو شڪار آهي ۽ مان هن کي موت جي ڪڙاڻ چکائيندس."

ائين چئي ڊرائيور تي گولين جي برسٽ وسائي ڏنائين.

جيئن ئي ساگر پهتو ته سپيءَ پري کان ئي رڙ ڪري چيس، "متان دل ميري ڪئي اٿئي يا ڀوت ٻيڙو ڪيو اٿئي. مون کي ڇهڻ کان اڳ ئي صوبيدار جو ڪنڌ ڪپي آئي آهيان. متان سمجهي ته ڪمزور آهيان ۽ تنهنجي زال ٿيڻ لائق ناهيان."

ساگر ته واقعن جي تڏڙي هير ڪري ٽڙي پيو هو.

ٻه موٽرون آنديون هئن ۽ ٽين صوبيدار واري به ٿين. هڪ موٽر ۾ سپي ۽ ساگر سوار ٿيا.

"مون سان شاديءَ لاءِ اڃان به تيار آهين؟" ساگر پڇيو.

"ان ۾ شڪ اٿوَ ڇا؟" سپيءَ وراڻيو.

"منهنجا ڪي شرط آهن."

"وري ڪهڙا؟"

"اصل ۾ شرط نه پر منهنجي زندگيءَ جون ڪي حقيقتون آهن، سي توکي اول ئي ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

"پوءِ حجاب ڇا جو آهي."

منهنجي زندگي هينئر اهڙي تي پٽي آهي، جو جهر جهنگ ۾ ڪڏن ڪوٻن

۾ رهڻو ئو پوي. نہ مانيءَ جو سک، نہ سمهڻ جو ساهہ. هر دم موت ۽ مارجڻ جو انديشو. هر وقت پوليس ۽ فوج جو خطرو. اهو تہ ٿو پڌو هوندو تہ، ”هڪ دفعو ڌاڙيل بنجڻ کان پوءِ ڌاڙيل جي سراسري عمر ٽي سال ٿيندي آهي، پوءِ پوليس يا فوج جي گوليءَ جو شڪار ٿئي يا ڦاسيءَ تي چڙهي.“

”مون کي خبر آهي، پر منهنجا بہ شرط ٻڌي ڇڏ. اڄ تائين تہ رڳو مردن پٺي شاديءَ لاءِ شرط وڌا آهن، پر هاڻي مان عورتن طرفان شرط وجهڻ جي روايت شروع ٿي ڪريان، اهي هي آهن: مون کي ڌاڙيل طور پنهنجي ٽوليءَ جو ميمبر بنائيندين ۽ مان مرداڻا ڪپڙا پائي ڌاڙا هڻنديس. سنڌين ۾ صرف وڏيري کي ماربو يا اغوا ڪبو. باقي ڪنهن غريب سنڌي کي هاجو نہ رسائبو. باقي جيڪو مڃي مانيءَ وارو ڌاريو وَر چڙهيو تہ هن کي نہ ڇڏبو. انهيءَ ڌاڙيل کي بہ نہ ڇڏبو جو غريب سنڌيءَ کي پنهنجو نشانو يا شڪار ٿو بنائي. اهڙي ڌاڙيل کي بہ خون ڪبو ۽ ڌاڙيلن جي ڪارروائين کي هٿياربند سياست ۾ بدلائبو. انهن ڳالهين جو پرچار بين ڌاڙيلن کي بہ ڪبو. اهي ڳالهيون تہ اول بہ مان توکي تاڪيد سان چوندي رهي آهيان. پوءِ ڇا ٿا چئو؟“

”منظور!“

”منظور!“

ٻنهي جا ٽهڪ گونجڻ لڳا.

”پر پنهنجي شادي؟“ اوچتو سپيءَ سوال ڪيو.

”صبح جو سج اُڀرڻ کان اڳ ٿي ويندي. منهنجا ماڻهو مُلو وٺي ايندا. نڪاح پڙهجي ويندو ۽ اسان جا ساٿي اسان کي لائون ڏيندا.“

وري بہ ٽهڪن جي آواز فضا کي ڀري ڇڏيو. ❑

لطيفان

ڇوڪريءَ جي عمر سورنهن سال هئي. سڪئي ڳهر جي هجي ها ته بدن پريل هجيس ها ۽ پريل بدن جون پريل گولايون ۽ پريل اُڀار هجنس ها. هن جو بدن سڪل سڙيل ۽ نبل نستو هو. نه ساماٽائپ واري سونهن، نه جوڀن جي جرڪو. اکيون بي رنگ ۽ منهن رونق کا خالي. ۽ هينئر ته مرڻ جيئڻ جي ڇڪتاڻ ۾ ڦٿڪي پئي. هن اهڙو موتمار قدم ڇو کنيو هو؟

لطيفان ڏاڍي ڇنتا ڀري حالت ۾ اسپتال آندي ويئي. هوءَ آت ڏيئي رهي هئي ۽ پيٽ جي سور کان ليٽڙيون پئي پاتائين. ڊاڪٽر سهاڳ کي هدايو ويو ته هن کي پيشاب ۾ رت اچي رهيو آهي. ڊاڪٽر هن جي چڪاس ڪئي. هن جي اکين ۾ سائي هئي ۽ بيحد ضعيف ٿي ويئي هئي. هن جي منهن مان پيڙا ۽ پيلاڻ سان گڏ معصوميت ۽ بيوسي بکي رهيون هيون.

”ڏاڪدر صاحب! ڇوڪريءَ ساري رات اک نه ھوتي آهي ۽ الٽيون ڪندي رهي آهي ۽ پيٽ ۾ وٽن سبب وتجندي رهي آهي.“ لطيفان جي ماءُ ٻڌائڻ شروع ڪيو.

”ڪجهه ڪاٿو آهي ته اها تڪليف شروع ڪيئن ٿي؟“ ڊاڪٽر دريافت ڪيو.

”ڊاڪٽر سائين ! اها . . . . اها هينئن شروع ٿي،“ وچ ۾ لطيفان ھڪندي چيو. ”اها تڪليف تڏهن شروع ٿي، جڏهن مون فنائيل جون ڪجهه گوريون کائي ڇڏيون. اهي ٺي فنائيل جون گوريون، جي ڇدن جيڏيون ٿينديون آهن ۽ جيتن جٽين کان بچائڻ لاءِ اوني ڪپڙن ۾ رکبيون آهن.“

پيڙا سبب لطيفان جو چهرو ڪاراٽجي ويو. هن جو سڄو سرير ميٽجي ويو ۽ اکيون زورسان بند ڪري، چپ ڀڪوڙي، ٻنهي هٿن سان پنهنجي پيٽ کي ڪٺي دٻايائين.

لطيفان جي ڳالهه ٻڌي، ڊاڪٽر جي بدن ۾ سياٽو پئجي ويو ۽ هنجي زبان چرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو. هن ڇوڪريءَ ڏانهن ڇتائي ڏنو. هن جي چمڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مَرَ جا ته چڙهيل هئا ۽ هن جا ڪپڙا جُهريل، ميرا ۽ گپ هاڻا هئا. هن مان ڏاڍي ڏپ اچي رهي هئي. ڳالهين ڪرڻ جو وقت ڪونه هو. ڊاڪٽر ڪي لطيفان لاءِ پنهنجائيءَ واري همدردي ۽ هن ڪي هر قيمت تي بچائڻ جو جذبو جاڳي پيو.

هو هن ڪي ترت علاج ڏيڻ ۾ جنبي ويو ۽ پنهنجي نائب ڊاڪٽرن کي به لطيفان تي پورو توجهه ڏيڻ لاءِ چيائين. هن ڪي هڪدم سور لاءِ سئي لڳائي ويئي ۽ گلوڪوس جو بوتل چاڙهي ويئي ۽ ٻئي ضروري ذريعا ڪتب آندا ويا.

هن جي ماءُ چنتا ڀري انتظار مان پنهنجي نوجوان ڌيءَ ۽ ڊاڪٽرن کي ڏسندي، گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. هوءَ سفا سنهي سيپڪڙي هئي ۽ پنهنجي عمر کان گهڻو جُهور لڳي رهي هئي. هن جا چپ آهستي آهستي چُري رهيا هئا، شايد ڪا دعا گهري رهي هئي.

ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان جي بستري ڀر سان ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو، ۽ هن کي ڏاڍي پاٻوهه مان تسلي ڏيندو ۽ مرڪ سان همٿائيندو رهيو. هو جڻ ڪجهه ڪجهه ته سمجهي ويو هو، تڏهن به هن کي عجب لڳي رهيو هو ته هيڏڙيءَ عمر ۾، هيءَ معصوم ڇوڪري ڇو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي آهي!

نائب ڊاڪٽرن ۾ به غير سنڌي هئا. هڪ پاڻ ۾ سس پس ڪئي ۽ پوءِ ڊاڪٽر سهاڳ کي چيائون، ”صاحب، هي آپگهات جو ڪيس آهي، هڪدم پوليس کي اطلاع ڪرڻ گهرجي.“

”ها صاحب، بنا دير رپورٽ ڪرڻ گهرجي. هن تي قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي.“ ٻئي ڊاڪٽر پنهنجي هم زبان سان سُرَ ۾ سُرُ ملايو.

وڏا آيا آهن قانون تي هلندڙ شهري . . . . ڊاڪٽر سهاڳ دل ئي دل ۾ چيو، ۽ وڏي آواز ۾ چيائين، ”هينئر ته هن غريب ڇوڪريءَ جو علاج ڪرڻو آهي، هن کي آٿت ڏيڻو آهي ۽ هن جي حياتي بچائڻي آهي. پوليس کي ٻڌائڻ سان ڪو هن جي مائٽن جو ڀلو ڪونه ٿيندو ۽ نه هن خاندان جي اقتصادي حالت ۾ ڪو ڦيرو ايندو. ٻر پوليس کي رپورٽ ڪرڻ جي ڪالم ُپري به مان ڪريان ٿو. مان هٿون هٿ ٽاٽي ڏي ليٽر موڪليان ٿو.“

پوليس جو ماڻهو آيو. ڊاڪٽر سهاڳ هن کي ٻڌايو ۽ سرٽيفڪيٽ لکي ڏنو ته لطيفان غلطيءَ سان غلط دوا کاڌي هئي. پوليس واري به مريض ۽ مريض جي ماءُ کي ڏٺو ۽ هن جا فقيراڻا حال افعال ڏٺا ۽ شايد کنهن اپراسي جي اميد نظر نه آيس ۽ کنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا غير ضروري سمجهي، واپس هليو ويو.

زهر لطيفان جي جيري ۽ ٻڪين تي چڱو خاصو خراب اثر ڪيو هو. هن کي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو.

ڊاڪٽر دل من سان پرگهور لهي، لطيفان کي صحتياب ڪرڻ جا جتن ڪندو رهيو. هو ڏهاڙي هن جي چڱيءَ طرح چڪاس ڪندو هو، هن کان حال احوال وٺندو هو ۽ ڪجهه وقت هن سان ڪچهري ڪري هن کي وندرائيندو هو، هن جي دل جوئي ڪندو هو ۽ هن کي دلجاءِ ڏيندو هو. هن کي ڪلائڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ پاڻ ڳالهه ڳالهه تي زور سان ٽهڪ ڏيندو هو. ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته هو شعوري طرح لطيفان ۾ زندهه رهڻ جو چاهه پيدا ڪري رهيو هو.

هڪڙي دفعي لطيفان وٽ ويٺو هو ته هڪڙي نرس- اسٽوڊنٽ، هن جو ٽيمپريچر ڏسڻ آئي. هوءَ ڏاڍي تڙي ڪڙي، هشاش بشاش، سهڻي، صحتمند ۽ ڳاڙهي ڳٽول هئي.

ڊاڪٽر لطيفان کي چيو، ”ڏس هيءَ نرس ڪيتري نه من موهڻي آهي. هن جي عمر به تو جيتري آهي. تازو مئٽرڪ پاس ڪئي اٿائين ۽ هتي نرسنگ جو ڪورس ڪرڻ آئي آهي. تون به صحت قائم رکڻ ۽ سنڀال ڪرڻ سان اهڙي خوبصورت، تازگيءَ سان ڀرپور ۽ ڳاڙهي ڳٽول ٿي ويندينءَ.“

اهو ٻڌي، لطيفان مرڪي ۽ شرمائجي ويئي. اسٽوڊنٽ- نرس به مرڪيو ۽ ڊاڪٽر ڏي مهڙ ڪري چيائين، ”ٿئنڪ يو، ڊاڪٽر!“

ڊاڪٽر، لطيفان جي کاڌي پيتي جي باري ۾ به اسپتال وارن کي خاص هدايتون ڏيندو هو. هو پنهنجي طرفان به اڪثر لطيفان لاءِ ڪير، ميوو ۽ ٻيون کائڻ جون وٿون آڻيندو هو.

بيماري گهٽجندي ويئي. لطيفان جي منهن تي رونق اچڻ لڳي. هن جو بدن ڪي قدر ڀرجڻ لڳو. هوءَ خوش رهڻ ۽ آسپاس ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي.

هن کي هاڻي طاقت جي دوائن جو به چڱو وزن ملڻ لڳو.

لطيفان جي گفتگوءَ مان، ڊاڪٽر کي هن جي گهر وارن ۽ گهر وارن جي گهٽن ٿي واقعن بابت واقفيت ملي چڪي هئي.

هو پيڙهين کان حيدر آباد کان ڏهن ميلن جي پنڌ تي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. لطيفان جو پيءُ پنهنجن ابن ڏاڏن وارو ڪنيار ڪو ڏنڊو ڪندو هو. آويءَ ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ پچائيندو هو. ڪن ڳوٺاڻن کي آهت تي ڏيندو هو، جي فصل لهڻ تي ڳوڻ اڌ ان ڏيندا هئا. ٻين کان هن کي روڪ پئسا ملندا هئا. وقت گذرڻ سان نِڪر جي ٿانونَ جو واهپو گهٽجڻ لڳو. هن ڪنير جو گذر سفر ڏکيو ٿيڻ لڳو. ٻارنَ جو تعداد وڌڻ تي، نوبت ڪيئي ويلا بکيو رهڻ تي اچي پهتي. ان کان چونڪاري جو رستو، هن کي ڳوٺ ڇڏڻ ۾ نظر آيو. هو پنهنجو ٻَهر ڪهاٽ وڪڻي، حيدرآباد ۾ لڏي آيو. هڪڙي ڪچي آباديءَ ۾ مسواڙ تي جاء هٿ ڪيائين. گذران لاءِ ڪاٺ جو گاڏو خريد ڪيائين. ان تي ٻارنِ جا پلاسٽڪ جا رانديڪا، پلاسٽڪ جا ننڍا ٿانوَ ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون شيون رکي، شهر جي گهٽين ۾ هوڪا ڏيئي ڦيري ڏيندو هو. پهرين ته ان مان ماني ٽڪر تي ويندو هو، پر وقت گذرڻ سان ۽ ٻارن جو تعداد وڌڻ ۽ مهانگائي چوٽ چڙهڻ ڪري، ڪيئي ويلا ڪنوَ ۽ دانگي چلهه تي چڙهڻ کان رهجي وڃڻ لڳا.

" اما پوري باقاعدگيءَ سان هر سال هڪ ٻار ڄڻيندي رهي. اسين نوَ ڀائر ۽ ڀينر آهيون. مان سيني کان وڏي آهيان. صبح جو بابو خالي پيٽ گاڏو ڪاهي، ڦيري ڏيڻ نڪرندو هو ۽ اسين ٻيا گهر جا ڀاتي سڄو ڏينهن خالي پيٽ تي سانجهيءَ جو انتظار ڪندا هئاسين، ته بابو ڪمائي ڪجهه ڳنڍڻ آڻي ته پچائي پيٽ جي باهه کي ڪجهه ٺاريون." لطيفان چيو.

"شهر ۾ ويٺا آهيو، توهان ڀائر ڀينرون اسڪول پڙهڻ ڪونه ويو؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"پيٽ جي پورت ٿي ڪانه هئي ته پڙهڻ جو بندوبست ڪٿان ٿيندو. منهنجي ڪيتري نه دل چوندي هئي ۽ چوندي آهي ته مان ٻين ڇوڪرين وانگر اسڪول وڃان، هنن وانگر سٺا سٺا ڪپڙا پايان، هنن وانگر پيٽ ڀري کائوان." لطفيان وراڻيو.

"توهانجو گهر ڪٿي آهي؟"

"گاڏي ڪاتي واري ڪچي آباديءَ ۾"

ڪجهه ڪچين ڪجهه پڪين سرن جي هڪ ٻي اونداهي ڪوٺي آهي. ان کي نہ دري آهي ۽ نہ روشندان، ان جو فرش ڪچو آهي. مينهن پوندو آهي تہ پاڻي اندر ڪاهي پوندو آهي ۽ ڇت ٽمڻ لڳندي آهي، ۽ ڪيچڙ ۽ گپ جو گٽر بڻجي پوندو آهي، گهر ڪان ٿورو پريرو هٽ سان هلائڻ وارو نلڪو آهي. اتان پاڻي ڀري ايندا آهيون، پر وهنجڻ جاءِ ڪانهي. ان مقصد لاءِ ان رهڻ واري ڪوٺيءَ جي هڪڙي ڪنڊ ۾، پراڻين ڦاٽلن رلين جو نالي ماتر پردو ڏيئي ڇڏيو اٿئون ۽ ضرور حاجتن لاءِ ٻير وارين ڪڏن ۽ ٻنين ۾ اڪثر ڪري اونده وقت وڃڻو پوندو آهي. ڪاڏو پڪو بہ . . . ان ڪوٺيءَ ۾ ڪرڻو پوي ٿو، جنهن ڪري دونهين ۾ دم گهٽبو آهي ۽ اکيون سڄي پونديون آهن."

ڊاڪٽر ان گهر جي مسواڙ جو پڇيو تہ لطيفان جواب ڏنو، "ان گهر جي، جنهن ۾ بجلي بہ ڪانهي، ماهوار مسواڙ بہ سؤ رپيا آهي. جڏهن بابي کي گوليون هڻي ماريو ويو هو، ان وقت اسان ڏي مالڪ جي ڇهن مهينن جي مسواڙ رهيل هئي."

"تنهنجو بابا جڙيو نہ آهي؟ ۽ هن کي گوليون هڻي ماريو ويو هو؟ ڪڏهن ۽ ڇو؟" ڊاڪٽر اڻ تڻ مان پڇيو.

ڇهه مهينا اڳ، هن شهر ۾ جيڪي نسلي هنگاما ٿيا هئا ۽ پناهيگرن اوچتو ٻي هٿيار سنڌين تي حملا ڪيا ۽ هن جي ملڪيتن جي ٻيج ڊاهه ڪئي هئي، ان وقت لطيفان جو پيءُ شهر ۾ گاڏي تي ڦيري ڏيئي رهيو هو. ماڻهن ۽ گاڏين کي ڀڄندو ڏسي ۽ گولين چلڻ ۽ ڌماڪن جا آواز ٻڌي، هو بہ تڪڙو تڪڙو گهر طرف وڃڻ لڳو. سندس وڏو پٽ جو ٻارهن سالن جو آهي، سو بہ هن سان گڏ هو. رستي تي چار پنج پناهگير شودا هن کي ڦري آيا. هنن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف ۽ پستل هئا. لطيفان جو پيءُ پوڙهو ۽ ڪمزور هو. هن وٽ ڪو هٿيار بہ ڪونہ هو.

هن ڏانهن هٿيار تاڻي، هنن سوالن جو وسڪارو ڪيو، ڪير آهين؟"

هڪڙي غنڊي پڇيو.

"مهاجر آهين يا سنڌي؟" ٻئي غنڊي پڇيو.

”جيئي مهاجر جو نعرو هڻ.“ ٽئين غنڊي چيو.
”ڳالهائين ڇو نه ٿو؟“ چوٿين غنڊي پڇيو.
”ڇو ٿا اهي سوال پڇو؟“ لطيفان جي پوڙهي پيءُ جو همت ڀريو آواز اڀريو.

. . . . ٺر ٺر ٺر ٺر . . . . ڪلاشنڪوف جو برسٽ ڇٽو ۽ پوڙهو پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪريو ۽ ٿڌو ٿي ويو.

هن جو پٽ، جو سائنس هو، تنهن کي ڇڪڻ جو وجهه ملي ويو ۽ هو گهٽين مان ڊڪندو اچي گهر پهتو ۽ پيءُ جي باري ۾ وحشتناڪ خبر ٻڌايائين.

سنڌ قومي اتحاد وارا لطيفان جن وٽ آيا ۽ هن کي عملي همدردي ڏيکاريائون. هن کي پنج هزار رپيا امداد طور به ڏنائون. هن اهو به ٻڌو ته هنگامن ۾ قتل ٿيل هر شخص کي سرڪار پنهنجاهه هزار ڏيٽا ڪيا آهن. هن جي گهر ۾ ڪو مرد ماڻهو ڪونه هو، جو ان مامري جي پوئواري ڪري، سرڪار کي مارجي ويل جي پوليس رپورٽ، پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ ٻيا ڪاغذ گهربل هئا ۽ ٻي آفيسن جي کِهلَ بازيءَ کي منهن ڏيڻو هو. ان ڪري اڄ ڏينهن تائين ڪجهه ڪونه ٿيو هو.

غنڊن هن جي پيءُ کي مارڻ کانپوءِ هن جو گاڏو اونڌو ڪري، ان کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو هو. لطيفان وارن سنڌ قومي اتحاد وٽان مليل پئسن مان ٻيو گاڏو ورتو، ۽ رهيل مسواڙون ڀياريون.

لطيفان جو وڏو ڀاءُ، جو ٻارهن تيرهن سالن جو آهي، سو ساڳيون پيءُ واريون شيون گاڏي تي رکي وڪڻندو آهي. هو جدا جدا گهٽين ۾ ڦيري نه ڏيندو آهي، پر پنهنجي گهر سامهو رستي تي هڪ هنڌ گاڏو بيهاري، ڪجهه نه ڪجهه اپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ڳالهين مان ڊاڪٽر سهاڳ کي، لطيفان ذهين لڳي هئي ۽ هن کي ڄاڻ هئي ته ذهين انسان حساس ۽ دلير ٿيندو آهي. شايد ننڍي ڄمار ۽ ناتجربيڪاريءَ ڪري هن کي مايوسي ٿي هئي.

”پر به تو هي موتمار قدم ڇو کنيو؟“ هڪ ڀيري، ڊاڪٽر هن کان پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سڄي عمر فاقن ۾ محروميءَ ۾ گذري هئي. نہ مٽ نہ مائٽ، نہ ساٿي نہ سڄڻ. ڪا واهہ نہ نظر ڪانہ ٿي آئي. برداشت جي حد ٿي چڪي هئي. سوچي سوچي دماغ خراب ٿي پيو هو ۽ سمجهيم تہ هاڻي چري ٿي پوينديس. هونءَ بہ ڏينهن ۾ هڪ ويلو نصيب ٿيندو هو، سو بہ اڌورو ۽ اڻپورو. ان ڏينهن ڪان ٽي ڏينهن اڳ، پناهگير شودا رستي تان پستولن سان هوائي فائر ڪندا آيا. ماڻهن دڪان بند ڪري ڇڏيا ۽ گهرن ۾ وڃي لڪا. منهنجو ياءُ بہ گاڏو ڇڏي اچ گهر ۾ بند ٿيو. پٺيان شودا گاڏو ڪاهي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويا. سو ٽن ڏينهن کان اسانجي گهر جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ کي پيٽ ۾ هڪڙو داڻو بہ نہ پيو هو. مان پاڻ کي وڌيڪ روڪي نہ سگهيس ۽ پنهنجو انت آڻڻ لاءِ فنائيل جون گوريون ڦڪي ڇڏيم."

"اهي گوليون توهان گهر ۾ استعمال ڪندا آهيو ڇا؟"

"اسان وٽ ڪتان آيا اوني ڪپڙا.

بابو يا ياءُ جيڪي شيون گاڏي تي وڪڻندا هئا، تن ۾ فنائيل جو گوليون بہ هونديون هيون. انهن شين مان ڪجهہ شيون گهر جي هڪڙي ڪنڊ ۾ رکيل کوکي ۾ پيون هونديون هيون. انهن ۾ اهي گوليون بہ هيون."

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان کي هڪڙي تجويز ڏني. مون وٽ تو لاءِ هڪ تجويز آهي. خبر ناهي تون مڃيندينءَ الائي نہ؟"

لطيفان هن جي مهربان ۽ مرڪندڙ مک ڏي نهارڻ لڳي.

"مان چاهيان ٿو تہ توکي سلائيءَ جي مشين وٺي ڏيان، جيئن تون اوڙي پاڙي جي سلائيءَ جو ڪم ڪري، پنهنجي گهر وارن جو خرچ هلائي سگهين."

"پر سلائي نہ مونکي اچي ۽ نہ منهنجي ماءُ کي."

"ان لاءِ بہ مون سوچيو آهي تہ سلائي سيکارڻ واري ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺ، توکي فقط هڪ مهينو اها سکيا وٺڻي پوندي ۽ اسڪول جي في بہ مان پاڻ ڀريندس."

هوءَ ڪافي دير ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويئي.

"مان اول ئي توهانجي الاهي احسانن جي بار هيٺ آهيان، توهان تي وڌيڪ بار وجهڻ مناسب ناهي."

"پيءُ جو به ڪو ڏيءُ تي احسان ٿيندو آهي ڇا؟ پيءُ جو به ڪو ڏيءُ تي بار ٿيندو آهي ڇا؟ تون به ته منهنجي ڌيءُ آهين."

"پر مان اهڙي خود مطلب نه ٿينديس. توهان کي وعدو ڪرڻو پوندو ته توهين اهي پئسا مون کان واپس ضرور وٺندا. پوءِ ڪٽي مونکي ان ۾ دير ٿي وڃي يا قسطن ۾ ڏيان. مان واعدو ٿي ڪريان ته سلائيءَ جي ڪم ۾ ڏاڍي محنت ڪنديس، ضرورت پئي ته چويهه ئي ڪلاڪ پورهيو ڪنديس." لطيفان جي گفتگوءَ مان خود اعتمادي، زندگيءَ سان چاهه ۽ جيئڻ جو نئون اتساهه ڇلڪي رهيو هو.

"جي تو ايڏي محنت ڪئي ته تون پنهجن ڀائرن ۽ ڀينرن کي اسڪول به موڪلي سگهندينءَ. مون اڄا به هيو سوچيو آهي ته مان تنهنجي پيءُ جي سلسلي ۾ سرڪار جا آڇيل پنجاهه هزار رپيا پڻ ڏياريندس. مان سڀ لاڳاپيل ڪاغذ هٿ ڪندس، هنگامن ۾ ستايل سنڌين جو امداد لاءِ سنڌي وڪيلن جي ڪاميٽيءَ وٽ به ويندس ۽ سنڌ قومي اتحاد وارن جو به سهڪار حاصل ڪندس ۽ هيو به هر حيلو هلائيندس. اهو توهانجو حق آهي ۽ مون کي اعتماد آهي ته اهو توهان کي ملي ويندو. پوءِ توهان پنهنجي لاءِ ڪو بهتر گهر به وٺي سگهندا."

ڊاڪٽر ماٺ ٿي ويو. هن کي دل ۾ ويچار آيو ته هي هيترين تجويزون ۽ سٽاءَ جيڪي لطيفان کي ٻڌايا اٿم، سي سپنو ئي رهندا يا ساڀيا جو روپ به وٺندا.

لطيفان به نظر هيٺ ڪري ماٺ ٿي ويئي. هن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون.

"پر بابا، توهان پنهنجن پئسن وڃڻ جي ته ڳالهه ئي ڪانه ڪئي."

"مان پنهنجي ڌيءُ کي ڪيئن تو احسان جتائي سگهان. جڏهن ڪو احسان ئي ڪونهي ته وڌيڪ ڳالهائي منهنجي دل کي رنج نه ڪر."

لطيفان روئي ڏنو ۽ ڪو وقت رئندي رهي. ❑

پهاڙن ۾ واردات

چار ڇٽيون، چار ڇوڪريون، چار مائٽياٽيون، چار ساهيڙيون، چار ڳوناٽيون، چار جوانڙيون، چار ڪنواريون، چار البيليون، چار چلوليون، خالي ماحول ۽ کليل فضا ۾ ٽهڪن جا رديف ۽ قافيا گونجائيندڙيون، ڪائنات کي زندگي بخشيندڙيون، پهاڙي پيچري تي هلي رهيون هيون.

"اڙي!......" بانوريءَ اوچتو رڙ ڪري چيو ۽ بيهي رهي.

ٻيون به بيهي رهيون.

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟"

"مون کان دِلا ڪٽڻ ته وسري ويا!" بانوريءَ چيو.

ٻين ٽنهي کي به ٻه دِلا ساڻ هئا.

"مڙئي خير آ، تو پاڻي نه آندو ته توتي ميار ڪانهي، نيٺ به ته تون مهمان آهين."

"اڙي واهه، اڄ مان ڇا ۾ اچي مهمان ٿيس. مان به توهان جهڙي سٽر وٽر ۽ سگهاري آهيان ۽ سدائين توهان سان توهان وانگر ٻه دِلا ڀري کڻي ايندي آهيان، ڪڏهن به رکيا هيم، پر نڪرڻ وقت کڻڻ وسري ويا. توهان هتي بيهو، مان اجهو ٿي کڻي اچان" بانوريءَ چيو ۽ ڳوٺ ڏانهن ڀڄڻ لڳي.

هوءَ اهڙي البيلائيءَ، معصوميت ۽ خوشيءَ مان ٽپا ڏيندي ٿي ويئي، جو اهو خيال ٿي آيو ته شاهه لطيف کي اهڙو ڏيک ڏسي ئي "ڇوريءَ ڏنا ڇال" جو محاورو ذهن ۾ اڀريو هوندو. هو ڳوٺ کان سڏ کن پري پنڌ ڪري آيون هيون. بانوريءَ موٽڻ ۾ دير ڪانه ڪئي. سيئي گڏجي اڳتي وڌيون.

هيءَ هڪ پهاڙن جي وچ ۾ ڏهن ٻارهن گهرن جو ڳوٺ هو. سڀ رهاڪو هڪ ذات ۽ هڪ اَڪهه جا هئا. برسات ڪانه پئي هئي. ان ڪري هنن کي رڌ پچاءَ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي واسطي به پنج ميل پري هڪڙي چشمي تي وڃڻو پوندو هو.

چوڪريون ڳالهائينديون ۽ کلنديون، پيچري تي هلنديون رهيون. پيچرو ڪڏهن ٽڪرن جي وچ مان ٿي هليو، ڪڏهن ٽڪري تي ٿي چڙهيو، ڪڏهن ڪڏن کي ٿي پار ڪيائين. مينهن نه پوڻ ڪري ڪٿي ڪٿي سڪل ۽ ڪٽل ٻوٽن ۽ ڏڀن جا ٽڪرا هئا. ڪٿي ڪو اڪ ساڻو جهنگلي وڻ به نظر آيو ٿي.

هيون ته چارئي چوڪريون مضبوط ۽ نِهري هڏ ڪاٺ واريون ۽ هنن جي پوشاڪ به پهاڙي عورتن واري هئي، پر بانوريءَ جي چنڊ ڦوڪ، بدن جي ناهه نوهه ۽ هلت چلت مان اهو پروڙڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ته هن کي شهر جو واءُ لڳل آهي.

بانوريءَ کي ٻيون به ٽي ڀينر ۽ ٻه ڀائر هئا. هن جي چاچي ۽ چاچيءَ کي، شاديءَ جي ويهن سالن کانپوءِ به ڪو ٻار ڪونه ٿيو هو. هن پنهنجي ڀاءُ يعني بانوريءَ جي پيءُ کان بانوريءَ کي پنهنجي ڌيءُ ڪري پالڻ لاءِ ورتي هئي. ان وقت بانوريءَ جي عمر ٻه سال هئي. بانوريءَ جو چاچو ضلعي واري شهر ۾ هاءِ اسڪول ۾ ماستر هو. ماستر توڙي سندس جوءِ، اولاد جا ڏاڍا سڪايل هئا. هنن ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ لاڏ ڪوڏ سان، بانوريءَ جي پالنا ڪئي. هن جي تعليم تي به پورو توجهه ڏنائون، ۽ هن کي آزاديءَ جو قدر ڪرڻ سيکاريائون. هن وقت هوءَ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ نه صرف تعليمي، پر ادبي، بحث مباحثي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندي هئي. هوءَ هن وقت سنڌي عورتن جي هڪ سياسي پارٽيءَ ۾ سرگرم ۽ برجسته ڪارڪن به هئي.

هوءَ پنهنجي پهاڙي ڳوٺ ۾ سال ۾ ڪيئي ڦيرا ايندي هئي ۽ هر ڦيري ڪجهه ڏينهن رهندي هئي. اتي هوءَ سارو وقت عورتن ۽ چوڪرين سان سنڌ جي سماجي ۽ سياسي مسئلن، خاص ڪري سنڌي عورت جي حوالي سان ڳالهائيندي رهندي هئي. انهن ڳوٺاڻين ۾ به انهن مامرن ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي وئي. انهن ۾ قومي ۽ سماجي شعور پيدا ٿيڻ لڳو. هاڻي هو ڪيترائي سماجي ۽ سياسي اصطلاح به سمجهڻ لڳيون هيون.

بانوريءَ سوچيو ته سنڌي وڏيرا، سنڌونديءَ جي پاڻي جو جيڪو ناٽڪ رچائي آيا آهن، اڄ ڀينرن سان ان باري ۾ ڳالهائجي. اسين آهيون به پاڻي جا سڪايل ۽ اڃايل ۽ وڃون به پيون پاڻي ڀرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سنڌ جا وڏيرا سنڌو درياهه جو پاڻي وڪڻي آيا اٿوَ!" بانوريءَ چيو.

"پيڻ، پاڻي به وڪڻبو آهي ڇا. تون به هري دلگير واري ڳالهه پئي ڪرين. تو پاڻ ئي ٻڌايو هو ته هري دلگير پنهنجي ڪتاب "چولو منهنجي چڪ ۾" لکيو آهي ته . . . . . . پارٽ ۾ آيس ته ڏٺم ته هتي پاڻيءَ جو به وڪرو ٿيندو آهي. پنجين يا ڏهين پئسي هڪ گلاس ! پاڻيءَ جو وڪرو به ڪي ماڻهو ڪري سگهندا آهن. اها مون لاءِ نئين ڳالهه هئي ۽ دل ڪي نه آئڙي....."

"ادي، مون کي ته خبر ناهي ته پنجابي درياهن کي پنهنجي ماتا سمجهن ٿا يا نه، جو هنن سنڌ طاس ٺاهه موجب پنهنجا ٽي درياهه وڪڻي ڇڏيا، باقي اسين سنڌي، سنڌو درياهه کي پنهنجي ماتا ڪري مڃيندا آهيون، سي وري ماتا کي ڪيئن وڪڻندا."

"سنڌي وڏيرا، ڪرسيءَ خاطر پنهنجو پاڻ کي به وڪڻندا رهيا آهن." بانوريءَ وراڻيو.

"ڪن وڏيرن جا دسترخوان ڏاڍا نالي وارا آهن، اصل ملڪان ملڪ مشهور آهن، مثال طور انهن لاءِ مشهور آهي ته هر ويلي َتي دسترخوان تي جيستائين هنن وٽ ڏهه مهمان موجود نه هوندا، تيستائين هو ماني نه کائيندو ۽ نه ئي ماني وٺندس ۽ اهو به ته دستر خوان تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه طعام موجود هوندا آهن. هاڻي هنن ڊونگين کان ڪير پڇي ته اهو سڄو پورهيو ۽ محنت هاريءَ جي، هر ڪيڙي ۽ ان اپائي هاري، هن جي ڪمائيءَ تي نالو پيو تون پنهنجو ڪڍين، هجئي ڪا خودداري ۽ انسانيت جو ذرو ته پنهنجن بازن سان ڪمائي اهڙيون سخاوتون ڪر ته پوءِ توکي واهه واهه به ڇڄي!"

"ادي، توهان اهو واقعو ته ٻڌو هوندو ته ڪنهن فرينچ راڻيءَ کي ڪنهن عملدار ٻڌايو ته توهانجي بادشاهيءَ ۾ آفريڪا جي فلاڻي ملڪ ۾ ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ ماني ڪانهي، سو پيا ٿا بک مرن. تنهن تي راڻيءَ ٺهه پهه جواب ڏنو ته جي ماني نه اٿن ته ڪيڪ ڇو نه ٿا کائن!"

ٺهڪن جا سريلا ساز چوڌس پکڙجي ويا.

"ها ادي، مون اڃان ڳالهه پوري ڪانه ڪئي. ان طرز تي جڏهن پنجابي سنڌونديءَ جو سارو پاڻي بند ڪري ڇڏيندا ۽ سنڌ ۾ ماڻهن وٽ پيڻ لاءِ به

پاڻي ڪو نہ هوندو ۽ ڪمدار وڏيري کي ٻڌائيندو تہ ماڻهن وٽ پيڻ جو پاڻي بہ ڪونهي تہ وڏيرو وراڻيندس: تہ پوءِ وسڪي (شراب) ڇو نہ ٿا پيئن!"

وري بہ جيون ۽ جوت پريل ٺهڪ ايريا ۾ انهن ٺهڪن جي گهنگهرن، ايڪڙ ٻيڪڙ اڏامندڙ پکين ۾ اهڙي چرپر آڻي ڇڏي، ڄڻ هو انهن گهنگهرن جي لئہ تي اڏامندا هجن.

"سنڌ جا وڏيرا، قومي غيرت کان ايڏو وانجهيل ڇو آهن؟"

"اها هنن جي طبقاتي ضرورت آهي تہ ڪرسيءَ خاطر پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ کي ٽيڻ وال ڪن" بانوريءَ چيو.

"اهڙن کي تہ ٻڏي مرڻ کپي."

"ٻڏي مرڻ لاءِ بہ تہ قومي غيرت جو هجڻ ضروري آهي."

"ائي ادي، مان تہ چوان ٿي تہ ٻڏي مرڻو اٿن تہ جلدي ڪن، جي پنجابين مٿان بند ٻڌي پاڻي روڪي ڇڏيو تہ پوءِ هتي ٻڏڻ جيترو پاڻي بہ ملي ڪونہ سگهندن!"

ان تي هنن جي کلڻ ۽ ٺهڪن جا پڙاڏن ٽڪرين سان ٽڪرائجي اهڙا سريلا آواز پيدا ڪيا ڄڻ تہ صدين کان ٽڪرين جي ڇاتين ۾ قاتل نغما، ٽڪرين کي ڦاڙي نڪتا هئا ۽ سڄي وايو منڊل ۾ ڦهلجي ويا هئا.

" ڪيتري عرصي کان ڏهاڙي سنڌي اخبارن جي صحفن تي عالمي ۽ ملڪي محققن، ماهرن، سائنسدانن، انجنيئرن، تاريخدانن، جاگرافي ۽ بائيلاجيءَ جي ڄاڻن، ڪميشنن ۽ ڪاميٽين جو هن ملڪ جي درياهن جي پاڻيءَ جي ورڇ جي باري ۾ ٺاهه، رپورٽون دستاويز، حوالا، تحقيقات، فيصلا، سائنسي معاهدا، ثابتيون، انساني دليل، تاريخي شاهديون ۽ سرڪاري فائينل پٽي شايع ڪيا آهن، پر انهن جو ڪو اثر ڪونہ ٿو نڪري. پنجاب پاڻ کي سامراج ۽ سنڌ کي غلام بينڪيت جي حيثيت ڏيو ويٺو آهي. سامراج، غلامن جي انهن اخباري ڪاوشن کي نہ پڙهندو آهي، پر هن کي عوام جي عملي طاقت ئي پنهنجو دماغ درست ڪرڻ تي مجبوري ڪندي آهي. سامراج رڳو وڏيرن جي چوڻ تي غلامن کي حق نہ ڏيندو آهي، البت ٿوري گهڻي خيرات ڏيندو آهي. جنهن کي وڏيرو وڏي مڪاريءَ سان عوام کي حق جي چوغي ۾ پيش ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ناڪام جتن ڪندو آهي. جيئن هينئر پاڻيءَ جي ورڇ جي معاملي ۾ ٿي رهيو آهي." بانوري وري چيو.

"سنڌ سان پاڻيءَ جي مسئلي ۾ ٿيل ظاهر ظهور بي انصافيءَ جي باري ۾ سياسي پارٽين، سياسي اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن جي بيانن سان اخبارون پُريون پيون آهن. سنڌي عوام انهن جي اهڙين زباني لپاڙن کان بيزار ٿي پيو آهي. هنن ۾ جي ٿوري به سچائي آهي ته هنن کي ڪجهه ته عملي قدم کڻن. مثال طور عوام کي تيار ڪري هنن جو گهيرو ڪجي ۽ ايستائين نه ڇڏجي جيستائين هو پنهنجي ڪرسي نه ڇڏين." بانوريءَ وري چيو.

ان وقت پر واري پهاڙيءَ پٺيان هڪڙو همراه ظاهر ٿيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو ڇوڪرين طرف اچڻ لڳو. ويجهو پهتو ته هنن سڃاتو ته اهو جوان سندن ئي ڳوٺ جو ۽ سندن ئي برادريءَ جو هو. تيز هلڻ ڪري هو سهڪي رهيو هو.

چيائين: "تر جا ڀ ئي ماڻهو واٽ تي ملير. هنن ٻڌايو ته رينجرس جا اٺ ڏهه سپاهي ڌاڙيلن جي تلاش ۾ هن پاسي آيا آهن، ۽ جنهن چشمي تان توهان پاڻي ڀرڻ ٿيون وڃو، ان وٽ اچي ڪئمپ لڳائي اٿن. سو ڀينر، توهانجو اوڏانهن وڃڻ ٺيڪ نه ٿيندو....

هو لٽيرا، بدمعاش ۽ بزدل ٿيندا آهن، ڌاڙيلن سان مقابلو ڪرڻ جي همت ته ڪانه ٿيندي اٿن، باقي بي ڏوهي ۽ بي هٿيار ڳوٺاڻن کي ڦريندا ۽ ماريندا آهن ۽ عورتن جي بي حرمتي ڪندا آهن، ۽ مسڪين ۽ اڻوجهه ماروئڙن کي گرفتار ڪري ٻڌي ويندا آهن ۽ ظاهر ڪندا آهن ته هو ڌاڙيل آهن، يا ته هو مرڳوئي هنن کي گولين جو شڪار بنائي هام هڻندا آهن ته هو ڌاڙيل هئا ۽ پوءِ انعام اڪرام حاصل ڪندا آهن... سو هن ويل چشمي تي وڃڻ ٺيڪ نه آهي..."

ڇوڪريون به سڀ ماٺ ٿي ويون ۽ سوچڻ لڳيون. سچ ايرئي ڪان به اڳ هو پاڻي ڀرڻ لاءِ گهران نڪتيون هيون، پاڻي ڀري مس اهڙي مهل واپس گهر پهچنديون، جو منجهند جي ماني پچائڻ جي تياري ٿي سگهي. ان تياريءَ لاءِ هنن جو پاڻي پهچائڻ ضروري هو. پاڻيءَ جا ٻيا به ڪي تلاءَ هئا، پر انهن جو پاڻي بيٺل ڪنو هو، ۽ اهي تلاءَ اجان به وڌيڪ پري ۽ ابتي طرف هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيستائين تہ سچ بہ لهي ويندو. بانوريءَ سوچيو تہ هنن وڏيرن ۽ سندن پنجابي آقائن کي سنڌ جي ڪوهستان، ڪاڇي ۽ ٿر جو خيال ڪونہ ٿو اچي، جتي انسانن جي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي ڪونهي، جو اتي بند ٻڌائي پاڻيءَ جو ذخيرو ڪن يا واهہ ۽ ڪئنال کڻي پاڻي پهچائن!/

بانوريءَ ويچاريو تہ اسان جي ٿر جي انسانن، جانورن ۽ پيڙن ساهوارن جو وري بہ هن چشمي ڪري بچاءُ آهي، پوءِ ڪٿي پاڻيءَ جي هڪ دلي خاطر اسان کي پنج ميل پهاڙي پنڌ ۾ گهٽو پوي ٿو، پر اسان کان چاليهہ پنجاهہ ڪوهن تي اتر اوپر واري ڪوهستاني علائقي ۾ اهڙيون ڦهري ۽ ڏڪطي حالتون جو ماڻهن وٽ ٻارڙن کي پيارڻ لاءِ بہ پاڻيءَ ڦڙو ڪونهي. جتي ڪٿي جانور مئا پيا آهن ۽ انهن مٿان ڳجهون ڳاهٽ ٿيون ويٺيون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي جبلن جي وچ ۾ جانورن جا هڏاوان پڃرا پيا آهن. پورو علائقو مئل جانورن جي ڏپ سان ڀريل آهي، آسمان تي ڳجهون لامارا پيون ڏين ۽ ڪوبہ پکي پکڻ نظر ڪونہ ٿو اچي. ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ رهيو آهي ۽ هو گاهہ ۽ سڪل ڪائيون پيا کائين، ۽ ڪيترين بيمارين اچي منهن ڪڍيو آهي ۽ ماڻهو بک ۽ بيماريءَ ڪري ٻڌي حساب سان پيا مرن. آهي ڪو انهن جو ڪنهن کي اونو؟......

بانوريءَ ويچاريو تہ پاڻي تہ ضرور پرڻو آهي. اهو تہ اسان جي جياپي جي ضرورت آهي. يا تہ هن همراهہ کي ساڻ ڪري وٺي وڃجي، جي اهي بدمعاش سپاهي هن کي ڏاڙيل ڪري گرفتار ڪري ويهارين. هو آهي بہ بي هٿيار. هن پنهنجي ٻروچڪي ڊکهي ۽ ڍلي گهاگهري جي اکيچار گهيرن ۾ گهنجن هيٺان لڪل پنهنجي پستول کي هٿ لائي، ان جي موجودگيءَ جي پڪ ڪئي، گهڙا بہ هٿيارن جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا. چيڙ ڇاڙ ڪرڻ لاءِ ويجهو ايندڙ بدمعاشن جا مغز ڦاڙي سگهن ٿا.

سيئي پٽرائين پٽ تي ٿي ويٺيون ۽ گهڙا ڪري پير ۾ رکين، ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳيون.

”منهنجو خيال آهي تہ پاڻ گهر موٽي هلون ۽ مردن کي موڪليون تہ اچي پاڻي ڀري وڃن.“

”۽ پاڻ سان هٿيار بہ کنيون اچن.“

”ڀرين ڳالهہ تہ هن وقت مرد پنهنجي پنهنجي ڪم تي گهر مان

نڪري ويا هوندا، پيو ته نالائق هئن وٽ هٿيار ڏسي ڇتا ٿي پوندا ۽ هئن سان الائي ڪهڙيون جنيون ڪندا." بانوريءَ چيو.

سڀ منجهيل نظر آيون.

ائين ئي هئڻ جي نظر پريان هڪ ٽولي تي پئجي ويئي. هو ايترو پري به ڪونه هئا، پر ايترو ويجهو هئا جو هو اندازو ڪري ٿي سگهيون ته هو نوجوان ڇوڪرا هئا ۽ سنڌي هئا. ۽ هئن مان گهڻن جي پٺين تي ڏکيا ٿيلها ڪنيل هئا. شايد هو پڪنڪ ڪرڻ آيا هئا.

حقيقت ۾ جتان هي ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ وينديون هيون، اها پڪنڪ ڪرڻ جهڙي جڳهه هئي. ڪڏهن ڪڏهن خاص ڪري شاگرد اُتي سير ۽ وندر لاءِ پيا ايندا هئا. جبل مان چشمي جو صاف شفاف پاڻي نڪرڻ جو نظارو ڏاڍو دل کي وڻندڙ ۽ نظرن کي اڙائيندڙ هو. چشمي جو پاڻي جنهن هيٺاهينءَ ۾ ڪرندو هو. اُتي هڪ ننڍي ڍنڍ ٺهي وئي هئي ۽ ان ڍنڍ جو پاڻي واٽر ڪورس جيڏي واهه ۾ پوندو هو ۽ اهو واٽر ڪورس ڇڱو ڊگهو هو ۽ ڪافي پريرو ئي وهندو هو. ان جي آسپاس ڇگا ساوا ساوا ڪيت ۽ فصل هئا. پاڻيءَ جي دائمي موجودگيءَ ۽ وهڪري ڪري آسپاس پهاڙين تي ساوڪ هئي، وٽڪار هئي، ڪيترائي چانو ڪندڙ وڻ هئا. جدا جدا رنگن جون وليون هيون ۽ ٻوٽا هئا، مختلف رنگن جا دل لڀائيندڙ گل هئا. پکين جا ولر پيا اڏامندا هئا يا ڍنڍ مان پاڻي پيئندا هئا، ڍنڍ جي شفاف پاڻيءَ منجهان مڇيون ترنديون نظر اينديون هيون. هاري ناري پنهنجن ڍڳن ڍورن کي اچي اتان پاڻي پياريندا هئا، جابلو مايون ۽ مرد پاڻي ڀرڻ پيا ايندا هئا، انهن ۾ ڪي ڪي ته ڏاڍيون سهڻيون ڇوڪريون هونديون هيون. اهڙو ته مست ڪندڙ ڏيک هوندو هو، جو ڀانئبو هو ته ڄڻ سوات واديءَ جو سوات نديءَ سميت ڪو ٽڪرو ڪوري ڪڍي اچي هتي رکيو ويو هو....

پر پڪنڪ لاءِ اچڻ وارا شاگرد ته بس ۾ ايندا آهن ۽ هئن سان اڪثر شاگرديائڻيون به هونديون آهن. پر هي ڇوڪرا ته پنڌ ئي پنڌ پيا وڃن ۽ رخ به چشمي واري هنڌ ڏانهن نه اٿن.

ٻين کي ٻڌائڻ يا ٻين کان پڇڻ ڪانسواءِ،بانوري اوچتو اُٿي ڪڙي ٿي، ۽ وڏيون وکون ڪنندي،ڇوڪرن جي ان ٽولي طرف ڀڄڻ لڳي. اڳيرو وڃي هئن

سڄي ٻانهن مٿي هوا ۾ ايئن ڪئي ۽ اها لوڏي اشارا ڪرڻ سان ڳڻ، بلند آواز ۾ ” او پائو!.... او پائو! .... او پائو“ جون رڙيون به ڪرڻ لڳي ۽ ڊڪندي به رهي.

ڇوڪرن هڪ ٻيرو هنن ڪي ويڙل ڏنو هو، پر وڏيڪ ڏيان ڪونه ڏنو هو ۽ پنهنجي منزل طرف هلندا ٿي ويا. هو ڏهه ڇوڪرا هئا، هينئر جو بانوريءَ کي پاڻ ڏانهن ڊوڙندي ۽ بيهڻ لاءِ اشارا ڪندي ڏٺائون ته هو حيران ٿي ويا ۽ بيهي به رهيا ۽ هڪ ٻئي ڏي نهارڻ به لڳا. پوءِ پاڻ به ڇوڪريءَ کي ويجهو ٿيڻ لاءِ هن ڏانهن هلڻ شروع ڪيائون.

جڏهن هڪٻئي جي سامهون پهتا ته بانوري سڄي پگهرجي ويئي هئي ۽ زور زور سان سهڪي رهي هئي. ڇوڪرن هن کي وقت ڏنو ته پلي هوءَ ساهه پٽي ۽ سامت ۾ اچي.

بانوريءَ پهرين سڀ ٿي هنن کي ٻڌايو ته مان فلاڻي ڪاليج جي شاگردياڻي ۽ عورتن جي فلاڻي سياسي پارٽيءَ جي سرگرم ڪارڪن آهيان. ڇوڪرن به هن کي آڳت ڏنو ته اسين اهڙي سياسي پارٽيءَ جا ڪارڪن آهيون، جنهن جو مول مقصد آهي سنڌ ۽ سنڌين جي سنڀال.

بانوريءَ هنن کي پنهنجو مسئلو ۽ انديشو ٻڌايو.

بانوريءَ جي پيرائتي ڳالهه ٻڌي، ڇوڪرن کي باهه وٺي ويئي. ڏارين اچي اسان جي چشمي تي، اسان جي پاڻيءَ تي قبضو ڪيو آهي. ايتريقدر جو سنڌي اتي وڃڻ کان ئي گهٻرائن ٿا. هي ڇوڪرا جڏهن به اتي ويندا هئا، سنڌ جي هر چيز وانگر هنن کي ان چشمي تي به فخر ٿيندو هو. صاف، شفاف ۽ زوردار پهاڙي هوا، جنهن ۾ نه ڌوڙ هوندي هئي ۽ نه ريگستان واري ريتي. اها جڏهن چشمي جي آسپاس وارن وڻن، ٻوٽن ۽ ٽڪرين سان لڳي سوسٽن جا سر ۽ آواز پيدا ڪندي هئي ته اهي هنن کي قومي گيتن جون سريليون ڌنون لڳنديون هيون. چشمي مان پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جي ڳڙ ڳڙ، هنن کي ”ٿاهو“ ڀاسندي هئي، جا سنڌين کي پنهنجي دشمن سان قومي ملهه ۾ ٻڪين پٽجي وڃڻ لاءِ پڪاريندي هجي. پهاڙ تان چشمي جو تيز وهڪرو هنن کي ائين لڳندو هو ته سنڌين جي قومي تحريڪ جو وهڪرو آهي، جو پنهنجي قوت سان هر رڪاوٽ کي هٽائي، پيچي پور ڪري ڇڏيندو. هوا جي زور تي ڊنڍ جي پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ لهرون، هنن کي سنڌين جي

وڏندڙ شعور جون لهرون محسوس ٿينديون هيون.

چوڪرن چيو تہ اسين هن علائقي ۾ ايندا رهندا آهيون ۽ هتي جي چپي چپي مان واقف آهيون. هر پهاڙ، هر ٽڪر، هر غار، هر چر، هر پيچرو، هر چشمو، هر تلاءُ، هر گهر، هر ڳوٺ، هر رستو اسان کي سڃاڻي ٿو. اسان رينجرس جي چشمي تي موجودگيءَ جو مامرو بہ سمجهي وياسين، هنن اهو بہ ٻڌايو تہ اسان سنڌين جي تحفظ واسطي نهايت ڪارگر هٿيار بہ هر وقت پاڻ وٽ رکندا آهيون، جي هن وقت بہ اسان جي هنن ڏکهن ٿيلهن ۾ ڪاريهر نانگ وانگر ڦڻ ڪڍيو بيٺا آهن. بانوريءَ کي چيائون تہ چشمي جي چوڌاري اسان کي اهي لڪل جايون سڃاڻن ٿيون، جتان دشمن جو نشانو وٺي سگهجي ٿو. اسين اڳواڻ اتي وڃي ٽا پوزيشنون سنڀاليون. توهان اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ پنهنجي دلن سميت اٺين اچجو جيئن رواجي طرح پاڻي پرڻ ايندي يون آهيو. اهو همراهہ بہ ساڻ آڻجو. جي اسان هنن کي توهان سان ڪا بدتميزي ڪندي ڏٺو، يا هو ڪا اهڙي حرامپائيءَ جي ڳالهہ چون ۽ اسان جي ڪنن تائين نہ پهچي تہ توهان هڪڙو دلو ٺڪاءُ ڪري هنن مان هڪ جي ڀوٽ تي هڻجو. دلي جي ڀڄڻ جي آواز سان اسين پاڻهي هنن کي نشانو بڻائڻ شروع ڪنداسين، پوءِ ڏسجو هنن جا پڄڻ.

”اسين سنڌ جي پاڻيءَ تان هٿ نہ کڻداسين !“ بانوريءَ خوش ٿي نعري واري نموني چيو.

”اسين وڏيرن وانگر سنڌ جي پاڻيءَ تان هٿ نہ کڻنداسين !“ سيني چوڪرين هڪ آواز ٿي چيو.

جيڪا ڳالهہ چوڪرن بانوريءَ کان ڳجهي رکي هئي ۽ هنن کي نہ ٻڌائي هئي، اها هيءَ هئي تہ هو پنهنجي سياسي پارٽي طرفان هنن پهاڙن ۾ دور دراز علائقن ۾ گوريلا جنگ ۾ هٿيار هلائڻ جي سکيا وٺڻ ايندا هئا.

هي گوريلا چشمي جي چوڌاري مورچا سنڀاليو ويٺا هئا تہ چوڪريون دلا کنيو پنهنجي همراهہ سميت اچي پهتيون. سپاهين کان سواءِ اتي ٻي ڪا پهر ڪانہ هئي.

رينجرس جي ڊپ ڪري نہ مالدار مال کي پاڻي پيارڻ آيا هئا ۽ نہ پاڻي پرڻ وارا هئا.

گوريلن ڏنو تہ سپاهين همراهہ ڪي هڪ ٽڪريءَ پنيان وهڻ جو حڪم ڏنو. ہہ ٽي سپاهي ڏاڍ تيزي چوڪرين سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ رائيفلن جي نمائش ڪندي هنن کي ويجهو پوڻ لڳا. ہہ ٽي سپاهي ننڍين ننڍين ٽڪرين تي ٻهري ڏيڻ جي رسم پوري ڪري رهيا هئا. اوچتو گهڙي پڄڻ جو ٺڪاءُ ٿيو ۽ ان سان گڏ رائيفلن ۽ ڪلاشنڪوف جي ٺر ٺر شروع ٿي ويئي. ڪي سپاهي ڪري پيا ۽ ڪي لڪڻ جون جايون ڳولهڻ لڳا. پوءِ چوڌاري فائرنگ شروع ٿي ويئي ۽ رڻ ۾ راڙو مچي ويو.

ايتري ۾ چوڪرين ٽڪرين ۾ وڃي پنهنجي بچاءُ جون جايون سنڀاليون، سپاهي هڪ ٻئي کي چوندا رهيا تہ پيچو پيچو ڏاڙيل اچي ويا. هو اوٽن ۾ لڪندا پنهنجي ٽرڪ ۾ وڃي چڙهيا. لاش ٻہ ان ۾ وڌائون. گوريلن ٻہ هنن کي پڄڻ جو موقعو ڏنو. هنن جو ڪاٽو هئو تہ ٻہ سپاهي مئا هئا ۽ ڪجهہ زخمي ٿيا هئا.❑

آفريڪا جو مهمان

هن جا ماءُ پيءُ توڙي هو پاڻ هن رشتي طي ٿيڻ ڪري ڏاڍو خوش هئا. ڪنوار کي بي انداز دولت ڏاج ۾ ٿي ملي، جنهن ۾ موٽر، بنگلو، زيور، ڪپڙا، نقد به شامل هئا. تنهن کان سواءِ ڪنوار جو پيءُ هڪ وڏو ۽ نامر ڪٺيو واپاري هو، جنهن ڪري هن کي پنهنجي واپار ۾ اڃا به وڌيڪ ترقي ۽ فائدي جي اميد هئي.

انهيءَ خوشيءَ ۾ هن شاديءَ جي ٻئي ڪنهن پهلوءَ تي توجهه ڏيڻ وساري ڇڏيو. هونءَ به ڪنوار پردي نشين هئي، تنهن ڪري اسماعيل شخصي طرح نه هن کي ڏسي ٿي سگهيو ۽ نه ڄاڻي ٿي سگهيو.

شاديءَ واري رات پنهنجي زال سان پهرين ملاقات وقت ئي اسماعيل جي دل پرزا پرزا ٿي پئي. هن جي دل چاهيو ته هو اُتي جو اُتي وڃي ڏاج وارين شين کي تيلي ڏئي ڇڏي. هن سڀ ڪجهه هارايو هو.

سارو ڏينهن دڪان تي مغز ماري ڪري جڏهن شام جو گهر موٽندو هو، جتي هو اڪيلو هوندو هو، تڏهن هن جي دل چاهيندي هئي ته "هڪ حسين جوانڙي هجي جا هروقت منهنجي انتظار ۾ ويٺي هجي، ۽ جنهنجو خوبصورت منهن ڏسڻ ۽ پاسي ۾ وهڻ سان، ساري ڏينهن جي ٿڪاوٽ دور ٿي وڃي." پنهنجي هيءَ ڪنوار ڏسي هن کي محسوس ٿيو ته هيءَ اها عورت نه آهي جنهن جي تلاش ۾ هو ڀٽڪندو رهيو هو. سر سبز ۽ شاداب دنيا جي درميان رهندي به هن "رڃ" جو دوکو کاڌو هو.

ٻاهرين طرح هو پروين سان نڀائڻ لڳو. پروين جي سانوري ڇهري تي ماتا جي ڪڻ هن کي بدشڪل بنائي ڇڏيو هو. تعليم به خير ڪا پرايل هئس. لڄاري ۽ ڪمتريءَ جي احساس جو شڪار. ٻين سان رلڻ ملڻ تمام ٿورو، پر هوءَ ڏاڍي وفادار ۽ فرمانبردار عورت هئي. پنهنجي خاوند جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي هئي. هن جي سک ۽ آرام جو هر ممڪن خيال رکندي هئي.

ڀنهي جا مائٽ ڪراچيءَ جا رهاڪو هئا. پر اسماعيل جو دڪان لاهور ۾ هو.

شاديءَ ڪان پوءِ اسماعيل جي هلت چلت ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو. هو اڳي به وقتي وقتي دارون پيئندو هو، پر هاڻي ذرا زياده شراب نوشي شروع ڪيائين. شام جو ڪلبن ۾ به ويڻ لڳو. هن جي تفريحن ۾ واڌ ٿيندي وئي. مال روڊ، جتي هن جو دڪان هو، اتي جي خوبصورت ڇوڪرين کي هاڻ هو نئين نظر سان ڏسڻ ۽ نرالي ڍنگ سان پيش اچڻ لڳو، ۽ هن ڏٺو ته انهن مان ڪجهه هن سيٺ جي صرف اشاري جون بکيون آهن.

پروين ساده لوح ۽ گهريلو قسم جي عورت هئي. گهر کان ٻاهر مڙس ڇا ٿو ڪري، ان جي هن کي نه پوري خبر هئي ۽ نه دلچسپي.

پروين کي هڪ ڏينهن اسماعيل ٻڌايو ته ”سياٽي منهن جي ڊين جي پيءُ ڪراچيءَ مان هتي گهمڻ اچي رهي آهي، هن واسطي هڪ ڪمرو صفا ڪرائي ڇڏجانءِ ۽ هن جي آرام جو خيال رکجانءِ.“

پروين کي خوشي ٿي ته ڪجهه عرصي لاءِ ونڊر ٿي پوندي، ڇو ته هن کي سارو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو گذارڻو پوندو هو.

هن پنهنجي بنگلي ۾ چند ڦوڪ ڪرائي، ۽ ٻانوءَ واسطي هڪ خلاصو ڪمرو سينگاري ڇڏيائين.

هوءَ اچي وئي پروين ڏاڍي سک ۽ قرب سان هن جو آدر ڀاءُ ڪيو. هوءَ بيحد فيشنبل هئي. بهترين لباس، چهرو سرخي ۽ پائوڊر سان سينگاريل. هوءَ سهڻي ۽ نوجوان هئي. هن جي چهري مان چستي ۽ تازگي ٽپڪي رهيون هيون. ائين ته نظر ئي ڪونه ٿي آيو ته هوءَ ڪا ڪراچي ڪان لاهور جو لنبو سفر ڪري هنيئر هتي پهتي آهي. پروين ته ٻانوءَ جي شڪل صورت ڪان مرعوب ٿي وئي. هوءَ تنهائي پسند هئي. سارو ڏينهن ڪمري ۾ ڪتاب ويني پڙهندي هئي. ڳالهائيندي ٿورو هئي، ۽ ڪجهه ڪجهه گهٻرايل ڏسبي هئي. پردو ڪانه ڪندي هئي.

پروين ڏٺو ته هنن ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هئي. هو هڪ ٻئي کي ”ادا“ ۽ ”ادي“ ڪري سڏيندا هئا.

هو شام جو موٽر ۾ چڙهي سير ڪرڻ يا سئنيما ڏسڻ ويندا هئا.

اسماعيل بانوءَ کي سٺيون سٺيون سوکڙيون، ڪپڙا ۽ زيور وٺي ڏيندو هو.
ان سان گڏ پروين واسطي به ڪجهه نه ڪجهه ضرور آڻيندو هو.

هڪ رات پروين کي سجاڳي ٿي، ۽ ڏانئين ته پر ۾ اسماعيل سمهيل ڪونهي. پنجن ڏهن منٽن بعد ڏٺائين ته هو آهستي آهستي هلندو اچي پلنگ تي پهتو. هن جي پڇڻ تي جواب ڏنائين ته "پيٽ ۾ اچي وڪڙ پيو سو پائخاني ۾ ويو هوس." پروين همدردي ۽ تشويشن جو اظهار ڪيو، ۽ جڏهن هن خاطري ڏنس ته مان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان، تڏهن هن وري ننڊ جي تياري ڪئي.

وري به ٻن چئن راتين جو ننڊ ڦٽڻ تي هن مڙس کي ٻاهر ويل ڏٺو. موٽڻ تي هن ٻڌايو ته پيٽ ۾ تڪليف آهي. پروين کي ڏاڍو خيال ٿي پيو ۽ هن کان پڪو وعدو ورتائين ته هو ضرور ڪنهن ڊاڪٽر کان وڃي مشورو وٺندو.

ٻه ٽي ڏينهن ٻيا به گذريا. هڪ رات جنهن وقت اسماعيل بستري تان اٿي رهيو هو، ان وقت پروين جي اک کلي پئي. هوءَ اجا پوري طرح هوش حواس ۾ ڪانه آئي جو اسماعيل آهستي هلندو ڪمري جو در ٻيڪڙي ٻاهر نڪري ويو. هوءَ هن جي واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

اڌ منو ڪلاڪ گذريو، پر هو ڪونه موٽيو. پروين کي ڏاڍي اڻ تڻ ٿي پئي ته متان تڪليف وڌي نه وئي هجيس. هن ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو ته وڃي ڏسان ته ڇا حال اٿس. ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجيس ته ڊرائيور کي جاڳائي موڪليان ته وڃي ڊاڪٽر کي وٺي اچي.

بانوءَ واري ڪمري وٽان لنگهي ٿي ته اندر ڪجهه سس ڦس ٻڌائين. هن کي ڏاڍو اچرج لڳو. ڪمري ۾ بجليءَ جي هلڪي روشني رهندي هئي. هن دريءَ جي شيشي مان اندر نهاريو. . . . هن خيال ڪيو ته منهنجي اکين دوکو کاڌو آهي. هن وري نهاريو. . . . ويچاريائين ته خواب ته نه آهي. . . . اکيون مهٽي هڪبار وري چتائي ڏٺائين . . . . اهوئي ساڳيو منظر هو! هوءَ وڌيڪ ڏسي نه سگهي ۽ نه ڪجهه سوچي سگهي. ❑

جاڳيا جڏهن ڳوٺ

دادلو، ڇهن سالن کانپوءِ دبئيءَ مان ڳوٺ آيو ته ڳوٺاڻن جو ڦرڪو ڦريل ڏٺائين. هو اداس، لٿل منهن، اڻ ڇاتل خوف ۾ ورتل، گهٽ ڳالهائو، منجهيل ۽ هيسيل ٿي ڏٺا. خيال آيس ته مان گهڻي وقت کان پوءِ آيو آهيان، انڪري اهو منهنجو محض وهم آهي، ورنه هن ڳوٺ جا رهاڪو سدائين خوشمزاج، محنت ڪش همت ڀريا ۽ رلڻا ملڻا پئي رهيا آهن.

ڳوٺ جي آدمشماري ٻه هزار کن هئي. انهن ۾ هر قسم جي ڌنڌي وارا ماڻهو هئا: ڪڙمي، ڪاسبي، مزور، پورهيت، دڪاندار، ڏکڻ، لوهار، ڪتي، ملاح، سونارا، حجم، ننڍين ننڍين نوڪرين وارا ۽ هڪ وڏيرو به هو. ماڻهو دل لائي محنت ڪندا هئا ۽ ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا ڀائيوار ٿيندا هئا. اتفاق سان ئي ڪو منهن ڀيلو ڏسبو هو. سانجهيءَ جو مرد ٻار، ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ نوجوان ڳوٺ ٻاهران واري ميدان تي راندين ۾ رڌل ڏسبا هئا: ونجهوٽي، ٻلهاڙو، ملهه، والي بال. ڇوڪريون لڪ ڇپ ۽ ٻيون پنهنجيون ڇوڪرين واريون رانديون ڪنديون هيون.

عورتون به ڏاڍيون همت ۽ حوصلي واريون توڙي خود اعتماد واريون هيون. ڪنهن مرد کي همت نه ٿيندي هئي جو گهٽي مان لنگهندڙ ڪنهن اڪيلي نوجوان ڇوڪري يا ضاعفان ڏانهن گهوري ميري اک سان ڏسي يا هن سان ڪا مستي ۽ ڇيڙڇاڙ ڪري. جي ڪو اهڙي بدمعاشي ڪندو هو، ته اها عورت هن جي اتي ئي اهڙي لاک لاهيندي هئي جو ان بدمعاش کي ڀڄڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ نه لڀندي هئي ۽ نه وري گهر جي مردن تائين ڳالهه پهچڻ جي نوبت پهچندي هئي. زالون ڏندين ڏاند هيون. پردي جو به ايترو رواج ڪونه هو. ٻنين ۽ ٻارين تي ته عورتون جتي ڪتي ڪم ڪنديون آهن، پر هن ڳوٺ ۾ دڪانن ۽ ٻين ڌنڌن ۾ به هو مردن جون ٻانهن ٻيلي هونديون هيون.

ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول هو، جنهن ۾ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون پڙهنديون هيون. هاءِ اسڪول ۾ هنن کي پڙهڻ لاءِ ٻر واري شهر ۾ وڃڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو هو.

سومهڻيءَ جو ڳوناٺن جون ڪچهريون شروع ٿينديون هيون. ڳن ماسترن ۽ هڪ ٽپيدار جون اوطاقون هونديون هيون. اتي ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ رات جو ڪجهه دير تائين پيا زماني جون اوپاريون لهوارون خبرون ڪندا هئا. راڳ روپ به ٿيندو هو.

هتي منٺار جي پچار نه ڪرڻ سان قصو اڌورو رهجي ويندو. هو هڪ ويڙهي ۾ هڪ گهر ۾ رهندو هو. ڏاڍو دلبر ۽ دلير جوان هو ان ويڙهي ۾ چار پنج خاندان رهندا هئا. ماسات ماساتيون، سوٽ سوٽيون، سڀ پاڻ ۾ رت جا رشتيدار هئا. گڏ کائڻ پيئڻ، اٿڻ وهڻ، کيڏڻ ڪڏڻ، جوانيءَ جو بهار به هر ڪنهن تي اچٽو آهي. منٺار کي پنهنجي سوٽ ساران وڻڻ لڳي. مکڙي ڦٽي گل ٿيڻ سان، پهرين جو چنڊ چوڏهين جو چنڊ ٿيڻ سان، اهو وڻڻ هالار جبل جيڏو وڏو، پڪو ۽ پختو ٿي ويو. پر منٺار کي آهستي آهستي محسوس ٿيڻ لڳو ته ساران جي دل هن سان نه آهي، پر هڪ ٻئي ماسات محمود سان آهي. هو هن کي جاچيندو رهيو ۽ پرکيندو رهيو ۽ پڪ ٿيس ته ساران محمود هڪٻئي کي بيحد چاهين ٿا. تڏهن به هن هڪ ڀيرو آزمائڻ چاهيو. هڪ لڱا، پنهنجي منهن ساران کان پڇڻ جو وجهه ملي ويس. ساران به صاف جواب ڏنس ته مان محمود سان پيار ڪريان ٿي ۽ هن سان ئي شادي ڪنديس، ان تي منٺار منهن ۾ گهنج به ڪونه وڌو ۽ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيائين ته مان توهان ٻنهي کي سدائين خوش ڏسڻ ٿو چاهيان ۽ ساري ڄمار توهانجي سکي زندگيءَ لاءِ دعاگو رهندس.

منٺار پرڻجڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو ۽ ان خيال تي قائم رهيو. ساران جي شادي محمود سان ٿي ويئي. منٺار، ساران کي ڏسي دل جي گهراين سان خوش ٿيندو هو ۽ هن جي ڪنهن ڪم اچي سگهندو هو ته خوشين جي پرن سان اڏامڻ لڳندو هو. منٺار کي ڪڏهن به غمگين نه ڏٺو ويو. ساران هن جي قريب هئي، هو هن کي هرروز ڪيترائي ڀيرا ڏسي سگهندو هو ۽ هن جي ڪم اچي ٿي سگهيو. هن وٽ ته خوشين جا ايڏا انبار هئا، جو آسانيءَ سان ورهائي ٿي سگهيو.

هن خوشيون ورهائڻ شروع ڪيون. ڳوناٺن ڏٺو ته ساران جي وهانءَ

کانپوءِ، منٺار، اڏرات جو ڳوناٺي ڪچهري پوري ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ٻيا وڃي هنڌ جي حوالي ٿيندا هئا، تڏهن منٺار، پنهنجي گهر جي ڪوٺي تي چڙهي ويندو هو ۽ بنسري وڄائڻ شروع ڪندو هو. هن جي بنسريءَ وارا سُرَ غم، ڏک، سوز ۽ ماتم وارا ڪونہ هوندا هئا. پر هن جا سُرَ خوشي ۽ ميڻاج وارا، سريلا ۽ خمار ڏيڻ وارا زندگيءَ سان ڀرپور ۽ دنيا وارن جا غم ڀلائڻ وارا هئا. مست ڪندڙ سُرن کي وايو منڊل ۾ ڦهلائي، ڪائنات کي مَندي چڙهيندو هو. چانڊوڪي هجي يا اونداهي بنسريءَ جو آواز، خاموش فضا کي چيريندو، ماڻهن جي ڪنن ۾ ماکيءَ جي ڦڙن وانگر ٽپڪندو هو. جڏهن چانڊوڪي هوندي هئي تہ ڪائنات جو حسن ۽ حياتيءَ جي حرارت جهومڻ لڳندي هئي ۽ چنڊ ڇَرڻ جي نہ ڪندو هو. ڪيترا ڳوناٺا، بنسريءَ جو اهو آواز ٻڌڻ لاءِ، زوريءَ ٻوٽجي ويندڙ اکين کي مهٽي جاڳڻ جا جتن ڪندا هئا ۽ ڪيترن ڳوناٺن لاءِ اهو آواز لوريءَ جو ڪم ڪندو هو. ماڻهو ان آواز کي ڳوٺ جي خوشحالي ۽ محبت جو اهڃاڻ سمجهندا هئا.

خبر ناهي منٺار، بنسريءَ مان اهي سهڻا ۽ سريلا آواز ڪيستائين ڪڍندو رهندو هو! شايد رات وهامي ويندي هئي. شايد پوئين پهر هن جي اک لڳي ويندي هئي. صبح جو هو ساران جي ديدار جا ڍڪ ڀري، نيرن ڪائي، خوشيءَ سان ڦوليو، ڪوڏر ڪلهي تي رکي، پنهنجي ٻهڪندڙ چهري سان، ٻنيءَ جي پورهئي تي ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان ويندو نظر ايندو هو.

هن ڳوٺ وارا مهمان نوازيءَ کي ڀِتَ سمجهندا هئا، پنهنجن جي مهماني نہ، پر غيرن جي. ڪو ڀناڻ گهوراڙو ڪپڙن جي ڳنڍ سائيڪل تي رکي ايندو هو، يا ڪو پنجابي حقي سان زمينون ڏسڻ ايندو هو يا ڪو پناهگير تنگ پجامي گهرن جي نوس نوس ڪرڻ ايندو هو تہ وڏن جي پڇڻ کان اڳ ڳوٺ جا ٻار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، هوڪرا ڪري ۽ هنن تي پٿرن ۽ ٻترن سان ست ڪٽ ڪري، ڳوٺ ۾ گهڙڻ ئي نہ ڏيندا هئا ۽ ٻاهران ئي ڀڄائي ڪڍندا هئا.

دادلو، دبئيءَ مان پهتو تہ هن کي ڳوٺ، مائٽ ۽ ڳوٺ وارا عجيب عجيب لڳا. ڇا هو ڪنهن آفت ۾ اڙجي ويا آهن؟ ڇا هو ڪنهن ڏهڻ ۾ ڦاٿا آهن ڏاڙيلن ايراضيءَ کان تہ اسانجو ڳوٺ تمام ڀري آهي، هتي ڏاڙيلن جي

ڌمڪاءَ جو سوال ٿي ڪونہ ٿو اڀري. رات جو هو منٺار جي بنسري جي آواز جو انتظار ڪندو رهيو. اها ويل بہ ٽري ويئي هو لڇندو پڇندو رهيو. سفر جو ٿڪ هوندي بہ هن کي سڄي رات ننڊ نہ آئي ڏينهن ٿي ويو. پڇي تہ ڇا پڇي؟ ڇا ٿيو آهي؟ ڇو ٿيو آهي؟ ڪهڙا نہ عجيب سوال.

پوءِ هن فيصلو ڪري ورتو. منجهند جو هو پير واري کوهہ تي ويندو. ان کوهہ تي ڏاندن وارو نار وهندو رهندو هو. کوهہ جي چوڌاري سهڻا سهڻا، ساوا ساوا وڻ هئا. پنج وڻ سنجهيءَ جا، ٻہ وڻ گيدوڙيءَ جا، چار وڻ انبن جا، ٻہ وڻ نم جا. ان ڪانسواءِ آسپاس سبز ۽ ساوا فصل ۽ پوکون هيون. منجهند جو هاري ۽ ڏنار اچي ٻہ گهڙيون وڻن جي ڇانوَ ۾ آرام ڪندا هئا ۽ ڍورن کي بہ پاڻي پياريندا هئا. ڳوٺ جا ڪجهہ واندا نوجوان اتي اچي ڪچهريون بہ ڪندا هئا ۽ پتين راند بہ ڪندا هئا. دادلو بہ دٻئي وڃڻ کان اڳ منجهند اتي وڃي گذاريندو هو ۽ پتين راند ڪندو هو ۽ هن کي وڻن مان پکين جون لاتيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، ۽ ڇيڪي مٽيءَ جو سڳنڌ هنجي سرير جو حصو بنجي ويو هو.

دادلو اتي پهتو تہ سيني اٺي هن جو آدر ڀاءُ ڪيو. هتي بہ هن محسوس ڪيو تہ سيني جا منهن لٿل ۽ اداس آهن، ڇڻ تہ ٻئي ڏينهن تي ڦاسي ملڻي اٿن. البت هن کي هڻن چهرن تي ڪاوڙ ۽ جوش بہ نظر آيو. ”ڇو پتا ڪونہ ٿا ڏسجن؟“ دادلي پڇيو.

”پوليس جي ڊپ کان!“

”ڇا! ڪهڙي پوليس؟“

”ڇو توکي خبر ڪانهي؟“

”مان تہ دٻئيءَ کان ڪالهہ پهتو آهيان.“

”اڇا، تہ پوءِ ٻڌ! تو بہ سڄي عمر هتي گذاري آهي. هتي ننڍا ڏوهہ ڪڏهن ڪڏهن ضرور ٿيندا آهن: ڪنهن چوري ڪئي، ڪو جهيڙو ٿيو ۽ ماٺهو معمولي زخمجي پيو، ڪنهن قرض نہ موٽايو، ڪنهن عورت جي سڱابنديءَ تي ڪتراڳ ڪيو تہ اهڙن ڏوهن جو راڄوٽي فيصلو ڪيو ويندو هو. ان راڄ ۾ بہ پريا مڙس، ماستر، پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور شاگرد ۽ ٻيا شخص وهندا هئا. اسين انهن فيصلن لاءِ ڪڏهن بہ وڏيري وٽ نہ وياسين ڇو تہ

اسانجو تجربو هو تہ وڏيرو ڪمر ڦاٽائيندو آهي ۽ تيليءَ مان ٿنڀ بڻائڻ جي هوشياري ڏيکاريندو آهي. ورهين ڪرهين ڪو خون جو ڪيس ٿيندو هو، جو شهر مان هن ڳوٺ ۾ پيچا ڳاڇا ڪرڻ خاطر پوليس ايندي هئي. هاڻي تہ هر وقت پوليس مٿان بيٺي آهي."

"ڪهڙي پوليس؟ ڪٿان جي پوليس؟" دادلي، حيران ٿي پڇيو.

"تہ توکي اها بہ خبر ڪانهي."

"ڪهڙي؟"

"تہ هتي هن اسانجي ڳوٺ ۾ پوليس ٿاڻو پيو آهي، ٻن سالن کان!"

"پوليس ٿاڻو؟"

"ها پوليس ٿاڻو، توکي تہ خبر آهي تہ دنيا ۾ جڏهن ذاتي ملڪيت جو رواج پيو تہ رياست وجود ۾ آئي. سردارن، جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ زميندارن، مزورن ۽ هارين جي ڪمائي ڦٻائي، ان ملڪيت کي محفوظ ڪرڻ خاطر پوليس، ٿاڻا، ڪورٽون، جيل، جج، وڪيل ۽ سزائون وجود ۾ آنديون. اسان واري وڏيري بہ ڏنو تہ هتي مونکي ڪير ليکي ڪونہ ٿو، سو اسان هڪ ڏينهن ڏٺو تہ ڳوٺ پرسان هڪڙي عمارت پئي اڏجي. پڇا تي پتو پيو تہ وڏيري جي ڪوشش سان پوليس ٿاڻو ٺهي رهيو آهي. اسان سمجهو تہ ٿاڻو ٺهڻ ڪري ڳوٺ وارن جو وڏيڪ تحفظ ٿيندو. ڇهن مهينن اندر جڳهہ تيار ٿي ويئي ۽ پوليس عملو مقرر ٿي آيو، ٽي سپاهي ۽ هڪ جمعدار."

"پائو، هاڻي مون ڏانهن بہ ٻڌ. اسان رٿابندي ڪئي آهي تہ اسان ٿاڻي ۽ پوليس مٿان گهٽو ڪجهہ سنو آهي. اسان چاليهن ڄڻن جو جٿو تيار ڪيو آهي. هٿيارن جو بندوبست ڪيو آهي. پيٽرول جا پريل دٻا بہ هٿ ڪيا آهن ۽ اڄ رات ٽي اوچتو حملو ڪري پوليس وارن کي ختم ڪبو ۽ ٿاڻي کي باهہ ڏيئي ساڙبو. ساڳي حالت ڪبي وڏيري سان، وڏيري جي حويليءَ سان ۽ حويليءَ جي رهاڪن سان."

"۽ ها ٻڌ توکي بہ اسان سان ساٿ ڏيڻو پوندو . توکي تہ خبر آهي تہ تنهنجي ۽ اسانجي گڏيل تحريڪ ڪري هتي جي هارين وڏيري جي ونگار ۽ ڇيڙ تي وڃڻ کان انڪار ڪيو هو. هن کي اهي ساڙ بہ آهن، ان ڪري پوليس آڻي اسانجي پٺيءَ تي وهاري اٿائين"

"مان پاڻ کي توهان کان ڪڏهن الڳ سمجهيو آهي، پر ڪجهه واقعن جو تفصيل ته ٻڌايو."

"ها، پهرين ته توهان جي پنهنجي گهر کان ئا شروع ڪريون. ڇا توکي تنهنجي مائٽن ڪجهه نه ٻڌايو آهي؟"

"نه، مونکي اڃا ته ڪجهه نه ٻڌايو اٿن." دادلي وراڻيو.

"ته ٻڌ! ٽاٽو چالو ٿيڻ سان، پوليس وارن پهرين توهان جي گهر کي شڪار بڻايو. وڏيري وسيلي هنن کي خبر پئي ته توهان جي گهر جو هڪ ڀاتي يعني تون دبئي ۾ ڪمائين ٿو ۽ اتان نوٽن جون ٿهيون موڪليندو رهين ٿو. اها ڳالهه ٻڌي پوليس وارن جو دماغ ڪتي جي ڪرفتيءَ سان پرجي ويو ۽ وات ڳٽر جو پاڻي ٿي ويو. ان رات ئي ٻه پوليس وارا زوريءَ توهان جي گهر ۾ گهڙي پيا ۽ توهان جي پيءُ تي الزام هنيائون ته تون هيروئن جو واپار ڪرين ٿو ۽ اسين گهر جي تلاشي وٺنداسون. توهانجي گهروارا گهٻرائجي ويا ۽ اڃا نندڪڙين اکين کي پٽي مهٽيائون ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آين. ان گهٻراهٽ دوران هڪ پوليس واري پاڻ سان آندل هيروئن جي پڙين جو بنڊل، گهر جي هڪڙي ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏيو.

پوءِ تلاشيءَ جو ناٽڪ رچائي، اها هيروئن ڪڍيائون ۽ توهان جي گهر جي ڀاتين جي بي عزتي ڪندا، تنهنجي پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ وڏي ڀيڻ کي وچي ٽاڻي جي لاڪپ ۾ واڙيائون. تنهنجي ڀاءُ کي ڇت ۾ اونڌو ڪري لڙڪايائون ۽ ڀيڻ تي مار موچڙي جو وسڪارو لائي ڏنائون ۽ سيني سپاهين جي وات مان گارين جو ڳٽر ڦاٽي نڪتو. تنهنجي مائٽن جو ڪڏهن اهڙي انڌير سان واسطو نه پيو هو ۽ سڀ ڪجهه اهڙي تيزيءَ سان ٿيو جو هو پاڙي وارن يا ڳوٺ وارن کي به خبر ٻڌائي نه سگهيا. سيڪو سمهيو پيو هو. فقط منٺار جي بنسريءَ جو رس فضا ۾ رچيل هو. پوءِ پنيرڪي جو وڏيرو آيو ۽ تنهنجي مائٽن جي سفارش جو ناٽڪ رچايائين. پوليس چيو ته هنن جي گهر مان هيروئن نڪتي آهي، هي وڏا ڏوهاري آهن ۽ هڪ هڪ کي ڏهه ڏهه سال ٽيپ اينديءَ. پوليس هنن کي ڇڏڻ لاءِ پنجاهه هزار گهريا، پر وڏيري جي انٽڪنگ واري منٿ ميڙ تي ويهن هزارن جو فيصلو ٿيو. تنهنجو پيءُ گهران ڏوڪڙ ڪٽي آيو ۽ تنهنجي مائٽن کي ڇڏيو ويو...."

اهي ڳالهيون دادلو ٻڌندو ويو ۽ هن جو منهن ڳاڙهو ٿيندو ويو ۽ هن جو اکيون تتل سيخون بڻجنديون ويون.

دوست پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، ”تنهنجا مائٽ مٽ ڪري وڃي پنهنجي گهر ۾ ليٽيا، ۽ شايد ماني به نه کاڌائون ۽ نه شرم کان ٻاهر نڪتا ۽ نه ڪنهن سان مليا. پر شام تائين گهر گهر، درياهه جي بند تائين وانگر اها خبر پوڙ بڻجي پهتي. پوءِ فقط ٽي چار ماڻهو، توهان جي گهر وارن وٽان ان خبر جي تصديق ڪرڻ آيا. پوءِ ته سيلاب وانگر ڳوٺ جا رهاڪو، زالون توڙي مردين اٿلي پيا. ڪيترن ئي سوَن تائين جو گهيرو ڪيو ۽ ڪيترن ئي سوَن وڏيري جي حويليءَ جو گهيرو ڪيو. ڪن ڪي هٿن ۾ بندوقون هيون، ڪن ڪي پستول، ڪن ڪي ڪهاڙيون، ڪن ڪي ڪاتيون، ڪن ڪي لٺيون ۽ ڪن ڪي لوڙهيون. ٽاٽي توڙي حويليءَ مان هوائي فائر ٿيا. موٽ ۾ عوام ٽاٽي توڙي وڏيري جي حويليءَ جي بند درن ۽ درين کي نشانو بنائي بندوقون هلايون ۽ پيش پوڻ جو حڪم ڏنو. قصي کي ڪٽائڻو، پوليس وارن توڙي وڏيري هٿ ٻڌي، گيسيون ڪري معافي ورتي ۽ ويهه هزار روپيا موٽائي ڏنا.“

”هن جي ته وٺي....“ دادلي جي واتان نڪري ويو.

”هاڻي وري ٻڌ ٻي ڳهٽنا،“ ٻئي دوست ڳالهايو. ”توهان جي گهر واري واقعي کان پوءِ، ڳوٺ وارا، پوليس جي حراميائپ کان خبردار ٿي ويا. ضائفون به شينهن ٿي ويون. انب ۽ سندس پٽ شوڪت ته ياد هوندءِ. هڪ رات هو ٻئي پاڙيءَ جي واري تي ويل هجن. هڪ سپاهي وردي ۽ بندوق سان يت ٽپي هن جي گهر ۾ گهڙي پيو. گهر ۾ انب جي زال ۽ هڪ ساماٽل ڌيءَ هيون. ڪڙڪي تي ٻئي جاڳي پيون. پوليس واري جي نيت خراب هئي. هن عورتن کي چيو ته، ”مان پوليس وارو آهيان ۽ مون وٽ بندوق آهي. جي ڪنهن به رڙ يا آواز ڪيو ته شوٽ ڪندوسانوَ. ماءُ جي هيانوَ جي سچائي مونٽي آئي. هن کي ياد اچي ويو ته کٽ جي پاسي ۾ ئي اکري مُهري پيا آهن. هن ليٽي ليٽي هٿ هيٺ ڪري مُهري ڪٽي ورتي ۽ اوچتو اٿي، سپاهيءَ جي مٿي تي وهائي ڪڍي. ڌڪ هنڌائتو لڳو ۽ سپاهي ڀنوانيون کائيندو، پٽ تي وڃي ڪريو ۽ بيهوش ٿي ويو. بندوق پاسي تي وڃي ڪري. مائيءَ پڪ ڪرڻ لاءِ لونڊڙيءَ تي مُهريءَ جو ٻيو ڌڪ به وهائي ڪڍيس. پوءِ ماءُ ڌيءَ ٽنگن کان گهلي هن

کي در کان ٻاهر ڦٽو ڪري، دربند ڪري ڇڏيو ۽ بندوق پنهنجي ڪلهي ۾ لڪائي ڇڏي. اچان انڌيرو هو ته گهر جا مالڪ موٽيا. گهر ٻاهران هڪ بيهوش ماڻهو پيل ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا. جڏهن ضائفن حقيقت ٻڌاين ته انب ۽ پٽس ٻاهر نڪري آيا ۽ سپاهيءَ جي وردي ائين ڦاڙي چير چير ڪري ڇڏيائون جو هو اگهاڙي کان وڌيڪ اگهاڙو نظر اچڻ لڳو. ان حالت ۾ هن کي ٽنگو ٽالي ڪري، ڪٽي وجي ٿاڻي پرسان ڦٽو ڪري آيا. اهو سپاهي وري هن ڳوٺ ۾ نظر ڪونه آيو. اچان به ٻڌ! هڪ رات هڪ سپاهي منٺار جي ڪوٺي هيٺان، رستي تي بيهي، هن کي حڪم ڪيو ته رات جو بنسري نه وڄائيندو ڪر. اسان جي ننڊ تي خراب ٿئي. منٺار گار ڏيندي، هڪ سروڻو ڪٽي، هن کي چٽيو. سروڻي جي رستي تي ڪرڻ جو آواز آيو، پر شايد سپاهيءَ کي لڳو ڪو نه، پر سپاهي ائين ونئي ڀڳو جو پوٺتي مُنهن ورائي به ڪونه ڏٺائين. پوءِ ساران، منٺار کي منع ڪئي ته حالي رات جو بنسري وڄائڻ ڇڏي ڏي."

"هاڻ اسان جي رات جي ڪچهرين تي پڻ بندش وجهي ڇڏي آهي. اسين ته مڙڻ وارا نه آهيون. پر وڏڙا نه ٿا مڃين. هن مهل جو هتي اسان کي تاس کيڏڻ به نه ٿا ڏين. ڇو؛ اوهان جوا ٿا کيڏو. هڪ ڏينهن هڪ سپاهي آيو ۽ اسان کي پتن کيڏندي ڏسي چيائين ته توهان جوا ٿا کيڏو، هلو ٿاڻي تي. اسان کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو هن جي جُوتن سان مرمت ڪري، هن جي ورديءَ کي چيري ڦاڙي، هن کي واٽر ڪورس ۾ به ٽي گهوٽا ڏئي، صرف ڪڇي ۾ هن کي ڇڏي، چيوسيون ته وڃي ٻيءَ کي دانهن ڏي. البت ان ڏينهن کان پتن راند ڪرڻ ڇڏي ڏني اٿئون." اهو بيان به هڪ سنگتيءَ جو هو.

"لوهر وارو واقعو به ٻڌ؛ وڏيري، پوليس وٽ چغلي هنئي ته سوڍي لوهر جي دڪان تي روز ڪامريڊ اچي ٿا ڪنا ٿين ۽ سوشلزم تي ڪچهريون ٿا ڪن ۽ وڏيرن ۽ سرڪار خلاف ٿا ڳالهائين. هڪ ڏينهن ڏاڍي سيٽ مان هڪڙو سپاهي اچي سوڍي لوهر جي دڪان تي پهتو. ڪچهري لڳي پئي هئي، سوڍو پنهنجو ڪم به ڪري رهيو هو ۽ گفتگوءَ ۾ به حصو وٺي رهيو هو. هو ٻي ڊٻو، قدآور ۽ لوهه جهڙي هڏ ماس جو هو. پر ڳالهائڻ مان هن جي سياڄهڙائي ۽ دانشوري بکندي هئي.

سپاهيءَ اچڻ سان سوڍي کي چيو، ”اڙي لوهر! ٿاڻي تي هل، جمعدار صاحب توکي سڏايو آهي.“

”مان ڇو هلان؟ جي هن جو ڪو ڪم آهي ته پاڻ ڇو نه ٿو هتي اچي.“

”ڇا تون لارڊ جو پٽ آهين جو هو تو جهڙي معمولي ماڻهوءَ وٽ اچي، يا توکي موچڙا کپن.“

سوڍي جي هٿ ۾ ان وقت ڪوريءَ مان تتل ٽانڊي جي رنگ جو گهوبو، جنبوريءَ ذريعي جهليل، سنداڻ تي رکيل هو ۽ سندس ٻيو ماڻهو ان کي متر کي سان ٽپي رهيو هو. سوڍي نه ڪٺي هر نه ڪٺي تر، لوهه جو اهو تازو تتل ٽڪر، جنبوريءَ سميت پوري زور سان ٻر ڪري اڇلايائين، اهو وڃي سپاهيءَ جي ٽنگن ۾ لڳو ۽ هن ڪان سوئر جهڙي رنڀ نڪري ويئي. هن جي هڪ ٽنگ جو نه رڳو هڏو ڀڄي پيو، پر ماس جو به چڱو خاصو ٽڪرو سڙي پيو ۽ هو سُور جي شدت ڪان دانهون ڪندو رهيو ۽ پوءِ بيهوش ٿي ويو. ڪو به هن جي همدردي لاءِ ڪونه وڌيو. سوڍي هن کي گهٽي رستي تي ڪٺي اڇلايو. پوءِ جڏهن ٿاڻي وارن کي خبر پئي ته ڪٿائي ويس. سوڍي جو نالو وٺڻ جي ڪنهن پوليس واري کي همت نه ٿي.

هڪڙي دوست اچان به ٻي گهڻنا ٻڌائڻ جي ڪئي، جنهن جو واسطو سنئون سڌو وڏيري سان هو. هن جي هڪ نوجوان حق بخشايل ڌيءَ، سندس نوڪر سان ڀڄي وئي. وڏيري پوليس کي چيو ته، ”انهن کي تلاش ڪريو. نوڪر کي ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ اڙائي، هن کي ڏکي سزا ڏياريو.“ ۽ ڌيءُ جي نالي چيائين ته، ”هن کي خاموشيءَ سان اسان جي حويليءَ ڇڏي وڃجو.“ هڪدم هن ڳوٺ ۽ اوسي پاسي وارن ڳوٺن ۾ پوليس تلاشي ۾ لڳي وئي.

ڳوٺ وارن کي به هن واقعي جو پتو پئجي ويو ۽ هنن وري پنهنجي سر نوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪري ڏني. پهرين ڳوٺ وارا ئي ڪامياب ٿيا. هنن، هن جوڙيءَ کي پاڻ وٽ اچي رهايو ۽ پهرين ڏينهن ئي ٻنهي جو نڪاح پڙهائي هنن کي پرٽائي ڇڏيائون ۽ رهڻ لاءِ هنن کي الڳ گهر ڏنائون. ڳوٺ وارن پوليس توڙي وڏيري کي اهڙو اطلاع ڏئي ڇڏيو ۽ اهو به چتاءُ ڏنو ته ڇوڪري هاڻي ڳوٺ وارن جي ڌيءُ آهي. ۽ هن جو مڙس ڳوٺ

وارن جو پٽ آهي ۽ هو ڳوٺ وارن جي تحفظ ۾ آهن. ۽ هنن تي ڪنهن به قسم جو حملو ڳوٺ وارن تي حملو تصور ڪيو ويندو. ان ڏينهن کان پوءِ وڏيري گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.....

"اڃا به ڪي ظلم جا داستان ٻڌڻ چاهين ٿو؟" هڪڙي ساٿيءَ، دادلي کان پڇيو.

"نه نه، بس بس، مان پوليس ۽ وڏيرپ جي غلاماڻي نظام جو چڱيءَ ريت اندازو ڪري ويو آهيان." دادلي وراڻيو ۽ ماٺ ٿي ويو.

"سماج ۾ هر ڏوهه جو جج، عوام ئي ٿي سگهي ٿو، چو ته ڪن پاڙي وارن ڪي، يا ڪن ڳوٺ وارن ڪي يا ڪن شهر وارن کي، ڪنهن نه ڪنهن نموني، سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، هر ڏوهه ۽ هر ڏوهاريءَ جي جاڻ ۽ اصل حقيقت جي خبر پئجي ويندي آهي. ان ڪري سزا پڻ عوامي سزا ۽ سماجي سزا ملڻ گهرجي." هڪ ساٿيءَ پنهنجو خيال ڏيکاريو.

"ائين به ٿيندو، ائين به ٿيندو. پر هن وقت ته اسان کي وڏيرپ ۽ ڻاڻي جي گند کان پنهنجي ڌوتل ڌرتيءَ کي صاف ڪرڻو آهي." ٻئي دوست ڏيان ڇڪايو.

"ڀلا اچوڪي حملي لاءِ سائنسي نموني سوچيو اٿوَ يا ماڻهن کي رڳو جذباتي بنائي هنن کي مارائيندؤ؟" دادلي دريافت ڪيو.

"جي ائين ڪيوسين ته پوءِ اسان ۾ ۽ سنڌي وڏيرن جي سياسي پارٽين ۾ ڪهڙو فرق رهندو. سنڌي پارٽين مان منهنجو مطلب آهي، جن پارٽين جا ڀڳدار ۽ اڳواڻ وڏيرا هوندا آهن، جن جي سياست، ڪرسي حاصل ڪرڻ هوندي آهي ۽ جن جو عمل بيان بازي، لباڙ ۽ تقريرون هوندو آهي. هو عوام کي فقط پنهنجي مفاد واسطي استعمال ڪندا آهن. هو عوام کي ڀڙڪائي ۽ سنڌ جي نالي ۾ جذباتي بنائي عوام کي چوندا آهن ته جلوس ڪڍي وڃي پوليس، فوج ۽ پناهگير دهشتگردن جو مقابلو ڪريو ۽ پاڻ پنهنجي خاندان، جنهن ۾ هنن جا جوان پٽ شاگرد به شامل هوندا آهن، تن سميت پنهنجن لوهه ۽ پٿر جي قلعن جهڙن نهيل بنگلن ۾ محفوظ ٿي وهندا آهن ۽ پنهنجن بنگلن جي چوڌاري، ڪلاشنڪوف ڏيئي ويهن پناڻن کي پهري تي بيهاري ڇڏيندا آهن. اهڙا ليڊر نه پاڻ جلوس ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ نه ئي پنهنجي

اولاد کي شريڪ ٿيڻ لاءِ ڇڏيندا آهن. توهان ڪڏهن نہ ٻڌو هوندو تہ جلوس ۾ ڪو سياسي اڳواڻ يا هن جو ڪو پٽ ماريو ويو. پوليس، فوج ۽ دهشتگردن جي گولين جو شڪار فقط عام ماڻهو ۽ ڪارڪن ٿيندا آهن. هنن جي موت ڪان پوءِ هڪدم انهن ليڊرن جي احتجاج طور هنن جي بيانن سان اخبارون پريل نظر اينديون آهن. اهي بيان بہ هر ڪنهن موت تي ساڳئي سُرَ ۾ هوندا آهن. چو تہ هو اڳواڻ ئي پاڻ وٽ ٽائيپ ڪرائي رکندا آهن ۽ رڳو فوتيءَ جو نالو لکي ۽ صحيح ڪري، ملڪ جي مڙني اخبارن کي ڏياري موڪليندا آهن، ۽ ها، هو ٻي ڳالهہ بہ ڪندا آهن. فوتيءَ جي پونئيرن وٽ وڃي، پرچاڻو بہ ڪندا آهن ۽ پاڻ سان فوٽو گرافر وٺي وڃڻ نہ وساريندا آهن. اتي فوٽو نکرندو آهي، جو وڏي سرخيءَ سان اخبارن ۾ ڇپبو آهي، يا اهڙي جلوس مان جيڪڏهن ڪو سخت ڦٽجي، نازڪ حالت ۾، اسپتال ۾ داخل ٿيندو آهي، تڏهن بہ اهو سياسي ليڊر محض اخبارن لاءِ تصوير ڪڍرائڻ خاطر هن کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويندو آهي، ۽ رسمي خير خيريت پڇڻ جي نمائش ڪندو آهي. باقي ڪيس يا سندس خاندان جي ڀاتيءَ کي رڳو رواجي مٿي جو سُور پوندو آهي تہ ان جي علاج واسطي بہ لنڊن يا آمريڪا ويندو آهي. يعني جتي عام ماڻهوءَ کي پنج روپيا بہ علاج واسطي ميسر نہ هوندا آهن، اتي ليڊر پنج لک روپيا خرچ ڪري ايندو آهي. توکي ياد هوندو تہ تنهنجي دبئي وڃڻ کان اڳ، جڏهن اهڙي وڏيرڪي سياسي پارٽيءَ جو وڏيرو مهندار، اسان جي ڳوٺ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اچڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ اسين ڳوٺ وارن جو وڏو هجوم، جنهن ۾ تو سميت مرد ۽ عورتون شامل هونديون هيون، هلي هن سان ڳوٺ ٻاهرائن ئي مُنهان مُنهن ٿيندا هئاسين ۽ هن کان پهرين سوال اهو پڇندا هئاسين تہ توهان جي پارٽي "جمهوريت" کي ميچي ٿي تہ هو اوچي ڳاٽ سان چوندو هو تہ "ها" پوءِ پڇندا هئاسين تہ توهان جي پارٽيءَ جا ميمبر ڪهڙا آهن تہ ورائيندو هو تہ ڏهہ يا ويهہ يا چاليهہ هزار. پوءِ اسان چوندا هئاسين تہ جمهوريت معنيٰ ڪهڙائي ۽ جڏهن توهان جي پارٽيءَ ۾ گهڻائي عوام جي آهي تہ پوءِ پارٽيءَ جا اڳواڻ توهان ٻہ چار وڏيرا ڇو آهيو، جي پارٽيءَ ۾ ايتري معمولي ٿورائي ۾ آهيو. توهان غريبن

جي پرماريت ڪري ڪروڙ پتي بڻيا ويٺا آهيو ۽ سياسي پارٽيون ٺاهي، عوام کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ٿا ڪريو. اهو ٻڌي اهو ليڊر، پنهنجي پارٽيءَ سميت ڪاوڙجي اتان ٺي موٽي ويندو هو.... توکي اهو به ياد هوندو ته تو ۽ اسان ڳوٺ جي ماٺهن هتي آباد ٿيل بهارين جو ڳوٺ مان ٽڏو پٽائي، هنن جي گهرن کي باهيون ڏئي هتان ڀڄائي ڪڍيو هو....."

"ترس، هاڻي مان تو ڳالهايان. مان دادلي کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسان پوري سوچ سان سٺاءُ سٽيو آهي، جيئن ڪنهن به صورت ۾ ناڪامياب نه ٿيون. اسان چاهيون ٿا ته هن هلچل ذريعي ڪامياب ٿي، سنڌ جي ٻين ڳوٺن لاءِ مثال ۽ نمونو بنجون. جيئن هو اسان جي سوڀ ڏسي، پاڻ به ساڳي واٽ وٺن ۽ ظلم جو مقابلو ڪن. هن جنگ لاءِ اسان سيني ڳوٺ وارن، زالن توڙي مردن، گڏجي صلاح مصلحت ڪري، اهو گڏيل فيصلو ڪيو آهي. اسان سيني کي ذهني ۽ عملي ۽ سياسي طرح تيار ڪيو آهي، اسان سيني جي دماغن کي تحريڪ جي لاهين چاڙهين ۽ حقيقتن سان روشن ڪيو آهي. اسان جون عورتون به ڀرپور حصو وٺنديون. اسان هنن کي هٿيار هلائڻ ۽ ٻي ضروري سکيا ڏني آهي. اسان تنظيم، رٿابندي، اتحاد ۽ تياريءَ تي پورو پورو ۽ ڊگهي عرصي کان توجهه ڏنو آهي. هر ڳوناٺو ۽ هر ڳوناٺي ذهني ۽ عملي طرح انقلابي بنجي چڪو آهي....." ٻئي پٽي ڳالهايو.

"بس، بس. مون جيڪو ڄاڻڻ ٿي چاهيو سو ڄاڻي ويس. فقط ايترو ٻڌايو ته رات ڪٽي ۽ ڪهڙي وقت پهچڻو آهي؟" دادلي پڇيو.

هن کي ٻڌايو ويو.

هو نئين اعتماد ۽ نئين جذبي سان گهر روانو ٿيو.

واٽ تي، سندس ماڻهن تي پوليس جي ظلمن کي ياد ڪري، وري جوش ۽ ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو. پر هلندي هلندي هو مُرڪڻ لڳو. هن کي هڪ پراڻي ڳالهه ياد اچي وئي هئي. هو جڏهن ڪراچيءَ ۾ ڪاليج منجهه پڙهندو هو، ۽ ملڪ جو ورهاڱو اڃان تازو ٿيو هو. تڏهن هڪ ڀيري هاسٽل ۾ هن جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر هن وٽ آيو هو ۽ چيو هئائين ته، "مون سان گڏ هل ته هلي گانڌي گارڊن مان ڪن گلن جا ٻج خريد ڪري اچون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هو ڳانڍي ڪارڊن پهتا ته اتي اندر هڪ مسجد ٺهي رهي هئي. اها ڏسي هيڊ ماستر چيو هو: "More the Mosques more the sin" (مسيتون وڌڻ سان گناهه به وڌن ٿا.)

انهيءَ ئي طرز تي هن وقت ڪيس خيال آيو: "ٿاڻا وڌڻ سان، عوام سان آزار وڌن ٿا." ❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات ۾ ڪِرڙي

سڌ جا ڪجهه سچڻ ۽ سڄاڻ اچي گڏ ٿيا. هر ڪنهن سنڌ جي حوالي سان ڏاهپ ۽ سچائيءَ واريون سونيون ۽ رڪارڊ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ٿي ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي مخالفت ۾ اڙدو ٻوليءَ جو ڪردار به دليلن جي درياهه جي وهڪري ۾ آيو. سڀ انهيءَ نتيجي تي سهمت ٿيا ته اڙدو ٻولي، سنڌي ٻوليءَ واسطي سامراجي حيثيت رکي ٿي. جهڙي طرح سامراج ڌاري ڌرتيءَ جي قوم کي غلام بنائي، ان جي سياسي ۽ اقتصادي پرماريت ڪندو آهي، اهڙي ريت ڏسبو ته آخري چند ڇاڻ ۾ سامراجي اڙدو ٻولي به سنڌي ٻوليءَ جي پرماريت ۽ معاشي فائدا حاصل ڪري ٿي.

سڀ سنڌي ڏاها ان تي پڻ يڪراء هئا ته اڙدو هڪ سَڄي ۽ ڪٽل ٻولي آهي ۽ اسانجي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ ڪوٽو پئسو به ڪونه لهي. ان تي سڀ سهمت هئا ته اخبارن، رسالن، ڪتابن، بي.بي.سي، ٽي.وي ۽ ريڊيو تي جيڪا اڙدو ڳالهائي ٿي وڃي يا لکي ٿي وڃي، سا گهٽو ڪري رڳو ڪوڙ، ڪپوڙن، مڪاري ۽ ٻچاپڙائيءَ سان ڀريل هوندي آهي. ان جو سبب اهو آهي جو ان ٻوليءَ ۾ سچائيءَ جو اظهار ڪرڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي نه گنجائش آهي نه لفظ آهن ۽ نه ايمانداري.

ان محفل ۾ مونکي پڻ ڳالهائڻ جو وجهه مليو ۽ دِل کولي اڙدوءَ خلاف ورهين جي سانڍيل ٻاڦ ڪڍيم.

ڪچهريءَ ۾ اهڙن سنڌي ساهتڪارن تي حيرانيءَ جو اظهار ڪيو ويو جي اڙدوءَ کي اهميت ڏين ٿا، يا ان ٻوليءَ ۾ لکن ٿا.

موٽندي ڏٺم ته هڪ هنڌ، اڙدو ٻاڙن جو جلسو هو. هو پنهنجي گندي زبان ۽ خبيث ذهنيت جو مظاهرو ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين خلاف ڏاڍا دل آزار ۽ ڪميٽپائيءَ سان ڀريل نعرا هڻي رهيا هئا. هنن جا نعرا ٻڌي، منهنجو اندر سڙڻ لڳو ۽ مغز تپي ويو. مونکي وڏيڪ يقين ٿيڻ لڳو ته اسين هن ڌرتيءَ جا ڌڻي، پنهنجيون وکون هاڻي تيز ڪنداسين ۽ جلدئي پنهنجيون طاقتون، پنهنجيون

صلاحيتون، پنهنجا وسيلا ۽ ٻيون ڪهربل وٿون، پيدا ڪري ۽ گڏ ڪري ۽ گڏجي، هنن جو هتان لڏو پٽائيندا اسين.

اهڙن خيالن سان جهنجهيل ۽ تتل دماغ سان جڏهن گهر پهتس ته ان وقت ٽي - ويءَ تي هڪ سنڌي شاعر جي شاعريءَ ۽ شخصيت جي باري ۾ اڙدو پرگرام پئي هلايو ويو. هو ٻارن ٻچن سميت موجود هو. هن کي سنڌيءَ جو وڏو شاعر سمجهيو ويندو هو، پر هن گهڙيءَ مونکي هن لاءِ ڪريل ۾ ڪريل سنڌي هجڻ لاءِ ٻه ڪا تشبيهه خيال ۾ نه ٿي آئي. ان مهل منهنجي اندر جيڪي جذبا جاڳيا، سي هيٺئين واقعي ۾ ظاهر ڪريان ٿو:

هي منهنجي شاگرديءَ جي زماني جو واقعو آهي.

مان ڈومیڈیکل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ايم. بي . بي . ايس جي پڇاڙڪي سال ۾ پڙهندو هوس. ان وقت، ذهني ۽ دماغي مريض ڊيڪارٽ ۽ انهن جي چڪاس ڪرڻ لاءِ اسانکي گدوءَ جي چرين جي اسپتال ۾ آندو ويندو هو. 1953ع واري بئچ ۾ مان به آيو هوس. اسان سان گڏ، اسانجو ذهني بيمارين جو پروفيسر ڊاڪٽر ڊنجي به هو. هو پارسي هو.

اسپتال جي اڱڻ ۾، هو سامهون بيٺل هڪ چرئي جي روڳ جي باري ۾ ڪجهه سمجهائي رهيو هو. چريو هڪ پٽ جي پرسان بيٺو هو. ڪڏهن اکيون ٽي مچڪايائين ۽ ڪڏهن ڏند ٽي ٽيڙيائين يا پڻ پڻ ٽي ڪيائين. ان مهل، پٽ تي هڪڙي ڪِرڙي پئي هلي. اوچتو ان مريض جهٽ هٽي، اها ڪرڙي پنهنجي هڪ هٿ ۾ پڪڙي، يڪدم پنهنجي وات ۾ ڪري وڏي ۽ وات پڪوڙي ڇڏيائين. هي عمل اهڙي تيزيءَ سان ۽ وڃ جي چمڪي وانگر ٿيو، جو ڪنهن جي به ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه آيو ۽ هرڪو حيران ۽ پريشان ٿي ويو.

چريو وات زور سان بند ڪري، بيهي، ٻئي ٻانهون ۽ هٿ پاسن کان لوڏي ڇنڊڻ لڳو ۽ نچڻ نموني ٻنهي پيرن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو، ڄڻ تتل ڌرتيءَ تي پير پوندا هجنس، پر هن جا چپ پڪوڙيل هجن. هن جون ٻئي منون ڦنڊي ۽ سسي رهيون هيون. شايد ڪرڙي هن جي وات اندر ڦٽڪي رهي هئي. هو ڏاڍي بي آراميءَ مان عجيب غريب آواز ڪڍي رهيو هو. اهي آواز هن جي نڙيءَ مان اچي رهيا هئا: "گان گان گان..... گون گون گون ...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چريو نه وات کولي رهيو هو، نه ڪرڙي ڇپاڙي رهيو هو ۽ نه اها ڳڙهي رهيو هو. اهو سڀ ڪجهه ڏسي، اسين شاگرد، پروفيسر ۽ اسپتال جي عملي جا ماڻهو گهبرائجي ۽ بدحواس ٿي ويا هئاسين. ڪرب، ڪراهت ۽ خوف کان اسانجا چهرا پيلا پئجي ويا هئا.

چريو لڇي پڇي رهيو هو ۽ نڙيءَ مان عجيب مخلوق وانگر، سمجهه ۾ نه ايندڙ آواز ڪڍي رهيو هو. نيٺ اسپتال جي عملي جا ماڻهو هوش ۾ آيا. هنن پاڻ سنڀاليو. چٽن چٽن وڏي وڇي هن جي ٻانهن ۽ ڄنگهن کي سوگهو ڪيو ۽ هن کي چيائون ته وات کول، پر چرئي تهائين زور سان وات بند ڪري ڇڏيو. نيٺ هڪڙي عملي جي ماڻهوءَ پنهنجي تجربي جي آڌار تي، فني نموني، ڪابي هٿ سان هن جي ڳاٽي کي پڪڙيو ۽ ساڄي هٿ سان زور سان هن جي ڪياڙيءَ تي مُڪَ هنئي ۽ چرئي جي وات مان ڳِگ ۾ ٻڏل ڪِرڙي اچي پَٽَ تي پيئي.

دل ته مڙني جي ڪچي ٿي رهي هئي. مونکي ياد آهي ته مون پريرو وڃي اُلٽيون ڪيون هيون. اهڙي طرح ٻين به ڪن ٻيڻلن کي قيءَ آئي هئي.

مان به ڪڏهن جيڪڏهن اڙدو ڳالهائيندو آهيان ۽ ٻين سنڌين کي به اڙدو ڳالهائيندي ٻڌو ۽ ڏٺو پئي اٿم، پر هن سنڌي شاعر کي پنهنجن شعرن جو اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪندي ۽ انهن جي سمجهاڻي اڙدوءَ ۾ ڏيندي ۽ اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندي ڏسي، مونکي اهو وات ۾ ڪرڙي وڌل چريو ياد ايندو رهيو ۽ ائين محسوس ٿيندو رهيو ته اجهو ٿو منهنجي طبيعت تي ان ڏينهن وارو اثر ٿئي.

دنيا ۽ زندگيءَ ۾ خوبصورتين کي ڪيئن نه گندگيون بنايو پيو وڃي.

سنڌ ۾ اڙدوءَ اڪيچار گندگيون مچايون آهن، غلاميءَ جي گندگين سميت! □

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي

”رليف ڪئمپ“ ڪهاڻيءَ ۾، امرجليل هڪ واقعو غلط لکيو آهي، اهو واقعو هُن، هِن ريت لکيو آهي.

”........ ڳالهيائين، ته آواز ڳورو پڙاڏي جهڙو ۽ غفائن مان ايندي محسوس ٿيو. چيائين ”منهنجي ڌيءَ مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. هوءَ ڏاڍي خوش هئي. پنهنجي لاءِ نوان ڪتاب وٺڻ ويئي هئي. تڏهن، جڏهن هوءَ ڪتاب وٺي دڪان مان نڪتي هئي، گولين جو وسڪارو ٿيو هو. اک ڇنڀ ۾ مئل ۽ زخمي ٿيل ماڻهن جا انبار لڳي ويا..... جيڪي بچي ويا، سي جيڏانهن منهن آين، تيڏانهن ڀڄي ويا.“ هڪ لمحي لاءِ هن ساهه ۾ سڏڪو روڪي ڇڏيو ۽ پوءِ چيو ”منهنجي ڌيءَ علائقي جي معزز شخص وٽ پناهه ورتي هئي...... معزز شخص ڪيس انيتاليهه ڪلاڪ، پنهنجي ۽ پنهنجي دوستن جي پناهه ۾ رکيو هو، پورا انيتاليهه ڪلاڪ!“ هو ٻيهر خاموش ٿي ويو، ڄڻ درد جي ويرَ سندس وجود کي ٻوڙي ڇڏيو. هن خشڪ اکين کي ائين اگهيو ڄڻ ازل کان اکين ۾ سمنڊ ڪٺي پئي گهميو. پوءِ ٻڌل ٻُوڙن وانگر اٻري آيو.

وڏيل وڏيل لهجي ۾ چيائين، ”ڪالهه اسر ويل منهنجي ڌيءَ موٽي آئي هئي. اڄ صبح جو هن خودڪشي ڪري ڇڏي!“

ائين چئي، افسوس، پيڙا ۽ ڳوڙهن ڀريل اکين سان ”رليف ڪئمپ“ جي آفيس مان نڪري ٻاهر هليو ويو ۽ چوندو ويو ته ”تنهنجي سرڪار وٽ منهنجي لاءِ ڪو معاوضو ناهي.“

ڪهاڻيڪار اول ئي ٻڌائي چڪو هو ته ”رليف ڪئمپ“ فقط انهن ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ لاءِ ٺاهي ويئي هئي، جي گولين لڳڻ ڪري يا مئا يا زخمي ٿيا هئا.

(٢)

اصل ۾ نه اهو همراهه ”رليف ڪئمپ“ ۾ آيو هو ۽ نه هن جي ڌيءَ آتم هتيا ڪئي هئي! ڇا وچولي ڪلاس جي ڪنهن اهڙي سنڌيءَ جو تصورڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکهجي ٿو، جو کهڻيءَ گهڻيءَ آفيس آفيس يا ميڙ ميڙ ۾ وڃي هوڪو ڏيندو رهي ته سندس ڌيءَ کي هيترن ظالمن بي آبرو ڪري ماريو آهي ۽ خاص ڪري جڏهن هن کي خبر هجي ته سرڪار وٽان ان جو ڪو معاوضو ڪونه ٿو ملي ۽ وڏيڪ اهم ڳالهه ته هن کي اهو احساس هجي ته ان جرم ۽ ظلم جو معاوضو ٿي نه ٿو سگهي. ان ڪري هو رليف ڪئمپ ۾ آيو ئي ڪونه هو.

بيو ته ڇوڪريءَ خودڪشيءَ ڪئي ئي ڪانه هئي. ٻن ڏينهن ۽ ٻن راتين جي زيادتين کان پوءِ، رات جي انڌيري ۾ جڏهن ڇوڪريءَ کي مرڻينگ حالت ۾ سندن گهر اڇلائي ويا ته ڇوڪريءَ مائٽن کي هيٺي ۽ جهيڻي آواز ۾ چيو ته "مان جي جيئري هجان ها ته انهن ظالمن کان بدلو وٺان ها، پر مان مري رهي آهيان، هاڻي اهو ڪم توهان جي سپرد ڪري ٿي وڃان......." پوءِ هنن کي انهن ڇهن ئي ڄڻن جا نالا نشان ۽ پار پتا ڏنائين. جن هن سان ظلم ڪيو هو ۽ پڇاڙڪي هڏڪي ڏيئي، سدائين لاءِ سرد ٿي ويئي. انهن ڇهن ظالمن مان به پناهگير ڪائونسلر ۽ به وڏيرا هئا. ڇوڪريءَ جو ڀاءُ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد هو. نوجوان، سگهارو، ذهين، سنڌ دوست، طبقاتي سماج کان باغي، باهمت ۽ باشعور. هو هڪ اهڙي سنڌ دوست پارٽيءَ جو ميمبر هو، جا ان خيال کان مڪمل هئي ته اها هر نوجوان ڪارڪن کي هٿياربند سکيا به ڏيندي هئي. پيءُ پٽ صلاح ڪئي، هنن فيصلو ڪيو ته ڇوڪرو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ٽن ساٿين کي هم خيال بنائيندو ۽ رٿابندي ڪري انهن ڇهني ظالمن کي، جن سندس ڀيڻ سان زيادتي ڪئي هئي، تن کي قتل ڪندو. هنن کي پڪ هئي ته وڏيرڪي سرڪار وٽان نه اڳ ڪنهن کي انصاف مليو آهي ۽ نه هنن کي انصاف ملڻ جي اميد هئي ۽ هي چارئي رهزن ته وري هئا ئي سندن طبقي جا. اهو ته عوام دشمن طبقو آهي. انهن ۾ جي سچائي ۽ ماڻهپو هجي ها ته ههڙا ظلم ٿين ئي ڇو ها؟ هنن پوليس وٽ به فرياد داخل ڪونه ڪرايو.

هڪ ڏينهن انهن مان هڪ معزز جي قتل جي خبر آئي، ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ انهن مان هڪ ٻئي معزز جي مارجي وڃڻ جي خبر آئي. باقي ٻن معزز کي پرون پئجي ويا ته هاڻي سندن وارو آهي. هنن پنهنجا شهري بنگلا ڇڏي، لڏي وڃي پنهنجو پنهنجو ڳوٺ وسايو.

نوجوان اتي به وڃي پهتن، پر ڳجهه ڳوهه ۾ هو ڳوناٺن ۽ هارين سان

ملندا رهيا. هنن کي معلوم ٿيو ته هارين تي وڏيرن جا ڏاڍا ظلم آهن ۽ هو انهن مان بيحد بيزار آهن. هنن کي وڏيرن جي ڪرتوتن جي به خبر هئي ۽ ڇوڪرن کي ٻڌايو ويو ته اتي سندن زالن ۽ نياڻين جي عزت محفوظ نه آهي. بهرحال هارين ۽ ڳوٺاڻن، هنن ڇوڪرن سان پورو پورو سهڪار ۽ سهائتا ڪئي، ۽ ٻنهي وڏيرن کي ماري هو واپس وريا.

ڪهاڻيڪار "رليف ڪئمپ" ڪهاڻيءَ ۾ جنهن ڪردار "عشق جو پيغمبر" جي پچار ڪئي آهي، جو ڪنهن به سوال جو جواب نه ته ڏئي ۽ جو آسمان ڏانهن نهاريندو رهي ٿو، سو به حقيقت ۾ "عشق جو پيغمبر" نه، پر "هاڻوڪي دور جو عملي دانشور آهي، جنهن جي هڪڙي هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار هوندي آهي. ڪهاڻي جو ٻيو ڪردار، جيڪو پنجن سالن جو ٻار هو، سو حقيقت ۾ ويهن ٻاويهن ورهين جو نوجوان، صحتمند ۽ سگهارو، تڙوڪڙو، جانباز ۽ باشعور آهي. ڪهاڻيڪار ته خبر ناهي ڪهڙي خيال کان انهن ڪردار کي "عشق جو پيغمبر" ڪوٺيو آهي، پر هن ۾ آيل ٻن لفظن "عشق" ۽ "پيغمبر" جي باري ۾ ڪجهه چوڻ ٿو چاهيان. عشق هڪ اڻ ڇنو، غير واضح منجهائيندڙ، جهنم، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل، گهڻ معنائون (گهڻن معنائن وارو) هڪ ٺي وقت خراب توڙي سٺي مطلب ۾ استعمال ٿيندڙ، هڪ ئي وقت ابتڙ ۽ متضاد معنائن ۾ ڪتب ايندڙ لفظ آهي. ڪنهن جي ذهن ۾ ان لفظ "عشق" جو ڪو صاف ۽ چٽو مفهوم نه هوندو آهي. گهڻا ماڻهو اهو لفظ لاشعوري طور ۽ ان جو مطلب سمجهڻ بنا استعمال ڪندا آهن. هر ٻوليءَ ۾ ڪيئي لفظ اهڙا ٿيندا آهن، جن جي معنيٰ ۽ ان سان ڳنڍيل تصور زماني ۽ ماحول سان ڦرندا رهندا آهن، ۽ هڪ وقت به هڪ لفظ جي معنيٰ مختلف ماڻهن وٽ مختلف ٿي سگهي ٿي. مونکي پڪ آهي ته هن وقت به "عشق" جي معنيٰ صوفيءَ وٽ، مُلي وٽ، شاعر وٽ، ساهتڪار وٽ، دانشور وٽ، پروفيسر وٽ، اسڪالر وٽ، شاگرد وٽ، نوجوان وٽ، عورت وٽ، مرد وٽ، پڙهيل وٽ، اڻپڙهيل وٽ، وڏيري وٽ، هاريءَ وٽ، سيٺ وٽ، پورهيت وٽ هڪ طبقي وٽ، مطلب ته هر انسان وٽ عشق جي معنيٰ مختلف آهي ۽ جا ٻئي کان متضاد به ٿي سگهي ٿي.

تنهن ڪري اهو لفظ استعمال ڪرڻ معنيٰ پڙهندڙن ۽ عوام کي منجهائڻ

۽ اوندهه ۾ رکڻ آهي.

هيو لفظ ڪتب آندو ويو آهي "پيغمبر" هي لفظ ڳنڍيل آهي مذهب سان، ان ڪري پڙهيل جو ڌيان هڪدم هليو ٿو وڃي مذهب ڏانهن. ۽ هنن جي ذهن ۾ ويٺل آهي تہ مذهب عبادتن ۽ عقيدن جو نظام آهي ۽ ان ۾ عقل ۽ دليل کان ڪم وٺي نہ ٿو سگهجي، ان تي بحث مابحثو ڪري نہ ٿو سگهجي ۽ نہ سوال پڇي ٿو سگهجي ۽ نہ تنقيد ڪري سگهجي ٿي. اڳئين زماني ۾ سماجي، سياسي ۽ جنگي اڳواڻن کي پيغمبر چوندا هئا. هاڻ ان لفظ جي استعمال جي ضرور نظر ڪونہ ٿو اچي. ماڻهن جي نفسيات کي بہ ڏسڻو آهي. اها ڏاڙهي پوش مُلن جي عادت ٿيندي آهي تہ هو هرو ڀرو بہ مذهبي اصطلاح استعمال ڪندا آهن.

مطلب آهي تہ "عشق جو پيغمبر" وارو اصطلاح ڪهڙو عام پڙهندڙ سمجهي سگهندو؟

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پنجن سالن جي ننڍڙي ٻار جي پچار ڪئي وئي آهي، جو ڪهاڻيڪار موجب روشن مستقبل جي علامت آهي. مان پنجاهہ سال ملڪ جي ورهاڱي کان بہ اڳ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون يا ناول پڙهيا هئا. انهن ۾ پڇاڙيءَ تي اهو ڏيکاريو ويو هو تہ نئين ڄاول ٻار يا ڇهن پنجن سالن جي ٻار کي ملڪ جي روشن مستقبل جو اهڃاڻ سمجهي پاڻ کي آٿت ڏنو ويجي ٿو. ان ڪانپوءِ بہ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون پڙهڻ ۾ ايندڻ رهنديون آهن. اهو ڪو نئون ۽ صحيح ويچار ڪونهي. ان ڪري مون مٿي چيو آهي تہ اهو ڪو پنجن سالن جو ٻار ڪونہ هو ۽ ڪهاڻيڪار کان غلطي ٿي وئي آهي. حقيقت ۾ هو ويهن ٻاويهن سالن جو صحتمند، سگهارو، جنباز، ذهين ۽ باشعور نوجوان هو ۽ سنڌ جي حال ٿوڙي مستقبل جي علامت هو. "رليف ڪئمپ" جي ڪهاڻيڪار، پنجن سالن جي ٻار کي مستقبل جي علامت بنائي ڇڻ اسانکي نصيحت ڪئي آهي تہ، "بابا، اڃا پندرهن ويهہ سال مرندا ۽ عضوا ڪپرائيندا رهو، هي علامتي پنجن سالن جو ٻار، ٽيهتائين جوان ٿي ويندو ۽ وطن کي بچائيندو!" اسانجي حال ۽ مستقبل جي علامتي نوجوان کي هينئر ٺي ڇا ڪرڻو آهي؟ ان جو جواب مان ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي لفظن ۾ ڏيندس، جي هن سنڌوءَ جي ساڳئي پرچي ۾ هڪ انٽرويو ۾ صفحي ٩ تي ڏنا آهن.

هن چيو آهي، ”جيسين سوال آهي دشمن سان جنگ ڪيئن ڪجي؟ تہ ان کان اڳ هڪ سوال جيڪو بنيادي ۽ غور طلب آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين جا دشمن ڪهڙا آهن؟ جڏهن دشمن جو تعين ٿي ويندو تہ انهن جي طاقت ۽ دشمن جي اثر رسوخ ۽ دشمن جي اختيار ڪيل حربن جي واقفيت حاصل ڪندي، اسان جنگ جا طريقا ڳولي سگهون ٿا. سنڌ ۾ دائمي طور قبضي ۾ رکندڙ قوتون ۽ سنڌ جي قومي ۽ سياسي ثقافتي سڃاڻپ کي ختم ڪندڙ ڌاريون قوتون، قومون ۽ انهن جا ديسي دلال، چاهي دانشور هجن يا واپاري ۽ جاگيردار هجن، جيڪو بہ قومي غلاميءَ کي مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌين کي اقتصادي طرح بدحال ڪرڻ، قومي طرح وجود جي خاتمي ۽ ڌرتي تان پير اکيڙڻ ۾ شريڪ آهي، اهو سنڌين جو قومي دشمن آهي. دشمن جي مقابلي ۾ محبِ وطن جماعتون ۽ قيادت توڙي عوام گهٽ ۾ گهٽ اڌ صدي پوئتي آهي. انڪري اسانکي هيءَ اڌ صديءَ جو خال پرڻو پوندو. تعليمي ۽ صنعتي ميدان ۾ اسانکي پاڻ - پرو ڏيڻو پوندو. ڪنمنڙن ڻاهڻ کان وٺي اسٽيل ۽ لوهہ ڻاهڻ تائين، اسان کي صنعت ۽ واپار پنهنجو ڪرڻو پوندو. فني ماهر ۽ ڪيئرج مزور تائين اسانکي پنهنجو پيدا ڪرڻو پوندو. تعليمي ميدان ۾ چٽاڀيٽيءَ ذريعي ۽ تعليم عام ڪرڻ خاطر عملي اُپاءَ وٺڻا پوندا. شهر ۽ ٻهراڙين ۾ توازن پيدا ڪرڻو پوندو. اٿين سمجهو تہ سياسي ۽ اقتصادي طرح قوم کي سگهارو بنائڻ ۾ محتاجي ختم ڪرڻ. پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو نتيجو هي ٿيندو تہ سڄي قوم سنڌس بقاءَ جي جنگ ۾ دشمن خلاف صف آرا ٿي ويندي. ان ڪانپوءِ ديسي دلالن ۽ غدارن کان قوم کي واقف ڪرائي، انهن کان نجات ڏيارڻي پوندي. نئين عوام، وچئين ڪلاس يا هاري مزورن جي قيادت پيدا ڪري، عوامي سگهہ کي منظم ڪرڻو پوندو. مُدي خارج ڪوڙهيل جاگيرداري ۽ ان کي قائم رکندڙ سياسي قيادت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. هن وقت تائين جُيڪي بہ مزاحمتي طريقا اختيار ڪيا ويا، اهي نامناسب رهيا آهن. پر هن وقت سڄي قوم ۽ خاص طرح نوجوانن ۾ سياسي شعور ۽ سگهہ ڏسي اندازو ٿئي ٿو تہ مزاحمتي سگهہ ۽ طريقا وڌيڪ مظبوط ٿيندا تہ قوم جي نئين سر تعمير ڪري سگهبي.

ڪهاڻيءَ جو ڪردار عشق جو پيغمبر حقيقت ۾ دانشور هو ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪٽين ۾ عمل تي گهڻو زور ڏيندو هو. چيو ويو آهي ته هن ڪجهه نه تي ڳالهايو، ڪو معاوضو ڪونه ٿي گهريائين، ڪنهن سوال جو جواب نٿي ڏنائين ۽ ماٺ ۾ ويٺو رهيو. اصل ۾ هو ماڻهو جي روش تي سوچي رهيو هو. هو سوچي رهيو هو ته هي ماڻهو دشمن سان جنگ جوٽڻ بدران، لاشن ۽ وڍيل عضون جي قيمت، پئسن جي صورت ۾ سرڪار کان معاوضي طور اڳاڙڻ آيا آهن، پوءِ اوچتو ڏٺو ويو ته اهو دانشور اتان اٿي هليو ويو هو. ڪهاڻيڪار ٻاهر وڃي ڏٺو ته دانشور، هڪ نوجوان پنيان وڃي رهيو هو. هو لهندڙ سج جي واٽ تي اڳتي نه وڃي رهيا هئا، جيئن ڪهاڻيڪار چاڻايو آهي، چو ته اهڙي واٽ جي چيڙي تي اونده ٿيندي آهي. پر هو روشن راهه تي هلي رهيا هئا، جتي سج پنيان پنيان اچي، هن جي واٽ تي وڏيڪ سوجهرو پکيڙي رهيو هو.

ڪهاڻيڪار ڊوڙي وڃي پڇيو ته "هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟" نوجوان وراڻيو، "مان تنهنجن بين سوالن پڇڻ کان اڳ سڀ ڪجهه توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان: 'مان سنڌ جي حال ۾ مستقبل جو جيئرو جاڳندو، سگهارو، باهمت ۽ باشعور نوجوان آهيان. هي سنڌ جو دلير دانشور آهي. سو سچو ڏينهن تنهنجي آفيس سامهون ويٺو هو، پر جنهن جي هن کي ڳولا هئي، اهو هن کي ڪونه مليو. مان اتفاق سان اچي اتان لنگهيس. جيئن ئي مونکي ڏٺائين ته اچي پاڪر پاتائين ۽ رڙ ڪري چيائين ته مان تنهنجي تلاش ۾ ڪتابن جا هزارين صفحا روشن ڪيا آهن. هينئر به هن منهنجي اڳيان هلڻ کان انڪار ڪيو ۽ منهنجي پنيان هلي رهيو آهي، اهو چئي ته سنڌ کي عمل جي ضرورت آهي ۽ تون هڪ ڪارڪن آهين ۽ هن وقت ڪارڪن جو مرتبو ليکڪ کان مٿاهون آهي. انڪري عمل جي ميدان ۾ تون منهنجو سونهون ٿي هل. مان هن کي ان ڪيتر تي وٺي وڃي رهيو آهيان، جتي هو پاڻ پنهنجي اکين سان هلي ڏسي ته ڪيئن نه هن ڌرتيءَ جا نوجوان لڙڻ جي تياري ڪري رهيا آهن ۽ هٿيار بند سکيا وٺي رهيا آهن...... باقي رهيو شاعرن جو سوال، سو جيستائين شاهه، سچل ۽ ساميءَ کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريون ٺهن، تيسين عام ماڻهو، موجوده دور جي عوامي شاعرن کي ٻڌي پنهنجا ذهن بدلائين پيا. مثال طور توهان ضرور ڏٺو هوندو ته جلسن ۾ استاد بخاري ۽ راشد مورائي جا انقلاب، بغاوت،

پورهيت، هاري ۽ سنڌ جي مٽيءَ جا گيت ڳڌي، هزارن لکن جو هجوم جوش مان ڪيئن نہ اٿي کڙو ٿيندو آهي ۽ جهومندي جڻ هٿن مان پيو ويندو آهي. حالانڪہ هنن جي گيتن سان ڪڏ ساز ۽ دهل شرنايون بہ ڪونہ هونديون اهن. ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا شاعر آهن جي سنڌ جي مٽيءَ ۽ سنڌ جي موجوده حالت جي پيدائش آهن."

هو هن کي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هو اهو نوجوان آهي، جنهن پنهنجي مظلوم ڀيڻ سان ڏاڍائي ڪندڙ چٽني ڪميٽن کان بدلو ورتو هو ۽ هو سنڌ جي حال ۽ مستقبل جو سپاهي ۽ ڪارڪن آهي ۽ هينئر کان ئي ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي مٽي انٽرويو ۾ ٻڌايل واٽ مطابق ان تي عمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي. ❑

ڀڙين ملھ

بهادر چرڪ ڀري اٿي ويٺو. انهيءَ چرڪ جي چال ۾ متان پاتل رلي ته وڃي ڪٽ کان هيٺ پئي، پر هو پاڻ به ذري گهٽ ڪرڻ کان بچي ويو. بند ڪمري ۾ اوندهه ئي اوندهه هئي. پهرين خيال آيس ته ڪنهن پناهگير ڌماڪو ڪيو آهي: هي ڌرتيءَ ڌڪاڻا هاڻي ڳوٺن ۾ به مستيون ۽ ڪارروايون ڪري رهيا آهن. شايد ڪنهن سنڌيءَ جي گهر ٻار کي تباهه ڪيو هوندن. پر نه، ائين نه آهي. جنهن آواز هن کي جاڳايو هو، اهو ته اڃا جاري هو. نهايت بي ڍولو، بي رنگ، بي سرو، ڪن ڦاڙيندڙ، چيڙائيندڙ، دماغ خراب ڪندڙ ۽ غفائن مان ايندڙ آواز. پوءِ هن کي اهو آواز ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ لڳو. نهايت اڍنگائيءَ سان شاهه لطيف ۽ سچل جا شعر چچريل نموني پڙهي رهيو هو ۽ وچ وچ ۾ پنهنجي اهل عيال ۽ وڏيري جي حق ۾ اڻ ٿڪندڙ دعائون گهري رهيو هو.

بهادر کي هڪ ٻيرو خيال آيو ته شايد ڳوٺ جو وڏيرو مري ويو آهي، ان جو اطلاع پيو ڳوٺ وارن کي ڏئي، ڇو ته بتي ٻاري هن ڏٺو هو ته وقت ساڍا چار ٿيو هو ۽ فجر جي ٻانگ ڇهين وڳي کان پوءِ ايندي هئي، پر اٿي ٿي وري شعر چوندي ۽ دعائون گهرندي ٻانگي ٻانگ ڏيڻ شروع ڪئي. ٻانگ به ايڏي ڏکي جهڙي هندستان مان ايندڙ پناهگير جي لاني، جا 1947ع کان شروع ٿي آهي ته اڃا تائين نه ٿي ڪٽي. اها پوري ڪري وري اچي آيتن ۽ حديثن پڙهائڻ ۾ پيو. آواز اهوئي اپ ڦاڙيندڙ، اڍنگو ۽ اڻ ڇنو. وري ڪي پندرنهن ويهه منٽ اهو شغل ڪيائين. پوءِ ڄاڙي هٽي شايد ٿڪجي پيو جو بس ڪيائين. ٻين مسيتن مان ان کان به اڌ ڪلاڪ پوءِ فضيلت سان ٻانگون ڏنيون ويون ۽ ٻن منٽن ۾ ٻانگون پوريون ڪري لائوڊ اسپيڪر بند ڪيائون.

بهادر ماستر هو ۽ منهن مهانڊي ۾ ملھ لڳندو هو. عمر ٽيهارو سال. هوشيار ۽ باهمت، باشعور ۽ قومي احساس سان ڀرپور. پراڻي نظام کان سخت باغي ۽ قومي آجپي لاءِ سرگرم انقلابي، جتي به نوڪريءَ ۾ هوندو هو

تہ اتي باشعور سياستدانن ۽ انقلابي پارٽين سان دل جي خلوص ۽ سنڌ جي سچائيءَ سان سات. البت ملازم هجڻ ڪري احتياط سان، ٻارن کي ڪلاس ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ٻولي ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي باري ۾ ڪتابن ۾ جيڪو ڪوڙ ۽ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتل آهي، تن بابت کولي حقيقتون ٻڌائيندو ۽ جن کي سورمو بنائي پيش ڪيو ويو آهي، تن جي ۽ ڪتابن لکندڙ جي منافقت کان پنهنجن سنڌي شاگردن کي ثابتين ۽ دليلن سان پوري طرح واقف ڪندو، ۽ سنڌي سورمن ۽ سنڌ جي عظمت جون سچايون ٻڌائيندو هو.
هن ڳوٺ ۾ هن جي بدلي ٿي هئي. حالي هڪ دوست جي اوطاق ۾ اچي رهيو هو. اڄوڪي رات ڳوٺ ۾ هن جي پهرين رات هئي.

هو مامري کي سمجهي ويو. ڪن ڳوٺاڻن سان ڪچهري ڪيائين سڀ آزاريل هئا، پر مذهبي ليبل هجڻ ڪري ڪُجي ڪونہ ٿي سگهيا ۽ وري هيءَ مسيت تہ وڏيري جي هئي. ۽ ان جو ملو وڏيري جو دادلو هو. وڏيري جو پنهنجو گهر تہ ڳوٺ جي ٻئي چيڙي تي هو، ان ڪري آواز اوستائين پهچي ڪو نہ ٿي سگهيو ۽ هنجي آرام ۾ رخنو ڪو نہ ٿي پيو.

بهادر اهو بہ ٻڌو تہ هڪ ٻيو زميندار، جو ان مسجد واري وڏيري سان گهرو هو، تنهن هڪ پيري ڪلي چيس تہ تو واري ملي جو آواز کهڪهو آهي. مان توکي اهڙو ٻانگو ٿو وٺي ڏيان جنهن جو آواز حضرت بلال جهڙو مٺو آهي ۽ ان کي پگهار بہ مان ڏيندس، رکو تون قبول ڪر"

وڏيري وراڻيو، "نہ يار، هي اسانجو پراڻو ملو آهي، منهنجي ابن ڏاڏن وٽ بہ اهو هو ۽ وڏي ڳالهہ تہ اسانجو منشي بہ اهو آهي، اسانجي ساري زميندار ي ۽ ڪاروبار کان بہ واقف آهي ۽ سدائين اسان سان وفادار ٿي رهيو آهي.

بهادر کي ڳوٺ مان اها بہ خبر پئي تہ ملو، وڏيري جي هر حرامپائي، بدڪاري، ظلم ۽ بي ايمانيءَ جي پنيرائيءَ ۾ ڪتاب کولي ان کي فتوا پڙهي ٻڌائيندو هو تہ هن ڪا ڏاڍائي ڪا نہ ڪئي آهي، پر هن کي ان جو پورو حق هو ۽ هن جو اهو ڪم ناجائز نہ هو. پوءِ ڪٿي ڪنهن مسڪين هاريءَ کي قتل ڪرائي، ڪنهن جي نياڻين ۽ زالن جي عزت لٽي، ڪنهن هاريءَ کي بيدخل ڪري، ڪنهن جا پئسا کائي وڃي.

ڪوڙو هاري هو. هو پنهنجي ڪٽنب وارن کي ڏکيو رکي به پنهنجي پٽ کيهر کي پڙهائي رهيو هو. هو پر واري شهر جي هاء اسڪول ۾ ڏهاڙي اوڻ موڻ گرمي سرديءَ ۾ ڏهه ميل پنڌ ڪري پڙهڻ ويندو هو. نيٺ هن مئٽرڪ پاس ڪئي. مُلي وڏيري جا ڪن پريا ته هي جڻ جو پٽ ٿورو پڙهيو آهي ته توهانجو ادب ڪو نه ٿو ڪري ۽ توهان جي سامهون ڪرسيءَ تي چڙهي ٿو ويهي. ۽ ڪوڙو ته اڃا پنهنجي پٽ کيهر کي ڪاليج پڙهائڻ ٿو چاهي، پوءِ اهو ٽڪي جو ڇورو ته توهان کي نه سلام ڪندو ۽ نه سڏ تي ايندو. وڏيري کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ اندر ڪامي ويس. هن ڪوڙي کي گهرائي دٻ ڪڍي، ڇيائينس ته پٽ جي پڙهائي بند ڪري هن کي ڪيتيءَ تي اباڻي ڌنڌي سان لڳائي. ڪوڙي کي خبر هئي ته وڏيري سان بحث ڪرڻ يا سامهون انڪار ڪرڻ اجايو هو. هن ماٺ ڪري ٻڌو ۽ ماٺ ڪري موٽي ويو، پر کيهر دستور موجب ڪاليج ويندو رهيو. مهيني ڪان پوءِ، دستور موجب ڪاليج ڏانهن ويندڙ رستي تي کيهر جو لاش مليو. ملو ڪتاب کولي وڏيري کي ٻڌائڻ لڳو ”اهو ڪو توهان غلط ڪم ڪونه ڪيو آهي. ٻڌو ڪونه اٿو ته ”جڻ پڙهيو، الله اڙيو“ سو توهان ڳوٺ وارن کي گهڻن خرابين ۽ بدعتن کان بچايو آهي. اهي ڇورا به ڪتاب پڙهي خدا جا ئي منڪر ٿيو وڃن“ وڏيرو سچي ڳهه ۾ لنبيل مڃن کي وٽڻ لڳو.

ڪرڙ جي ڌيءَ جوان ٿي ته وڏيري جو سڪ ڦٽي پيو. ڌوتين، ڪنٽين، پڙوين، ملي، ڪمدار، اوسي پاسي جي شودن ذريعي وڏا وس هلايائين، پر هڙ حاصل ڪجهه نه ٿيس. نيٺ ڪوڙو ڪيس ڪري وڏيري، ڪرڙ کي ڏهه سال ٽيپ ڏياري ۽ هنجي ڌيءَ کي سريت بنائي پنهنجي حويلي ۾ اچي ويهاريائين. مُلي ڪتاب کولي هن جي ان ڪرتوت جي پٺڀرائي ڪئي. چي ”خليفن ۽ امامن وٽ به سوين سوين سريتون ۽ ٻانهيون هونديون هيون. هينئر به عرب اميرن، عرب شيخن، عرب شهزادن ۽ عرب بادشاهن جي حرمن ۽ محلن ۾ سوين سوين زالن ۽ سرتين جا ميڙ لڳا پيا آهن. سو توهان اهو ڪو گناهه جو ڪم ڪو نه ڪيو آهي. وڏيرو خضاب لڳل مڇن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندو رهيو.

جمن هاري بيماريءَ ڪري، وڏيرو جي لاباري جي بيگر ۾ وڃي نه

سکڻيو ته وڏيرو نه هن کي ٻنيءَ ڏني ۽ هن کان زمين کسي بيدخل ڪري ڳوٺ مان اڳهاڙين پيرين ڪڍي ڇڏيو. هن جا ٻار ٻچا ۽ سندس ٿاهيل گهر تباهه ۽ برباد ٿي ويا. هن جا ٻه ننڍڙا پٽ دربدريءَ ۽ بيمارين ڪري موت جو شڪار ٿي ويا. مُلي ڪتاب کولي، وڏيري کي تسلي ڏني ته هن غلط ڪم نه ڪيو آهي. آقا هڪ نافرمان غلام سان اهڙيون جٺيون ڪري سگهي ٿو.

ڪيترن ڳوٺاڻن ٻڌو ۽ ڏٺو هو ته وڏيرو پنهنجي خضاب ۽ سچو گهه لڳل ميڇن کي مروٽي، ويچونءَ جي پڇ وانگر ٺاهي، ڏاڙهي هٽندي، مُلي کي چوندو هو ته ”هن ڳوٺ جي گهٽين ۾ جيڪي ٻار ڏسين ٿو، سي منهنجي تخم مان اٿئي!“

ملو جواب ڏيندو هو ”بسم الله! بسم الله! بيشڪ بيشڪ! توهان آقا آهيو ۽ توهانکي هتي جي هر جيوَ مرد توڙي عورت جي استعمال جو پورو ۽ خدائي حق آهي.“

ماٺهو مُلي کان انڪري به ڏڄندا هئا، جو ملي جي سفارش تي وڏيرو ماڻهن جا ڪم ڪندو هو ۽ جي ملي مخالف ڪئي ته پوءِ انهيءَ شخص جو کهڙو به معمولي ۽ جائز ڪم هجي ته وڏيرو صفا نابري واريندو هو. هونءَ وڏيرو صفا ڪورو چٽ هو.

اجا تائين به اسان جي ڳوٺن جو سماجي جوڙجڪ اهڙو آهي، جو هاري، پورهيت ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري جو محتاج ٿيڻو پوي ٿو. ٻار، زال يا ٻئي ڪنهن ياتيءَ جي بيماريءَ جي حالت ۾ هن کي ڏهن رپين لاءِ به وڏيري وٽ ويڃڻو پوي ٿو ۽ وڏيرو هن کي ڏاڍو ذليل ڪري اهي ڏهه رپيا ڏي ٿو يا گهٽين حالتن ۾ انڪار ڪري موٽائي ٿو ۽ جي ڏئي ٿو ته حراماپائي ڪري رجسٽر ۾ ڏهن بدران ويهه يا ٽيهه لکيو ڇڏي. اهڙي طرح عيد مراد، پرٽو،مرٽو، مهمان مڙو، پت خيرات يا ٻين اهڙين اوچتاين لاءِ هاري ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري وٽ ويڃڻو پوي ٿو. يا ڪوڙو سوڙو الزام هڻي پوليس هاريءَ جي در تي ٿي اچي بيهي يا ٿاڻي تي وٺي وڃي، يا هاريءَ کي ڪا لڪپڙهه ڪرڻي آهي يا مختيارڪار يا ٻي آفيس ۾ ويڃڻو آهي ته هن اٽپڙهيل ڳوٺاڻي کي وري به وڏيري جي منشيءَ وٽ ويڃڻو پوي ٿو.

انهيءَ ڪري بهادر پنهنجو اهو دستور ٺاهي ڇڏيو هو، ته جنهن به ڳوٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هنجي مقرري ٿيندي هئي ته هو ان ڳوٺ جي هاري ڪاميٽي، يا شاگرد پارٽي، يا جيڪا به سياسي تنظيم هوندي هئي، جي ڪا پارٽي نه هوندي هئي ته اهڙا ماڻهو ۽ نوجوان ۽ شاگرد جاچيندو هو، جي سڌريل ۽ سلجهيل هوندا هئا ۽ انهن کي چوندو هو ته اهڙو بندوبست ڪن ۽ چندا ڪري هر وقت چڱا پئسا پاڻ وٽ موجود رکن جو ضرورت وقت هاري ۽ ڳوٺاڻي جي ٻي مدد سان گڏ، هن جي ڏوڪڙ پيسي سان به مدد ڪري سگهن. حالي اهو ئي طريقو آهي هاري ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري جي چنبي مان ڇڏائڻ جو.

حالي ته هن کي ڇڏائڻو هو هن ڳوٺ جي رهاڪن کي توتارن جي آواز جي چنبي کان هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو ۽ ڪيترن ڊاڪٽرن کان ٻڌو هئائين ته وڏو، گوڙيلو، اپ ٽاڻ آواز، انسانن ۾ ڪيترائي روڳ پيدا ڪري سگهي ٿو، جهڙوڪ بلڊ پريشر، اڌ رنگ، ٻوڙاڻ، چريائپ، ماليخوليا، ننڊ نه اچڻ، بي آرامي، چيڙاڪ طبيعت ۽ خاص طرح ٻارن لاءِ ته اهو وڏو ويل آهي. ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن بهادر برداشت ڪيو چوٿين رات .... رات جو چئين بجي ڪان پوءِ، بهادر مسيت ۾ وڃي لڪي ويٺو. ان وقت ڪا ٻي پهر ڪا نه هئي، نه رستي تي ۽ نه مسيت اندر هن پڪي جي ٻٽ ٻڌي ۽ هڪڙي هٿ ۾ پستول جهليائين، جو ونس اول ئي هو.

مُلو ڪکهندو ڪڙڪندو، وضو ڪري اچي مائيڪ سامهون ويٺو. جيئن تيئن ڪن تي هٿ رکيائين ته بهادر پٺيان اچي هڪ هٿ سان وات بند ڪيس ۽ ٻئي هٿ سان ڪنڌ تي پستول رکي چيائينس ”هل، جيڏانهن مان وٺي هلانءِ. آواز ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ!“

پوکن ۽ فصلن جي وچان هن کي وٺي اچي هڪ وهندڙ واهه تي نڪتو. واهه جي ڪنڌيءَ تي ويهي، بهادر هن جي رات وارو هٿ هٽائي ڇڏيو. اڄڪلهه ڌاڙيلن جون وارداتون عام جام ٿي پيون آهن. ملي سمجهيو ته ڪو ڌاڙيل آهي ۽ مونکي اغوا ڪري رهيو آهي.

چيائين ”مان غريب ٻانگو آهيان، مون مان ڇا حاصل ٿيندي، خدا جي واسطي مونکي ڇڏ ته مان وڃان......“

بهادر ڪو جواب ڪونه ڏنو ۽ پستول پنهنجي ور ۾ وجهي ملي کي

کنڌ مان قابو پکڙي کڻي پاڻي ۾ اچلايائينس ۽ دڙڪو ڏنائينس تہ جي دانهن ڪئي اٿئي تہ پستول سان شوٽ ڪندو سانءِ! هن بہ ٽي گهوٽا ڪاڏا ۽ ڪناري ڏانهن هٿ وڌايائين، سيءَ ۾ ٺڙڪيو پئي. بهادر ٻاهر ڪڍي هن کي ڪنڌيءَ تي وهاريو تہ ساهہ کڻي. "خدا جي واسطي مونکي ڇڏ! خدا جي واسطي مونکي ڇڏ!" ملو ليلائيندو رهيو.

بهادر هن کي وري پاڻيءَ ۾ اڇليو بہ ٽي گهوٽا کائڻ کان پوءِ وري هن کي ڪڍيائين. بهادر ڏنو تہ هنجي ڦڦڙن تائين ٺورو پاڻي پهچي چڪو آهي، پر ايترو ڪونهي جو مري، البت نمونيا ٿي پوندس ۽ ٻہ ٽي هفتا هنڌ ۾ پيو هوندو، اها سزا ڪافي اٿس.

مُلو ڪروندڙو ٿيو، نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾، واهہ جي ڪناري تي پيو هو. بهادر اتان روانو ٿيندي، هن کي چتاءُ ڏنو. "اڄ اڌ مئو ڇڏي ٿو وڃانءِ، جي وري توتاري تان ڳوٺ جي خلق جو سک ڦٽايو اٿئي تہ پورو مئو ڇڏي ويندوسانءِ يا ائين سمجهہ تہ هيءَ پهرين ملهہ آهي ۽ اها ئي ملهہ ٿيندي"

صبح جو ڪن ماڻهن هن کي ڏٺو ۽ سڃاتو ۽ هن کي سندس گهر پهچاين. نمونيا ڪري هو مرندي مرندي بچيو. ٻہ هفتا ٻاهر ئي نڪري ڪو نہ سگهيو. ڪنهن کي بہ اصل واقعو ڪونہ ٻڌايائين. پنهنجي جانشين جو نالو بہ وڏيري کي پاڻ ئي ٻڌايائين، ان عارضي جانشين کي سڏائي هدايت ڪيائين تہ بانگ ڏيڻ وقت يا هونءَ بہ مسيت ۾ لائوڊ اسپيڪر جو استعمال نہ ڪري. اهو ناجائز آهي، ڇو تہ قرآن ۾ خدا جو حڪم آهي تہ "اي ايمان وارو! پنهنجي آواز کي رسول جي آواز کان وڌيڪ بلند نہ ڪيو.... (يا ايهاالذين آمنو لاترفعو اصواتڪم فوق صوت النبي ... سيپارو ٢٦ سورت الحجرات جو رڪوعا آيت٢) ۽ ٻيو تہ لائوڊ اسپيڪر سائنس جو اوزار هجڻ ڪري شيطاني اوزار آهي، ڇو تہ سائنس خدا جي وجود جي منڪر آهي. شهري ملن ۽ مولوين اها بدعت شروع ڪئي هئي. ۽ اسان ڳوٺن جي مستين ۾ بہ انهن کي ڏسندي، انهن جي ريس ۾ ان بدعت جي تقليد شروع ڪري ڏني. ۽ اهو وساري ويٺاسين تہ اهو دجال جو آواز آهي.

ڳوٺ وارن کي وچ جي خبر ڪانہ رهي. پر هو آرام ۽ فرحت سان

پنهنجيون راتيون ۽ ڏينهن گڏارڻ لڳا، ۽ سک ۽ صحت جو ساهه کنيائون. عارضي ٻانگو مناري تي چڙهي ٻانگ ڏيندو هو. اصلي مُلو صحتمند ٿي وري ڊيوٽي تي چڙهيو تہ لائوڊ اسپيڪر ئي مسيت تان لهرائي ڇڏيائين ۽ آهستي آهستي ٻين مسيتين جي ملن بہ ائين ڪيو. ❑

پيار نہ پلبو پڃرن ۾

”مون هزار دفعا توکي سمجهايو آهي، پوتون کونہ سمجهندين، اڄ مون کي زبردستي ڪرڻي پوندي !“ ائين چئي، مون اُٿي، هن جي عاليشان ڊرائنگ هال ۾ رکيل وڏي شاهي چاريدار پڃري جو در کولي ڇڏيو. ان ۾ بند ٽيل ويهہ پنجويهہ جدا جدا رنگن جا، ڪي ساوا، ڪي پيلا، ڪي چٽڪمرا، ڪن جون ڇهنبون ڳاڙهيون، ڪن جون پوريون، ڪي جهرڪيءَ جيڏا ڪي ان ڪان وڏا، ڏسڻ ۾ ڏاڍا خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ آسٽريليا جا طوطا، ڪليل در مان آهڻ ٽيندا، اهڙي تيزيءَ سان نڪري اڏرڻ لڳا ڄڻ تہ هڪيئي ڪان گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندا هجن يا ڊپ هجين تہ اهو ڪليل در وري بند نہ ڪيو وڃي.

منهنجي دوست ان ڪارروائيءَ ۾ نہ منهنجي مخالفت ڪئي ۽ نہ منهنجو هٿ روڪڻ لاءِ اڳتي وڌيو. هو مون ڏي نهاريندو مرڪندو رهيو.

طوطا، آزاديءَ جي هوا جو پهريون مزو وٺندا، پَرَ ڦڙڪائيندا، فضا جي جدا جدا طرفن ۾، پنهنجي رفتار سان اڏامندا، جلد ئي نظرن کان غائب ٿي ويا.

”يار دل ۾ نہ ڪجانءِ. پکين کي پڃري ۾ بند ڏسي ڏاڍي ڪوفت ۽ الجهن ٿيندي اٿم، دل دانهون ڪندي آهي ۽ ذهن زخمي ٿي پوندو آهي، ۽ انهن کي بند ڪندڙ تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي اٿم.“

هو مرڪندو رهيو. چيائين ”مون کي خوشي آهي تہ مون پنهنجي دلبر دوست ۽ دانشور جي هڪڙي ڪتابي خواهش پوري ڪئي آهي تہ پکي آزاديءَ جي علامت ٿيندو آهي ۽ انسان جو ان کي پڃري ۾ بند ڪرڻ، آزاديءَ جي نفي ڪرڻ برابر آهي. پر هيترن پين هزارن لکن ماڻهن جو پکين کي پڃرن ۾ بند ڪري رکيو آهي، انهن لاءِ ڇا ٿو چوين. منهنجا پکي تہ تو آزاد ڪري ڇڏيا. هاڻي؟“

”مون کي ان جو الڪو ناهي. اسان جي ڌرتيءَ تي هزارين مون جهڙا ماڻهو پيدا ٿي رهيا آهن. مون تہ حجت ڪري توسان زبردستي ڪئي آهي، پر

ماڻهن جي ذهنيت ڦيرائي پئي وڃي ۽ جڏهن ذهنيت ڦري ويندي تہ ماڻهو پاڻ جو پاڻ پيڃرن جا دروازا کولي ڇڏيندا."

"ڪنهن جي ڪنهن جي ذهنيت ڦيرائيندين؟"

"مون اڳ بہ توکي ٻڌايو آهي تہ اڄ بہ دنيا ۾ غلاميءَ جون نشانيون موجود آهن."

"هاڻي تون ورجائيندين تہ دنيا ۾ ملڪيت جي رواج سان، غلاميءَ جو دور شروع ٿيو. ملڪيت جو مالڪ ٻئجي ويو آقا ۽ ملڪيت تي پورهيو ڪندڙ ٻنجي ويو غلام. يونانين ۽ روم جي حڪومت ۾ ماڻهن جو باقاعدي واپار شروع ٿيو، يعني پورهيتن کي غلام بڻائي، باقاعدي بازار ۾ پئسن تي وڪرو ڪيو ويندو هو ۽ هنن کي زنجيرن ۾ ٻڌي رکيو ويندو هو ۽ جانورن وانگر هنن کان ڪم ورتو ويندو هو. ان کان پوءِ آمريڪا ۽ يورپ جا ملڪ، آفريڪا جي شيدين کي ايئن شڪار ڪري ڦاسائيندا هئا، جيئن جهنگلي جانورن کي لوهي پيڃرن ۽ لوهي اوزارن ۽ لوهي ڪوڙڪين سان ڦاسائبو آهي. پوءِ هنن تي وحشي ظلم ڪري، آمريڪا ۽ يورپ جي مارڪيٽن ۾ آڻي وڪيو ويندو هو."

"انهيءَ قسم جي غلاميءَ جي واپار جي تہ هر ڪنهن کي ڄاڻ پئجي وئي آهي، پر هن زماني ۾ بہ غلام موجود آهن. زميندار، دولتمند ۽ سرمائيدار آقا آهن ۽ هاري، پورهيت ۽ مزدور غلام آهن."

"توهان عورتن جو ڏاڍو بدر ڪٽندو آهين تہ عربن، عورتن جي غلاميءَ جو نئين سر رواج وڌو ۽ اڄ تائين اها غلامي زورن تي آهي. نہ رڳو عربن جي ملڪن ۾ پر اسان جي ملڪ ۾ بہ حرم، حويليون، سٽن ڪوٽن ۾ بند عورتون، عورتن جو حق بخشائڻ، هنن کي پردي ۽ جهالت ۾ رکڻ، چار چار شاديون ڪرڻ، سريتون رکڻ ۽ ٻيا طرحين طرحين قيد ۽ بند جا هنن تي ظلم ۽ عقوبتون ٿي رهيون آهن. عورتن جي غلاميءَ جو مسئلو تہ اسان جي ڌرتيءَ تي بہ آهي، توکي ان باري ۾ ڪجهہ ڪرڻ ۽ ڪرائڻ گهرجي!"

"ها، اها صحيح ڳالهہ آهي. مان ان تي لکندو بہ رهيو آهيان ۽ سوچيندو بہ رهيو آهيان. پر بنيادي حقيقت هي آهي تہ ماڻهوءَ کي ڦٻندو اهو جو هو پنهنجي گڏيل طاقت ۽ تنظيم سان وڙهي حاصل ڪندو. عورتن کي پنهنجي

آزاديءَ لاءِ پاڻ ئي وڙهڻو پوندو. بغاوت ڪري مرد جي چنبي ڪان پاڻ ڪي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. باقي اها اميد رکڻ تہ گهر ويٺي ئي مرد هنن کي آزادي، برابريءَ جا انساني حق ڏيندا، اها هنن جي پڏري حماقت ٿيندي. عورتن طرفان تحريڪون ۽ بغاوتون ئي ان جو علاج آهن. سچاڻ ۽ انسان دوست هنن جي فقط اخلاقي سهائتا ئي ڪري سگهن ٿا."

"اهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ عورتن جي آزادي، مردن برابر حق حاصل ڪرڻ ۽ انساني درجو ماڻڻ لاءِ تحريڪ ۽ جدوجهد جو روپ ڪهڙو هجڻ گهرجي؟" مون وراڻيو.

اتي بنگلي واري دوست جو نوڪر آيو ۽ مون ڏي مهڙ ڪري چيائين، "سائين، ٻاهر ڪو همراهہ توهان کي سڏي رهيو آهي."

(٢)

صبح جو پهر هو. موٽر پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. رستي تي روزمرہ وانگر گاڏين جي ٻي انت اچ وڃ هئي. مان روهڙيءَ کان اڳيرو پهريون ڀيرو وڃي رهيو هوس. اتر سنڌ بہ وچولي سنڌ وانگر سرسبز سائي ۽ آباد شاداب آهي. چوڌاري ساوا فصل ۽ پوکون، سورج مکيءَ جا ٻيلا ۽ وشال فصل ڏاڍا وڻندڙ ۽ خوشي بخشيندڙ لڳي رهيا هئا، جيئن سرنهن جا پيلن گلن وارا فصل ميلن جو ميلن ۾ پکڙيل ۽ دل کي ڇڪيندڙ لڳندا آهن، جو انهن مان نظر ئي نہ ڪڍجي. ڪٿي ڪٿي ڪٽڪ جا لاٻارا پئجي رهيا هئا ۽ سچار ۽ محنت ڪش هاري پنهنجي ڪم ۾ جنبيل هئا. ڪٿيل فصل جون ڳڏيون ٺاهي، پنهنجي مٿي، ڪلهن ۽ پٺيءَ تي کڻي، ڪري وٽ ڪندا ٿي ويا. رستي جي پاسن کان ڪٿي ريل جا پٽا هئا تہ ڪٿي وهندڙ واهہ. واهہ ۾ ڪٿي وڏا توڙي ننڍا وهنجي رهيا هئا، ڪٿي عورتون لٽا ڌوئي رهيون هيون، ڪٿي مال پاڻي پي رهيو هو. زمينن ۾ ڪجين جا باغ بہ ڏاڍا هئا ۽ نظرن کي ڀلا لڳي رهيا هئا. ٻيا بہ ڪيترائي باغ هئا. ڏاڍي وٽڪار هئي. رستي جي ٻنهي پاسي ماحول کي سرهو بڻائيندڙ بيد مشڪ جا ڏکها ۽ سهڻا وڻ هئا. جدا جدا پکي فضا ۾ اڏامي رهيا هئا ۽ وڻن ۾ سريلا آواز ڪڍي رهيا هئا. پکين جون لاتيون، پکين جي موجودگي ۽ انهن جون رانديون، ڏسندڙن کي راحت ڏيڻ لاءِ ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. آزادي، پکين ۾ به ڪيڏي نه سونهن، خوشي، جيون ماڻڻ، پنهنجي جيون جون ضرورتون، پاڻ پورهيو ڪري هٿ ڪرڻ ۽ ميڙي رکڻ جي خواهش، محنت ۽ شوق پيدا ڪري ٿي.

مون سوچيو سنڌ جي زمين فصلن سان آباد آهي، سنڌ جي فضا پکين سان آباد آهي ۽ سنڌ جو آسمان روشنيءَ سان آباد آهي. الا، جي سنڌ جا ماڻهو رڳو آزاد ٿي وڃن......

مان پنهنجي بنگلي واري ڪاموري دوست کي چوندو آهيان ته توکي پکين جي سونهن ڏسڻ خاطر هنن کي پڃري ۾ بند ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ توکي جي پکين جي خوبصورتي ڏسڻ جو شوق آهي ته تون صبح جو سوير وڃي پنهنجي گهر جي ڇپر تي ويهندو ڪر. اتان توکي نه رڳو گهر جا ٻوٽا ۽ وڻ نظر ايندا، پر آسپاس وارن بنگلن جي باغيچن جا به گل، ٻوٽا ۽ درخت نظر ايندا ۽ انهن تي رنگ برنگي ۽ قسمين قسمين، ننڍا وڏا پکي اڏامندا اڏرندا، وڙهندا، پيار ڪندا، هڪٻئي سان چهنبون هلائيندا، هڪٻئي کي ٺونگا هڻندا، سريلا آواز ڪڍندا، لاتيون ڪندا، ڪڏهن وڻن ۾، ڪڏهن ٻوٽن تي، ڪڏهن گلن تي، ڪڏهن گهرن ۾، ڪڏهن آکيرن ۾ ڪڏندا ۽ کيڏاندا ڏسبا.

پوءِ مان هن کي چوندو هوس ته ”تنهنجي پکين سان دلچسپي ڪانهي. تنهنجي آهي ڪاموڪي ذهنيت. جهڙي طرح تون پنهنجي ماتحتن، تو وٽ ايندڙ عرضدار، ۽ خود پنهنجي زال، جنهن کي تون برقعو پارائيندو آهين، اهڙي طرح ٻين بنگلن وارن کي پکين کي واڙي رکڻ جو فيشن ڏسين ٿو ته ان ۾ به تنهنجي حاڪماڻي ذهنيت کي تسڪين ملي ٿي! درحقيقت اهي ۽ ان جهڙا ٻيا رويا غلاماڻي دور ۽ جاگيرداري نظامن جو تسلسل، يادگار ۽ نشانيون آهن.“

منهنجو ڌيان خاص ڪري ڪيتن ۾ ڪم ڪندڙ مردن ۽ عورتن ڏانهن ڪڇي ٿي ويو. هو ننڍڻ اُس ۾ پورهيو ڪري رهيا هئا. مردن قميصون لاهي ڇڏيون هيون. هنن کي گوڏ ۽ مٿي تي پٽڪو يا پوتڙو ويڙهيل هو. هنن جي جسمن تان پگهر ائين لارون ڪري وهي رهيو هو ڄڻ مٿان آسمان تان وڏ ڦڙو وسي رهيو هو. عورتن جي بدن جا ڪپڙا پگهر ڪري پُسي پيت ٿي ويا هئا، ڄڻ ته هينئر هينئر واٽر ڪورس ۾ ڪپڙن سميت ٽٻي هڻي ٻاهر نڪتيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. مار ويچارڻ لڳس ته اسان جي ملڪ مٿان غلاميءَ جا ته مٿان ته آهن. هاري، سامراج آمريڪا ۽ پنجابيءَ جو غلام آهي، وڏيري جو غلام آهي، پوليس جو غلام آهي، ڪاموري جو غلام آهي ۽ عورت هارياڻيءَ مٿان اجا به هڪ وڌيڪ غلامي آهي ۽ اها آهي مرد جي غلامي. هوءَ کيت تي ڪم ڪري وجي گهر جو ڪم ڪار ڪندي ۽ مڙس جا موچڙا کائيندي........

مان پنهنجي موج ۾ چيتي جي چاڻ سڃاڻ ڪرائڻ وساري ڇڏي. جيڪو همراهه مون کي منهنجي دوست جي بنگلي مان سڏڻ آيو هو، سو چيتو ئي هو. چيتو منهنجي ڪهاڻين، ڪتابن ۽ لکڻين جو وڏو مداح آهي. ورهين کان وٺي جڏهن به، جتي به ۽ جيڪا به منهنجي لکڻي پڙهندو ته هڪدم ان تي پنهنجو رايو لکي موڪليندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته خاص مون سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ هو حيدرآباد ايندو هو ۽ خير خيريت ۽ ڪنهن ڪتاب شايع ٿيڻ بابت ٻين شهرن مان، جتي هن جي نوڪري هوندي هئي، ته هو فون به ڪندو رهندو هو. مون کي ڏاڍي عزت ۽ پنهنجائپ ڏيڪاريندو آهي.

خبر پيس ته مان اڄڪلهه سکر ۾ آهيان ته هڪدم مون سان ملڻ آيو ۽ مون کي سندس شهر هلڻ جي دعوت ڏنائين. اهڙي ساٿيءَ سان انڪار ڪرڻ جو سوال ئي ڪونه هو. هو چئي ويو ته مان ڪنهن ڏينهن پنهنجي گاڏي ڪاهي ايندس ۽ توهان کي وٺي هلندس.

هو آزادي پسند ۽ روشن خيال ماڻهو هو. علم، ادب، سياست ۽ سنڌيت تي هن جا ويچار ترقي پسند ۽ وسيع ڄاڻ وارا هئا. ان ڪري هن سان ڪچهري ڪرڻ ۾ چڱو لطف ايندو هو. هن جو پيءُ وڏو زميندار ۽ هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. پر چيتو پنهنجي سڄي خاندان سميت، ضلعي شهر ۾ هڪ وڏي جاءِ وٺي اچي ويٺو هو. هو پاڻ ڪسٽم آفيسر هو.

موٽر هلندي چيتو ڳالهائيندو رهيو. پر مان ڄڻ ته پورو ٻڌي ئي ڪونه رهيو هوس. منهنجو گهڻو ڌيان آسپاس جي نظارن ۾ هو. مون هن جون ڳالهيون ڌيان سان ان ڪري به نه ٿي ٻڌيون جو هو هن وقت گهڻو ڪري پنهنجي جاگيردار پيءُ، سندن حويلي، سندن زمينن ۽ اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيو هو يا مون سمجهيو ٿي ته هو اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. منهنجي ذهن ۾ هو ته اڄ مان هڪڙو وڌيڪ "غلام گهر" ڏسڻ

وچي رهيو آهيان، جتي هڪڙو وڏو ڪوٽ هوندو، جتي هڪ اڻ پڙهيل وڏيري جو راڄ هوندو، جنهن جون ڪيتريون ئي زالون هونديون، ڪيتريون ئي سريتون ۽ ٻانهيون هونديون، ڪيتريون ئي ساماٽل ۽ اڌڙوٽ حق بخشايل ڏيڍر ۽ پينر هونديون.....

(٣)

”هيءُ آهي، سائين اسان جو گهر.“ موٽر شهر ۾ هڪ هنڌ بيٺي ته چيتي چيو.

منهنجيون اکيون ڦاٽي ويون. هي ته منهنجي تخيل وارو گهر نه هو. منهنجا اندازا، انديشا، خدشا، تصور ۽ وهم گمان سڀ پاٽيءَ جي ڦوٽي وانگر ڦاٽي پيا. هتي نه سينٽرل جيل وانگر چوڌاري ويهه فوٽ اوچو ڪوٽ ۽ نه سينٽرل جيل وانگر شاهي، لوهي ۽ ڏهه قلف لڳل خوفناڪ دروازو هو. هتي نه سنڌ جي يونيورسٽين جي هاسٽلن جهڙي لوهه جي ڇهنبدار ڪِرل واري چوديواري هئي ۽ نه چوڪيدار بيٺل اوچو دروازو هو. هن گهر جي اڏاوت ته پڪين کي بند ڪرڻ واري پڃري جهڙي به نه هئي. هي ته وچولي درجي جو صاف سٿرو ۽ ڪشادو شهري گهر هو. هي منهنجي خيالي تصويرن ۽ تخيل جي اڏام واري حويلي نه هئي. مون کي هڪ ايئرڪنڊيشنڊ صفي ۾ ويهاريو ويو. ان وقت اهو خالي هو ۽ مان اڪيلو هوس. سڄي فرش تي گلم وڇايل هو ۽ هڪ پاسي کان هڪ جنڊيءَ جي کٽ رکيل هئي، جنهن تي نهايت سهڻي رلي وڇايل هئي ۽ سيرانديءَ کان ٻه وهاڻا پيا هئا. هڪڙي ڀت تي سنڌ جو هڪ نهايت سندر نقشو فريم ٿيل لڳل هو. ٻين پاسي ڀتين تي ڪجهه فوٽا ٽنگيل هئا. شايد گهر جي ڪن ڀاتين جا هئا. ٿوري دير کان پوءِ، گهر جي ڀاتين صفي ۾ اچڻ شروع ڪيو. عورتون، جوان ڇوڪريون، ڇوڪرا ۽ ننڍا وڏا ٻار. جيئن هو ايندا ويا، تيئن مون کي حيرانگي وٺندي ۽ وڌندي وئي. اها حيرانگي نه رڳو هنن جي منهن مهانڊي ڪري هئي، پر هنن جي مون سان ملڻ جي طريقي ڪري به هئي. مون سان ڳراٽڙي پائي، اهڙي پنهنجائي ۽ ٻاجهه ۽ ٽڙيل منهن سان ٿي مليا، ڄڻ ته مان سندن گهڻي وقت کان گم ٿيل ۽ وڇڙيل پيءُ يا ڀاءُ هوس ۽ اوچتو اچي ويو هوس. انهن ۾ وچولي عمر

جون عورتون به هيون ۽ نوجوان نياڻيون به هيون. سڀ خوشيءَ سان ڦوليون نه ٿي سمايون. سڀ چهرا ٻهڪي ۽ مهڪي رهيا هئا. مون کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ته واڻ تي ڏوتل ۽ صاف پرن وارا ۽ رنگ برنگي يا لاٽيون لوَندڙ جيڪي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ اڏامندڙ پکي ڏسندو آيو هوس، جيڪي چٽڪمرا پوپٽ ۽ ينيوريون پَسندو آيو هوس، سورج مکيءَ جا جيڪي چلڪندڙ ۽ خاص سڳنڌ وارا فصل نگاهن مان ڪيندو آيس، ڪڻڪ جي جن سونهري سنگن کي غور سان جاچيندو آيو هوس، جن ساون وڻن، ٻوٽن ۽ سهڻن جهنگلي گلن ۽ بيد مشڪ جي سرهاڻ ڏيندڙ وڻن ڏي نهاريندي آيو هوس، سي سڀ سونهن، ساٻيا، سرهاڻ ۽ آزاديءَ واريون خوشيون هتي، هن ڪمري ۾ منهنجي چوڌاري پنهنجا جلوا ڏيکاري رهيون هيون. انهن ۾ ٿي نوجوان ڇوڪريون هيون، به انٽر سائنس جو امتحان ڏيئي آيون هيون ۽ هڪڙي مٽرڪ ۾ هئي. انهن کي ڏسي ماڻهو دنگ رهجيو ٿي ويو. ۽ هنن ڏانهن نهارڻ ۾ ماڻهوءَ جي دل ۾ ڪو ڪوٽ ڪو نه ٿي ايريو، ڪا جذباتي لالچ به ڪا نه ٿي ايري، پر هنن ۾ هڪ سياويڪ دلڪشي هئي. هنن جي صورت نه ميڪ اپ ٿيل هئي، نه فئشن ۽ سينگار هين، نه لباس جي اهڙي ناهم نُوهه هئن جو بدن جي ڪن عضون جي نمائش ٿئي، نه نيڙي هئي، نه نخرو هو، نه ڪو ايترو غير معمولي حسين هيون. پر هنن ۾ هڪ سياويڪ دلڪشي هئي. ٻهڪندڙ چهرو، ڳالهائڻ ۾ خود اعتمادي، اکين ۾ پنهجائپ واري سختي، هلڻ چلڻ ۾ پختا قدم، منهن تي نه اجايو ۽ بناوتي شرم ۽ نه نمائشي حجاب ۽ نه ڳالهه ڳالهه تي شرم کان مُنهن ڳاڙهو ٿي وڃڻ. هو بيحد Bold هيون.

هنن جي ماءُ به، ڏاڍي قرب واري، پنهنجن کان وڌيڪ پنهنجائپ ٿي ڏنائين.

پهرين ته ڪجهه ڀاتي مون سان گڏجي ڪٽ تي ٿي ويٺا. پوءِ مان ڪٽ تان لهي، ٻين سان گڏ هيٺ ٿي وينس. هاڻي سڀئي گڏجي گلم تي ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳاسين.

”مون کي ته ائين ٿو لڳي ڄڻ اسين ورهن کان وٺي هڪٻئي جا گهرا واقف آهيون.“ مون چيو.

”ادا، جڏهن چيتي اسان کي توهان جو هڪڙو ڪتاب پڙهايو، تڏهن اسان کي اهو ايترو وڻيو، ۽ ان اسان جي دل ۽ دماغ تي ايترو اثر ڪيو، جو مون پنهنجي هڪ هڪ ٻار، ڇوڪري توڙي ڇوڪريءَ کي پڙهايو ۽ هڙني کي ايترو پسند پيو جو ان وقت کان وٺي توهان جي هر هڪ لکڻي ۽ ڪتاب وٺندا آهيون. جڏهن چيتو توهان جو ڪتاب گهر ۾ آڻيندو آهي، تڏهن اهو پڙهڻ لاءِ، ننڍا توڙي وڏا ڇتا تي پوندا آهيون ۽ هڪڙو پڙهندو آهي ته ٻيو ان جي انتظار ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن ٿو اهو پورو ڪري. اسين هينئر جو ڪجهه به آهيون، توهان جي لکڻين جي اثر ڪري آهيون.“ ماءُ چيو.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هن جي چاچي به اچي پهتي ۽ ساڳئي ادب ۽ عزت سان ملي. هوءَ هڪ ڳوٺ ۾ رهندي هئي ۽ منهنجي لاءِ چٺي ڇڏيو هئائين ته جنهن وقت به پهچي ته مون کي گاڏي موڪلجو. هن کي به ٻار هئا.

هن خاندان جو پاڻ ۾ مون ايڏو قرب ڏٺو، جو مون دل ۾ چيو ته شل سنڌي پاڻ ۾ ائين کير کنڊ ٿي وڃن.

هاڻي هن خاندان جي پوري ڪٿا ٿي ٻڌائيندي پوندي، جو ته مٿي ڪجهه متضاد ڳالهيون پڻ ڪيون اٿم. چيتي جو پيءُ هتان کان ڏهه ميل ڏور، پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو تَرَ جو وڏو زميندار هو. ڪورو ڄٽ، وڏو ظالم، عياش، پراڻن ۽ پست خيالن وارو، وڏن ڪامورن ۽ وزيرن کي شڪار ڪرائڻ وارو ۽ نشئي ۽ نشي ۽ راڳ ناچ جون محفلون مچائڻ وارو. چيتي جي ماءُ هن جي اباڻي ڏاڏاڻي ۽ ٻهرين زال هئي. هوءَ ننڍي هوندي ئي ڳوٺ جي سنڌي اسڪول ۾ پنج درجا سنڌي پڙهي هئي. ٽن چئن سالن اندر ئي هن کي وڏيري جي ڪڏن ڪرتوتن، بدڪارين، بدمعاشين ۽ وحشي ظلمن جي خبر پئجي وئي. هن پنهنجي چوڌاري حويليءَ جا وڏا وڏا ڪوٽ ۽ اجگر جهڙا لوهي دروازا ڏٺا. هوءَ ڪجهه پڙهيل، سمجهدار ۽ حساس هئي. ٻهرين ته هوءَ صبر ۽ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ کان ڪم وٺڻ جو جتن ڪرڻ لڳي. پر وڏيري جي بدڪرداريءَ جو نه ڪو دنگ هو ۽ نه ڪا حد هئي. هوءَ پڃري ۾ تازي ڦاٿل پکيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي. وڏيري کي هيڻاهينءَ سان سمجهايائين، هن کي آزي نيزاري ۽ منٿ ميڙ ڪيائين ۽ خدا جا واسطا وڌائين. پر وڏيرو هن سان مرڳو

ئي لڙڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ ۽ زال جي ان رَوشَ جي پڇر نہ ڇڏڻ تي هن کي مارون ڪڍڻ لڳو.

پوء وڏيرو زال مٿي زال پرٽبو رهيو، سُريتن مٿي سُريتون ۽ ٻانهين مٿي ٻانهيون آڻيندو رهيو ۽ ڪنهن بہ هاري يا ڳوٺاڻي جي نياڻيءَ جي عزت محفوظ نہ هئي.

"مان اندر ئي اندر ۾ پچرندي ۽ پڇندي رهيس. منهنجو من باغي بڻجي چڪو هو. مون وڏيري جي سڌرڻ جي ساري اميد لاهي ڇڏي هئي. هو پيڙهائتو پاپي هو. هو تہ ايتري قدر بي غيرت هو جو پنهنجن سڳن مائٽن سامهون سُريتن، ٻانهين ۽ ٻين سان عشقبازيون ڪندو رهندو هو. مان سوچي سوچي ٿڪجي پيس تہ ڇا ڪريان، پر ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. مون هڪ ڀيري اهو بہ سوچيو تہ هن ڳوٺ ۾ ٽي هزار ماڻهو رهن ٿا، انهن تي هڪڙو وڏيرو هڪ هٽيءَ سان هٿن جي روح، ذهن ۽ جسم تي ايڏي آسانيءَ سان راڄ ڪري ٿو، هٿن تي ظلم، ڏاڍائي، ڏمر ۽ بي انصافيون ڪري ٿو، هٿن جي حياتي توڙي موت هن جي هٿ ۾ آهي! ڇا هو ڀنجوءَ جو ڍير آهن؟ ڇا هو ڀُريل ڀڳل اوڏڪي پيت آهن! جڏهن وڏيرو اوطاق ۾ ڪنهن بي ڏوهي، مسڪين ۽ مظلوم هاريءَ کي لئين ٻائن سان مارائي مارائي اڌ مئو ڪرائي ٿو يا ڪنهن بي پهچ ڳوٺاڻي کي ڪهاڙي سان يا بندوق سان قتل ڪرائي ٿو ۽ ان وقت ڪن حالتن ۾ چاليهہ پنجاهہ يا سئو کن هاري پنهنجي مظلوم ڀاءُ جي بدران ۽ بچاءُ ۾ وڏيري جي ان پاليل ۽ هٿيار هلائيندڙن تي حملو ڪري هن کي چيري ڦاڙي ڇو نہ ٿا ڇڏين يا وڏيري تي هلان ڪري ٿڏي تي هن کي قتل ڇو نہ ٿا ڪري ڇڏين؟ مان اهو پڻ سوچيندي هئس تہ وڏيرو جنهن مهل ڪنهن ضائفان يا مرد تي ڪنهن بہ قسم جو ظلم ڪري ٿو تہ پوري ڳوٺ جا مرد توڙي عورتون، ٻار توڙي ٻڍا، ٻاهر نڪري ڇو نہ ٿا اچن ۽ گڏجي وڏيري کي ٻَج ٻَج ڪري ڇو نہ ٿا ڇڏين؟ وڏ ۾ وڏ ڪٽي هن جا ٻہ ٽي هٿياربند پهريدار هوندا، اهي بہ ڪٽي ٻہ چار ماڻهو ماريندا يا تہ عوام ڪان پنهنجي جان بچائيندا. هونءَ بہ وڏيري جي راڄ ۾ هر ڪو ڳوٺاڻو هر وقت موت جي مُنهن ۾ آهي، هو ڪنهن بہ مهل عوام جي حياتي ختم ڪرائي سگهي ٿو. ان ڪري هتي موت جو ڊپ بي معنيٰ آهي. ان ڪري ڇو نہ مڙس ماڻهو تي

لڙجي. اهڙي نموني قتل ٿيڻ کان پوءِ، وڏيري جا پويان يا ته ڳوٺ مان ئي لڏي ويندا يا ته ڪنهن هاري يا ڳوٺاڻي تي ڪو ظلم ڪان توبهه ڪري ڇڏيندا. عوام جو موٽ ۾ اهڙو عمل ڏسي، سنڌ جا ٻيا وڏيرا به سبق سکندا. مان اهو به سوچيندي هئس ته جڏهن وڏيري جا پڙوا ۽ غنڊا، زوريءَ ڪنهن جي نياڻي کڻي وڃي ٿا حويليءَ ۾ واڙين، ته ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد ڇو نه ٿا وڃي حويليءَ جا ڪوٽ ڊاهين ۽ حويليءَ جو نالو نشان مٽائين؟ برلن جي ديوار ڊهي سگهي ٿي ته عوام آڏو هي ڪوٽ ڪهڙي حيثيت رکن ٿا! مان سوچيندي هئس ته هڪڙو ڪمدار، جنهن جي ڪلهي تي بندوق هوندي آهي ۽ هٿ ۾ چهبڪ، ۽ جو هارين کان ونگار يا ڇيڙ تي، اهاني بهاني، ٺڪل، بڪايل ۽ بيمار هارين مٿان چهبڪ وسائيندو آهي، تنهن کي ان زيادتيءَ تي، اهي ويهارو ڪن هاري، اُن ڪمدار کي پڪڙي، هن جي ڳچي ڇو نه ٿا مروڙي ڇڏين! مان اهو به سوچيندي هئس ته وڏيري جي حڪم تي هارين ۽ ڳوٺاڻن کي سزائون ڏيڻ وارا، ظلم ڪرڻ وارا، قتل ڪرڻ وارا، اهي شودا، غنڊا، چور ۽ ڪمدار به ته انهن هارين ۽ ڳوٺاڻن مان آهن. وڏيرو اهو سڀ ڪجهه پنهنجي سر ته ڪو نه ٿو ڪري؟ پوءِ انهن وڏيري جي خاص ماڻهن کي اهو احساس ڇو نه ٿو ٿئي ته وڏيرو اسان کي استعمال ڪري، اسان کان ئي اسان جي ڀائرن ۽ ڳوٺاڻن تي ظلم ۽ زيادتي ٿو ڪرائي!......"

عزيزان، جا چيتي جي ماءُ ۽ وڏيري جي پهرين زال هئي، تنهن تفصيل ٻڌايو.

نيٺ عزيزان کي خيال آيو ته حويليءَ اندر به وڏي مظلوم خلق رهي ٿي. وڏيري جون زالون آهن، سُريتون آهن، ٻانهيون آهن، زوريءَ وهاريل عورتون آهن، انهن جا ٻار آهن. هن ويچاريو ته انهن سان ڪچهريون ڪجن ۽ هنن ۾ شعور پئدا ڪجي ۽ احساس پيدا ڪجي ته هو ظلم ۾ پيڙجي رهيون آهن ۽ اهو ظلم خدا جي طرف کان سمجهي رضا تي راضي نه رهن، پر اهو ظلم سنئون سڌو وڏيري جي ڪرٽي آهي ۽ ان جو علاج اهو آهي ته مظلومن کي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ گڏپ ڪري، سيئي ڳوٺ وارا گڏجي، وڏيرو جو تڏو پٽين.

پوءِ عزيزان اهو پرچار، حويليءَ جي مظلوم رهاڪن ۾ جاري رکيو، وڏيري سان مقابلي ڪرڻ جو پرچار.

"پر سوال آهي ته ڏوهاري ظالم آهي يا مظلوم؟ سزا ظالم کي ملڻ کپي

يا مظلوم ڪي؟ مان تہ سمجهان ٿي تہ ڏوهاري مظلوم آهي ۽ سزا بہ مظلوم کي ملڻ ڪپي. شايد چيو وڃي تہ مظلوم جاهل آهي، بي شعور آهي، بي احساس آهي ۽ ڇڙوڇڙ آهي. پر اهي ئي ڪوتاهيون آهن ۽ انهن ڪوتاهين ڪري ئي هو ڏوهاري آهي ۽ سزا کائي پيو. جهالت ڪري هو سمجهي ٿو تہ اهو هن جي قسمت ۾ آهي ۽ هو خلقيو ئي ان ڪاڻ ويو آهي، ان ڪري هو بغاوت نہ ٿو ڪري. بي شعوريءَ ڪري، هن کي ساڃهہ ئي ڪانهي تہ ڪم هو ڪري ٿو، سرجڻهار هو پاڻ آهي ۽ وڏيرو تہ نڪمو، نڪمٽو ۽ بيڪار آهي ۽ جيڪو ڪم نہ ٿو ڪري تنهن کي کائڻ جو حق بہ ڪونهي. پنهنجن حقن جو احساس نہ هجڻ ڪري، هو ناحق جو شڪار ٿيو ويٺو آهي. هن کي اهو احساس ئي ڪونهي تہ هو ڪيڏو نہ عظيم انسان آهي، ايڏو عظيم جو هن جي ڪم نہ ڪرڻ ڪري، دنيا جو چرخو ئي بيهي وڃي. هو ڇڙوڇڙ هجڻ ڪري، جتي ڪٿي ظلم جي گهاٽي ۾ پيو پيڙجي. هو ڇڙوڇڙ هجڻ ڪري، دنيا جي ڪمزور ۾ ڪمزور مخلوق بڻجي ويو آهي. هو پنهنجي آسپاس ۽ دنيا ڏانهن پنهنجون اکيون، پنهنجا ڪن، پنهنجو ذهن، پنهنجي دل ۽ پنهنجو دماغ کولي ڇو نہ ٿو سمجهي ۽ پرکي تہ ڀڏي ۽ ڳڏپ ۾ وڏي طاقت آهي، ۽ دنيا جا مظلوم ۽ پورهيت ڳڏجي نہ رڳو ظلم جي پاڙ پٽي سگهن ٿا، پر دنيا کي سهڻو ۽ زندگيءَ کي سکيو ستابو بڻائي سگهن ٿا." ماءُ جي گفتگوءَ جي وچ ۾ ئي سندس هڪ وڏي ڏيءُ چيو.

"مون هڪ هنڌ پڙهيو آهي تہ ظلم سهڻ پاپ آهي." ٻيءَ ڏيءُ چيو.

عزيزان کي ڀهرين بہ پٽ ڄاوا هئا. پوءِ لاڳيتون ٽي ڌيئرون ۽ ان کان پوءِ وري بہ پٽ.

وڏيرو اولاد کي تعليم ڏيارڻ جي سخت خلاف هو. پر جڏهن هن جا پٽ اسڪول عمر جا ٿيندا ويا تہ عزيزان جي ضد ۽ سخت رويي ڪري، ٻارن کي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ وهاريو ويو. اتان پوءِ هن کي پرواري شهر ۾ هاسٽل ۾ رهائي، هاءِ اسڪول ۾ پڙهايو ويو. پوءِ هنن حيدرآباد وڃي، ڪاليج ۽ يونيورسٽين مان ڊگريون پاس ڪيون ۽ هو سٺيون نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا. هن وقت ڇيتو ڪسٽم آفيسر هو ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ سوڀارو آبپاشي کاتي ۾ ايس - ڊي - او هو. ٻئي ڀائر ترقي پسند، روشن

خيال ۾ بااخلاق هئا. هنن کي گهڻي وقت کان خيال هو تہ ماءُ، پينرن ۾ پائرن کي پيءُ جي حويليءَ جي زهريلي ماحول مان ڪڍجي. سندن ماءُ جي بہ اها تمنا هئي. هنن کي پينرن کي تعليم ڏيارڻ جو بہ شوق هو. ماءُ جي ڪوشسن ڪري هو ڳوٺ جي اسڪول ۾ تہ پڙهي رهيون هيون. پر هنن کي مٿي پڙهائڻ ٿي چاهيائون. پائرن کي جو چڱيون نوڪريون مليون تہ هنن هن شهر ۾ مناسب جڳهہ خريد ڪري، پيءُ سان ڏند ڏيئي ۽ هن جي سامهون پٺي بہ پنهنجي ماءُ، پينرن ۽ پائرن کي لڏائي هتي وٺي آيا.

"اسان وري ڪڏهن بہ ان حويليءَ جو منهن نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن وڏيري کان ڪجهہ ورتو اٿئون." عزيزان خوشي ۽ فخر مان چيو.

رات جي مانيءَ کان پوءِ باقاعدي ڪچهري شروع ٿي. مان هنن جي درميان ويٺو هوس. هو اهڙي گهرائي ۽ بي حجابيءَ سان ڳالهائي رهيون هيون يا ڳالهائي ۽ سوال جواب ڪري رهيا هئا، ڄڻ تہ هو منهنجيون سڳيون پينر ۽ ڏيئر هيون ۽ سڳا پٽ هئا. هنن جي گفتگوءَ ۾ دوستن واري بي تڪلفي هئي. هنن هڪڙو وڏو ٽيپ رڪارڊر آڻي وچ تي رکيو هو ۽ کولي ڇڏيو هئائون ۽ سڀ ڪنهن جون ڳالهيون ٻولهيون ان تي رڪارڊ ٿي رهيون هيون.

هي ڪو ايڏو وڏو شهر ڪونہ هو. ہہ چار ٻيون بہ شاگرديائيون هيون، جي بنا برقعي ايندڻون ويندڻون هيون. هن خاندان جي ڇوڪرين مان ڪنهن بہ پردو نہ ڪيو. نہ اسڪول ۾ ڪاليج ويندي ۽ نہ شهر ۾. واٽ تي ڪو اوباش ڇوڪرو هنن سان مستي يا ڇيڙڇاڙ ڪندو هو تہ هن سان اتي جو اتي اهڙي جٽ ڪنديون هيون، جو هو پڇڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ ڳولڻ ۾ ڪيترائي تيز ڪائي ڪِري پوندو هو. ائين شهر وارن ۾ هنن جي اخلاقي جرئت ۽ شرافت جي ڄاڻ پئجي ويئي ۽ ڪو بہ لوفر هنن جي پُٺ نہ ونندو هو. هنن کي ڏسي، شهر جي ٻين بہ ڪيترين ئي شاگرديائين ۽ عورتن، برقعي جي غلاميءَ مان آجپائي حاصل ڪري ورتي. هينئر ہہ ڇوڪريون انٽر سائنس پاس ڪري ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا جون اميدوار بڻيون ويٺيون هيون ۽ هڪ ڇوڪري مئٽرڪ ۾ هئي. ٻيا ٻار هيٺين ڪلاسن ۾ هئا.

"اسين پنهنجو ٻهريون ڪم نصابي ڪتاب پڙهڻ سمجهنديون آهيون. ان ۾ پوري محنت ڪنديون آهيون. اسين ان کي قومي فرض سمجهنديون آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين اها ڳالهہ ذهن ۾ رکي پڙهنديون آهيون تہ اسين سنڌ لاءِ ٿيون پڙهون.“ هڪڙي وڏي ڇوڪريءَ چيو.

”ڪاليجي ڪم ۽ هوم ورڪ پورو ڪرڻ کان پوءِ، جيڪو وقت بچندو آهي، اهو سنڌي قوم لاءِ ڪتب آڻينديون آهيون. اسين سنڌ عمل تنظيم (Sindh Action Organisation) جون سرگرم ڪارڪن آهيون. حقيقت ۾ ان تنظيم جو هر ڪارڪن سرگرم هوندو آهي. اها سنڌي نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي تنظيم آهي. اها تنظيم بيان بازي ۽ زبان لپاڙ جا ڦاڪا ڪونہ ڇوڙيندي آهي ۽ نہ تقريرن جا طوفان مچائيندي آهي. اسين ٽولن جي صورت ۾ شهرن ۾ ۽ ڳوٺن ۾ ڪم ڪندا آهيون. اتي پاڙن ۽ ڳوٺن جي عورتن ۽ مردن کي ميڙي، هنن ۾ سنڌيت ۽ سنڌ جي مسئلن جو شعور پيدا ڪرڻ خاطر پاڻ پتوڙيندا آهيون. هنن ۾ مظلوميت ۽ بي انصافي جو احساس اڀاريندا آهيون. هنن ۾ قومي آزادي ۽ طبقاتي ڇوٽڪاري جو روح ڦوڪيندا آهيون. ۽ هنن جي ذهن ۾ وهاريندا آهيون تہ اهو سڀ ڪجهہ عمل سان ئي حاصل ڪري سگهبو. اسان جي هٿياربند سکيا ورتل آهي ۽ تنظيم جي هر ڪارڪن کي لازمي طرح اها سکيا وٺڻي آهي. اسين شهر توڙي ٻهراڙي جي مردن توڙي عورتن کي هٿياربند سکيا ڏيندا آهيون ۽ ممڪن حد تائين هنن کي هٿيار بہ مهيا ڪندا آهيون.“ ٻي نوجوان ڇوڪريءَ ٻڌايو.

”اسان ۾ ڪتابن پڙهڻ جي هير، توهان جي ڪتابن پڙهڻ سان پئي. اسان جي امان ۽ چاچي بہ باقائدي توهان جو هر ڪتاب پڙهنديون آهن. اسان هاڻي ٻيا بہ جام ڪتاب پڙهنديون آهيون. پڙهندي پڙهندي، هاڻي اسان مان ڪي لکڻ بہ لڳيون آهن. اسين بہ وڏيون ڀينر ۽ اسان جي چاچي، جا رڳو پنج درجا سنڌي پڙهيل آهي، ڪهاڻيون، خط، شعر ۽ مضمون لکنديون آهيون، جي جدا جدا رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبا رهندا آهن.“

پوءِ هنن پنهنجا پنهنجا ادبي نالا ٻڌايا، مون کي ڪجهہ ياد اچڻ لڳو تہ اهي نالا ڪڏهن ڪڏهن رسالن ۽ اخبارن ۾ پئي ڏٺا اٿم.

ڪچهري ٿيندي رهي، ادب تي، سياست تي، گهر جا سڀ وڏا ياتي پڙ تي لڳا. هنن جي چاڻ ڏاڍي وشال هئي. ان تي مان ڏاڍو حيران ٿيس ۽ ٻهراڙيءَ جي هڪ سنڌي خاندان ۽ خاص ڪري ڇوڪرين ۽ عورتن کي ايترو

باشعور ۽ باهمت ڏسي، سنڌ جو روشن مستقبل نظر اچڻ لڳو.

”اسان جو ڪجهه آهيون، توهان جي لکڻين ڪري آهيون.“ هنن جي ماءُ عزيزان چيو.

”مون کي خبر ئي ڪانه هئي ته مان پڙهندڙن ۽ عوام ۾ ايڏو مقبول ۽ مڃيل آهيان.“ مون چيو.

”توهان ٻاهر نڪري، ڳوٺن ۽ جهوپڙين ۾ ته وڃي ڏسو، توهان کي بي انت توهان جا پرستار ۽ مداح نظر ايندا.“ عزيزان چيو.

”اسان جي گهڻي وقت کان تمنا هئي ته توهان کي ۽ استاد بخاريءَ کي هڪ ڏينهن ئي سهي، پنهنجي گهر رهايون. توهان ته اچي ويا، پڪ آهي ته استاد بخاريءَ کي به رهائڻ جو موقعو ملندو.“ چيتي چيو.

”هڪڙي ڳالهه ته پڌري آهي؛ توهان جي ماءُ، وڏيري سان شادي جي پهرين ڏينهن ۾ جيڪي سوچيندي هئي ته هاري ۽ ڳوٺاڻا، جي هزارن جي تعداد ۾ آهن، سي وڏيري، جو تعداد ۾ هڪڙو آهي، تنهن جي ظلم، ڏاڍ، ڏمر ۽ ڪميڻائپ کي صبر سان ڇو ٿا سهن ۽ ان جو مقابلو ڇو نه ٿا ڪن. توهان جي ماءُ جي ان سوچ کي هن جون ڌيئر عملي روپ ڏئي انهن ئي هارين، ڳوٺاڻن ۾ شعور پيدا ڪري رهيون آهن، همت وڌائي رهيون آهن ۽ لڙڻ سيکاري رهيون آهن ۽ هو گڏجي انهن ظلمن ۽ بي انصافين جو مقابلو ڪري رهيا آهن.“

”سائين، هاڻي منهنجي پيءُ توهان کي راڳ ٻڌائيندي.“ چيتي پنهنجي هڪ نوجوان پيءُ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

مون ان ڇوڪريءَ ڏي نهاريو، هن مرڪيو. سنڌ جهڙي سهڻي مرڪ، پريل ۽ سگهارو بدن، منهن تي خود اعتمادي، اکين ۾ ڍنڍ جهڙي صاف شفاف متاڃري تي لڏندڙ لهرن وارا ڪنول، چپن تي سنڌوءَ جي وهڪري واري چرپر ٿيڻ واري.

”بابا، مان توهان کي اهڙو راڳ ٻڌايان ٿي جو هڪ آزاد نظم آهي؛ اهو آزاد نظم منهنجي دل آهي، منهنجو ذهن آهي، منهنجو جسم آهي، منهنجي سوچ آهي، منهنجي پيار جو آواز آهي، سنڌ ڌرتيءَ جو آواز آهي، هڪ هڪ سنڌ جي سڄڻ جو آواز آهي، سوريهه سنڌين جو آواز آهي، دلير سنڌين جو

آواز آهي......"

ڳالهائيندي هن جي آواز ۾ ايڏو ميٺاج اچي ويو جو بي اختيار مون چئي ڏنو "تون تمهيد طور ڳالهائي رهي آهين يا ڳائي رهي آهين. تنهنجو آواز تنهنجي چپن مان نه پر تنهنجي دل جي چيڙيل تارن مان نڪري رهيو آهي!"

هن وٽندڙ هلڪڙو ٽهڪڙو ڏنو.

"نه مان وڏيڪ ڏيکه نه ڪنديس. اصل ۾ مان هي آزاد نظم ڳائيندي جذباتي ٿي ويندي آهيان. هي نظم هڪ شاعر منظور قادر جو آهي ...... سرو ئي "ويڙهاڪ" اٿس......

● تون

هن وقت منهنجي
يادن کي چُمي ڏئي
سُمهي پئي هوندين ٺ
گهڙيال رات جي ٻارنهن جا ٺڪاءَ هنيا آهن
۽ مون بندوق سنڀالي آهي
جو تہ منهنجي پهري جو وقت ٿي چڪو آهي
مونکي منهنجي سنڌ چوري ٿيڻ جو خطرو آهي
هونءَ بہ هن وقت
قوم، وطن ۽ ڌرتيءَ کي
ڌيڻ ۾ قاتل شاعر نہ
پر!
محافظِ وطن ۽ ويڙهاڪ شاعر
جي ضرورت وڌيڪ آهي
توکي بہ تہ
تنهنجا پيار ڀريا گيت لکڻ سان گڏ
منهنجو محافظِ وطن ۽ ويڙهاڪ شاعر
وارو روپ وڌيڪ پسند آهي
تون .... هن وقت!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد راڳ گهڻو وقت اڳ ۾ ختم ٿي ويو هو. شايد ٻيا به مون وانگر ماٺ ٿي ويا هئا. مان منهنجي ويو هوس، مان سراپجي ويو هوس، مان خوابجي ويو هوس. مان ان خواب ۾، مان ان خمار ۾ ڏسي رهيو هوس ۽ ڇڻي طرح ڏسي رهيو هوس ته سنڌ جا سڀ سنڌي، مرد توڙي عورتون، مون سميت، هٿن ۾ بندوقون سنڀاليو، سنڌ جي دشمن مٿان ٽٽي پيا هئا.

اهو ڇوڪريءَ جي سُريلي آواز جو اثر هو يا شاعر جي لفظن ۽ موضوع جو ڪمال!

نيٺ سيني پاڻ سنڀاليو. پر خاموشي ڇانئي رهي. شايد هرڪو سوچي رهيو هو ته مان اڃان هتي ڇو ويٺو آهيان، بندوق کڻي سنڌ جي ويرين جي پٺيان ڇو نه ڪاهي پيو آهيان!

اوچتو ڳائيندڙ ڇوڪريءَ جو آواز اُڀريو. هوءَ مون ڏي مُهڙ ڪري مون کان پڇي رهي هئي "پيار کي اوليت آهي يا آزاديءَ کي؟"

مان حالي ته منجهي پيس.

ڳالهين ۽ بحث مباحثن ۾ رات جا ٻه وڄي ويا هئا، پر وڏا سڀ تازا توانا ٿي لڳا. هڪ ٻئي جي حياتين جي باري ۾ وڏي تفصيل سان سوال جواب ڪيا هئاسين. ٽيپن مٿي ٽيپ پربا رهيا. جي اهي پني تي اتاريا وڃن ته نئين قسم جو چڱو خاصو ناول ٺهجي سگهي ٿو.

مون ڇوڪريءَ جي سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي: "تنهنجي ان سوال جو جواب ڪنهن حد تائين تنهنجي ان ڳايل منظور قادر جي نظم ۾ اچي وڃي ٿو. باقي غلام قوم تي هزارين پابنديون هونديون آهن. هن جي پيار تي به سماجي پابندين کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي پابنديون هونديون آهن ۽ پيار، آزادي چاهي ٿو. آزاديءَ کان سواءِ ٻن دلين جي ڳنڍجڻ ۽ پيارڪرڻ جو تصور به ڪري نه ٿو سگهجي. هڪڙو شعر پڙهيو هوم، جنهن جو مطلب آهي: پيار ۽ آزادي،جيون جي بهار جون نعمتون آهن. پيار منهنجي جان آهي ۽ آزادي منهنجو ذهن آهي. پيار تي مان پنهنجو جيون قربان ڪري ڇڏيان. پر آزاديءَ تي منهنجو پيار به قربان آهي!"

نيٺ چيائين "مان ۽ دودو به ان خيال جا آهيون. اسان ٻنهي جو پاڻ ۾ بيحد پيار آهي. هو پڻ باشعور ۽ اِرادي جو پختو آهي ۽ مان پڻ باشعور ۽

اِرادي جي پختي آهيان. اسان ٻنهي ۾ خود اعتماديءَ جي به ڪمي ڪانهي. اسان ٻئي هر ڪلاسي آهيون. اسان ٻنهي فيصلو ڪيو آهي ته سنڌ جي قومي آزاديءَ تائين پوري ڏيان ۽ محنت سان پڙهائي ڪندا رهنداسين ۽ بچيل وقت قومي آزاديءَ لاءِ عملي سياست ۾ سرگرم رهنداسين. جيئن اسان کي پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ جي فرصت ئي نه ملي!"

هاڻي مان مرڪندو رهيس، مرڪندو رهيس، مرڪندو رهيس. ❑

اونڌھ ۾ اونڌھ

مون تہ سمجھيو ھو تہ ھن ملڪ ۾، قوميت جي جذبي، سنڌ تي اڇي چيھہ ڪيو آھي. پر جڏھن لاھور ويس ۽ پنجاب وڃڻ جو منھنجو اھو پھريون اتفاق ھو، تڏھن منھنجي ڪنن مان تڪاءُ نڪري ويا، ۽ ڪو بہ گولو بہ ڪونہ ڦاٽو ھو، اتي ئي مون دل ئي دل ۾ چيو ھو ۽ ھينئر، ھي پڙھندڙن کي ٿو چوان تہ جي پنجاب کي ڏسڻو ۽ پرکڻو ھجي تہ پنھنجي خرچ تي بہ اتي وڃي ڏسجي ۽ پرکجي تہ اھا قوميت آھي يا سامراجيت؟

مون کي تہ سرڪاري خرچ تي، اوڏانھن وڃڻ جو ٻلّ ملي ويو، مان جنھن کاتي ۾ نوڪري ڪريان ٿو، نمڪ حلالي ڏيکارڻ خاطر، ان جو نالو نہ ٻڌائيندس، البت ايترو اشارو ڏيندس تہ کاتي جي نالي مان جيتوڻيڪ "روشن" جو مطلب نڪري ٿو، پر ھن ملڪ ۾ جتي اول ئي اونڌھ آھي، اتي اھو کاتو اونڌھ ۾ اونڌھ ڪرڻ جو پورو پورو بندوبست ڪري ٿو.

پنھنجي دوست، برڪت جي پيار نہ ڪرڻ سان ڊپ آھي تہ بي برڪتي نہ ٿي پوي. ھن سان منھنجي تڪڙي دوستي ٿيڻ جو ھڪڙو ڪارڻ اھو بہ ھو، جو سڄي آفيس ۾ اھو ئي شخص ھو، جو پنجابي ھوندي بہ صاف سنڌي ڳالھائيندو ھو. ھن تڪڙي دوستيءَ جو ٻيو ڪارڻ اھو ھو، جو ھو رڳو نالي ۾ برڪت نہ ھو، پر واقعي ئي ھن ۾ برڪت ھئي. اھا برڪت ڪا خدائي يا آسماني برڪت نہ ھئي، پر اھا برڪت ھئي قومي برڪت. منھنجا وڏا آفيسر ھئا، ھن جا ھم زبان. منھنجي لاءِ آفيس ۾ ڪو مسئلو ڪڙو ٿيندو ھئو يا نوڪريءَ ۾ رعايتن ۽ ترقيءَ جو سوال اٿندو ھو تہ برڪت پَل جو ڪم ڏيندو ھو. برڪت سان تڪڙي سنگت جو ٽيون ڪارڻ اھو ھو تہ مان ننڍي ھوندي کان ئي ڪٻڏي کيڏڻ جو شوقين ھوس ۽ برڪت بہ ان راند جو سٺو کيڏاڙي ھو ۽ اسين ٻئي ڏھاڙي پيشن جو، ڪڇي قلعي پرسان مڪراني پاڙي ۾، مڪرانين سان وڃي ڪٻڏي راند کيڏندا ھئاسين، ۽ اھو ٻڌائڻ ۾ مون کي شرم ڇو محسوس ٿئي تہ گھڻو ڪري مڪراني اسان ٻنھي کي ليتڙائي

ليٽرائي، ڇنيءَ جو ڪير ياد ڏياري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجن داوَن پيچن سان، اسان کي وَٽُ ئي نہ ڏيندا هئا. ان ڪري اسان کي همت ئي نہ ٿيندي هئي جو هنن جي پهرين جوڙ وارن رانديگرن سان کيڏون، پوءِ هنن جي ٻئين يا ٽئين جوڙ وارن سان مهاڏو اٽڪائيندا هئاسين. اُتي مڙئي اسان جي دال ڳرندي هئي.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ ٻڌم تہ اسان جي کاتي وارن جي، لاهور ۾ ڪٻڏي ٽورناميٽ ٿي ٿئي. سڄي ملڪ مان اسان جي کاتي جون ڪٻڏيءَ جون ٽيمون ان ۾ حصو وٺنديون. مون کي افسوس ٿيو تہ جي اسان جي شهر ۾ بہ، اسان جي کاتي جي ڪٻڏي ٽيم هجي ها تہ شايد مون کي بہ موقعو ملي ها، پر جيئن ئي برڪت سان منهنجي ملاقات ٿي تہ معلوم ٿيو تہ استادن جا استاد جتي ڪٿي موجود آهن. هو آفيسرن جو، خبر نہ آهي تہ ڪيتري حد تائين، پر رازدار ضرور آهي. هن ٻڌايو تہ آفيسر چون ٿا تہ اسان وٽ ڪٻڏيءَ جي ٽيم ناهي تہ ڇا ٿيو، اسان ان ٽورناميٽ ۾ حصو وٺنداسين ۽ ٽيم ٺاهڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي. منهنجي من ۾ آيو تہ چوانس تہ ڪٻڏيءَ جي ٽيم ٺاهڻ ڪو اڪ جي ماکي تہ لاهڻي ڪونهي، پر ٿڏي تي ئي سوچيم تہ هن شهري ڇوڪري کي ڪهڙي خبر تہ سنڌي اڪ ڇا ٿيندو آهي ۽ ماکيءَ جو مانارو ڪهڙي بلا آهي. مون کي خبر هئي تہ اسان جي کاتي جي سڄي زون ۾ مون ۽ برڪت کان سواءِ، ڪو ٻيو ڪٻڏيءَ جو کيڏاڙي ئي ڪونہ هو. ان حالت ۾ هڪدم ٽيم ڪيئن تيار ٿي سگهندي. سا بہ اهڙي معيار واري جو مٿچون کيڏي سگهي! شايد هنن جي قوم جي عوام ۾ اهو مشاهدو ئي ڪونهي تہ تڪڙي ڪُتي انڌا گلر ڄڻيندي آهي. يا تہ الادين جي چراغ جو زمانو، حقيقي روپ ۾ اچي ويو آهي!

ٻن ڏينهن کان پوءِ ڏٺم تہ برڪت ايئن پيو ٽڙي، ڄڻ دهليءَ واري لعل قلعي تي جهنڊو چاڙهي آيو هجي.

”ڪٻڏيءَ جي ٽيم ٺهي پئي.“ برڪت مرڪندي چيو.

”ڪيئن ڀلا؟“ مون پڇيو.

”آفيسرن ڪٻڏيءَ جي ماهر رانديگرن کي پنهنجي کاتي ۾ نوڪري ڏيڻ جو ارادو ڪيو آهي، اهي هن شهر جي ٽيم بڻجي هلي لاهور ۾ ٽورناميٽ کيڏاندا.“ هن ٻڌايو.

مان ويچار ۾ پئجي ويس. پوءِ چيم، "ان حالت ۾ آفيسرن کي انهن ماهر مڪراڻي رانديگرن جو ڏس ڏي جن وٽ پاڻ هلي ڪيڏندا آهيون. انهن کان بهتر ٻيا ڪهڙا ڪيڏاڙي هوندا."

"اڙي يار تون تہ ڪو زورآور آهين. هي آفيسر تو مون کان وڌيڪ سياڻا آهن. هنن ان معاملي ۾ وڏا جتن ڪيا آهن ۽ بهترين ماڻهن کي گهرايو آهي. ڪئمپ لڳائي، انهن جي راند ڏٺي ويندي، توکي ۽ مون کي بہ گهرايو ويو آهي. اتي ئي رانديگرن جي چونڊ ڪئي ويندي ۽ پوءِ مشقون ٿينديون." هن وراڻيو.

اسان جي ڪاتن ۾ ڪي اهڙيون نوڪريون آهن، جن ۾ اسيمبليءَ جي ميمبر يا وزيرن وانگر پڳهار سٺي آهي، پر ڪنهن ڊگريءَ جي ضرورت ناهي. ٿورو گهٽو پڙهيل يا اڻپڙهيل کي بہ اها ملازمت ملي سگهي ٿي. مڪراڻي رانديگرن کي بہ اهي نوڪريون ملي سگهيون ٿي.

مان ماڻ ماٺ ۾، ان ڏينهن ئي وڃي پنهنجي دوستن ڪبڊيءَ جي مڪراڻي رانديگرن سان مليس. هنن کي سڄي حال احوال کان واقف ڪيم ۽ صلاح ڏنم تہ هو پنهنجي بهرين جوڙ جي ٽيم ونئي وڃي اسان جي آفيسرن سان ملن. مون کي پڪ آهي تہ آفيسر هنن کي آسمان مان لٿل فرشتا سمجهي، هڪدم خوشيءَ مان ٽپا ڏئي اٿندو ۽ هنن کي نوڪريون ڏيندو.

"پوءِ توهان لاهور وڃي پنهنجي راند جا جوهر ڏيکارجو ۽ سرسي حاصل ڪجو." مون پيڇاڙيءَ ۾ چيو.

"اڙي يار! اسين اڄ ئي هن سان ملون ٿا. اسان جي ٽيم سڄي ملڪ ۾ مشهور آهي. اسان لاهور، ڪوهاٽ، ڪوئيٽا، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ مئچون کٽيو ويٺا آهيون، اسان کي تو واري ڪاتي ۾ روزگار بہ ملي وڃي تہ پوءِ اسان تنهنجا تہ پير چمنداسون." هڪڙي رانديگر چيو.

"اسان جي لاهور ۾ هارايو تہ پوءِ پلي اسان کي لتون هڻي نوڪرين مان پي ڪڍي ڇڏين." ٻئي چيو.

پوءِ مون ٻڌو تہ مڪراڻي اسان جي آفيسر سان مليا هئا. پر هن گڏهہ واري گوهي ڪري، اهو چئي موٽائي ڇڏين تہ اسان اول ئي ٽيم چونڊي ڇڏي آهي. اها خبر ٻڌي، مون کي ننڍي هوندي گڏهہ تان ڪاڏل ڏڪ جو پنيءَ ۽

ٽيڻ وارو سور نٽين سر محسوس ٿيڻ لڳو. اهو به پڌرو ٿيو ته مڪراڻي رانديگرن جيو آهي ته اڄ اسين ڪو لال واهه جا چيڙا آهيون يا پرائو فصل پيلڻ وارا چيلا آهيون، جو هي آفيسر اسان کي ايئن ٻاهر هڪلي ڪڍي ڇڏي. هن اسان کي ايئن موٽائي اسان جي بيعزتي ڪئي آهي. هاڻي جي اهي لاهور مان هارائي آيا ته نه رڳو ان بي غيرت آفيسر پر انهن رانديگرن کي به اهڙي ڦيهه ڪيڻنداسين، جو لاهور جي لسي ياد اچي ويندن.

آفيسرن جي گهرايل رانديگرن جي راند ڏسي، مون محسوس ڪيو هو ته هو مڪراڻين کان ته سٺي راند ڪنهن به نموني ڪو نه ٿا ڪيڏن، پر مون کان به چٽ آهن. مون چوڻ چاهيو ته اُنن کي پيچ پڌي مهري ٿا ڪيو، پر ڪو نه چير ته متان طعنو نه هڻن ته توهان جي تهذيب ئي اُنن واري آهي. اها بي ڳالهه آهي ته حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي عربن جي تهذيب پڻ اُنن واري هئي. بهرحال برڪت کي به چونڊيو ويو ۽ نَوَ چٽا نون گهرايلن مان ڪنيا ويا. مون کي وري به برڪت جي سفارش ڪم آئي، مون کي ٻارهون ماڻهو ڪري ڪنيو ويو، جيئن ڪرڪيٽ ۾ ٻارهون ماڻهو ڪٽندا آهن، جنهن جي حيثيت ڪتي جي پيچ واري هوندي آهي.

نَون پيرتي ڪيل رانديگرن کي سمجهايو ويو ته هو لاهور ۾ اهو ئي پڌائن ته هو ڪجھ وقت کان هن کاتي ۾ ملازم آهن ۽ پڪا ملازم آهن. مون دل ئي دل ۾ چيو: "انهيءَ کي چئبو آهي چمندي چام ٿيڻ، ورنه مان ٽن سالن کان هن کاتي جي نوڪريءَ ۾ آهيان ۽ برڪت جي ياريءَ جي باوجود، اڃان تائين پڪو نه ڪيو ويو آهيان. اها ڳالهه چرچي ئي چرچي ۾ برڪت کي پڻ چئي ڏنم ۽ اهو به چيم: "هڙي سماج ۾ ئي قسمت، نصيب ۽ ڀاڳ جا نظريا جنم وٺندا آهن."

مان لاهور ۾ ٿيل ڪٻڏي ٽورنامينٽ جي ڳالهه نه ڪندس، سواءِ ان جي ته مون کي کيڏڻ جو موقعو نه ڏنو ويو ۽ اسان جي ٽيم بري طرح شڪستون کاڌيون. مان لاهور جي تاريخي جڳهن جي به ڳالهه نه ڪندس، جو ته مون کي خبر نه آهي ته ڪو انهن جي اڏاوت ۾ سنڌ جي دولت به ڪم آئي هئي، يا سنڌي پورهيتن کي به رت ۽ پگهر ڏيڻو پيو هو! مان هاڻوڪي لاهور جي ڳالهه ڪندس. ان جي هاڻوڪين ترقين، اڏاوتن، عمارتن ۽ عظمتن جي ڳالهه

ڪندس، جن لاءِ مون کي اندازو آهي ته ڪهڙي دولت ڪر آئي آهي ۽ ڪر اچي پئي.

ريل ۾ ايندي، جيئن ريل گاڏي سنڌ جي سرحد ٽپي، پنجاب جي سرزمين ۾ داخل ٿي ته ايئن محسوس ٿيو ته ڄڻ ڪنهن ولايت جي ديس مان پيا لنگهون. ان جي مقابلي ۾ اسان جي سنڌ ڄڻ ڦتل قبرستان ٿي لڳي. لاهور شهر ۾ پهتاسين ته اهو پئرس جو ڏيکاءُ ڏئي رهيو هو. جيتوڻيڪ مون نہ ڪو ولايت جو ديس ڏٺو آهي ۽ نہ .پئرس جو شهر. بس فقط ڪن انگريزي فلمن ۾ اهي جڳهيون ڏٺيون اٿم ۽ مون کي پنجاب ديس ۽ لاهور شهر جي حقيقت ٻڌائڻ لاءِ ٻي ڪا تشبيهہ بہ ذهن جي پردي تي ڪا نہ ٿي ايري. ۽ مان اتي يعني پنجابي ديس ۽ لاهور شهر جي بي انتها ترقي (Development) جو تفصيل ڪونہ ٻڌائيندس، ڇو تہ انهن رازن کي وائکو ڪرڻ مان توهان کي ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو. پاڻ توهان جي غلاميءَ جي احساس ۾ واڌ ايندي !

توهان جي غلاميءَ جي احساس ۾ اهو راز ٻڌڻ سان بہ واڌ ايندي تہ اسان جي ڪاتي جي آفيسرن، جو ٻنا دير ڪٻڊيءَ جي ٽيم ئاهي ۽ ان ۾ ماهر مڪراني رانديگرن بدران، جي نَوَ ٻنهہ اناڙي ماڻهو ڪنيا، سي سڀ سنڌن قوم جا هئا. هنن کي پڪيون ملازمتون ڏنيون هيون. هنن ڪٻڊي ٽورناميٽ جو فقط بهانو بنايو هو. اصل ۾ هنن کي پنهنجي هم زبان ۽ هم قوم وارن کي نوڪريون ڏيارڻيون هيون.

اِهو راز بہ لاهور کان موٽي اچڻ تي منهنجي دوست برڪت ئي مون کي ٻڌايو هو.

مان اِهو بہ نہ ٻڌائيندس تہ مڪراني رانديگرن ڇا ڪيو؟

اهو پنهنجن جو راز آهي................

اسين ڪمزور نہ آهيون

جڏهن مان اها ٽي وي ۽ اهو وي سي آر ڏسڻ ويس تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ اهي سوڪڙيون ڪي ٻيا شخص بہ پئي ڏسڻ ايندا رهيا آهن، ۽ انهن جي ڪمپنين جا نالا ۽ ٻيا نشان بہ جاچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿاؤن. اهي تحفا هن اداري کي ڏاڍي فراخدلي ۽ وڏي پرچار سان، پناهگير پارٽيءَ جي پڳدار عطا ڪيا هئا.

هڪ وڏو هال آهي، جنهن ۾ هزار کن ماڻهو ويٺا آهن، ۽ ڪجهہ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ٻيٺا آهن. هڪ پاسي کان وڏو ۽ ٺٺ ٺانگر سان سينگاريل اسٽيج آهي، ان تي پناهگير پڳدار مکيہ ۽ عاليشان ڪرسيءَ تي ڳاٽ اوچو ڪيو، نقلي مرڪ ۾ مهرباني پيدا ڪري ويٺو آهي، بہ ٽي پناهگير وزير ۽ ميمبر ويٺا آهن. سنڌي وزيرن جو سارو ڌيان پناهگير پڳدارن ڏانهن آهي تہ متان هو ڪنهن ڪم لاءِ اشارو ڪري يا ڪا خوشي ظاهر ڪري تہ ان جي هڪدم پوئواري ڪئي وڃي، ۽ جي هو ڪنهن ڳالهہ لاءِ چوي ٿو تہ اهي سنڌي وزير ۽ ميمبر ان کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪتا نہ ٿا پچن ۽ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، ان جو سبب اهو آهي تہ هو پناهگير پڳدار جي مدد ۽ مهربانيءَ ڪري ئي سنڌ جا وزير ۽ حاڪم بنيا آهن ۽ رهي سگهن ٿا.

اصل ۾ اها خواهش بہ پناهگير پڳدار ظاهر ڪئي هئي تہ سنڌ جي ماڻهن ۽ ادارن ۾ هن لاءِ اهي وزير ڪي اهڙا موقعا پئدا ڪن جو هو سنڌين سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهي ۽ هنن ۾ مقبول ٿي سگهي. ان مقصد لاءِ ئي سنڌي وزيرن هي تعليمي ادارو چونڊيو هيو، جو هڪ ديني مدرسو هو. ان ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم بہ ڏني ويندي هئي. ۽ شاگرد ڏهين ڪلاس کان مئترڪ جو امتحان ڏئي سگهندا هئا. شاگردن لاءِ هاسٽل بہ هئي، مسڪين ۽ ٻهراڙيءَ جا شاگرد هئا ۽ سڀ سنڌي هئا. هنن جو منهن مهانڊو بہ هڪ مخصوص قسم جو هو. ٻهراڻ، پيڙين کان مٿي پاچن واري ڪائنچ ۽ اڇو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڪو. مٿين ڪلاسن جي ڪتابين ڪي ڇهرن تي ڏاڙهي ۽ مڇن جا تازا قتل سلا.

اهڙي قسم جون خبرون پڙهي سنڌي وزيرن سوچيو تہ هي ملڙا، پناهگير پڳدار جي سنڌن مدرسي ۾ اچڻ ۽ تقرير ڪرڻ ڪري ڪهڙي مخالف ڪندا! پرهي وزير جيئن سنڌيءَ جي عام ذهن کان اڻ واقف آهن يا ڄاڻي واڻي اڻ ڄاڻ بنجن ٿا، تيئن هنن کي اها خبر نہ هئي تہ هي ڪتابي، سنڌ ساگر شاگرد پارٽيءَ جا ميمبر هئا. توهان هنن کي شڪل شباهت مان تہ آسانيءَ سان نظر انداز ڪري سگهو ٿا، پر جڏهن هنن سان ڳالهائيندا يا بحث مباحثو ڪندا تہ توهان جا ٽپ ٽري ويندا، هو سياست، سنڌ جي تاريخ، جديد ادب ۽ سنڌ جي دانشورن جا ايترائي ڄاڻو ۽ باخبر آهن، جيترو هڪ يونيورسٽيءَ جو باشعور شاگرد. يا هن کان بہ وڌيڪ سنڌين جي جديد قومي نظريي تي هو ايترا پڪا پختا آهن، جو توهان کي اهو نظريو قرآن ۽ حديثن مان پوري پروسي سان ثابت ڪري ڏيکاريندا.

مدرسي جي منتظمن تہ چاهيندي بہ مخالف نہ ڪئي، جو سرڪار وٽان چڱو چوکو ساليانو چندو يا گرانٽ مدرسي کي ملندو هو. هنن اهڙي جلسي ڪرڻ جي حامي ڀري، پر شاگردن جو گڏيل فيصلو هو تہ هو ان جلسي ۾ شريڪ ڪونہ ٿيندا ۽ خاموش مظاهرو ڪندا.

جلسي جي مقرر ڪاڻ ڏهہ منٽ اڳ مدرسي جي وڏي منتظم، هيڪندي فون تي هڪ سنڌي وزير کي ٻڌايو.

"سائين، اسان تہ جلسي جو مڪمل انتظام ڪري ڇڏيو آهي، پر هال ۾ اڃان ڪوبہ ماڻهو ڪونہ آيو آهي."

"هان، هي ڇا ٿو چوين، عين وقت تي ٿو ٻڌائين!"

"سائين، اسان جو ڪو قصور ڪونهي. شايد شاگردن بائيڪاٽ ڪيو آهي."

"ڪارو آهي توهان جو منهن. مان توکي ڏسي رهندس........ چڱو، مان ماڻهن جو پاڻهي ٿو انتظام ڪريان. تو اتي بندوبست ٺيڪ رکجانءِ!"

وزير پناهگيرن جي هڪ ننڍي اڳواڻ کي فون تي پنهنجو مسئلو ٻڌايو. هن وراڻيس تہ اهو ڪو مسئلو ڪونهي، پنڌرهن منٽن ۾ سڄو هال ڀريل

هوندو.

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ پناهگير پڳدار پهتو تہ تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو.

هن سان گڏ وزير ۽ ميمبر بہ گهڙيا. هن جا ويهارو کن باڊي گارڊ هئا، جن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوفون هيون، ۽ هو اسٽيج ۽ هال جي چوڌاري خبردار ٿي بيٺا.

جلسو شروع ٿيو تہ هڪ سنڌي وزير پناهگير پڳدار جي جاڻ سڃاڻ ڪرائيندي، هن جي ساراهہ ۾ اهڙي ٻولي ڳالهائڻ لڳو، جو هن کي اهو پتو ئي نہ رهيو تہ هو انسان بابت ڳالهائي رهيو آهي يا خدا جي باري ۾.

پڳدار جي تقرير دوران گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ ايترين لاڳيتيون تاڙيون وڄنديون رهيون، جو پتوئي نہ ٿي پيو تہ ماٺهو ڪهڙي ڳالهہ تي ٿا تاڙيون وڄائن. تقرير ڪان پوءِ هن کي سنڌي ٽوپي ۽ سنڌي اجرڪ پارايو ويو. ان تي بہ تاڙين جو طوفان مچي ويو. نيٺ سڀني هال تاڙيون وڄائڻ بند ڪيون. پر هڪڙو سنڌي وزير اڃان وڄائيندو رهيو. ڪيترو وقت وڄائيندو رهيو، ايتري قدر جو سڀني جون نظرون هن ڏانهن کڄي ويون ۽ پناهگير پڳدار، طنز ڀري مرڪ سان هن ڏي نهاريندو رهيو.

پڇاڙيءَ ۾ پڳدار اعلان ڪيو تہ هو پنهنجي طرفان مدرسي جي هاسٽل کي شاگردن لاءِ هڪ رنگين ٽي وي ۽ هڪ وي سي آر تحفي طور ڏئي ٿو ۽ تاڙين جو طوفان وري شروع ٿي ويو.

اخباري نمائندن جو بہ چڱو خاصو تعداد آيو هو، اعلان ڪيو ويو تہ جنهن کي ڪو سوال پڇڻو هجي تہ پڇي سگهي ٿو.

"توهان کي خبر آهي تہ هال ۾ جيتوڻيڪ ڪي چوڪرا اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پايو ويٺا آهن. پر انهن جي منهن مهانڊي ۽ هٿن سان ڳالهائڻ مان توهان کي پتو پوندو تہ هن هال ۾ ڪو بہ هن مدرسي جو سنڌي شاگرد ويٺل ڪونهي. ۽ سڀ غير سنڌي آهن؟" هڪ نمائندي پڇيو.

"ان سوال جو مون سان واسطو نہ آهي" پڳدار ککو وکو ٿيندي وراڻيو ۽ هرويرو مرڪڻ لڳو.

"توهان کي پنڻين دروازي مان اندر آندو ويو آهي، پر توهان کي خبر

آهي ته مکيه دروازي ۽ مکيه رستي ڏانهن، هن مدرسي جا ڪتابي، هن جلسي خلاف، ميڙ ڪيو، احتجاجي بينر، پلي ڪارڊ ۽ پوسٽر جهليو/ ايا ڪيو بيٺا آهن؟" ٻئي اخبار نمائيندي پڇيو. پناهگير پڳدار جي منهن جو پنو لهي ويو. پر منهن جي پڪائي ڪري چيائين.

"اهو غير واسطيدار سوال آهي.!"

"توهان کي جيڪا اها سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پارايا ويا آهن، سي پائي توهان حيدرآباد شهر جي رستن، گهٽين ۽ بازارين ۾ اڪيلا گهمي سگهو ٿا؟" ٽئين نمائندي سوال ڪيو.

اهو سوال ٻڌي پڳدار جو منهن ٿامڙي هٽي ويو، پر هن جي ڪڇڻ کان اڳ هڪ سنڌي وزير اخبار وارن ڏي منهن ڪري ڌمڪي واري نموني چيو "توهان بدتميز اخبار وارن کي سبق سيکارڻو پوندو، هينئر جلسو ختم ڪجي ٿو!"

(٢)

سنڌ جي هڪ برک شاعر، پنهنجي جيل جي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي "مون سوچيو ته نظربنديءَ جو پيرائتو احوال لکان جيئن نسل کي پتو پوي ته هن دور ۾ شاعر جي ڪهڙي گت بنائي وئي هئي!؟"

مون سان به جيڪا ويڌن ٿي آهي ۽ جنهن جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن پوري خبر به نه ڏني ۽ نه سنڌي ادبي تنظيمن ڪو واڪو ڪيو. جيتوڻيڪ مون کي سنڌي ساهت لکندي اڌ صدي اچي ٿي آهي ۽ منهنجي ڪهاڻين ۽ ناول پڙهندڙن ۽ مداحن جي خطن، زباني راين ۽ لکڻين ۽ تبصرن مان پڌرو آهي ته سنڌي ادب ۾ مان به چڱي ڀاڱاٽي ۾ آهيان، ان ڪري ڪهاڻيءَ جي اوٽ ۾ پنهنجي آپ بيتيءَ جي هن ٽڪري کي هن ڪهاڻيءَ جو حصو بنائي ٿو ڇڏيان.

ان ڏينهن مجهند ڪان ئي آڪاش ۾ ڪڪرن ڦيريون پئي پاتيون، ڇڻ انهيءَ تاڙ ۾ تلاش ۾ هجن ته ڪٿي گڏجي وسڪارو ڪجي. پوءِ هٿ ڌرتي ۽ سج جي وچ ۾ اهڙو ڪارو پردو ٿاهي ورتو، جو روشن ڏينهن جو خاتمو ٿي ويو. نه ايتري گجگوڙ ٿي ۽ نه ڪنوڻ جا گهڻا چمڪاٽ ٿيا. پر بارش

ڪافي زوردار هئي، ٻار گهر ۾ منهنجو نياڻو پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان ۽ منهنجو سوٽ پنهنجي گهر واريءَ ۽ چئن ٻارن سان ٽڪيل هئا. منهنجي اڌ رنگ جي بيماريءَ کي ڏهه مهينا ٿي ويا هئا. ۽ هلڻ چلڻ جهڙو ڪونه هوس. ورانڊي ۾ ويهي ٻارڙن کي کيڏندي ۽ برسات جو نظارو ڏسندو رهيس. پنهنجي گهر ۽ ٻيڙ وارن بنگلن جي وڻن جو ڏيک منهنجو ڌيان ڇڪائي رهيو هو. بارش جي ڦڙن جو انهن تي ڪرڻ ۽ صاف اجرو ٿي هوا جي ڪري جهومڻ، مينهن ڪڏهن تيز ٿي ٿي ويو ته ڪڏهن هلڪو ٿي ٿي ويو ته ٻار به زور سان رڙيون ڪرڻ ٿي لڳا. زوردار واءَ جي ڪري ڪرندڙ مينهن ۾ وڻن جو لڏڻ ائين ٿي لڳو جيئن ڪنهن ننڍڙي ٻار کي زوريءَ وهنجاربو آهي. ۽ هو مٿان پاڻي اوتڻ وقت ڪهڙي ڪهڙي، رڙندي مٿان اوتجندڙ پاڻي کان ڪنڌ ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مينهن بيٺو ٿي ته وڻن جي پنن ۾ اٽڪيل ڦڙا، هيٺان ڪڏ ٿيل پاڻي جي ڌٻن ۾ ڪري، ڇير وانگر چمڪ پيدا ڪري رهيا هئا.

جڏهن به سخت ۽ طوفاني مينهن پوندو آهي ته مون کي خيال ايندو آهي ته هيترو مينهن ته ٿر ۾ پوڻ کپي، باقي شهرن ۾ ته غريبن جا جهڳا جهڻ ڪيو، هنن جي جياپي جي جنجال ۾ بي انت واڌ آڻيو ڇڏي.

پر هينئر ٻئي قسم جو جنجال شروع ٿي ويو. ڪوارٽرن جي طرف کان فائرنگ شروع ٿي ويئي، مان لطيف آباد جي يونٽ نمبر ٻئي ۾ رهندو آهيان، هن يونٽ جي اڌ ۾ بنگلا آهن ۽ اڌ ۾ ڪوارٽر آهن، هي هزار کن ڪوارٽر، سرڪار پناهگيرن کي مفت ۾ ٺهرائي ڏنا هئا ۽ مڙني ۾ اهي ئي رهندا آهن. منهنجو بنگلو ڪوارٽرن جي سامهون بنگلن جي پهرين قطار ۾ آهي. گذريل چئن سالن کان هنن ڪوارٽرن ۾ وقت بيوقت، سبب بي سبب، جاءِ بيجاءِ فائرنگ جا ٺڪاءَ ۽ ڌماڪا، هراس پيدا ڪرڻ لاءِ شروع ٿي ويندا آهن. نه رڳو انهن ڪوارٽرن مان پر حيدرآباد شهر ۾ جتي جتي به هنن جا ڳڙهه آهن، اتي ائين ٿيندو آهي. اهي فائرنگ جا ٺڪاءَ سون هزار جي تعداد ۾ هوندا آهن ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ، راتين جون راتيون، ڏينهن جا ڏينهن هلندا آهن. جيئن ته ائين اڪثر ٿيندو رهندو آهي، تنهنڪري اسين به انهن ٺڪائن تي هري ويا آهيون ۽ گهٽو توجهه ڪونه ڏيون، هينئر به مان انهن آوازن کي نظر انداز

ڪري ويٺو رهيس، اهي آواز تعداد ۾ به وڌندا ويا ۽ بلند کان بلند تر ٿيندا ويا. اهڙا ڪڙڪا هئا ڄاڻ ته آسمان کي ڏاهڻ ٿا چاهين. گڏوگڏ مينهن به جاري هو. ٻارن کي به پرواهه ڪانه هئي، هو پنهنجي راند ۾ رڌل هئا.

اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ، مون وارو نياڻو ۽ سوٽ، جي گهر جي ڀرسان پاسي ويٺا هئا، سي مون وٽ آيا ۽ چيائون ته ڪوارٽرن جي طرف کان ڌاڙي فائرنگ پئي ٿئي، تي سکهي ٿو ته ان جو ڪو خاص ڪارڻ هجي، پاڙي ۾ سنڌين جا ڪجهه گهر هئا. مون هنن کي چيو ته انهن وٽان جاچ ڪيو، شايد هنن کي ڪا خبر هجي. ٿوري دير کان پوءِ هنن اچي ٻڌايو ته بينظير ڀٽو کي وڏي وزيريءَ تان لاهي ڇڏيو اٿن ۽ مرڪز توڙي صوبن جون حڪومتون ۽ اسيمبليون ختم ڪري ڇڏيون اٿن.

ان خوشيءَ ۾ پناهگير ٽڪا ٽوڪي ڪري جشن پيا ملهائين. پوءِ اسان ريڊيو به ٻڌو ۽ ٽي وي به ڏٺي، اهائي ڳالهه هئي.

انهن ساڍي انهن ڌاري، جڏهن برسات بند ٿي ويٺي هئي، ته اسان جي گهر جي در تي کڙڪو ٿيو. ٻهرين نوڪر نڪتو، ۽ پوءِ منهنجو سوٽ ۽ نياڻو ٻاهر نڪتا. هنن اچي ٻڌايو ته چار رولو پناهگير ڇوڪرا هئا. هنن جي هٿن ۾ هٿيار هئا ۽ ڌمڪي ڏنائون ته ٢٣ ڪلاڪن اندر هي گهر خالي ڪري وڃو نه ته پنهنجي لاءِ خير نه سمجهجو. هنن سان سوال جواب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر هنن حاڪماڻي نموني ڪهرائيءَ مان ورائيو ته اسين بحث ڪرڻ ڪونه آيا آهيون.

هي توهان جي لاءِ الٽيميٽم آهي. ايئن چئي هو هليا ويا ۽ هوائي فائر ڪندا ويا. منهنجي ڇوڪرن چيو ته هي پاڙي جا ڏٺل لوفر ڇورا آهن.

جيتوڻيڪ هنن جي نالن جي خبر ڪانهي. نوڪر ته ايترو به ٻڌايو ته انهن مان به ڇٽا ته مان چڱيءَ طرح سڃاڻان، اهي ڪوارٽرن جي وچ واري بازار ۾ پڪوڙا وڪڻندا آهن ۽ پڪوڙائي آهن.

مان به گهٻرائجي ويس ۽ منجهي پيس. ڪجهه مهينن کان پناهگيرن حيدرآباد شهر ۽ لطيف آباد جي ڪن سنڌين کي اهڙي قسم جون ڌمڪيون پئي ڏنيون هيون ۽ ڪن جي گهرن تي واقعي ئي حملا ڪيا هئا. ڪن ڀاتين کي ماريو ۽ قتل ڪيو هيو. عورتن جي بيحرمتي ڪئي هئي. گهر وارن کي

هٿيارن جي زور تي لوڌي ٻاهر ڪيو. جاين تي قبضو ڪيو هو ۽ سامان ۽ فرنيچر لٽيو ڦريو ۽ چوري ڪيو هو ۽ گهرن کي باه ڏيئي ساڙيو يا ڊٺي نموني تباه ڪيو هو.

نَن چئڻ سنڌي پاڙيسرين کي صلاح مشوري لاء گهرايم. هنن وٽان به همت افزائيءَ وارو جواب ڪونه مليو. هرڪو لڏڻ جي ڪوشش ۾ هو. ڪنهن پنهنجا ٻار ٻچا ٻئي پاسي موڪلي ڇڏيا هئا، ڪو پنهنجو بنگلو وڪڻڻ جي تيارين ۾ هو، ڪو پنهنجو گهر متاسنا ۾ ڏيڻ لاء ڪوشان هو. ڪي ته مهينو ڏيڍ اڳ بنگلن کي تالا هڻي، پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا.

مان اڳ ۾ به ان تي سوچيو هو ۽ تصور به ڪري نه ٿي سگهيس ته جيڪي گهر پاڻ ٺهرايو اٿم ۽ جنهن جي هڪ هڪ سر بيهي پنهنجي نظرداريءَ هيٺ لڳرائي اٿم ۽ جو پنهنجي پوري زندگيءَ جي ڪمائي آهي، اهو ائين ڇڏي وڃجي.

مون فيصلو ڪري ڇڏيو ته مان هيءُ گهر نه ڇڏيندس، باقي ٻين کي موڪل تو ڏيان. پنهنجي نياڻي کي چيم ته هو پنهنجي ٻارن سميت سکر هليو وڃي. ۽ سوٽ کي چيم ته هو پنهنجي خاندان سميت صبح جو ٽي ڳوٺ هليو وڃي. وسڪارو تيندو رهيو ۽ شهر ۾ پناهگيرن جي ٽڪا ٽوڪي به جاري رهي.

صبح جو هڪ واقعو ڏٺوسين، اسان جي گهر جي ويجهو هڪ سنڌي مسواڙي، جو هنگامن ڪري ان گهر کي تالو ڏيئي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي ويٺو هو، تنهن گهر جا ساڳين پناهگير ڇورن، جي رات اسان کي ڌمڪي ڏيئي ويا هئا، اچي تالا ٽوڙيا ۽ در ڀڳا ۽ سامان ڪيڏي سوزڪيءَ ۾ ڪٽائي ويا. ان وقت صبح جا ڏهه وڳا هئا.

بارش به بند هئي، رستي تي ماڻهن ۽ گاڏين جي آمد رفت چالو هئي. پر ڪنهن به هنن کي نه روڪيو. پروارن بنگلن ۾ رهندڙن اسان جي گهرجي چوڪرن سميت ڇتين تي چڙهي سڀ ڪجهه پئي ڏٺو، پر ڪنهن کي به خالي هڪل ڪرڻ جي همت به ڪانه ٿي.

اها ڳالهه ٻڌي مون کي پڪ ٿي ته اهي پناهگير شودا جيڪا ڌمڪي ڏيئي ويا آهن، ائين ڪري ڏيکاريندا. مجهند جو ٻارهين وڳي وري ساڳيا

چوڪرا اسان جي گهر تي آيا ۽ چتاءُ ڏئي ويا تہ اسان پنهنجي ڪاروائي ڪرڻ ايندا آهيون.

ٻار ضد ٻڌي ويٺا تہ توهان بہ ڳوٺ هلو نہ تہ اسين بہ نہ ويندا سين، توهان بيمار ۽ اپاهج، ڪيئن رهي سگهندا نوڪر بہ ڏنو ويٺو آهي. سو توهان هيئنر هلو.

مان رات ڪان ئي انڪار ڪيو ويٺو هوس تہ مان هي گهر نہ ڇڏيندس، ٻار بہ پنهنجي ضد تي نيٺ مون هار ميڃي تہ نہ هتي رهڻ ئي ممڪن آهي ۽ نہ ان ۾ سياڻپ آهي. منهنجي ننڍي ڪڪي جيڪا حيدرآباد ۾ ئي پرڻيل آهي، سا بہ اچي پهتي هئي. مون خيال ڪيو تہ مان ڪراچيءَ پٽ وٽ هليو ٿو وڃان ۽ ٻيا ڳوٺ وڃن. بيماريءَ جي ڪري ڳوٺ جو ڏکيو سفر تڪليف وارو ٿيندو ۽ ڪراچي جو سفر سولو آهي. ننڍي ڪڪيءَ چيو تہ مان توهان کي موٽر ۾ ڪراچيءَ تي ڇڏي اچان.

اهڙي طرح سڀئي پنهنجي پنهنجي سفر تي روانا ٿياسين. سڄو گهر پريل ڇڏي: مينهن وري شروع ٿي ويو هو ۽ مجبوريءَ ڪري مينهن ۾ ئي سفر ڪرڻو پيو، جنهن سفر کي وڌيڪ اٽانگو بنائي ڇڏيو.

ڪراچيءَ ڏانهن ويندي مان صدمي ۾ هوس. مون ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو جو ڪجهہ مون تي ٿي گذريو هو، ان تي مون کي هڪ گهڙيءَ خيال آيو تہ اسين سنڌي ڪيترو نہ ڪمزور آهيون، پر يڪدم پاڻ کي درست ڪيم تہ اسين ڪمزور نہ آهيون، اسين تمام طاقتور آهيون. اسين جسماني، ذهني ۽ نظرياتي طرح بيحد طاقتور آهيون. اسان کي فقط پوري يقين ۽ احساس سان پنهنجي طاقتن کي تنظيم، اتحاد، تياري، رٿا بندي، هٿيار بند سکيا، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ذريعي گڏجڻو آهي، ڪٺو ٿيڻو آهي. مون کي ياد آيو تہ خود لطيف آباد ۾ بہ ڪيترن سنڌين جي بنگلن تي حملو ڪري ٻاتين کي زخمي ڪيو ويو يا ماريو ويو ۽ هنن کي اتان ڀڄايو ويو ۽ پوءِ گهر جو سامان چوري ڪري کٽي ويا. ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، وي سي آر ڪان ويندي چمچا ديڳڙا بہ نہ ڇڏيائون. پوءِ اها خبر پئي تہ اهو سامان سنڌي پاڙن قاسم آباد ۾ نيلام ڪيو ٿي ويو يا ڪوڏين جي اگهہ وڪيو ٿي ويو، مثال طور چوڏهين هزارين جو وي سي آر ٻن هزارن، ويهين هزارين وارو ايئرڪنڊيشنر ڇهن

هزارين. اهو سامان هو ريڙهين ۾ هٽ ڳاڏي تي وڪڻندا آهن. ۾ هنن جي مڪاري ڏسو. ڪن سنڌين هنن کان پڇيو ته هي سامان ايترو سستو ڇو ٿا وڪڻو؟ ته جواب ڏنن ته سنڌين اسان کي گهرن مان ڪڍي ڇڏيو آهي. مشڪل سان هي سامان ڪڍي سگهيا آهيون، سو جيڪي مليو سو غنيمت.

منهنجي هڪ دوست پاڙيسيري ڊاڪٽر ٽالپر ٻڌايو ته هن جو به سڄو گهر ٻهاري ويا ۾ پوءِ هن پنهنجو وي سي آر، ٽي وي، ايئرڪنڊيشنر ۾ ٻيو سامان وڪامندي ڏٺو، پر ڇا ٿي ڪري سگهيو. هن اهو به ٻڌايو ته هن پوليس ۾ به رپورٽ ڪانه ڪرائي. ڇو ته سڀ ڪنهن ڇيس ڪجهه حاصل ڪونه ٿيندو، پر پاڻ پوليس جي ڇنڊ ۾ پرڻي پوندءِ.

گهر ڇڏڻ جي چوٿين ڏينهن تي منهنجو نياٽو ٽرڪ وٺي بنگلي جو سامان ڪڍائڻ ويو. اجان سامان سهيڙيائون پئي ته پناهگير شودن کي ڪڙڪ پئجي وئي ۾ اٺ ڏهه هٿيار ڪٽي اچي پهتا. ڪن گهر کي گهيرو ڪيو، ڪي ٽرڪ کي وڪوڙي ويا. ٻين منهنجي نياٽي ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي ڇاتيءَ تي پستول ڪٽي تاڻيا ته سامان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي اٿوَ ته هتي جو هتي توهان کي شوٽ ڪنداسون. هنن کان پڇيو ويو ته بنگلو ته ڇڏي وياسون. سامان ڪڍڻ ڇوڪو نه ٿا ڏيو؟ گهڻئي سوال جواب ٿيا، آخر ۾ هنن حڪم ڪيو ته پنجاهه هزار چندو ڏيو ته پوءِ سامان ڪڍي سگهو ٿا. نيٺ منهنجو نياٽو ۾ خالي ٽرڪ موٽي آيا. پوءِ اسان اوڏانهون وڃڻ بند ڪري ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن هنن انتظار ڪيو ۾ پوءِ گهر کي لٽڻ شروع ڪيائون. ٽي وي، وي سي آر، ڊيڪ، استري، گهڙيال، سلائي جي مشين کان وٺندي ميرن ڪپڙن تائين سڀ ڪجهه کڻي ويا. اسان جي گهر ڇڏڻ کان پوءِ اوڙي پاڙي جا سڀ سنڌي گهر ڇڏي هليا ويا هئا. اسان پنهنجي گهر جي چاٻي حيدرآباد جي هڪ دوست جي حوالي ڪري آيا هئاسون. هو پنهنجي هڪ ماڻهوءَ کي اسان جي گهر جو چڪر هڻڻ لاءِ پيو موڪليندو هو. دوست پيو حال احوال ڏيندو هو. نيٺ لکيائين ته سمورو سامان چوري ڪري ڪڍي ويا آهن. ۾ هاڻي گهر تي تالو به پنهنجو لڳائي ڇڏيو اٿن. مون لکيو هومانس ته ڪنهن دلال کي چئي بنگلو وڪرو ڪري ڇڏ. تازي خط ۾ لکيو اٿائين ته گهر جيترو لهي ان جو چوٿون حصو گهرون ٿا. ته به ماڻهو نه ٿا وٺن. ان جو سبب اهو آهي ته

پناهگير شودن گهر جي در ۽ پتين تي پوسٽر هڻي ڇڏيا آهن ته جيڪو به ماڻهو هي بنگلو خريد ڪندو سو پنهنجي ذميواري تي خريد ڪندو ۽ هيڏان پنهنجي پارٽي جا ٺپا هڻي ڇڏيا اٿن. سو جيڪو به خريدار اهي پوسٽر ڏسي ٿو ته خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو.

مان بيمار ۽ اپاهج هوس، نه ته ڪجهه هٿ پير هلائي، ڪنهن نه ڪنهن جي مدد حاصل ڪري، شايد گهر جو ڪجهه بچاءُ ڪري سگهان ها. هاڻي مان بي گهر ۽ بي ايڊرس دربدر آهيان. ڪڏهن پٽ وٽ، ڪڏهن هڪ ڌيءُ وٽ، ڪڏهن هڪ ڀيڻ وٽ، ڪڏهن هڪ ڀاءُ وٽ ته ڪڏهن ٻئي ڀاءُ وٽ. ڪٿي مهينو، ڪٿي ڏيڍ. ڪراچي، سکر، مورو، نوابشاه ۽ خانواهڻ ۾ پيو گذاريان.

تازو اخبار ۾ پڙهيم ته پناهه گير پارٽيءَ جي پڳدار مدرسي جي ڪتابين کي وي سي آر ۽ رنگين ٽي وي تحفي طور ڏنا آهن. سو مان به اهڙن سنڌين، جن جا هنگامن ۾ وي سي آر ۽ ٽي وي لٽيا ۽ چوري ڪيا ويا هئا، تن وانگر انهيءَ آسري تي ڏسڻ آيس ته اهي شيون شايد اسان واريون هجن، خاص ڪري انهيءَ لاءِ به ته منهنجي ڪڪيءَ انهن تي خاص لڪل نشان ڪري ڇڏيا هئا.

بس ائين سمجهو ته رڳو پنهنجي حيرانگي دور ڪرڻ ٿي هئي. باقي انهن جي واپسيءَ جو آسرو نه مون کي آهي ۽ نه ٻين اهي ڏسڻ لاءِ اچڻ وارن کي هوندو. ❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙچي ۾

ڊاڪٽر نئين اسپتال ڪولڻ ڪانپوءِ، جلدئي هن ڇوڪريءَ کي ڏٺو هو. هيءَ ڪوشهر جو مکيه ۽ وڏو رستو ڪونہ آهي، البت وچولي ماپ جو ضرور آهي. پيادن، سائيڪلن، رڪشائن، موٽرن ۽ ٻين گاڏين جي اچ وڃ جي ڀيڙ چڱي چوکي رهندي آهي.

ڊاڪٽر هن پاڙي ۾ نئون هو ۽ اجا واقفيت پيدا ڪرڻ ۽ ڏيٺ ويٺ وڌائڻ جي ڏاکي ۾ هو. اسپتال اندر ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو هو تہ ٻہ سامهون رستي تي نظر پئي پوندي هئس، يا ڪڏهن ڪڏهن هو اسپتال جي دروازي تي اچي رستي جي اچ وڃ کي جاچيندو هو.

ٿن چئن ڏينهن اندر ئي هن جو ڌيان هن منڍڙي ڇوڪريءَ ڏانهن ڇڪجي ويو. هوءَ ڪيترائي ڀيرا هن رستي ايندي ويندي رهندي هئي. هڪڙو منڊ ڪائي هلندي هئي، ٻيو وري ڪناري يا پاسي بدران، رستي جو وچ وٺي هلندي هئي. هن کي ڏسي، ڊاڪٽر کي هرويرو ڊپ ٿيندو هو تہ ڪٿي ڪنهن گاڏيءَ جو پاسو نہ لڳي وڃيس. منڍي هجڻ ڪري پاڻ هن کي وڌيڪ خبرداري ڪرڻ کپندي هئي. عمر پنج سال کن هيس. بدن تي ڏکو، پراڻو ۽ گدلو چولو هوندو هوس. رنگ جي ڪاري ۽ ڪوجهي هئي. ڪو اتفاق سان منهن ڌوتل هوندو هوس. گهڻو ڪري اڪيلي رلندي رهندي هئي، ڄڻ تہ ڪو ڌڻي سائين ڪونہ هوس. ڪڏهن ڪو گهر جو ڀاتي ساڻ هوندو هوس، جنهن جا افعال بہ ساڳيا غريباڻا هوندا هئا.

پوءِ ڊاڪٽر کي پتو پيو تہ هوءَ منڍي بہ هڪ حادثي جي ڪري ٿي هئي. هن کي رستي تي ئي هڪڙيءَ گاڏيءَ ٽڪر هنيو هو، جنهن ۾ هڪڙي ٽنگ جو هڏو ڀڄي پيو هوس. ڊاڪٽر سوچيندو هو تہ ان هوندي بہ هوءَ مڙي ڪانہ ٿي ۽ رستي جي وچ ۾ هلندي ڄڻ ڏسي وائسي نانگ جي ٻر ۾ پاڻهن ٿي وڃي. ڪي دڪاندار ۽ واٽهڙو، انهيءَ عادت تي، ڇوڪريءَ کي ڇينڀيندا بہ هئا، پر هن جي روش ۾ ڦيرو ڪونہ ٿي آيو. پوءِ ڊاڪٽر هن منڍڙي

ڇوڪريءَ جي نفسيات تي، سوچڻ لڳندو هو.

وقت گذرڻ سان ڊاڪٽر ڏٺو ته وقت بوقت منڊڙيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن گاڏيءَ جو ٽڪر لڳندو رهندو هو. ان حالت ۾ واٽهڙو، پاڙي وارا يا ڏڪ هڻندڙ گاڏيءَ وارا هن کي کڻي تي کڻي، هن جي اسپتال ۾آڻيندا هئا. هن کي هلڪي سلڪي رهڙ يا معمولي سوڄ هوندي هئي، جنهن کي فقط ڳاڙهي دوا لڳائڻ ئي ڪافي هوندو هو.

هڪڙي ڏينهن منڊڙيءَ کي زبرو ڏڪ لڳي ويو.هوءَ هڪ اسڪوٽر جي آڏو اچي ويئي. جنهن ڪري هوءَ ٻل کائي وچي پري ڪري. مٿو رستي جي پٽ سان لڳڻ ڪري، ان ۾ ڦاڙ تي پيس ۽ رت ٽيندڙيون ڪري وهڻ لڳس. اسڪوٽر واري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر رش هجڻ ڪري ۽ ماڻهن جي متوجهه ٿيڻ ڪري، هو ڀڄي نه سگهيو. ماڻهن روڪي وڌس. ڇوڪريءَ جي رڙين ۽ رستي جي رت سان رنگجڻ ڪري ماڻهو ڊوڙندا آيا. هجوم گڏ ٿي ويو. گاڏين جي اچ وڃ رڪجي ويئي.

جيئن ته هن ڊاڪٽر جي اسپتال ئي ويجهي هئي. ان ڪري منڊڙيءَ کي اتي آندو ويو. ڇوڪريءَ جي مٿي مان رت وهي رهيو هو ۽ رڙيون ڪري آسمان مٿي تي کڻي رهي هئي. اسڪوٽر وارو به گڏ آندو ويو. هاءِ گهوڙا ڪندا منڊڙيءَ جا مائٽ پڻ پهچي ويا. ڇوڪريءَ جي ماءُ ته پناهيگري ٻولي ۾ پناهگيري ڍنگ ۾ نسورو ماتم ڪرڻ لڳي. اڙدوءَ ۾ وڏن واڪي دانهون ڪرڻ لڳي. اڙي مان لٽجي ويس. اڙي ظالم منهنجي ڌيءَ کي ماري ڇڏيو . . . اڙي خدا جو قهر پئيو ! . . . . اسان توهانجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو! . . منهنجي ڌيءَ کي بچايو!" . . . .

اسپتال ۾ ۽ اسپتال ٻاهران ڪوڙ خلق گڏ ٿي ويئي. انهن ۾ گهڻائي پناهگيرن جي هئي. ڊاڪٽر زخم ڌسي ٻڌايو ته زخم ان مان لاڳيتو رت وهي رهيو آهي ۽ اهو گهرو به آهي، ان ڪري ڇوڪريءَ کي هڪدم سول اسپتال کڻي وڃو ۽ زخم کي ٽانڪا لڳرايو.

آيل پناهگيرن ۾ سس پس ۽ صلاح مصلحت شروع ٿي ويئي. ڪن چيو ته ڦٽيل ڇوڪري به اسان جي هم زبان آهي ۽ اسڪوٽر وارو به اسان جو هم زبان آهي ۽ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون. سول اسپتال ۾ کڻي ويندا سين ته

پوليس کي رپورٽ ڏيندي. اجايو جهنجهٽ ٿيندو ۽ اسان جا پنهنجا ماڻهو ڏي ڏچي ۾ اچي ويندا. پوءِ منڌڙيءَ جي وارثن کي سمجهايو ۽ ٺاريو ويو ۽ چيو ويو ته ڇوڪريءَ کي پنهنجي هم زبان ڊاڪٽر وٽ کڻي ٿا هلون. هو ڪا به في نه وٺندو ۽ نه پوليس کي خبر ڪندو. هنن کي اهو به ٻڌايو ويو ته نه رڳو ڇوڪريءَ جو علاج ٿيندو، پر پناهگير پارٽيءَ وٽان هنن کي امداد طور چڱي خاصي رقم به وٺي ڏبي.

ٿوري دير ڪانپوءِ هڪڙي سوزڪي آندي ويئي. ان ۾ زخمي ڇوڪري ۽ هن جا مائٽ ۽ ٻيا ڪجهه پناهگير ويٺا ۽ گاڏي رواني ٿي ويئي. ماڻهن جو ميڙ ڇڙوڇڙ ٿي ويو.

منڌڙي ستن سالن جي ٿي ويئي. رستي جي وچ ۾ هلڻ واري اهائي پراڻي عادت. هاڻي هوءَ تنگ پاجامو به پهرڻ لڳي هئي. جو پراڻو، ميرو ۽ ڦاٽل هوندو هو.

وري هڪ ڏينهن وچ رستي ۾ منڌڙيءَ سان حادثو پيش آيو. هڪ اسڪوٽر ڪري، اسڪوٽر جو پاسو هن کي ڪوني لڳو هو. شايد هوءَ اسڪوٽر کي اوچتو تمام ويجهو ڏسي هراس ۾ ڪري پيئي، يا ان وقت رستي جي ڪڙڪڙ ڪري ٿاٻڙجي پيئي. همدردي ڏيکارڻ لاءِ، اسڪوٽر واري اسڪوٽر بيهاريو ۽ هن کي کڻي اٿاريائين. هن جي خير خيريت پڇيائين. پڪي رستي تي ڪرڻ ڪري، هن کي ٻانهن تي ڪجهه رهڙون آيون هيون. اسڪوٽر واري ڪچ تي کڻي، هن کي هن ڊاڪٽر واري اسپتال ۾ وٺي آيو. ڊاڪٽر منڌڙيءَ جي چڪاس ڪري، اسڪوٽر واري کي تسلي ڏني ته مڙئي خير آهي، رڳو رهڙن تي ڳاڙهي دوا ٿا مکي ڇڏيون.

ايستائين. ”ڇا ٿيو؟“ ”ڇا ٿيو؟“ پڇندا، ماڻهو اسپتال وٽ ڪٺا ٿي ويا. اسڪوٽر واري کي سنڌي ٽوپي پهريل هئي ۽ هن ڊاڪٽر سان سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهايو. منڌڙيءَ جا وارث به روڄ راڙو ڪندا، اچي پهتا. ميڙ ۾ موجود پناهگيرن پاڻ ۾ سس پس ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي ڪنهن قسم جا اشارا ڏنا. پوءِ هن مان ڪي زور زور سان چوڻ لڳا:

”هن ڏسي وائسي، اسان جي پناهيگرڻ ڇوڪريءَ کي ٽڪر هنيو آهي.“

”هي سنڌو ديشي آهي.“

"هي جيئي سنڌ جو ماڻهو آهي."

"هي تعصبي آهي."

"هي پاڪستان جو دشمن آهي."

ڇوڪريءَ کي ظاهري ڌڪ ته ڪونه آهن، پر هن کي اندروني ڌڪ آهن، هن جي جان کي خطرو آهي، هن کي پنهنجي ڊاڪٽر وٽ وٺي هلو."

"هن سنڌيءَ کي نه ڇڏيو."

"هن کي بُڄُ بُڄُ ڪري ڇڏيو."

ميڙ مان ڪي پناهگير ڇوڪرا، سنڌي اسڪوٽر واري تي حملو ڪري آيا. هن کي مُڪن، ٺونشن ۽ ٺڦن سان اڇي ورتائون. هنجي ٽوپي لاهي ڇڏيائون. هنجي وارن کي پڪڙي، ٻانهن ۽ ڄنگهن کان جهلي، اسپتال کان ٻاهر، رستي تي ڇڪي ويا. پناهگيرن جو انبوهه نعرا هڻڻ لڳو:

"نعرا مهاجر ...... جيئي مهاجر!"

سنڌي اسڪوٽر وارو، جنهن جو نالو سرواڻ هو، سو هن اوچتي ڪاروائيءَ تي وائڙو ٿي ويو، پر سگهوئي ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويو. هاڻي انبوهه وڏيڪ وڏو ٿي ويو هو. سرواڻ پنهنجو حوصلو سنڀاليو ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ هٿ پير هلائڻ شروع ڪيائين.... هو پوري سگهه ۽ تيزيءَ سان فلائنگ ڪِڪ (Flying Kick) هيمر ڪِڪ (Hammer Kick) مڊل پنچ (Middle Punch) وِيل ڪِڪ (Wheel Kick) اپربلاڪ (Upper Block) ۽ پيچ داوَ استعمال ڪندو رهيو. جڏهن کان وٺي پناهگيرن، سنڌين تي هرو ڀرو حملا ۽ ٻيون من مستيون شروع ڪيو هيون، تڏهن کان وٺي، ٻين ڪيترن سنڌي نوجوانن وانگر، سرواڻ به وڙهڻ ۽ هٿيار هلائڻ جي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي سکيا وٺڻ شروع ڪئي هئي. هو جوڊي ڪراٽي ۾ پڙ ٿي ويو هو. هينئر به وڏي دليريءَ سان حملي آورن کي ڪيرائيندو ويو ۽ هنن جي ڌڪن کان پاڻ کي بچائيندو رهيو. پناهگيرن جون اکيون کُليون، بلڪه ڦاٽي ويون. هنن ڏٺو ته سرواڻ ڏاڍو سگهارو ۽ مضبوط هڏ ڪاٺ وارو ۽ برجستو نوجوان هو. هو ڳڀرو، قدآور ۽ بي ڊپو انسان هو. هن جي اکين مان چڻگون نڪري رهيون هيون. جوش وچان هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو،

جنهن مان نفرت جي باهه ڀڙڪي رهي هئي. هو پناهگيرن کي هن وقت شينهن جهڙو پوائنٽو ۽ خونخوار لڳو. ان دوران اهي ٿورڙا سنڌي جيڪي ان انبوهه ۾ اچي ڦهتا هئا، تن به انهن پناهگيرن سان مقابلو شروع ڪري ڏنو. جيڪي سرواڻ تي حملا ڪري رهيا هئا. مقابلي جي آڏو ته هو گدڙ ڪان وڌيڪ گيدي آهن. هن جو سرواڻ ۽ ٻين سنڌين جو دليريءَ وارو موٽ عمل ڏنو، سو اتان ائين ڀڄڻ شروع ڪيائون، جيئن هندستان مان هندن جون اکيون ڏسي، ڊپ کان ڀڳا. ڪن پناهگيرن وٽ ڪپڙن ۾ لڪل ڇرا ۽ خنجر هئا، پر سرواڻ جي سورهيائي ۽ ٻين سنڌين جون اکيون ڏسي، هنن کي هٿيارن ڪڍڻ جي همت نئي ڪانه ٿي.

ان وچ ۾ پناهگيرن جي ڪن گهرن مان فائرنگ جا ٺڪاءُ شروع ٿي ويا. سرواڻ جي اسڪوٽر کي باهه لڳائي ويئي. ماڻهن ۾ ڀڄ ڊڪ پئجي. گاڏين جي ڀڄ ڀڄان شروع ٿي وئي. دڪاندارن دڪان بند ڪري ڇڏيا. سڄي شهر ۾ هراس پکڙجي ويو. بازاريون ويران ٿي ويون. ماڻهو محفوظ جڳهيون ڳولڻ لڳا.

سرواڻ تي به ڪنهن گولي هلائي، پر اها گسي ويئي. سرواڻ وٽ به هٿيار هو. هن پنهنجي ڪپڙن مان پستول ڪڍيو ۽ ان گهر ڏانهن فائر ڪيائين، جتان گوليون ٿي آيون.

هتي به پاڙا آمهون سامهون آهن. هڪڙي ۾ سنڌين جي گهڻائي آهي ۽ ٻئي ۾ پناهگيرن جي. پناهگيرن جي گڏريل ڪيترين ئي اڳراين ڪري، سنڌي به خبردار ۽ هوشيار ٿي ويا آهن ۽ هنن جي رڳ سجاڳي ڇڏي اٿن. هنن پنهنجي بچاءَ جو چڱو چوکو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ئي پناهگير فائرنگ شروع ڪندا آهن ته سنڌي به پنهنجا مورچا سنڀاليندا آهن. هينئر به هنن جوابي فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ جلدئي پناهگيرن وارو پاڙو خاموش ٿي ويو.

پر شهر ۾ ٻين هنڌان رکي رکي گولين ۽ ڌماڪن جا ڪيترائي آواز ٻڌي رهيا هئا. ماڻهن جو شور ۽ نعرا، ايمبولينسن جي سائرن جون ڪُوڪون. ساري شهر ۾ هنگاما شروع ٿي ويا هئا. وايو منڊل دونهين، بارود ۽ رت جي

بوءِ سان پرجي ويو.

سانجهي جو سرواڻ کي خبر پئي ته شهر جي رستن ۽ بازارين ۾ ڇهه سنڌي قتل ڪيا ويا هئا، جي ڀهراڙيءَ جا هئا. جي ٻي هٿيار هئا، ۽ جي پناهگيرن کي اڪيلا هٿ اچي ويا هئا. سنڌين جي ملڪيتن کي پڻ ڏاڍو نقصان رسايو ويو هو ۽ ڦرلٽ ڪئي وئي هئي.

اڳواڻ رتا موجب، سرواڻ پارٽي جي ٻين سنڌي ساٿين وانگر، بندوق ڪنيو مورچو سنڀاليو ويٺو آهي. هو سوچي ٿو... پناهگير، سنڌين ڪان نه وڌيڪ سگهارا آهن، نه وڌيڪ سورهه آهن ۽ نه وڌيڪ سرويچ آهن. حقيقت ۾ هو نه سگهارا آهن ۽ نه سرويچ، هو سنڌين کي اڪيلو ڏسي مارين ٿا، مٿ جيترن سنڌين تي هزارن جو هجوم ٿاهي حملو ڪن ٿا، بنا ڇتاءَ اوچتو ۽ سازشن ڪري بيگناهه سنڌين کي قتل ڪن ٿا، ٻي هٿيار سنڌين کي گولين جو نشانو بڻائين ٿا. اهڙا ماڻهو دلير ٿي نه ٿا سگهن. اهي بزدلن جا ڪرتوت آهن. پناهگير پنهنجي ڌرتيءَ تي نه آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو ناتو ماڻهوءَ ۾ ٻي پناهه روحاني ۽ جسماني سگهه پيدا ڪندو آهي. انهيءَ ڪري پناهگير سگهارا نه آهن. پناهگيرن وٽ وڙهڻ لاءِ ڪي بنيادي مسئلا ڪونه آهن ۽ نه ئي ڪو مقصد آهي. وڙهبو آهي انقلاب لاءِ، قومي آجپي لاءِ، غير طبقاتي سماج قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ لاءِ. پناهگير انهن مان ڪنهن به مقصد ۽ مسئلي خاطر ڪونه ٿا وڙهن. هنن جي وڙهڻ جو مقصد، جيڪو هنن کي ٻڌايو ويو آهي، سو آهي سنڌين کي ڦرڻ لٽڻ، هراس پيدا ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ. ظاهر آهي ته اهو ناڪاري پهلو آهي ۽ غير انقلابي ۽ غير سائنسي نقطه نظر آهي، ان ڪري هو سرويچ ٿي نه ٿا سگهن.

هو سوچي ٿو ته پوءِ هي پناهگير وڙهن ڇا لاءِ ٿا؟ هو وڙهن ٿا پئسن ۽ غلط نعرن ڪري، جي هنن کي پناهگير اڳواڻن ۽ پناهگير سامراج دلال پارٽين طرفان ڏنا وڃن ٿا. هنن جي پارٽيءَ ۾ تنظيم آهي ۽ ان تنظيم جو بنياد پئسو آهي. شهرن جا سرمائيدار، ڪارخانيدار ۽ واپاري هنن کي اڻ ميو پئسو ڏين ٿا. پوءِ هنن جا اڳواڻ پنهنجن نوجوانن کي ٻي بنياد ۽ جذباتي سياسي نعرا ڏين ٿا. وڏي ڳالهه ته پنهنجن ڪارڪنن جو هر لحاظ کان بچاءُ ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوانن مان گهڻا تہ بيروزگار آهن، جي آساني سان هنن جي ڳالهين ۾ اچي وڃن ٿا.

هنن کي پگهار ۾ اجورو عام ڏنو ويجي ٿو. خطرناڪ ۽ مهانگا هٿيار هنن کي مفت مهيا ڪيا وڃن ٿا. مفت جون موٽر سائيڪلون، ڦٽجڻ جي حالت ۾ هنن جي علاج جو پورو بندوبست ڪيو وڃي ٿو. ڀڄڻ يا جيل ۾ وڃڻ جي حالت ۾ هنن جي قانوني توڙي غير قانوني وسيلن سان واهر ڪئي وڃي ٿي. مرڻ جي حالت ۾ هنن جي مائٽن کي وڏيون رقمون پهچايون وڃن ٿيون. اهڙي ريت پناهگيرن ۾ وڙهڻ جي مڙسي ڪانهي، فقط مفت جي پئسن ۽ مفت جي هٿيارن تي من مستيون ڪن ٿا.

سرواڻ ويچاري ٿو تہ بهرحال ڪنڌ تي ڪاتي رکندڙ کي اهو سمجهي ڇڏي نہ ڏبو تہ اسان جا اصل دشمن سامراج پنجابي آهن ۽ هي رڳو هنن جا دلال آهن يا هنن جي چرچ تي اسان جا قاتل ٿي پيا آهن......

مورچي ۾ وهندي، سرواڻ جا ڪن ۽ اکيون پوري طرح سجاڳ آهن. هو آسپاس نهاريندو رهي ٿو. هر آواز تي هن جو هٿ هٿيار تي مضبوط ٿي وڃي ٿو......

هن ڪيترائي ڀيرا سوچيو آهي ۽ هينئر بہ سوچي ٿو تہ ڀيا تہ نهيو، پر ڀهراڙيءَ جي ڪنهن غريب سنڌيءَ جي گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿيندو آهي ۽ هن کي شهر جي ڪنهن ڊاڪٽر يا اسپتال ۾ علاج لاءِ وٺڻو پوندو آهي ۽ جڏهن هو ڏسندو آهي تہ هن جي پياري جي حياتي جو سوال آهي تہ ڍڳو، مينهن، زمين جو ٽڪرو يا زال ڳهہ وڪڻي بہ هن جو علاج ڪرائيندو آهي. هن وقت سنڌين لاءِ موت ۽ حياتيءَ جو نهايت نازڪ مرحلو آهي، ان ڪري هنن کي هر حالت ۾، پَٽ سَٽ ڪري بہ، هٿيار وٺڻو آهي.

سرواڻ پري ڪان ٻہ ٽي فائرن جا ٺڪاءَ ٻڌي ٿو. شهر ۾ پوليس ۽ فوج جو گشت جاري آهي، پر هي بزدل پناهگير، سنڌين کي هيسائڻ يا ڪنهن اڪيلي اجرڪ واري ڳوٺاڻي تي حملي ڪرڻ کان باز نہ ٿا اچن.

سرواڻ جو رت ٽهڪڻ لڳي ٿو. هن جي ذهن ۾ وَرَ وَرَ ڪري هي سوال اُڀرندو رهي ٿو تہ ڇا اسان کي زنده رهڻ خاطر، هنن دهشتگردن ۽ من مستي

ڪندڙن ڪي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ پنهنجي گڏيل طاقت، گڏيل ٻڌي، گڏيل تنظيم ۽ گڏيل هٿياربند تياريءَ جي سهاري ائين ڪرڻو پوندو؛ جيڪڏهن هي سنڌ دشمن هڪ شهر ۾ ڏهن سنڌين کي قتل ڪن تا تہ سنڌي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي پنج سؤ ڳوٺن ۽ شهرن مان هر هڪ ۾ هنن جا ڏهہ ڏهہ ڍيري ڪري رکن!. ❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليمي ڪامريڊ

ڪلوءَ کي ڪليم جو نئون دروازو نظر آيو. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ، هو جڏهن پَڇ پائي، هندستان مان پڄي هتي آيو هو، تہ هتي جي بيوقوفيءَ جي حد تائين سادن سڀاجهڙن رهاڪن جي همدردي حاصل ڪرڻ خاطر، پنهنجي من جي مڪاريءَ زبان جي ناٽڪ سان، ڪيئي دليان ڏاهيل قصا ۽ واقعا ٺڏايا هئائين. هن روئي، سڏڪا ڀري، اوڇنگارون ڏيئي، واءِ ويلا ڪري ۽ ڇاتي ڪٽي ٻڌائو تہ هن جا ٻہ ڇاچا، ٽي ماما، پنج ڀاٽيجيون ۽ چار ڀائٽيا، هندستان ۾ هندن ۽ سکن ڏاڍيءَ بيرحميءَ سان قتل ڪري ڇڏيا هئا.

حقيقت هيءَ هئي تہ هو اهي سڀ مائٽ هندستان ۾ صحيح سلامت ڇڏي آيو هو. هن کي اها بہ ڄاڻ هئي تہ سندس اهي مائٽ هيڏانهن اچڻ لاءِ موقعي ملڻ جي تاڙ ۾ آتا ويٺا هئا.

ڪلو اصل ۾ هندستان مان بدمعاشين ڪري ۽ پوليس جي پڪڙ پڇاڙ کان ڀڳو هو. هو ٺڳيون ڪري ماڻهن کان رقمون وٺندو هو ۽ وري واپس نہ ڪندو هو. هو عورتن جي دلالي ڪندو هو ۽ چوريون ڪندو هو. هو سنڌ ۾ پنهنجي زال، ساماٺل ڌيئرن ۽ ٻن ننڍن پٽن سان اچي سهيڙيو. هندستان ۾ هن کي ڪچو مسواڙي گهر هو، جنهن جي ڇهن مهينن کان مسواڙ ڪو نہ ڏيئي سگهيو هو. هن کي انگ ڍڪڻ لاءِ پورو ڪپڙو ڪو نہ هو، ۽ پيٽ ڀرڻ خاطر بہ ويلا تہ نهيو پر بہ ڳرهہ بہ ميسر ڪو نہ هئا.

اهو ٻڌي تہ پاڪستان ۾ پهچڻ سان مفت جا بنگلا، مفت جو سامان، مفت جا ڪاڏا، مفت جا ڪاروبار ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا مفت ۾ ملي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ رڳو ٿورڙي مڪاري ڪرڻ سان. ڪلو پنهنجي ڌرتي ڇڏي هتي مڪاري آزمائڻ جي نيت سان آيو هو.

هن کي شهر ۾ هڪڙي سنڌي هندوءَ جي عاليشان جڳهہ ملي ويئي. ان تي وڃي قبضو ڪيائين. پوءِ اها سٺي رقم ۾ وڪڻي، هڪڙي ڪچي آباديءَ ۾ جهوپڙي ٺاهي وڃي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلدئي حڪومت، پناهگيرن لاءِ پڪي ڪالوني ٺاهي. ڪلوءَ هٿ پير هڻي اتي ٻين پناهگيرن وانگر مفت ۾ ڪوارٽر هٿ ڪيو. ٿوري عرصي کان پوءِ اهو ڪوارٽر وڪڻي وري وڃي ٻي ڪچي آباديءَ ۾ جهوپڙي نشين ٿيو. وري حڪومت طرفان ٺهيل ٻي ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر هٿ ڪيائين. جڏهن ڪليمن جو ڪاروبار شروع ٿيو تہ هن بہ هٿراڌو ڳوٺائي ڳولي ورتا، جن ڪوڙو قسم کڻي شاهدي ڏني تہ ڪلو هندستان ۾ وڏو سيٺ هو، بہ دڪان هئس، ٺماڙ پڪو گهر هوس ۽ پنج سئو ايڪڙ آباد زمين هئس. ان ڪليم ڪري هن کي شهر ۾ شاهي بلڊنگ، هڪ سامان پريل دڪان هڪ سئو ايڪڙ ٻلي زمين ملي، ۽ هو سچ پچ شاهوڪار سيٺ ۽ دولت مند زميندار بنجي ويو.

اها ٿيهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي.

هينئر سنڌ ۾ نسلي فساد پيا هلن. ڪلوءَ ٻڌو تہ ڪراچيءَ ۾ هڪ پناهگير پارٽي چوي ٿي تہ سنڌ جي ڪن شهرن ۽ ڳوٺن مان سنڌين، پناهگيرن کي ڀڄائي ڪڍيو آهي. ڪلوءَ اهو بہ ٻڌو تہ اها پناهگير پارٽي اهڙن لڏ پلاڻ ڪندڙن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ گهر ۽ پلاٽ وٺي ڏئي ٿي ۽ هنن جي مالي مدد بہ ڪري ٿي ۽ سرڪار کان بہ مطالبو ڪري ٿي تہ انهن لڏ پلاڻ ڪندڙن کي ڪليم ۾ پلاٽ ڏئي ۽ ٻي مدد ڪري. ڪلوءَ جو وات پاڻي ٿي ويو. وري ڪليمن جي موسم اچي ويئي هئي. ڪلوءَ جو پٽ، ڪليم ۾ مليل زمين واري ڳوٺ ۾ ٻارن ٻچن سان رهندو هو. ڪلوءَ هن کي ڪراچيءَ ڀڄايو تہ پنهنجي خاندان سميت، ان پناهگير پارٽيءَ وٽ وڃي فرياد ڪر تہ منهنجو سڀ ڪجهہ لٽي، مونکي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، ۽ ڪليم وجهي جايون ۽ پلاٽ هٿ ڪر.....

ڪلوءَ جي ڪليم جو قصو تہ بنياد کي چٽو ڪرڻ لاءِ اچي ويو. اصل ۾ ڳالهہ ڪرڻي آهي ڪليمي ڪامريڊ جي.

ورهاڱو ٿيو تہ سنڌي هندن کي هٿراڌو ظلم سان سنڌ مان ڀڄايو ويو. سنڌي ڪميونسٽن ۾ هندن جي گهڻائي هئي. مسلمان خدا ۽ مذهب جي اوٽ ۾ قرمار، ڀر ماريت، ظلم ۽ جهالت جا پوڄاري آهن، سي ڪميونزم جا

دشمن ٿي ٿي سگهن ٿا.

سنڌي مسلمان ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ڪميونسٽ هئا. انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي خيال آيو، يا هندستان جي ڪن مسلمان ڪميونسٽن، سنڌ ڏانهن ويل مائٽن جون مفت جون دولت سان ڀرجندڙ جهولين جون خبرون ٻڌي، پنهنجي پارٽيءَ جي ڀڳدارن ڪي پارٽيءَ جي نالي ۾ گمراهہ ڪيو تہ سنڌ ۾ ڪميونسٽن جو خال پيدا ٿيو آهي، تنهنڪري ڪين ڪميونزم جي پرچار لاءِ اوڏانهن موڪليو وڃي. اهڙي طريقي هو اچي سنڌ ۾ نازل ٿيا. سنڌ ۾ نہ پر فقط ان جي هڪ شهر ڪراچيءَ ۾ اچي خيما کوڙيائون. يا هو ذهني ۽ دلي طرح ڪميونسٽ هئا ئي ڪونہ، يا پنهنجن ديس واسين پناهگيرن وانگر هر شيءِ تي ڪليم پئي ڪيو. هنن ڪليم پئي ڪيو تہ سنڌن ٻولي اڙدو آسماني ٻولي، پاڪستان ۽ سنڌ جي قومي ٻولي آهي ۽ سنڌ جي قومي ٻولي آهي ۽ سنڌين جو اسلام تہ هندڪو اسلام آهي. هنن ڪليم پئي ڪيو تہ سندن گنگائي جمنائي تهذيب ئي حقيقي اسلامي تهذيب آهي ۽ سنڌين جي تهذيب تہ موهن جي دڙي جي واٽڪي تهذيب آهي. هنن ڪليم پئي ڪيو تہ سنڌ ۾ هندن جون ڇڏيل توڙي سرڪاري ملڪيتون، مال، جايون، ڪارخانا، نوڪريون، زمينون سڀ سندن آهن، ۽ انهن تي سنڌين جو حق جتائڻ غير اسلامي عمل آهي.

سو هندستان مان آيل مسلمان ڪميونسٽن بہ اعلان ڪيو، يا شايد پڌري پٽ اعلان ڪونہ ڪيو، اسلام جي پاڪ نالي ۾ گهڙيل پاڪستان جي رياست ڪميونزم جو جي ڪٽر مخالف هئي، ۽ هنن پنهنجو پاڻ ۾ فيصلو ڪيو تہ اسانکي ڪميونزم ڪليم ۾ مليو آهي. هنن مارڪس ۽ لينن جي فڪر کي ڦرهيءَ تان ميساري، پنهنجي ڪليمي ڪميونزم جو پرچار شروع ڪري ڏنو.جي هو پرچارڪ ٿي آيا هئا تہ پرچار ڪري، پنهنجي وطن هندستان موٽن ها. پر هنن جو ڪهڙو مائٽ واپس ويو هو جو هي واپس وڃڻ جو سوچين. هو هتي کٻ کوڙي ويهي رهيا. ايترو بہ شرم ڪونہ پين تہ مذهب جي بنياد تي گهڙيل ملڪ ۾ رهڻ لاءِ، ڪميونسٽ پنهنجو اصلي ديس ڇڏي نہ ايندو آهي. هنن سنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اچي نہ سنڌي ٻولي سکي ۽ نہ سنڌي سڀيتا اختيار ڪئي. جيتوڻيڪ هڪڙو ڪميونسٽ پنهنجو اصلي ديس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي نہ ايندو آهي. هتن سنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اچي نہ سنڌي ٻولي سکي ۽ نہ سنڌي سڀيتا اختيار ڪئي، جيتوڻيڪ هڪڙي ڪميونسٽ پرچارڪ جو ڀهريون عمل سنڌي زبان سکڻ ۽ سنڌي سڀيتا اختيار ڪرڻ هجڻ کپي ها. هتن کي سنڌ جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي هارين، پورهتن ۽ عام ماڻهن سان رلڻ ملڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ کپي ها. سوشلزم تہ انهن لاءِ ئي آهي. پر هي ڪميونسٽ ڪراچيءَ ۾ ويهي، ڪليمي سوشلزم ۽ ڪليمي ڪميونزم جا ڦڙاڪا ڇوڙيندا رهيا، سي بہ اهڙي ٻوليءَ ۾، جا هتي جي ڌرتيءَ جي ٻولي نہ هئي.

انهن هندستاني مسلمان ڪميونسٽن جي تہ هتي ڪا قوميت ئي ڪانہ هئي، تنهنڪري هتن لاءِ قومي سوال ئي ڪونہ هو. انڪري چوڻ لڳا تہ ڪميونزم ۾ قوميت جي اهميت ئي ڪانهي. باقي هو طبقاتي سوال جي ڳالهہ ڪندا هئا، سا بہ ڪراچيءَ جي ڪن ڪارخانن تائين محدود هئي.

ورهاڱي وقت هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي ساڃهہ جو دنگ اهو هو، جو هڪ ملڪ کي مذهبي بنيادن تي ٽڪرا ٽيڻ جي وڏي واڪ پٺڀرائي ڪيائين. شايد هتن مسلمان جاگيردارن کي تحفظ ڏيڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ کي ڪميونزم تي سمجهيو. ڪنهن هٽ ٺوڪئي نظريي کي اچا کي سنگ ٿيندا آهن!

اهو بہ ڏٺو ويو تہ جيئن اسلامي جماعتن ۾ الائي ڪيئن پرفيسر ۽ ڊاڪٽر اُڀري ايندا آهن، تيئن هتن ڪليمي ڪميونسٽن ۾ بہ پروفيسر ۽ ڊاڪٽر اُڀري آيا. جيئن وقت گذرندو ويو تہ هتن سنڌين ۾ بہ ڪي منجهيل ذهن پنهنجا همنوا بنائي ورتا، جي اڄ تائين، ڪليمي ڪميونزم جي حوالي سان ٽاڦوڙا هڻندا وتن، اها حقيقت توهان انهن سنڌين جي پروگرامن، پرڪارن ۽ گهڙتين مان پرکي ۽ پروڙي سگهندا. هو پاڻ بہ منجهيل آهن ۽ ٻين سنڌين لاءِ بہ مونجهارا پيدا ڪندا رهن ٿا....

هاڻي ڪليمي ڪامريڊ جي ڳالهہ ڇڙي ٿيڻ ۽ توڙ تي پهچڻ واري تي آهي.

ڪليمي ڪامريڊ، هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي درخواست ڪئي تہ هن کي پاڪستان پرچار لاءِ موڪليو وڃي. پارٽي اول ئي انهيءَ سوچ ۾

پيل هئي ته هيڏي تعداد ۾ هندستان جا مسلم ڪميونسٽ، پاڪستان پرچار لاءِ چو ويا آهن ۽ اجا ٻيا به ڪوڙ وڃڻ چاهين ٿا. هنن اهو به ڏٺو هو ته جيڪو اوڏانهن ويجي ٿو، سو وري واپس ئي ڪو نه ٿو ٿئي ۽ اتي ئي ڪپ ڪوڙي ويهي ٿو رهي، ۽ پنهنجي ڪم ۽ پرچار جي ڪا رپورٽ به ڪونه ٿو موڪلي. پارٽي کي اها به خبر هئي ته پاڪستان ويندڙ مسلمان ڪميونسٽن مان گهڻا هتي هندستان ۾ به ڪو خاص سرگرم ڪونه رهيا هئا. ڪليمي ڪامريڊ جي باري ۾ به هنن کي خبر هئي ته هندستان ۾ هن ڪڏهن به پارٽيءَ جي ڪم ۾ سرگرمي ڪانه ڏيکاري هئي.

هن کان پڇيو ويو،

”هوڏانهن وڃڻ کان اهو بهتر نه آهي ته هتي پنهنجي وطن ۾ سوشلزم لاءِ ڪم ڪرين؟ هتي جا رهاڪو به تمام پوئتي پيل آهن؟“

”پاڪستان جا ماڻهو مذهب جي ڏهڻ ۾ وڌيڪ گتل آهن، انهن کي چوٽڪاري جي زيادهہ ضرورت آهي.“

”اوڏانهن جيڪي ڪميونسٽ پرچارڪ سنڌ ڏانهن ويا، انهن کي نه سنڌي زبان ايندي هئي ۽ نه اتي وڃي سنڌي سکيا، ۽ نه سنڌي تهذيب اختيار ڪيائون. جيتوڻيڪ اهو پارٽيءَ جو اهم اصول آهي ته جتي پرچار لاءِ وڃجي، اتي جي ٻولي ۽ تهذيب اختيار ڪجي. انڪري اهي پرچارڪ ناڪامياب ٿيا آهن.“

”مان اتي وڃي سنڌي به سکندس ۽ پنهنجو پاڻ کي سنڌي سڀيتا ۾ رڱيندس.“

”اهي پرچارڪ وڃي هڪڙي شهر ڪراچيءَ ۾ ويهي رهيا ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن ڀُلجي به ڪونه ويا. ان ڪري هو ڪو به ڪارائتو ڪم ڪري نه سگهيا.“

”مان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، واهڻ واهڻ ۾ ۽ وسندي وسنديءَ ۾ ويندس، ۽ سنڌي هارين، سنڌي پورهيتن ۽ سنڌ جي شاگردن کي پارٽيءَ جو عظيم نياپو پهچائيندس ۽ هنن کي ذهني ۽ نظرياتي طرح انقلابي بڻائيندس.“

ڪليمي ڪامريڊ ڪراچيءَ پهچي ويو. اتي جو ماحول ڏسي، هن به ٻين پناهگير پرچارڪ ڪميونسٽن واري واٽ ورتي. هو نه سنڌي عوام سان

لاڳاپي ۾ آيو. نہ سنڌي ٻولي سکيائين ۽ نہ سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ نہ سنڌي قومي سڃاڻپ جي ڄاڻ ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. البت پاڻ جهڙن سان گڏجي ٻي اٿر طبقاتي پرچار ڪيائين. هو ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني ڌار ڪرڻ وارا هلچل ۾ سرگرم ڪارڪن ٿي ويو، ۽ سنڌين جي نفرت جو وڏو نشانو بڻيو.

هتي اهو ياد ڏيارڻ مزي کان خالي نہ ٿيندو تہ انهن ڪليمي ڪميونسٽن جا همنوا سنڌي، هن وقت واڪا ڪندا ٿا وتن تہ سامراج جا ايجنٽ پناهگير، آمريڪي اڏو بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ هنگاما ۽ نسلي فساد ڪرائي ڪراچيءَ کي جدا ڪرڻ ٿا چاهين.

ڪليمي ڪامريڊ سنڌ ۾ ايرندڙ قومي تضاد کان ڇاٽي واٽي ڪن لاتار ڪندو رهيو، ۽ ڪتابي دنيا مان پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن لاءِ اڌورا حوالا ڪڍي، مڪاريءَ جا سرندا وڄائيندو رهيو تہ قومي تضاد کي ڇڏي، فقط طبقاتي سماج خلاف هٿ پير هلايو. جيڪڏهن سنڌ جا سچاڻ ڪميونسٽ هن قومي سوال جي اپار طرف ڌيان ڇڪائيندا هئا تہ انهن کي انتها پسند يا مارڪسزم ۽ لنيننزم جو منڪر چئي، ڳالهہ لنوائي ويندو هو.

هڪ ڏينهن نالي ۾ مارجي ويو. جيئن مٿي ذڪاريو ويو آهي تہ هو رڳو نالي ۾ ڪميونسٽ هو. اهو ڊڪٽيٽريءَ جو دور هو ۽ هن ملڪ جو ڊڪٽيٽر پاڻ کي اسلام جو وڏي ۾ وڏو رکوالو سڏائيندو هو. هو بار بار اعلان ڪندو هو تہ ڪميونسٽ اسلام جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن ۽ هنن کي هن ملڪ ۾ جيئڻ جو حق نہ آهي. هڪ ڏينهن پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڳجهي ميٽنگ هئي. پوليس ان جاءِ کي گهيرو ڪري، گولي بازي شروع ڪري ڏني. ٻين ڪن پارٽيءَ جي اڳواڻن سان گڏ ڪليمي ڪامريڊ بہ مارجي ويو.

گهٽن سنڌين تہ هنجي موت جي خبر ڏي ڌيان ئي ڪونہ ڏنو ۽ جن ڌيان ڏنو، انهن کي بہ ايتروئي خيال ٿيو، جيترو ڪنهن سنڌ جي دشمن جي مرڻ تي ٿيڻ کپي.

هڪ سنڌي سرگرم راڄنيتي ڏاهو، جنهن جي ڏاهپ ڀري تقرير، هيءَ ڪهاڻي وجود ۾ آڻڻ جو اتساهہ پيدا ڪيو، تنهن جي تقرير جون جهلڪيون:

..... ڪليمي ڪميونسٽن ۾ انهن جي وڪڙ ۾ ڦاٿل سنڌي، جي ڪميونزم کي آسماني صحيفو سمجهي، پنهنجي ذهن کي چرپر ۾ نه ٿا آڻين ۽ سائنسي بنيادن تي پنهنجي سنڌ جي حالتن مطابق ڪميونزم ۾ تبديلي ۽ ارتقا جا مخالف آهن، جي قوميت جي اپريل سوال کي انهن ڪليمي ڪميونسٽن وانگر اوليت نه ٿا ڏين ۽ سنڌيت کان وڌيڪ عالميت جو هوڪو ڏين ٿا ۽ اهو نه ٿا مڃين ته ڪميونسٽ پارٽي قومي آزاديءَ لاءِ تي جاکوڙ ڪري، جيئن سنڌ ۾ سوشلزم آڻي سگهجي، تن ڪميونسٽن جي ڪردار ۽ ڪاڪردگيءَ کي ڏسي ڪميونزم کان نفرت نه ڪريو، ان کي پٺي نه ڏيو. اهڙا ڪميونسٽ، ڪميونسٽ آهن ئي ڪونه. اهي ڪميونزم کي بدنام پئي ڪندا رهيا آهن. اهي ڪميونزم جي باري ۾ غلط فهميون پيدا ڪندا رهيا آهن.

....ڌرتيءَ جي وارثن جا مسئلا ۽ مونجهارا، جذبا ۽ احساس، ڪوبه ڌاريو سمجهي نه ٿو سگهي. جي ملڪ ۾ ڌارين کي پارٽيءَ جون واڳون سونپيون، ته هو ڪليمي ڪميونسٽن وانگر، ڪميونزم جو منهن مهانڊو ئي مٽائي ڇڏيندو ۽ ديس وارن کي انقلابي واٽ تان ائين پري وٺي ويندو، جو هو سامراج جا ساٿاري نظر ايندا.

.... سنڌ جي قوم پرست پارٽين لاءِ به هڪ چٽو چتاءُ آهي. جي هو سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ انهيءَ لاءِ نه ٿا ڪن ته ان ذريعي سنڌ ۾ سوشلزم جو نالي طور نڪتو وجهن ٿا ۽ پارٽيءَ جون واڳون جاگيرداري نظريي وارن اڳواڻن جي هٿ ۾ ڏين ٿا، ۽ پارٽيءَ کي پورهيت پارٽي ۽ پورهيت نظريي واري پارٽي نه ٿا بڻائين، ته هو جيڪا قومي آزادي حاصل ڪندا، سا سنڌ ۾ هڪڙو ٻيو پاڪستان وجود ۾ آڻيندا، جنهن ۾ ڌارين حاڪمن جي جاءِ سنڌي وڏيرا ۽ سنڌي سرمائيدار وٺندا، جيئن هندستان مان انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ديسي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن، انهن جي جڳهه والاري ۽ عوام کي آزاد ٿيڻ جو ڪو احساس ئي ڪونه ٿيو ۽ نه هنن ڪو فرق محسوس ڪيو.

.... مارڪسزم ۽ لينزم جي سائنسي ڪميونزم جي تقاضا اها آهي ته سنڌ ۾ سنڌي، "سنڌ ڪميونسٽ پارٽي" ٺاهي، قومي آجپائي ۽ غير طبقاتي

سماج لاءِ انقلابي جنگ لڙن. اھا پورھيت پارٽي ھجي ۽ پورھيت نظريي ھيٺ ڪم ڪري. اھا سنڌ جي قومي آجپائيءَ لاءِ انھيءَ واسطي لڙي تہ سنڌ ۾ سوشلزم قائم ڪجي. اھا دل جي سچائيءَ سان ۽ ذھن جي گھرائيءَ سان انقلابي عمل ۾ جنبي وڃي ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد کي پنھنجي راھ جي لاٽ بڻائي. اھا پارٽي پنھنجا پير بہ پختا ڪري ۽ عالمي ڪميونزم سان بہ پاڻ کي ڳنڍي. ڪميونزم ۾ ئي سنڌ ۽ سنڌين جو، دنيا جو ۽ پوري انسانيت جو ڇوٽڪارو ۽ خوشحالي آھي..... اھا سوچ تيزيءَ سان سنڌين ۾ اُڀري ۽ اُسري رھي آھي. ❑

هوائي پانڌون

وسايو ويچاري ٿو، پنجن ڇهن ڪلاڪن جو ڊگهو سفر آهي، ڇو نہ پير ۾ ويٺل سان ڇاڻ سڃاڻ ڪري، وقت گفتگوءَ ۾ گذارجي.

”ڀائو! تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

وسايو دل ۾ چوي ٿو، هي تہ جواب ئي ڪونہ ٿو ڏئي ۽ مون ڏانهن اکيون ڦوٽاڙي اٿين ٿو نهاري ڄڻ تہ مون منهن تي گهروڙي پونڊو ڏنو تي مانس. آهي بہ ڏٺو مٺو ۽ ٿلهو متارو. شايد پناهگير آهي. پان بہ لاڳيتو پيو چٻاڙي ۽ ٻيا اهڃاڻ بہ اهڙا اٿس. پوءِ ڪٿي ٿو اڙدو ڳالهائڻ جي ڪڙي گوري ڳهان ۽ هن سان اها ٻولي ڳالهايان.

”توهان جو نالو ڇا آهي؟“

”ضميراحمد“

وسايو دل ۾ چوي ٿو، ڪيترو نہ رڪائيءَ مان ۽ مختصر جواب ڏنو اٿائين. شايد مون سان ڳالهائڻ ئي نٿو چاهي. مان تہ هن سان ڳالهائي اچي ڦاٿس. پر شروع ڪيو اٿم تہ نباهڻو بہ پوندو.

”منهنجو نالو وسايو آهي. توهان ڪٿي جا رهاڪو آهيو؟“

”آگري جو.“

”آگري هندستان جو؟“

”ها.“

”توهان هن بس ۾ ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”جتي بس هلي ڇيهہ ڪندي.“

”يعني سکر؟“

”ها.“

”توهان هن ملڪ ۾ پهريون ڀيرو آيا آهيو؟“

”نہ.“

”اڳ ۾ بہ هتي اچي چڪا آهيو؟“

"مان آگرو يا هندستان ڏٺو به ڪونه آهي، مان هتي ئي رهندو آهيان."
"توهان چيو نه ته توهان آگري جا رهاڪو آهيو؟"
"منهنجو پيءُ ۵۲ سال اڳ، پاڪستان ٺهڻ وقت آگري مان هتي آيو هو."
"توهان جي عمر ڪهڙي آهي؟"
"مان بابي جي هتي اچڻ کان پنج سال پوءِ ڄائو هوس."
"توهان هينئر ڪٿي رهندا آهيو؟"
"پاڪستان ۾."
"منهنجو مطلب آهي سنڌ ۾ يا؟"
"مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان."
"يلا بلوچستان ۾ رهندا آهيو؟"
"پاڪستان ۾."
"يا پنجاب ۾ گهر اٿوَ؟"
"پاڪستان ۾."
"شايد سرحد ۾ رهندا آهيو؟"
"مان ٻڌائي چڪو آهيان ته مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان."
وسايو سوچي ٿو، ڇا هي اٺ جو پٽ سمجهي ٿو ته پاڪستان ڪٿي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٽنگيل ايراضي آهي.
"يلا اهو ته ٻڌايو ته گهر ڪٿي اٿوَ؟"
"مان چئي چڪو آهيان ته پاڪستان ۾."
"ڪهڙي شهر ۾؟"
"پاڪستان ۾."
"حيدرآباد ۾ ٿا رهو."
"چيم پاڪستان ۾."
"سکر ۾ ٿا رهو؟"
"پاڪستان ۾."
وسايو دل ۾ چوي ٿو، ماڻهو پهرين شهر يا ڳوٺ جو نالو ٻڌائيندو آهي، پوءِ تعلقو، پوءِ ضلعو، پوءِ پرڳڻو، پوءِ وڃي پورو پتو پوندو آهي ته هو

ڪٽي تو رهي. هن وٽ هر ڳالهه جو جواب آهي پاڪستان. ان مان هن جو مطلب چا آهي. هو پاڻ کي چا تو سمجهي ۽ ائين چا تو ثابت ڪرڻ چاهي. مونکي پڪ آهي تہ هو رهي سنڌ جي ڪنهن شهر ۾ تو پر شهر جو نالو وٺڻ بہ نہ تو چاهي. مون منڊ ۾ ئي سمجهيو هو تہ هو منهنجي سنڌي هجڻ ڪري، مون سان ڳالهائڻ ئي نٿو چاهي، مان ئي هن کي چنبڙيو پيو آهيان. سارو وقت رڳو مون ئي سوال پڇي ڪيا آهن. هن مون کان هڪ سوال بہ ڪونہ پڇيو آهي. ههڙن ڳڏهہ دماغن ۾ متي ڦريلن لاءِ ڪي سنڌي اجا بہ چون تا تہ سنڌي اديب هنن کي پنهنجي قلم ذريعي سچ سمجهائي سگهن تا. ايستائين تہ هي يهودي فلسطين والاري ويندا.

وسايو پنهنجي ڳوٺ جي گهر جي وڏي ۽ ويڪري اڱڻ ۾ ويٺو آهي. هو ڏسي تو تہ سچ هينئر آسماني گهير ۾ گم تي ويو آهي. هوا جي چرپر ناهي، پر گرمي بہ ڪانهي. پاڻ توري گهٽي خنڪي آهي. سج لهڻ ۽ اونده ٿيڻ جي وچ واري وٿيءَ وارو اکين کي وٽندڙ ڪيراٽو سوجهرو آهي.

ماحول فرحتي لڳيس تو. هو ڏسي تو تہ سنڌس ماءُ هڪبٽي پنيان واڻ جون پنج ڪتون ڪلهي تي کٽي پڏر ۾ رکندي تي وجي. وري هر هڪ کٽ جي واڏڻ متان ويڙهيل هنڌ رکي تي. هو پنهنجي پيڻ ڏي نگاهہ ڪري تو، جا وراندي مان خالي گهڙامنجي کڍي، اڱڻ جي پت پرسان رکي تي ۽ پوءِ هوءَ هٿ ـ نلڪو هلائي، باتلي پري، اڱڻ جي ڪنڊ ۾ پڏل مينهن کي پاٽي پياري تي، ۽ آخر ۾ ڪڙ ۽ ڪتر جو گاهہ وجهي تي. هو اهو بہ ڏسي تو تہ سندس ماءُ بيو ڪم ڪار لاهي، مينهن ڏهڻ ويهي تي. چؤنريءَ ۾ پوندڙ گوهن جو آواز، چيڙيل يڪتاري جي تار جهڙو سَرَّ پيدا ڪري تو. هاڻي هو ڏسي تو تہ سندن بہ ڪڪڙ ٽپ ڏيئي اڏري اڱڻ جي چوديواريءَ تي چڙهي وجن تا ۽ اتان وري اڏامي اڱڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ جي ڏارن تي چڙهي رات جو بسيرو ناهي وهن تا. پاڙي وارن گهرن جي وٽن ۾ هن وڻ مان جهرڪين جو لاڳيتو ”جهان جهان“ جو شور اچي تو.

هو پنجن کٽن مان، وچينءَ کٽ تي، پيرانديءَ کان رکيل هنڌ تي متو رکي ليٽي پوي تو، ۽ محسوس ڪري تو تہ هو هن ناپر پرئي ۾ فرحتي وايو منڊل جو حصو بنجي ويو آهي. هن کي خيال اچي تو تہ پناهگير دهشت گردن

حيدرآباد شهر ۾ ايڏو هراس ۽ ڏڪاءُ جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جو ماڻهو پاڻ کي ڪٿي به سلامت نه ٿو سمجهي. نه گهر ۾، نه رڪشا ۾ ۽ نه بس اندر. اها به حقيقت آهي ته ڳوٺ ۾ به ملڪيت وارا، ڌاڙيلن جي ڊپ ۾ رهن ٿا.

هو ڏسي ٿو ته ماءُ چلهه تي چانورن جو ديڳڙو رکيو آهي. پوءِ هن جي نگاهه تعلقي شهر مان آيل پائرن تي پوي ٿي. انهن مان وڏو ان شهر ۾ هڪڙي آفيس ۾ ڪلارڪ آهي، ۽ ننڍو به اتي ئي مئترڪ ڪلاس ۾ هاءِ اسڪول منجهه پڙهندو آهي. هو هن سان ڳرانڙي پائي ملن ٿا ۽ پير وارين کٽن تي ويهي رهن ٿا.

هو ڏسي ٿو ته سندس ماءُ ديڳڙو دم تي رکي ۽ سندس پيڻ واندي ٿي، اچي پير وارين کٽن تي وهن ٿيون.

”سو ادا سومر، اسان جي ڪلهوڪي سفر جو ڇيهه وجي ٿيو ڌاڙيلن جي ڪارروائيءَ تي.“

”پائو وسايا، ان جي تفصيل ٻڌڻ لاءِ ئي ته اسين هڙئي پاتي آتا تي رهيا آهيون. اما ته شڪراني ۾ پت جو ديڳڙو به چاڙهيو آهي، ۽ اوڙي پاڙي کي ڪارائيندي.“

”ها پٽ وسايا، تون منهنجو وڏو پٽ آهين، تون گهر جو وارث آهين. خدا توکي بچايو، تون صحيح سلامت اچي رسيو آهين. پلا ٻڌاءِ ته سهي ته ڌاڙيلن توکي ڪيئن ڇڏي ڏنو؟“

”اما، توهان ته اجايو پيا پريشان ٿيو. مون کي نه ڊپ ڊاءُ هو ۽ نه خوف خطرو.“

”پر ادا، تون به ڪٿي قصو شروع ڪر.“

”بس هر شهر تي بيهندي تي آئي. ڪي لٿا تي، ڪي چڙهيا تي، جڏهن بس هالاڻيءَ ڪان اڳتي هلي ته مسافرن مان پنج جوانمرد اٿي بيٺا ۽ هٿيار ڪڍي ايا ڪيائون. هڪڙو جوانمرد، مان انهن کي جوانمرد چوندس، جو ته هو ڌاڙيل هئا ئي ڪونه، هو اٽيڙهيل به نه تي ڏٺا. ها، ته هڪڙي جوانمرد، ڊرائيور جي ڪنڌ تي پستول رکي چيو ته ڪونڙي ڪبير سامهون، خانواهڻ ڏي ويندڙ رستي ڏانهن بس ڪاهي هل. ٻين چئن جوانمردن، مسافرن ڏي

ڪلاشنڪوف تاڻي ڌمڪايو تہ ڪوبہ ڪابہ حرڪت نہ ڪري ۽ جو جتي ويٺو آهي، اتي ويٺو رهي. مون ڏٺو تہ پناهگير ضمير احمد، جنهن سارو وقت هيڏي تيزي تي ڏيڪاري، تنهن خوف پريل اکين سان مون ڏي نهاريو ۽ ٿرٿر ڪنبي رهيو هو. مونکي اهو بہ ياد آيو تہ اهي جوانمرد، ڪنڌياري مان بس ۾ چڙهيل هئا. جيئن تہ منظ تبديل ٿي رهي آهي ۽ اهو ٽيهڙيءَ جو وقت هو، ان ڪري مسافرن جو، هنن جي جسمن تي ويڙهيل اجرڪن يا ڪيسن ڌانهن ڌيان ڪونہ ويو، جن اندر هنن هٿيار لڪائي آندا هئا. جڏهن بس خانواهڻ سان ڳنڍيندڙ رستي تي مڙي، ۽ تورو اڳيرو پهتي، تڏهن مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ جوانمردن، پنهنجي ڪارروائيءَ لاءِ اهو رستو ڇو چونڊيو هو. اتي ان رستي جو اڌ ميل کن حصو سر ڇپي ڪوڏي جيڏي پاڻيءَ هيٺ آيل هو، ۽ ظاهر آهي تہ رستي جي پاسن کان پاڻي وڌيڪ اونهون هوندو. اتان گاڏين جي اچ وڃ بند هئي، جوانمردن هيٺ لهي، ڪلاشنڪوفون تاڻي، پاڻي ۾ ٿي بيٺا. اندر بس ۾ هڪڙي جوانمرد مسافرن ڏي منهن ڪري چيو تہ "ڪراچي ۽ حيدرآباد جا پناهگير اسانجي پائرن ۽ ڀينرن جا لاش موڪليندا رهيا آهن، سنڌ ۾ ورهين کان جيڪي هنگاما، فساد، خونريزيون ۽ بيروزگاريون آهن، سي سڀ پناهگيرن جي هتي اچڻ کان پوءِ ٿيون آهن، اهي ئي ان جو ڪارڻ ۽ بنياد آهن. هنن کي اوڏانهن وڃڻ کپي، جتي جي هو ڪرڙ آهن؛ نہ تہ اسان کي ڌارين کان پنهنجي سنڌ صاف ڪرڻي پوندي، اسان کي پنهنجي ڌرتي ڌوئڻي پوندي، ۽ پوءِ ئي سنڌ ۾ اهو امن ۽ پيار وري موٽي ايندو، جيڪو پناهگيرن جي اچڻ کان اڳ هتي هو."

"ادا وسايا، اڄ شاگردن جي جلسي ۾ اسان جي هڪ شاگرد اڳواڻ چيو تہ ڪيترا ماڻهو سنڌ ۾ ٿيندڙ دنگن فسادن ختم ڪرڻ لاءِ ڪو حل ڳولڻ لاءِ پريشان ٿي رهيا آهن. هن چيو تہ ان جو حل سنئون سڌو آهي. انهن دنگن فسادن جي جڙ ڌاريا ۽ پناهگير آهن. انهن جي هتي اچڻ کان پوءِ ئي هنگامن جو مچ مچيو آهي. ٻين پرڳڻن، ڌارين پناهگيرن کي پاڻ وٽ آباد ٿيڻ نہ ڏنو تہ اتي ايتري بدامني بہ ڪانهي. ان ڪري انهن دنگن ۽ فسادن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ هڪڙو ئي حل آهي تہ سنڌ مان پناهگيرن ۽ ٻين ڌارين کي ڌڪي ۽ لوڏي پنهنجن ملڪن، پنهنجن ديسن، ۽ پنهنجن پرڳڻن ڏانهن واپس

ويڃڻ تي مجبور ڪيو ويجي."

"ها، سو جوانمرد پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو تہ شايد ڪي چون تہ قاتل تہ ٻيا پناهگير آهن، هي پناهگير تہ بيگناهہ آهن، انهن کي ڇو ٿا ماريو، مان پڇان ٿو تہ شهرن ۾ جن سنڌين کي ماريو ٿو وڃي، انهن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟" ائين چئي هن سختيءَ سان حڪم ڪيو تہ بس ۾ جيڪي بہ پناهگير آهن، اهي اٿي ٻيهن ۽ هيٺ لهن. ڪوبہ ڪونہ اٿيو. پوءِ انهن جوانمردن هڪ هڪ مسافر کي غور سان چڪاسڻ شروع ڪيو. منهن مهانڊي مان، لباس مان، گفتگوءَ مان، جنهن جي بہ پڪ ٿي ٿين تہ پناهگير آهي تہ کهلي، هن کي بس مان هيٺ پاٽيءَ ۾ ٿي اڇلايائون، ۽ ڇپڙڪ جو آواز ٿي ايريو، ضمير احمد جي حالت سيني کان خراب نظر آيم. جيئن ئي هڪ جوانمرد هن ڏي وڌيو تہ هن اڱوٺ ئي اڙدوءَ گاڏڙ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو تہ مان سنڌي آهيان ۽ شهدادپور ۾ رهندو آهيان ۽ زور زور سان "جيئي سنڌ." جا بہ ٽي نعرا هنيائين. جوانمرد هن جي ويجهو اچي چيو، "چگو چئہ ڏال ڏيڏر." هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي وات ۾ زبان کي ڏيڏر وانگر ٽپڪا ڏياريائين، تڏهن بہ هو "ڊال ڊيڊر" چئي سگهيو. مان مرڪندو، ضمير احمد کي ڏسندو رهيس. هن جو سارو بدن ائين ڏڪي رهيو هو جيئن نم جي وڻ جا پن طوفاني هوا ۾ جهولينڊا آهن. هن جو ڪانئچ ۾ ئي مُٽ نڪري ويو هو ۽ ان جي پاچن مان ڳڙي رهيو هو. جوانمرد هن کي ڳچيءَ کان ڪري ورتو. ضمير احمد خوف ۽ ٿڙڪڻيءَ ڪري هلڻ جهڙو ڪونہ رهيو هو، ۽ جوانمرد هن پهلوان جهڙي ٿلهي متاري پناهگير کي گهيلندو بس جي در وٽ ويو، هن کي هيٺ ڪري اڇلايائين. انهيءَ ڇڪ ڇڪان ۾ ضمير احمد جو ڪانئچ جي ور ۾ لڪل پستو ڪري پيو هو، جو سيني ڏٺو.

"توهان کي ان وقت ڇا محسوس ٿيو؟"

"مان ضمير احمد جي حالت ڏسي سوچڻ لڳس تہ هي پناهگير، شهرن ۾ سنڌين کان ڪيئن ٿا زور ٿين." ❑

چار

تون پنهنجي خط ۾ مون کان پڇيو آهي تہ مان هيءَ شادي ڪريان يا نہ؟ شادي، جيڪا هڪ غير سنڌي ڇوڪريءَ سان ڪرائي تي وڃي ۽ جا تنهنجا وڏا، تنهنجي مرضي خلاف ڪرائي رهيا آهن. هونءَ ڪن حالتن ۾ ائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ پيار ڪري غير سنڌيءَ سان شادي رچائي وئي. توهان جي حالت ۾، وچ ۾ پيار ڪونہ ٿو اچي. پر مونکي ڄاڻ آهي تہ جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظامن جي بندشن، پابندين ۽ پاڻ تي ضابطن مان قتل عشق اڪثي هلي يا شاديءَ جي حالت ۾ جذبا تڏا ٿيڻ کان پوءِ، اهو پنهنجي اصلي اڻ وڻندڙ روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

جي غير سنڌي عورت سان پيار ڪجڻ ڪري پرڻجڻ چاهين ها تہ مونکي هي ڇوڻو پوي ها: ڏاري يا غير سنڌي عورت سان پيار ٿي نہ ٿو سگهي. جا تنهنجي ڌرتيءَ جي ٻولي نٿي سمجهي جا تنهنجي ٻولي نہ ٿي سمجهي، سا توسان ڪيئن ٿي پيار ڪري سگهي! جا تنهنجي ٻولي نہ سمجهندي، سان تنهنجي پيار جي ٻولي ڪيئن سمجهندي، تنهنجي پيار جو اظهار ڪيئن سمجهندي؟ ڇا اهو ٿي سگهي ٿو تہ هڪ سنڌي سُڄاڻ، غير سنڌي عورت جي پيار ڪري، شاديءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، پنهنجي ڌرتيءَ کي هاڃو رسائيــي !....

تنهنجو خط پڙهي، منهنجي ذهن تي پنهنجي هڪ ٻاڙي دوست جي جيون چڪر جون مورتون ڦرڻ لڳيون.

ان چڪر کي ڇاليهہ سال ٿي ويا آهن ۽ هو ان چڪر ۾ نہ پر ان گهاٽي ۾ ڦيڙجي ويو آهي ۽ ذهني طرح نہ چاهيندي بہ هو ان گهاٽي ۾ ڦيڙبو رهي ٿو، پنهنجي ٻاڙيائپ جو ثبوت ڏيندي، پنهنجي بزدليءَ جو ٻوتو ٻنجندي ....

هو ميجي مانيءَ واري هڪ ڳوناٽي جو اڪيلو پٽ هو. ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو. هڪ دوست اتي جي پناهگيرياڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايس. هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. خاص خوشي انهيءَ ڪري ٿي تہ هڪ

شهري ڇوڪريءَ سان شادي ڪري هن پنهنجي ڳوٺ وارن نوجوانن ۾ سندس جهڙن ٻين لکين سنڌي نوجوانن کي ملهه ماري هئي. خوشي ته اها پڻ ٿي هيس ته پنهنجي خاندان جي سادين، اڻپڙهيل، ٻي فئشن ۾ ٻي افعالين سوٽين، ماساتن مان جان ڇٽي پئي هئس، جنهن مان ڪنهن نه ڪنهن سان هن جو پلئه انڪايو وڃي ها. هيءَ شهري ڇوڪري نڪاح کان پوءِ ڏنائين. ان وقت جوش ۾ هجڻ ڪري، هن جي اصلي منهن مهانڊي ڏانهن ته گهرو ڌيان ڪونه هوس، ڇو ته چلڪندڙ چمڪندڙ ۽ رنگارنگي لباس هو. هڪ هڪ انگ تي ميندي ۽ ميڪ اپ جا تهه ضرورت کان وڌيڪ چڙهيل هئا، ناز هئا، ماڻا هئا، ادائون هيون. مون وارو دوست وري ڪهڙو مور هو! نه منهن مهانڊو، نه هڏ ڪاٺ، نه رنگ، نه روپ.

ان وقت سنڌي گهٽو ڪري هرويرو به مسخرن واري سنڌي ڳاڙ اڙدو ڳالهائڻ جي جفاڪشي ڪندا هئا. پر هيءُ دوست ته پناهگيرياڻيءَ سان پرڻجڻ کان پوءِ غالب ۽ لکنوي لهجي واري اڙدو ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ وڏو مسخرو لڳندو هو.

هي دوست، جنهن کي هاڻي بخشڻ چئبو، سو طبيعت جو بزدل ۽ لَيلَهر هو ۽ اِرادي جي پختگيءَ کان وانجهيل. هن جي زال چالاڪ ۽ واتراڏي هئي ۽ هر مامري ۾ هن تي ڇانئجي ويئي. هو نوڪريءَ ۾ چڙهندو ويو، ڇو ته ان وقت نوڪريون جام هيون ۽ ترقيءَ جي موقعن جي کوٽ ڪانه هئي. هو وڏو آفيسر بنجي ويو.

مان چاليهن سالن کان بخشڻ جي رهڻي ڪرڻي ۽ هن جي حياتيءَ جو ڪاروبار ڏسندو رهيو آهيان. هن کي چار پٽ ڌيا ۽ ٽي ڌيئر. انهن جون به شاديون ٿي ويون آهن ۽ سڀني جون غير سنڌين سان. سڀ اولادي آهن ۽ اڄ بخشڻ جي خاندان ۾ اٺاويهه ياتي آهن. سڀ اڙدو ڳالهائيند! آهن ۽ سنڌي نه سمجهندا آهن. خود بخشڻ سنڌي ڳالهائي ته سگهي ٿو، پر سنڌي لکي ڪونه سگهي، جيتوڻيڪ بي - اي تائين سنڌي پڙهيو هو. خط لکٽو پوندو اٿس ته يا انگريزيءَ ۾ لکي يا اڙدوءَ ۾.

هنن جي گهر ۾ هنڌ هنڌ پاندان ۽ ٿوڪدان نظر ايندا ۽ ڀتين تي سر سيد، لياقت علي ۽ الطاف حسين جهڙن جون تصويرون ٽنگيل آهن. گهر ۾

کو سنڌي رسالو يا ڪتاب يا سنڌي اخبار ڪانہ هوندي آهي. بخشڻ جو وات بہ هر وقت پان سان ڀريل رهندو آهي. البت پوشاڪ ۾ هن سلوار قميص ڪانہ ڇڏي آهي. جيتوڻيڪ سندس خاندان جو زور تنگ پاجامن ۽ غرارن تي آهي. هونءَ هن جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ چالهہ چلت ۾ پناهگيرن واري جهلڪ نظر ايندي آهي.

هن گهڻي وقت کان پنهنجي اصلي ذات وارن سان واسطا ٽوڙي ڇڏيا آهن. نہ اچڻ نہ وڃڻ، نہ ملڻ نہ ڳڏجڻ، نہ مٺي نہ مائٽي، ٻيئي ڪٽنب هڪ ٻئي سان ڪو واسطو ڪونہ رکن. نہ پرڻي ۾ ۽ نہ مرڻي ۾. هن نوڪريءَ مان وڏي دولت ڪمائي پر پيءُ ماءُ، ۽ ڀين ڏاڏاڻن ۽ ناناڻن مائٽن کي خير ڪا مدد ڪيائين. هنن وٽ اچڻ وڃڻ بہ نالي ماتر هوس.

هو نوڪريءَ مان رٽائر ڪري چڪو آهي، پر هن جي زال ۽ ٻارن هن کي مجبور ڪيو آهي تہ خانگي نوڪري ڪري. هو ضعيف ۽ بيمار هوندي بہ هڪڙي ڪارخاني جو مئنيجر آهي ۽ خاندان لاءِ روپين جا ڍير آڻي ڏيندو آهي.

بخشڻ کي احساس آهي تہ سندس پناهگير خاندان کي ساڻس ڪا همدردي ڪانهي. کين هن جي دولت ۽ پگهار سان مطلب آهي.

هن کي پنهنجي غلطين ۽ ٻوڪپاڻين جو شدت سان احساس ٿيندو آهي. گفتگوءَ ۾ مون سان هو اهڙيون ڳالهيون مڃيندو آهي. هو چوندو آهي تہ هن هيءَ شادي ڪري وڏي ٻوڪپائي ڪئي ۽ شاديءَ کان پوءِ سياءَ جي ڏِلائي ڏيکاري پنهنجي ٻولي ڇڏي، گهر ۾ اڙدو ڳالهائڻ هن جي وڏي ڇسپائي هئي. هو چوندو آهي تہ منهنجي سڄي زندگيءَ منهنجي بزدليءَ جو نتيجو آهي. سڀ ڪجهہ سمجهڻ کان پوءِ بہ ڪجهہ ڪرڻ جي همت ڪانہ ڏيکاريم ۽ پنهنجن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ڌاريو بنجي ويس.

مون کي هن پنهنجو اهو راز پڻ ٻڌايو تہ هن پنهنجي پناهگير زال ۽ ٻارن کان لڪي پنهنجي غريب ماءُ پيءُ ۽ ڀين کن مائٽن جي ٿوري ٿوري مالي مدد بہ ٻئي ڪئي هئي.

هو پنهنجي بزدلي ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ تي پاڻ کي پٽيندو ۽ گاريون ڏيندو آهي تہ مون سنڌي هوندي بہ غير سنڌي ٻئي ڄڻيا ۽ پاليا آهن ۽ انهن کي اوج تي ٻئي رسايو آهي، مون تي برابر سنڌ جي لعنت هجي.

هو چوندو آهي تہ جا بہ هن وقت منهنجي ملڪيت آهي، جي زمينون آهن، پلاٽ آهن، بنگلا آهن، بئنڪ ۾ رقم آهي، سا سڀ ڌارين جي آهي ۽ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ بہ هنن جي ٿيندي.

هن ڪروڙن جي ملڪيت هنن کي ڏيڻ کان سواءِ، غير سنڌين جي آدمشماريءَ ۾ ٢٨ چٽن جو واڌارو ڪيو آهي. جڻ تہ غير سنڌيءَ سان شادي ڪرڻ، پناهگيرن جي سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ آڻڻ جي سازش جو حصو بنجيو ويچي. هن بزدل جي ايتري همت ناهي جو گهر وارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي يا هنن کي اڙدو ڳالهائڻ کان روڪي.

جي اتفاق سان بخشڻ جي جوءِ کي ڄاڻ پئجي ويندي هئي تہ هن پنهنجي پيءُ ماءُ کي ٽڪو بہ ڏنو آهي تہ هوءِ آسمان مٿي تي کڻي ڏيندي هئي ۽ اهڙي قسم جي ڪچين گارين جا نعرا بلند ڪندي هئي جو محسوس ٿيندو هو تہ ڪراچي، لکنوءِ بنجي ويئي آهي. هئي پاسي مائيءَ جي ڀينرن، سالين، ڀاڄاين ۽ سندن ٻارن ۽ مڙسن جو ڪٽڪ بخشڻ جي گهر ۾ دائمي نِڪاٽو بنائي ٽڪيو پيو هوندو هو.

هڪ ڀيري هن مون کي هي ڳجهہ بہ ٻڌايو تہ "منهنجي نُي خاندان وارا، انهن ٽولن ۾ شامل هئا، جن سنڌين تي خوني حملا ڪيا ۽ سنڌي عورتن جي بيحرمتي ڪئي ۽ هنن جي گهر جي لڏي جو لڏو پناهگيرن جي هڪڙي سنڌي دشمن تنظيم جو ميمبر هو."

تازو هڪ ڏينهن مون کي ٽيليفون ڪيائين. ٽيليفون تان نُي رڙيون ۽ هل هنگامي جا آواز اچي رهيا هئا، نڪاءِ هئا، ڌماڪا هئا، ڪيهون هيون......

فون تي چيائين، "اسان جي پاڙي ۾ سنڌين ۽ پناهگيرن جا فساد هلي رهيا آهن، پر مان هر طرح محفوظ آهيان."

مون چيومانس، "اهڙي خوش فهميءَ ۾ نہ رهجانءِ، هنن جي ڪردار مان ڏسجي ٿو تہ شايد تنهنجي نُي خاندان وارا نہ تنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏين !"

هو ڪجهہ وقت ٽهيءَ ۾ پئجي ويو هو.

"غلط ڪونہ ٿو چوين ....." هن گهڻي دير کان پوءِ لرزندڙ آواز ۾ وراڻيو هو. ❑

پستيون

وڏيري ڪانڌيري جو پٽ مير حسن، اڄ ڪوڏ وٽ آيو تہ هن کي سائين ڪرڙ شاھہ پير جي پٽ نثار شاھہ سان جهڳڙي بابت ٻڌائيندو، پر پاڙي جي ٻن ضائفن جي پاڻ ۾ جهيڙي جي رنگ جي دلچسپيءَ ۾ حالي تہ ڳم ٿي ويو.

مير حسن جي پنهنجي غريب ڳوٺائي ڪوڏ سان ننڍي هوندي کان ياراڻي هئي ۽ هو جڏهن بہ ڳوٺ ۾ هوندو هو تہ ڪوڏ جي ڪچي گهر ۾ پيو پيرو پچندو هو. گهر مٿان هڪ ننڍي ڪوٺي هوندي هئي، جا ڪوڏ جي اوطاق بہ هئي، پڙهڻ لکڻ ۽ سمهڻ جي جاءِ بہ.

سامهون ٻن گهرن مان ماين جو پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو، ٻئي گهر ڪچا هئا ۽ ٻنهي گهرن جي اڱڻن جي چوڌاري ڀتين بدران لوڙها ڏنل هئا. چؤطرف جيڪي گهر هئا، تن مان گهڻن ۾ جدا جدا قسمن جا وڻ لڳل هئا. نم، ٻير، سنجهي، سرنهہ، پپر ۽ ٻيرين جا وڻ. انهن مان پڪين جون لاتيون پئي ٻڌڻ ۾ آيون. جهيڙو ڪندڙ عورتن جي گهرن مان هڪڙي ۾ مڪئي ٻيرن جي ٻير جو وڻ هو. ان جو هڪڙو ڏار پرواري مائيءَ جي گهر ۾ پئي لڙڪيو. ان ۾ ڪافي پڪل ٻير هئا. ان گهر جي هڪ ٻار لڪيّ ۽ آهستي آهستي ٻير ٽي پٽيا تہ ٻئي گهر جي مالڪياڻيءَ ڏسي ورتس. بس پوءِ تہ ملهالو شروع ٿي ويو. مرد ڪم ڪار تي نڪري ويل هئا. صبح جو سج جاين مٿان جرڪي رهيو هو. ڪوڏ جي اوطاق جي دريءَ مان اهي گهر ڏسڻ ۾ آيا ٿي ۽ مير حسن سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي ٿي سگهيو. قواليءَ وانگر آواز وڌندا ۽ بلند ٿيندا ويا. ڳجگوڙ هئي، وڄون هيون ۽ وڏ ڦڙي جو وسڪارو هو. ڄڻ تہ ڪنهن راڄنيتي جلسي اندر نعرا هئا. هنگامو هو ۽ جلسي جا ماڻهو ان تقرير کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري، گوڙ ڪري، ان غدار ليڊر کي واپس وڃڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي مايون هڪٻئي کي وارو ٿي نہ پيون ڏين. ٻئي هڪ ئي وقت ڳالهائي ۽ رڙيون ڪري رهيون هيون. وڻن مان پکي پڙڪا ڏيئي، اڏامي پري پڄڻ لڳا. ڄڻ تہ شڪاريءَ جي بندوق جو ٺڪاءُ ٻڌو هجين.

ٻنهي گهرن جي وچ ۾ لوڙهو ڪجهہ اوچو هو، ان ڪري هو هڪٻئي کي ڏسي نہ ٿي سگهيون. اها ڳالهہ محسوس ڪري، هڪڙي پنهنجي ڏاندن جي آهر تي چڙهي بيٺي. ٻيءَ، رِيسَ تي ٻيو ڪجهہ نظر نہ آيس تہ ڍورن کي پاڻي پيارڻ وارو ڪونرَ کڻي، اونڌو ڪري، سامهون رکي، ان تي چڙهي بيٺي. هاڻي هو هڪٻئي کي ڏسي ٿي سگهيون. ان ڪري وات هڻڻ سان گڏ، هنن جا هٿ ۽ ٻانهن جا اشارا بہ شروع ٿي ويا ۽ واري ڦيري سان هڪٻئي کي پوندڻ جا مزا بہ چکايائون ٿي. گڏوگڏ هنن جو پورو بدن ڪنڻ لڏيو لميو ٿي، ڄڻ تہ منبوڇي ٿي هنيائون. هڪ عورت تہ ڪڏهن ڪڏهن ماتم نموني پنهنجي ڇاتي ڪٽي رهي هئي. وچ ۾ انهيءَ جوش ۾ ڪُونرَ تي بيٺل مائيءَ جو پير کسڪي ويو ۽ پاڙون ڪاڏل تڙ جيان هيٺ اچي ڦهڪو ڪيائين، پر جلد ئي اٿي پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي، پنهنجي قوالي جاري رکيائين.

مير حسن کلي کلي کيرو ٿي پيو. ڪوڏ کي چيائين: "واهہ جو مفت ۾ تماشو آهي!"

اوڙو پاڙو تہ ڇا، پر ڳوٺ جو وڏو حصو ڏسندو ۽ کلندو رهيو. آواز ڇٽي طرح سمجهہ ۾ ٿي آيا. مايون هڪٻئي تي الزام هڻي رهيون هيون ۽ تهمتون مڙهي رهيون هيون. هڪٻئي جي يارن کي نالن سميت وائکو ڪري رهيون هيون. ڀِٽ پاراتا ڏئي رهيون هيون، لوڻ مرچ ٻرڪي هڪٻئي کي ڪچيون گاريون ڏيئي رهيون هيون. هڪٻئي جا راز، ڳجهہ ۽ لِڪل ڪتائون ظاهر ڪري رهيون هيون. گارين جو ايترو ذخيرو هون، جو مير حسن ويچاريو تہ هنن رنن جي دماغ ۾ گارين جو فصل پوکيل هو، جو هينئر لاٻارو وجهي، ڳاهي ۽ وائري هڪٻئي تي اڇلائي رهيون آهن. اهي ٻڌي، پنجابي پوليس جو ڪنڌ بہ شرم کان جهڪي وڃي تہ جنهن خصوصيت تي هنن پنهنجي هڪ هٽي سمجهي هئي، تنهن ۾ هي عورتون، هنن کان گوءِ کڻي ويون هيون.

هن ڪوڏ کي چيو، "منهنجي تہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هي پردي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوش، برقعي بند ۽ چادر ۽ چوڏيواريءَ جي چوڪيداريءَ ۾ رهندي، اهو سڀ ڪجهه ڪيئن سکيون آهن؟"

"وڏيرا وڏيرڪيون عادتون ڪيئن سکندا آهن؟" ڪوڏ، مرڪي پڇيو. مير حسن ڪو جواب نه ڏنو.

ڪوڏ به ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ ڏاڍو ذهين ۽ باشعور ماڻهو هو. مير حسن مغرور، ڇسو، ترڙو ۽ هلڪڙو نوجوان هو. ايتري قدر جو ڪوڏ، گهرائپ هجڻ ڪري هن تي تمام گهري ٽوڪ ۽ ٺٺولي ڪندو هو ته به مير حسن جي سمجهه ۾ نه ايندي هئي ۽ هن جي دل ۾ مڙئي خير هوندو هو.

ماين جي جهيڙي ۾ اوچتو ماٺ ٿي ويئي. چڻ ته سُئچ آف ڪئي ويئي هجي. مايون چاڙي هٽي هٽي ٽڪجي پيون هيون يا احساس ٿين ته پاڻ ڪي پوري ڳوٺ ۾ ڪلٺهاب پيون ٻڌايون، يا هنن جي گهر جو ڪو مرد اچي ويو هو......

ٻئي ڏينهن به لڳ ڀڳ ساڳئي وقت، مير حسن، ڪوڏ جي اوطاق تي آيو. اوطاق جي ڪونيءَ ۾ هڪ واڻ جي کٽ هئي، ٻه ڪرسيون هيون ۽ هڪڙي ميز هئي. هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪتابن جو ڪبٽ هو.

ان وقت ڏينهن جهڙالو هو ۽ ڏاڍي فرحتي هوا گهلي رهي هئي، ۽ ڪوڏ پوري مزي سان ڪو ڪتاب پڙهيو رهيو هو. مير حسن کي ڏسي، هو ڪتاب بند ڪري، اٿي بيٺو ۽ مرڪ سان هن جي آجيان ڪيائين. ڪوڏ کي هن جو چهرو ڪجهه وياڪل نظر آيو. حقيقت ۾ ڪالهه به هِن کي هَن جي چهري ۾ ڪجهه پريشاني محسوس ٿي هئي. ڪوڏ کي خيال آيو ته شايد مير حسن جي من تي ڪو بار چڙهيل آهي ۽ مون کي ٻڌائي هلڪو ڪرڻ ٿو چاهي.

مير حسن ڳوٺ جي مڙني رهاڪن کي پاڻ کان گهٽ سمجهندو هو. تنهنڪري ڪنهن وٽ وڃڻ پنهنجي گهٽتائي ڄاڻندو هو. گهٽ ته هو ڪوڏ کي به سمجهندو هو، پر ٻاروتڻ کان هن سان گڏ کڏيو ۽ کيڏيو ۽ اٿيو ويٺو هو ۽ هن وٽ ڪتاب ۽ اخبارون جام هونديون هيون ۽ مير حسن جو خيال هو ته اهڙي ماڻهوءَ وٽ وڃڻ ۽ وهڻ سان، ٻيا هن کي علم ۽ عقل وارو ليکيندا. هونءَ به هو گهڻو تڻو شهر ۾ رهندو هو.

مير حسن اڄان ويٺو ئي ڪونه هو ته دريءَ مان هن جي سامهون گهرن تي نظر پئي. ڪلهه وارين ننهين ماين کي ڏٺائين. ٻيرن واري مائيءَ جي هٿن ۾ هڪ ڊڪيل پليٽ هئي ۽ لوڙهي مٿان پنهنجي پاڙيسرڻ مائيءَ کي مرڪندي چئي رهي هئي، "ادي! اڄ جهڙالو ڏينهن آهي، ان ڪري طاهري چاڙهي اٿئون. سو دل چيو ته توهان کي به وَٽ ڪرايون." ۽ اها مائي، جنهن ڪالهه هن سان جهيڙو ڪري، سڄو ڳوٺ ڪٺي مٿي تي کنيو هو، سان ڏند ٽيڙيندي، اها ٿالهي وٺي رهي هئي.

اهو ڏسي، مير حسن، ڪوڏ کي خار مان چيو، " هي سُڃا پينگيا ۽ جهنگلي ڪيترا نه ذليل ۽ بي غيرت آهن. اهي ساڳيون ئي مايون ڪالهه هڪٻئي جا يار اگهاڙا ڪري رهيون هيون ۽ پاڻ ۾ وڙهي ڊانگهيون تي پيون هيون ۽ اڄ وري هڪٻئي کي دعوتون پيون ڪارائين. اٿن ڪو شرم حياءَ يا عزت ۽ غيرت جو ذرڙو !"

"ها يار! عزت، عصمت، غيرت، شرم حياءَ ته جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداريءَ جون پيدا ڪيل شيون (Commodity) آهن ۽ طبقاتي سماج جا ناهيل ماپا ۽ قدر انهن واسطي آهن، جن وٽ ڏوڪڙ آهن. هنن غريبن ۽ پينگين کي انهن شين جو نخرو ۽ عياشي ڪرڻ نه گهرجي." ڪوڏ ٽوڪ مان مرڪي چيو.

"يار، تون ته ڪتابن جون الائي ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، مون کي ته سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي. پر مان انهن رنن کي ڏسي رهندس. انهن کي گهرائي، اگهاڙو ڪرائي، چهبڪن سان چمڙي نه اڌيڙيم ته پنهنجي پيءُ جو پٽ ئي نه آهيان. هي حرامزاديون سمجهن ٿيون جو هرويرو وٺي ايڏو هَل بکيڙو ٿيون مچائن، جو ڳوٺ وارا هراسجي ائين سمجهن ته ڌاڙيلن ڳوٺ تي حملو ڪيو آهي !"

ڪوڏ، هن جي لهجي ۾ فرق محسوس ڪري، هن ڏي چتائي نهاريو. واقعي ئي مير حسن جو پارو چڙهيو رهيو هو ۽ هو غصي مان ڳالهائي رهيو هو. هن جي وڏيرڪي رڳ ڦڙڪي اٿي هئي.

هَن، مير حسن کي چيو، "يار، ڇڏ هاڻي ان ڪاوڙ کي. پر ٻي ڳالهه ٻڌ ته مان تنهنجي ڪالهه هتي اچڻ سان ئي تاڙي ويو هوس ته تنهنجو چهرو لٿل

هو، پر ضائقن جي جهيڙي جي فلم ۾ تون اهڙو محو ٿي ويئي جو انٽرول به ڪانه ڪيئي. ان ڪري مان توکان ڪجهه پڇي ڪونه سگهيس. هاڻي ڪر پنهنجيون پچارون ته ڪو مسئلو آهي ڇا؟"

ٻاهر وٽندڙ ۽ وسڻ جي ويس واري موسم جي مقابلي ۾ مير حسن جو منهن پيلو ۽ پُتو لڳي رهيو هو. هن چوڻ شروع ڪيو: "پنهنجي ڳوٺ جي ڪرڙ شاهه جي پٽ نثار شاهه کي ته سڃاڻندو آهين. هو شهر جي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهندو آهي، جتي مان پڙهندو آهيان. خبرناهي ته ھي آهن ته الائي ڪٿي جي ڪرڙ، پر هنن جا وڏا جڏهن سنڌ ۾ وارد ٿيا ۽ سيدن جو مانُ ۽ قبرن ۽ قبن جي پوڄا ۽ پير پرستيءَ جي وهم پرستي ڏٺائون ته هڪدم سيد ٿي ويا، ۽ ڪٿي يا ٻلي جي مٿان تربت ٺاهي، ان جي مجاور بڻجي ويٺا ۽ ڪوڙين ڪرامتن جا ڪرتب ڏيکارڻ لڳا. آهستي آهستي پيري مريدي شروع ڪري ڏنائون. هنن ڏٺو ته سنڌ ۾ اهو ڌنڌو، اسمگلنگ کان سرس فائدو ۽ نفعو ڏيندڙ آهي. اهڙي طرح هن وقت هو وڏا جاگيردار ۽ ڪروڙپتي بڻجي ويا آهن."

"حسد ۽ ساڙ کان اهو قصو دليان جوڙيو اٿئي يا ان ۾ ڪا صداقت به آهي؟" ڪوڏ وچ ۾ ٽي هن کي ٽوڪيو.

"نه نه، اهو سچ آهي جو مون پنهنجن وڏن کان ٻڌو آهي." مير حسن وراڻيو.

"ها ٿي سگهي ٿو. ڇو ته سنڌ جا سيئي نه، ته به گهڻن پيرن ۽ مرشدن جي تاريخ اها ئي آهي. سنڌ جي سرزمين انهيءَ ڌنڌي لاءِ ڏاڍي زرخيز آهي." ڪوڏ پنهنجي راءِ ڏني.

"شهر ۾ بابا مون کي سڀ سک ۽ عيش مهيا ڪري ڏنا آهن. مون کي عاليشان بنگلو آهي، نوڪر چاڪر آهن، بهترين موٽر آهي. منهنجي دولت ڏسي ڪيترائي منهنجا هم ڪلاسي ۽ ٻيا شاگرد منهنجيون هزارين خوشامدون ڪندا آهن، منهنجا ٻڌا ٻانها آهن ۽ منهنجي حڪم جا منتظر رهندا آهن. بس ائين سمجهه ته منهنجا چمچا آهن. ڪنهن ڇوڪريءَ سان منهنجيون اکيون اڙبيون آهن يا مان ڪنهن ڇوڪريءَ ۾ دلچسپي ڏيکاريندو آهيان ته اهي چمچا ڪنهن نه ڪنهن نموني هن کي منهنجي بنگلي جي بيڊ روم تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن.' مان به انهن چمچن کي خوب عيش ڪرائيندو آهيان. وڏين وڏين هوٽلن ۾ ست رڇيون ڪارائيندو آهيان. وي- سي- آر ۽ سئنيما جون موجون ونرائيندو آهيان. ڪاليج اندر سدائين سهڻين سهڻين ڇوڪرين جو ولر منهنجي چوڌاري رهندو آهي. پيو ته ٺهيو پر ڪاليج جا ليڪچرار ۽ پروفيسر به منهنجو لحاظ ۽ چاپلوسي ڪندا آهن. هنن کي وقت بوقت قيمتي تحفن سان نوازيندو رهندو آهيان. انهيءَ ڪري مون کي نه ڪلاس ۾ وڃڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ نه امتحان ۾ ويهڻ جي. مان سدائين سٺين مارڪن سان پاس ٿيندو رهندو آهيان. وڏو نُڪتُ ته ان ڪري آهي جو ڪاليج ۾ سياسي ليڊر آهيان."

"پوءِ ته تنهنجون پنج ئي گيهه ۾ آهن، پر خبرناهي ته اهو اصلي گيهه آهي يا ڊالڊا !" کوڏ وري به ڪيس ٽوڪيو.

"ڏس کوڏ، وچ ۾ مداخلت نه ڪر، مان اڄ توکي پيرائٽو حوال ڪرڻ ٿو چاهيان."

وڻن جي پنن جي شان شان جو ۽ مينهن پوڻ جو آواز هلڪي موسيقي پيدا ڪري رهيو هو ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ ڪنوڻ اکيون ڪيريون ڪري ٿي ڇڏيون.

"ها کوڏ، ته مان توکي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته شهر ۽ ڪاليج ۾ نثار شاهه جي حياتي به ساڳئي نموني گذري رهي آهي، جهڙي منهنجي. تِر جو فرق ڪونهي، پر هاڻي هڪٻئي جا رقيب ٿي پيا آهيون."

"رقيب ته توهان اول ئي آهيو. تنهنجو پيءُ به جاگيردار ته نثار شاهه جو پيءُ به جاگيردار. هڪ ئي ڏنڌي وارا هڪٻئي جا رقيب ٿيندا آهن." کوڏ مرڪي چيو.

"نه، ائين به نه آهي." مير حسن ورندي ڏني.

"پوءِ پلا ڪنهن ڇوڪريءَ جو مامرو آهي. پر ڇوڪريءَ تي ساڙ جو هجڻ ڪيئي؟ توکي يا نثار شاهه کي ڪنهن سان نڪاح ڪرڻو ٿورو ئي آهي. توهان کي هوندو آهي وقتي عيش ڪرڻو، سو هڪ نه ته ٻي، ٻي نه ته ٽين. ان ۾ وڙهڻ يا ضد رکڻ جو ڪهڙو سوال آهي؟"

مير حسن سگريٽ ڪيڏي دکايو ۽ کوڏ کي چيائين ته چانهه پيئبي!

ڪوڏ هيٺ چانهه ٺهرائڻ لاءِ لهي ويو. چانهه آئي ته مير حسن پيئڻ لڳو ۽ سگريٽ جا سوٽا به هڻڻ لڳو.

”ڪوڏ يار، آهي ٿي ڳالهه ڇوڪريءَ جي. هن سال هڪڙي پنجابڻ ڇوڪري ڪاليج ۾ داخل ٿي آهي. هن جو حسن ڏسي، منهنجو ته دماغ چڪرائجي ويو. مون ته خواب ۾ به اهڙي حور نه ڏٺي آهي ۽ نه ڪو توئي ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙي سونهن واري هيروئن جو حوال پڙهيو هوندو.“ منهنجي ته نه ننڊ رهي آهي نه آرام. دلچسپ ڳالهه اها ته نثار شاهه سان به ساڳي ويڌن ڏنمر .... پهرين سديءَ طرح هن کي هرڪائڻ جا جتن ڪيم ۽ پوءِ پنهنجا چمچا هن جي پٺيان ڇڏيم. پر هن تيل ترئ تي لڳڻ نه ڏنو. ائين ته هوءَ مرڪندي ملندي هئي ۽ ناز نخرا ڪري ڪچهري ڪندي هئي، پر اهو ملڻ جلڻ پاڻ برهم جي باهه ڀڙڪائيندو هو. هوءَ قيمتي سوکڙيون به ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان قبول ڪندي هئي ۽ وڏي خوشفهمي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي، پر خلوت جي ملاقات کان صفا نابري. نثار شاهه جو به ساڳيو حال هو ۽ تحفن جي صورت ۾ گهڻو ڪجهه لٽايو اٿائين ...... پر ٽي چار ڏينهن ٿيا ته رستي تي موٽر تي آمهون سامهون ويندي، منهنجي نثار شاهه تي نظر پئجي وئي. پنجابڻ هن سان اڳين سيٽ تي ويٺي هئي. نثار مون کي سچاٽي مرڪيو. مون محسوس ڪيو ته هن جي مرڪ تيز هئي ۽ ڄڻ پنهنجي سرسيءَ تي مون تي ٺٺولي ڪندو هجي. منهنجي سڄي جسم ۾ آگ لڳي وئي. سڙي خاڪ ٿي ويس. سچ ٿو ٻڌايانءِ ته ان واقعي کان پوءِ مون کي پنهنجي بدصورتيءَ جو پهريون دفعو ڪراهت ڀريو احساس ٿيو آهي ته مان رنگ جو سانورو، قد جو بندرو، پيٽ ٻاهر نڪتل ۽ ٿلهيرو آهيان. نثار برابر شڪل جو ناهوڪو آهي، پر مان هن بي غيرت کي نه ڇڏيندس. هن جي ساري ٽيڙي مٽيءَ ۾ ملائيندس.“

”صبر ۽ ٺڏائيءَ کان ڪم وٺ!“ ڪوڏ هن کي آٿت ڏنو. مير حسن ڪجهه مهل ماٺ ٿي ويو. هن ٻيو به ڪجهه ٻڌائڻ ٿي چاهيو.

بارش بند ٿي ويئي هئي. وايومنڊل ۾ وڻ ٽڻ ڌوپي اُجرا ٿي پيا هئا. وڻن جي ٽارين ۾ پڻ مان پاڻيءَ جا موتين جهڙا ڦڙا هيٺ ڪري رهيا هئا.

ڪوڏ، وڏيراڻي روش تي، مير حسن تي پيو ڦٽ لعنت ڪندو هو، هينئر

به چيائين، ”نثار ۽ پنجابڻ جي وهنوار تو ۾ پنهنجي حقيقي منهن مهانڊي جو احساس پيدا ڪيو آهي. مون کي پڪ آهي ته اهڙا واقعا به ڏيندا جو عوام تو ۾ احساس پيدا ڪندو ته تون اٽيڙهيل ۽ پرمار آهين ۽ پورهيو نه ڪرڻ ڪري کاڌي جو حقدار به نه آهين !“

”يار، تون ته پنهنجي غير واسطيدار ۽ غير ضروري ڳالهين ڪرڻ کان باز نه ٿو اچين.“ مير حسن چيو ۽ وري پنهنجي ويچارن ۾ خاموش ٿي ويو.

”وڏيرن ۽ پيرن جي حويلين ۽ ڪوٽن اندر.“ مير حسن نيٺ چوڻ شروع ڪيو، ”جيڪي وهي واپري پيو، سو ڪو راز نه رهيو آهي. گهٽن کي اهي خبرون پئجي ويون آهن، پر مان پيرن جي حويليءَ جي اهڙي خبر ٿو ٻڌايانءِ جو تنهنجيون ڏنديون آڱريون اچي وينديون.“

”ضرور ٻڌاءِ.“ ڪوڏ وراڻيو.

”ان حويليءَ جي هڪ نوجوان ٻانهي منهنجي به سنگتياڻي آهي ۽ موقعو ملڻ سان اچي منهنجي سيج سينگار ڏيندي آهي. هن تازو هڪ راز جي ڳالهه ٻڌائي. هن ٻڌايو ته حويليءَ اندر وڏي پير ۽ سندس پٽن جون ڪيتريون ئي زالون، سريتيون، ڪنيزون، ٻانهيون ۽ ڪنواريون ۽ ساماٽل ۽ حق بخشايل ڌيئر ۽ ڀينرون آهن. اتي مرد واري ڦيري سان سريتين ۽ ڪنيزن سان پيا راتيون گذاريندا آهن، باقي حق بخشايل ۽ ڪنواريون ڀينر ۽ ڌيئر پيون سڪنديون ۽ چپ چٽينديون آهن ۽ هر وقت اندر ئي اندر پيون سڙنديون ۽ ڪامنديون آهن. ڀلا قدرتي شوق ۽ خواهش دٻائڻ ڪو سولو ڪم ته نه آهي. منهنجي ان سنگتياڻيءَ مون کي وڌيڪ ٻڌايو ته پير جي هڪ پٽ جو مون تي مڙئي وڌيڪ شوق هو. سو اڪثر پيو مون کي رات جو پروگرام ڏيندو هو. هن جي ڪمري سان گڏ ئي هن جي هڪ حق بخشايل ڀيڻ جو ڪمرو هو. انهيءَ بيبيءَ هڪڙي ڀيري مون کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ته هاڻي مان اصل ڦاٿان ٿي. مان توکي عرض ٿي ڪريان ته هڪ رات پنهنجي بدران مون کي سمهڻ ڏي. هونءَ به هو رات جو دير سان ايندو آهي ۽ نشي ۾ ڌت هوندو آهي. بيبيءَ ڪيترائي ڀيرا پيرين پئي مون کي ان لاءِ وينتي ڪئي. مون کي هن تي رحم آيو ۽ اهو به خيال آيو ته هنن پيرن به ته منهنجي حياتي تباهه ڪري ڇڏي آهي ۽ هنن کان وير وٺڻ جو پورو پورو وجهه مليو اٿم. سو مان بيبيءَ

سان ان سازش ۾ شريڪ ٿي ويس ......

”اها تہ تو ڏاڍي عجيب ڳالھہ ٻڌائي!“ ڪوڏ چيو.

”اجان بہ ٻڌڻ چاهين ٿو تہ ٻڌ، مون ڪي ساڳيءَ سنگتياڻيءَ، پيرن جي ٻانهيءَ هڪ لڳا ٻڌايو تہ حويليءَ ۾ ڪجھ سهٽيون ۽ نوجوان سريتيون، ڪنيزون ۽ ٻانهيون اهن. ڇوڪرن، مردن ۽ پيرن جي جوان اولاد جي بہ ڪمي ڪانهي. وڏو پير، هن جا پائر، هن جا پٽ، هن جا پائيٽيا ۽ هنن جا نوڪر ۽ خدمتگار مان پنهنجو ئي مثال ٿي ٻڌايانءَ. حويليءَ جي جنهن بہ مرد کي وٽندو آهي تہ ولي وچي بستري تي پنهنجي هوس جو شڪار بڻائيندو آهي، ڪنهن کي اڪيلي ملي ويس، ڪنهن جي ڪمري ۾ پاڻي يا ڪاڏو کڻي ويس. ڪنهن اچي رات جو اتاريو، ڪو نشي ۾ ڦاسيندو تہ منهنجي بدن کي نپوڙڻ کان نہ مڙندو. مون کي حويليءَ اندر ايترا تہ مرد پنهنجي خواهش جو نشانو بڻائيندا آهن، جو اولاد ڄمڻ تي پتو ئي نہ پوندو آهي تہ ان جو پيءُ ڪير آهي؟ نہ رڳو اسان نوڪرياڻين ۽ مريدياڻين سان اهو حشر ٿيندو آهي، پر وڏي پير جي ٻيبيءَ سميت سيني پرٽيل ٻيبين جو بہ اهو حال هوندو آهي. اهي جو پنهنجن مڙسن ۽ مردن جا اهي افعال ۽ عياشيون ڏسنديون آهن تہ هو بہ موقعو ملڻ تي ساڳي واٽ وٺنديون آهن. پوءِ اهو حويليءَ جو نوڪر هجي، پنهنجو مائٽ هجي، خليفو هجي يا جيڪو بہ هجي ......“

ڪوڏ چپن ئي چپن ۾ برٽرينڊرسل جو جملو پڙهيو، ”جيڪڏهن مرد پاڻ شريف ٿي نہ ٿو سگهي تہ ان جي اميد عورتن مان ڪيئن ٿو رکي!“

مير حسن کي سڏو چيائين، ”توهان کي هي سوچڻ گهرجي تہ نظام بدلجڻ کپي، وڏيرڪو نظام، پيراڻو نظام، سرمائيداراڻو نظام.“

”اهو تنهنجو مسئلو آهي.“ مير حسن چيو.

ڪوڏ هن ڏي ائين چتائي نهاريو ڄڻ تہ ڏکهي تقرير ڪرڻي هئس. چيائي، ”مان اهي ڳالهيون اڳ بہ توکي چوندو رهيو آهيان. پر تون سدائين ڪتابي ڳالهيون چئي لنوائي ويندو آهين. پر هينئر توکي سڀ ڪجھ غور سان ٻڌڻو پوندو. تو مون سان اڄ کُلي ڳالهايو آهي تہ مان بہ کُلي تو ڳالهايان. ڀهرين تہ اهو سمجهاءِ تہ اهي غيرت، عصمت، عزت، شرم حيا آهن ڪهڙيون بلائون؟ ڪڏهن انهن تي سوچيو اٿئي؟“

"اها تہ هر ڪنهن کي خبر آهي. بهرحال تون ڳالهائيندو هل." مير حسن چيو.

"مان تو ٻڌايانءِ. توهان طبقاتي سماج ۾ پنهنجا دل گهريا ماپا ۽ ماڻ ٺاهيندا آهيو. عزت، عصمت، غيرت ۽ شرم حياءُ توهان جا اخلاقي قدر جڙيل آهن. پر عملي طرح اهي توهان مردن لاءِ نہ پر توهان جي عورتن ۽ مظلوم هارين ۽ ڳوٺاڻن لاءِ هوندا آهن. توهان وڏيرڪي طبقي جي مردن کي تہ ڪليل آزادي آهي تہ جنهن عورت کي وڻيوَ تنهن کي ورتايو ۽ غريب جي جنهن نياڻيءَ کي پنهنجي خواهش جي پاڪر ۾ آڻيو ۽ پنهنجي بيگمن، ڀيڻن ۽ ڌيئرن کي ستن ڪوٺن اندر رکو، جيئن هنن کي پنهنجي پسند جو مرد ڏسڻ جو موقعو ئي نہ ملي. هونءَ عورت سميت اوهان عزت، عصمت، غيرت ۽ ٻين اهڙين چيزن کي خريد ۽ وڪري جو سامان سمجهو ٿا. انهن شين سان جيڪا ٻولي ڳنڍيل آهي، اها خود ٻڌائي پيئي تہ اهي (Commodity) آهن. جيئن چوندا آهن تہ عزت لٽجي وئي يا عزت ڦٽي پئي يا عصمت لٽجي وئي يا عصمت ڦٽي پئي يا عصمت عورت لاءِ قيمتي ۾ قيمتي زيور آهي يا غيرت لفظ ۾ ملڪيت جو تصور سمايل آهي. هاڻي لٽبيون، ڦٽنديون، قيمتي زيور، ملڪيت تہ خريد وڪري جون شيون، وٿون يا مال هوندو آهي ... اهي خيال ۽ تصور تہ توهان جي وڏيرڪي تهذيب جي لفظي بازيگري ۽ ڏاڍمڙسي آهي. ٻٽو معيار آهي. جيڪڏهن ڪو توهان جي سامهون ڪرسيءَ تي يا کٽ تي ويهي ٿو تہ توهان پنهنجي بيعزتي تصور ٿا ڪريو ۽ هن کي هيٺ پٽ تي ويهڻ تي مجبور ٿا ڪريو. ڪو توهان سان ڏاڍيان ٿو ڳالهائي تہ خيال ڪيو ٿا تہ هن توهان کي گار ڏني توهان جي بي عزتي ڪري ورتي ۽ توهان 24 ئي ڪلاڪ هن تي گارين جو ڏوڙيو لڳايو ويٺا آهيو تہ ان کي فخر جي ڳالهہ سمجهو ٿا. توهان جي حويليءَ جي ڪا عورت ڪنهن ٻئي مرد جي آڏو اچي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڳالهائي تہ بجاءِ ان جي جو ان عورت جي حوصلي ۽ همت تي هن جي پٺي ٺپريو ۽ هن جي چاڻ ۽ سڪيا تي خوش ٿيو، توهان الٽو هن جي دليري Boldness کي بي حيائي ۽ بي شرمي جا لقب ڏيئي، ان کي پنهنجي غيرت جو مسئلو بنائي، هن کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃون. پوءِ ڪڏهن سوچيو اٿوَ يا ان جو جواب ڏيئي سگهو ٿا تہ اهي وٿون ۽ اهي رويا آهن ڇا؟ وڏن ماڻهن

جي اهڙين روشن ڪي ڏسي، سچا ۽ غريب پڻ پنهنجي عورتن کي ڪهاڙين مان ڪيڻ لڳا آهن. ڪارو ڪاري ڪري."

بس بس، مون توکي ٻڌايو آهي ته تنهنجا اهي وعظ نه مان سمجهندو آهيان ۽ نه هينئر سمجهڻ جي ضرورت آهي. توکي اندازو آهي ته فقط ننڍپڻ جي دوستيءَ جو لحاظ ڪري، پاڻ تي جبر رکي، اڄ توکي صبر سان ٻڌو اٿم. توکي ته خبر هوندي ته جي لفظن ۽ نصيحتن سان دنيا ۾ انقلاب اچن ها ته ماڻهن کي هٿيارن، ويڙهه ۽ قربانين ڏيڻ جي ضرورت ڪانه پوي ها. مان ته سارو وقت اهو سوچي رهيو هوس ته نثار شاهه کان بدلو ڪيئن وٺان......."

ٻئي طرف شهر ۾ نثار شاهه پنهنجي بنگلي ۾ پنهنجن چمچن جي دعوت ڪئي هئي. هو ڏاڍو سرهو نظر اچي رهيو هو ۽ مير حسن ۽ هن جي خاندان جي گلا ڪري رهيو هو، هن جي خلاف ڳالهائي رهيو هو، ٺٺوليون ڪري رهيو هو ۽ مذاق اڏائي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي رهيو هو.

هو چئي رهيو هو، "مير حسن ڪيترو نه بي حيا ۽ بي شرم آهي، پنجاب ڻ جڏهن هن کي سنوَت نه ڏيندي هئي ته پنهنجن چمچن کي چوندو هو ته ميلاپ مان هن جا عضوا ته ڪسي ڪونه ويندا. هو زميندار آهي ۽ ونگار تي هريل آهي. مون ٻڌو آهي ته هو ڪڏهن ڪڏهن "عياشيءَ جي ونگار" ڪندو آهي ۽ جيترا چمچا هوندا آهن اوتريون ڇوڪريون گهرائي، هر هڪ لاءِ عياشيءَ جو سامان مهيا ڪندو آهي. ان کي هو عياشيءَ جي ونگار ڪوٺيندو آهي. وري همراهه جي شڪل صورت ۽ رنگ روپ ته ڏسو! ڪارو رڇ آهي رڇ! سندس Taste اها آهي جو پنهنجي رنگ سان ملنچ ڪندڙ ڪارا يا ناسي سوٽ پائيندو آهي ۽ ڏامر جو ڪارو ڍڙم لڳندو آهي."

مير حسن ۽ نثار شاهه شاگردن جي سياسي پارٽين ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. هو ساڳي ڌر جي سياسي پارٽي جا ميمبر هئا. ان پارٽيءَ جا ٻه ڌڙا هئا. هڪ ڌڙي جو مير حسن اڳواڻ هو ۽ ٻئي جو نثار شاهه. ٻنهي ڄڻن پنهنجي چمچن کي پستول ۽ ڪلاشنڪوف وٺي ڏنا هئا ته ضرورت وقت استعمال

ڪن.

مٿيون واقعي ڪان پوءِ جلد ئي نثار شاهه واري ڌڙي جو هڪ ميٽنگ ۾ پاڻ ۾ خونخوار جهيڙو ٿي پيو ۽ هڪٻئي تي گوليون هلايون. ڪيترائي ميمبر سخت زخمي ٿي پيا. مير حسن کي هي سونهري موقعو نظر آيو، بدلو وٺڻ جو. هن پنهنجي چمچن کي پڙڪايو ته جي لڪي ڇپي نثار شاهه کي هن وقت ماريو ويو ته سمجهيو ويندو ته ان ڏينهن واري جهيڙي جي نتيجي ۾ نثار شاهه جي ڌڙي وارن ئي هن کي قتل ڪيو آهي.

هڪ رات، دير سان جڏهن نثار شاهه پنهنجي بنگلي ۾ گهڙي رهيو هو ته ڪن غنڊن هن جي موٽر تي رائيفلن ۽ ڪلاشنڪوفن سان حملو ڪيو ۽ هن جو بدن پرڻ ٿي ويو. ❑

لڏ پلاڻ

”ڇا هوءَ ٽانڊو کڻڻ آئي هئي؟“

”نہ.“

”پوءِ ڪيئن ٿو دانهون ڪرين تہ تنهنجي گهر ۾ بورچياڻي ٿي وينئي آهي؟“

”جيڪا گذريل بارش پئي هئي، ان ۾ هنجي گهر جي ڇت ٽپڪڻ لڳي ۽ ٻارن ٻچن سميت اچي اسانجي گهر ۾ پناهہ ورتائين، ۽ اسان سمجهيو تہ مينهن پوري ٿيڻ کانپوءِ وڃي پنهنجي گهر ٽانئيڪي ٿيندي، پر هوءَ تہ وڃڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي.“

”نئين ملڪ ٺهڻ کانپوءِ جيڪا لڏ پلاڻ ٿي، جيڪي ٻين ملڪن ۽ ٻين پرڳڻن جا رهاڪو هتي اچي پرگهٽ ٿيا. انهن هتي جي اصلوڪن رهاڪن لاءِ اهڙا اچي مسئلا پئدا ڪيا ۽ اهڙيون پريشانيون ڪڙيون ڪيون ۽ اهڙو رويو اختيار ڪيو، جو اسانکي آزادي ملڻ جو ڪو احساس ئي ڪونہ ٿيو. اسانکي آزاد قوم هجڻ جا ڪي بہ اهڃاڻ ئي نظر ڪونہ آيا. پاڻ حالتون بدتر ٿينديون ويون، پاڻ وڏيڪ ڏکيا ٿيندا وياسين.“

”پرڏيهي ڌرتيءَ تان ايندڙن هتي اچي مذهب جي نالي ۾ سامراجيت جو ڪردار ادا ڪيو.“

”گذريل 28 سالن جي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ مذهب جو ناتو متاچري اهميت رکي ٿو. اصل ناتو ٻولي، ڪلچر، جاگرافي، تاريخ ۽ معاش جو آهي.“

”ها، هن ملڪ ٺهڻ کانپوءِ، ڇڪتاڻ جا مکيہ بنياد ٻولي، ڪلچر ۽ معاش پئي رهيا آهن. حالانڪ وڙهندڙ هڪ ئي مذهب جا هئا.“

”اهو پڻ ڏٺو ويو تہ جيڪا بہ ڇڪتاڻ ٿي، جيڪو بہ جهڳڙو ٿيو، ساڳي ٻولي ۽ ساڳي تهذيب وارا هڪ طرف ۽ ٻي ٻولي ۽ ٻي تهذيب وارا ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف. هر حالت ۾ ائين پئي ٿيو. صحيح ۽ غلط جو ماپو ٻيو هوئي ڪونہ."

"اها بہ حقيقت آهي تہ لاهور وارو پاڪستان جو ٺهراءُ، جنهن جي اسان پٺڀرائي ڪئي هئي، ان ۾ آباديءَ جي لڏ پلاڻ جو يا هڪ پرڳڻي وارن جو ٻئي پرڳڻي ۾ وڃي کپُ ڪوڙي ويهي رهڻ جو ذرو بہ ذڪر ڪونہ هو."

"ها، اسان هن قسم جي لڏ پلاڻ جو تصور بہ ڪونہ ڪيو هو. اسان لڏپلاڻ قبول نہ ڪئي هئي."

"هتان جي ماڻهن گهڻئي تجربا ڪيا آهن. گهڻئي ظلم ۽ ڏاڍايون سٺيون آهن. موجوده دور جي تاريخ ڏٺي آهي، گهڻن ئي فرقن ۽ طبقن کي آزمايو آهي، هاڻ هنن جو سياسي شعور ٽيهہ سال اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيل آهي، هو وڌيڪ بيدار ٿيا آهن، وڌيڪ احساس پيدا ٿيو اٿن. گهڻئي غلطيون پيا محسوس ڪن، انڪري هاڻ هنن کي نئين سر سوچڻ گهرجي."

"ڇا سوچڻ گهرجي؟"

"پنهنجي سياسي منزل جي باري ۾."

"ڪجهہ چٽائي ڪر."

"هنن کي تاريخي ۽ جاگرفيائي ايڪي جي حيثيت سان پنهنجي واٽ ۽ پنهنجو ماڳ مقرر ڪرڻ کپي. هنن کي اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ هو ڪنهن دنيا جي طاقت يا علائقي سان ڳنڍجڻ چاهين ٿا يا پاڻ تي ئي ڀاڙي پاڻ ڀرو رهڻ چاهين ٿا. اهو طئہ ڪرڻو آهي تہ حڪومت جي ماهري ۾ مذهب جي رسي پڪڙين ٿا، ۽ سياست ۽ حڪومت جي نون نظرين کي نظر انداز ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اڄ تائين مذهب جي نالي ۾ جنهن پر ماريت جي پيڙهي ۾ ڦتڪندا رهيا آهن، اها ئي ريت قبول ڪندا، يا نئين زماني ۽ نون ذهن جو ساٿ ڏئي انساني، عوامي ۽ زميني نظام قائم ڪرڻ چاهين ٿا."

"جيڪڏهن هو جاگيرداري، سرمائيداري آسماني نظام تي راضي آهن تہ پوءِ تہ هنن کي ڪنهن خاص هلچل هلائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي."

"پر جي هو سياست ۽ اقتصاديات جا نوان نظريا اختياري ڪري، پنهنجي منزل بنائڻ چاهين ٿا تہ پوءِ هنن کي ان بنياد تي پارٽي بہ ٺاهڻي پوندي ۽ هلچل بہ هلائڻي پوندي."

"۽ ان پارٽي ۽ هلچل جو دائرو حالي پنهنجي علائقي تائين محدود

رهندو."

"اهڙي حالت ۾ ماڻهن کي سمجهه ۾ ايندو ته هو ڇا ڇا ڪرڻ چاهين. هن وقت ته هنن کي پراڻا نعرا ڏنا ويا ڏنا وڃن ٿا، جي هنن واسطي ڪا معنيٰ ڪانه ٿا رکن. پر جڏهن هنن کي سمجهه ۾ اچي ويو ته هنن کي ڪهڙي ماڳ تائين پهچڻو آهي، جڏهن هنن کي نيٽ پروگرام به ملندو ته هو ڪنهن مقصد لاءِ لڙڻ واسطي تيار ٿيندا. انهيءَ حالت ۾ ئي هنن ۾ عمل جو جذبو اڀرندو."

"ماڻهن ۾ سالن ڪان ظلم، بي انصافيءَ پرما ريت سهڻ ڪري هن وقت ڪجهه نه ڪجهه احساس ۽ شعور جاڳيو آهي. باقي ضرورت آهي ته هنن جي ان راهه ۾ رهنمائي ٿئي ته انهن ظلمن ۽ پرماريت ڪان بچڻ لاءِ هنن جي ڪهڙي منزل هجڻ گهرجي. ان لاءِ تنظيم ۽ پرچار جي ضرورت آهي."

"سو نيٺ ائين ڳالهه پڌري ٿي آهي ته هوءَ ٽانڊي کي نه آئي هئي، تڏهن به نه رڳو بورچياڻي ٿي وينئي آهي، پر پوري گهر تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ اصلي مالڪن کي اتان ڪڍڻ ٿي گهري!" ❑

(٢٨ نومبر ١٩٧٥)

بندش

"ڪارروائي شروع ڪرڻ ۾ ڇو پئي دير ڪئي وڃي؟"

"ڪافي ساٿي اچي ويا آهن، پر اڃا ڪن اديب ساٿين جو انتظار آهي. ٿوري دير ۾ ميڙ جي ڪاروائي شروع ٿيندي."

"اڄوڪي ميڙ ۾ سنڌي ڪتابن ۽ پريسن تي پابندين جي باري ۾ ٺهراءُ پيش ڪيا ويندا."

"هائو، ۽ اميد آهي تہ اهي يڪراءِ بحال ٿيندا."

"ضرور يڪراءِ بحال ٿيندا. سنڌي ادب سان هيءَ اهڙي اُرهہ زوراٺي ۽ بي انصافي ڪئي وئي آهي، جو ٺهرائن پاس ڪرڻ ڪان وڌي ٻيا قدم بہ کڻڻ کپن."

"توهانجو چوڻ درست آهي. پر اسان ۾ نہ ايتري تنظيم آهي ۽ نہ ايتري ٻڌي."

"ها، جي اهي ڳالهيون هجن ها تہ پوءِ اسانجي ايترن رسالن، ڪتابن ۽ پريسن تي ائين جلهہ نہ ٿئي ها."

"دنيا ۾ ڪٿي بہ اهڙو مثال ڪونہ ٿيو هوندو، جو هڪ ئي وقت، هڪ ٻوليءَ جي چاليهن ڪتابن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي هجي."

"سائين اهو عدد رڳو چاليهہ نہ آهي. اهو عدد ته سؤ آهي.

مثال طور 'سهڻي' رسالي جي ڏهن سالن جي سڀني پرچن کي ضبط ڪيو ويو آهي، يعني اهي ٿيا هڪ سؤ ويهہ ڪتاب. اهڙي 'ملير ڊائجيسٽ' جي ٽن چئن سالن جي مڙني پرچن تي بندش وڌي وئي آهي، يعني اهي ٿيا چاليهہ ڪتاب. ان ريت ماهنامي 'سوجهرو' جا چاليهہ. ان ڳاڻاٽي سا اسانجي ٻوليءَ جي ٽي سؤ ڪتابن کي بندش جي باروت سان اڏايو ويو آهي."

"تاريخن ۾ پڙهبو آهي تہ اڳئين زماني ۾ دشمن، جنهن ملڪ تي ڪاهہ ڪندو هو، ان ملڪ جا ڪتاب - گهر ۽ لئبريريون ساڙائي ڇڏيندو هو. سو هن زماني ۾ ڪتابن ساڙڻ جي صورت آهي ڪتابن تي بندش وجهڻ."

"تنهنجو ويچار وزني آهي."

"عجب اهو آهي تہ جنهن قسم جي مواد جي الزام هيٺ، ڪتابن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پابنديون لڳايون ويون آهن. ان قسم جو مواد لکنوي ٻوليءَ جي ادب ۾ پنجويهن سالن کان عام جام ڇپجي رهيو آهي. ان جو نالو به ڪونه ورتو ويو آهي.“

”ياڻو، اها ته آهي آسماني ٻولي!“

”ان تي مونکي هڪڙو لطيفو ته ياد اچي: هڪڙو سنڌي ڳوٺاڻو، حج ڪرڻ ويو. هڪ ڏينهن شهر ۾ رستي تان پئي لنگهيو ته ڏٺائين ته هڪ سائيڪل سوار جو هڪ پيدل ويندڙ سان ٽڪر ٿي ويو. سو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪرڻ ۽ ڏند ڏيڻ لڳا، ۽ اهو ڳوٺاڻو، جڏهن واپس ڳوٺ آيو، تڏهن انهن عربن جي واقعي جي ڳالهه ڪندي، دوستن يارن کي چوڻ لڳو: سبحان الله، اهي ڪهڙا نه ديندار ماڻهو آهن، جو وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ وقت به قرآن جون آيتون پئي پڙهين.“

”ياڻو، سچ ٿو چوين. هتي اها لکنوي ٻولي به آسماني ٻولي سمجهي، ان ۾ لکيل هر چيز کي مباح سمجهيو ٿو وڃي.“

”اها پڻ اچرج جي ڳالهه آهي ته ڪن ڏهه يا اٺ سال اڳ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن تي بندش هاڻي وڌي وئي آهي. ايترو وقت اختياريءَ وارا ڪٿي هئا؟“

”هيءَ پڻ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ڪنهن به رسالي جي ڏهن سالن ۾ شايع ٿيل مڙني پرچن ۾ اعتراض جوڳو مواد هجي، جو سڀ جا سڀ پرچا ضبط ڪيا ويا آهن.“

”وڌ ۾ وڌ ائين ٿي سگهي ٿو ته ڪن پرچن جي ڪن ليکن جو ڪجهه حصو سرڪار نامدار کي اعتراض جوڳو لڳي. پر ائين ٿي نه ٿو سگهي ته هڙئي پرچا، سڀئي جا سڀئا اعتراض جهڙا هجن.“

”انهن بندش پيل رسالن ۾ ڪيترائي علمي، سائنسي، اقتصادي، تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي مضمون ۽ ليک آهن، جي وڏن وڏن ڄاڻن ۽ ليکڪن جا لکيل آهن. ان جو مطلب آهي ته اهي ليک به هاڻي وري ڇپي نه سگهبا، نه عام پڙهندڙن تائين پهچي سگهندا.“

”هاڻي جيڪي ليکڪ پنهنجيون لکڻيون، ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ چاهيندا، سي پنهنجيون لکڻيون، جي انهن ضبط ٿيل رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن، سي پنهنجن مجموعن ۾ ڏئي نه سگهندا، پوءِ ڀلي ته انهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪابه اعتراض جهڙي يا سرڪار جي نظر ۾ قانون خلاف شيءِ نه هجي.“

”ساٿيو! اها ڪا گهڻي عجيب ڳالهه آهي ته ڪتابن تي هيءَ بندش، پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت پاران لڳائي وئي آهي، جنهن جي دعويٰ آهي ته اها ترقي پسند، جمهوري ۽ سوشلزم جي علمبردار پارٽي آهي.“

”سوچڻ جهڙيون ڳالهيون گهٽيئي آهن. هاڻي ڏسجي ٿو ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي رسالا آهن، جي سنڌ اندر صرف ڪجهه سوَ ماڻهن تائين پهچن ٿا. ٻئي طرف سرڪار وٽ ڪوڙ ذريعا آهن، جن ذريعي، سرڪار جا نظريا ۽ پيغام، ڏهاڙي سنڌ اندر ڪروڙ ڪن ماڻهن تائين پهچندا رهن ٿا.“

”ها، حڪومت وٽ پنهنجيون ۽ پنهنجي پارٽيءَ جون روزانيون اخبارون ۽ هفتيوار ۽ ماهوار رسالا آهن، جي لکن ڪروڙن جي ڳاڻاٽي ۾ ماڻهو ڏهاڙي پڙهن ٿا. ملڪ جون ٻيون اخبارون ۽ رسالا پڻ حڪومت سان همنوا آهن. ان کانسواءِ سرڪار وٽ اطلاعات جو پورو کاتو پروپيگنڊا ۽ پيغام پکيڙڻ لاءِ آهي. تنهن کانسواءِ ريڊيو ۽ ٽيليويزن سارو ڏينهن هلندا رهن ٿا.“

”اهي اخبارون، رسالا، ڪتاب، ريڊيا، ٽيليويزنون ۽ اطلاعات جو کاتو، سرڪار جي نظريي جو پرچار ڪندا رهن ٿا. مختلف پروگرامن ۾ ان پر چار کي ورجايو وڃي ٿو. اخبارن جي خبرن، خطن، ايڊيٽوريلن ۽ ڪالمن ۾ اهائي ساڳي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. اهڙي ريت ريڊيئي ۽ ٽيليويزن جي خبرن، تبصرن، پس منظر، ڳوٺاڻي ڪچهري، زرعي پروگرام ۽ پرڏيهي سروس وغيره ۾ حڪومت پنهنجي نظريي کي دهرائيندي رهي ٿي، ۽ هر ٻوليءَ جي پروگرام ۾ دهرائيندي رهي ٿي: سنڌي، پشتو، بلوچي، پنجابڪي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾.“

”ها سائين، ڳالهين کي ايترا گهمرا ورجايو وڃي ٿو، جو ساڳي ڳالهه ٻڌي ٻڌي، ڪن پچيو پون.“

”وٺو ڳالهه جي ڳاڻي کي ته مقابلو آهي هڪ طرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي رسالن، جن جا پڙهندڙ فقط ڪي سوَ آهن ۽ ٻئي طرف سوين اخبارن ۽ رسالن، ريڊيئي ۽ ٽيليويزن جي وچ ۾، جن جا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ سنڌ ۾ ٻه ڪروڙ ڏيڍ ڪروڙ ڪن آهن. هاڻي حڪومت جي چوڻ موجب جي سنڌيءَ جا اهي ڪجهه رسالا اهڙي نظريي جو پرچار ڪن ٿا، جو حڪومت

جي نظريي جي ابتڙ آهي، تہ پوءِ ان حالت ۾ ان ذريعي جو اثر وڌيڪ هجڻ کپي جو ڪڏهن ڪڏهن ڪن سَوَنِ ماڻهن تائين پهچي ٿو يا انهن ذريعن جو جي ڪروڙن ماڻهن تائين ڏينهن رات پهچندا رهن ٿا؟"

"بابا، ڪنهن ڳالهہ جو اثر گهٽي چوڻ ۽ گهڙي گهڙي چوڻ ڪري ڪونہ ٿيندو آهي، پر اثر سچيءَ ڳالهہ جو ٿيندو آهي. مونکي پڪ آهي تہ اسان جا رسالا بند ڪندڙن جون دليون ڪاڏل آهن. هنن جو ضمير صاف ناهي، هنن کي احساس آهي تہ هنن جو آواز، عوام جو آواز نہ آهي، ان ڪري هو انهن کي ڪيئن سهي سگهندا، جي سچ جو ۽ عوام جو آواز اثارين ٿا. پوءِ چاهي اهو آواز ڪٿي ڪيترو بہ جهيڻو ڇو نہ هجي. هو ڪمتريءَ جي احساس جو شڪار آهن، هو هر وقت شڪست جي خوف ۾ رهن ٿا. هنن کي خبر آهي تہ سچ جو آواز ماڻهو هڪدم جهٽي وٺندا، ان تي سوچيندا ۽ سجاڳ ٿيندا."

"ايتريون سهوليتون هوندي بہ هو منفي رويو اختيار ڪن ٿا. اهو سندن شڪست جو اعتراف آهي. ورنہ هنن کي ڪرڻ ائين گهرجي، جو ڪتابن کي ضبط ڪرڻ بدران، انهن ۾ اُٿاريل سوالن ۽ ڪڙا ڪيل مسئلن جو دليلن سان جواب ڏئي عام آڏو پيش ڪن ها، جئن ماڻهن کي ٻئي رخ سامهون هجن ها، ۽ هو پاڻ فيصلو ڪن ها تہ ڪير سچ تي آهي."

"ادل، اهو سوال بہ سوچڻ جهڙو آهي تہ ڇا اسانجي ملڪ ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڪارائتا آهن؟ ڇا عوام لاءِ انهن ۾ دلچسپ، معلوماتي ۽ تنقيدي پروگرام ڪافي شامل آهن؟ ڇا ماڻهو اهي شوق سان ٻڌن ۽ ڏسن ٿا؟"

"انهن تي ڪن خاص شخصن جي واڪاڻ ۽ ڪن خاص نظرين جي تبليغ ڪئي وڃي ٿي، ۽ حڪومت جي هر قدم کي سچ تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي، ۽ ساڳي واڪاڻ ۽ ساڳي تبليغ بار بار دهرائي وڃي ٿي، هزار بار دهرائي وڃي ٿي. ساڳي ڳالهہ خبرن تبصرن، ڳوٺاڻي پروگرام زرعي پروگرام، ساڳئي ئي ڏينهن تي بہ هر هر پيا ورجائيندا ۽ سڀني ٻولين يعني سنڌي، پنجابڪي، پشتو، بلوچي، انگريزي، اڙدو ۽ ٻين ٻاهرين زبانن ۾ پيا ورجائيندا. ان ڪري گهٽا ٻڌندڙ بيزار ٿي، اهڙا پرگرام ٻڌڻ ئي ڇڏي ٿا ڏين."

"مذهبي پروگرام، جهڙوڪ: ديني تعليم، مولود، وعظ، صراط مستقيم، قواليون، نعتون، تفسير وغيره گهٽا ماڻهو ٻڌڻ پسند ڪونه ڪن. ريڊيو هلندي اهڙو پروگرام شروع ٿيندو ته ريڊيو بند ڪري ڇڏيندا، يا سُئي ڦيرائي ڪو راڳن جو پروگرام کوليندا."

"ائين به ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو ديسي فلمي گانن کان هندستاني فلمي گانا، وڌيڪ پسند ڪن ٿا. انڪري جي ڪنهن به وقت 'ريڊيو سلون' يا 'آل انڊيا ريڊيو' تي گانن جو پروگرام هوندو آهي ته اهو ٻڌندا آهن، ۽ ڪا ديسي اسٽيشن کولڻ جي تڪليف ئي ڪونه ڪن."

"هتي ريڊيو تان ته هندستاني گانا وڄائڻ تي بندش پيل آهي. پر ماڻهو شادي وهانءُ جي موقعن تي، هوٽلن ۾ ۽ پنهنجي گهرن ۾ گهڻو ڪري هندستاني گانا ٻڌندا آهن. اهڙين ڳالهين کي قانوني بندشن ذريعي ڪٿي ٿو روڪي سگهجي."

"هندستان جي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان سنڌي پروگرام جو وقت هوندو آهي ته گهٽا سنڌي اهوئي ٻڌن ۽ ان وقت هتي جي ڪا اسٽيشن کولڻ پسند ڪونه ڪن. اهي پروگرام هنن کي وڌيڪ وڻندڙ ۽ معلوماتي لڳندا آهن."

"اهڙي طرح پنجاب ۾ جتي به هندستاني ٽيليويزن نظر اچي سگهي ٿي، اتي ماڻهو پاڪستاني ٽيليويزن ان وقت ڏسن ئي ڪونه."

"اهڙي طرح پناڻ، خبرون ۽ راڳ ٻڌڻ واسطي 'ڪابل ريڊيو' ٻڌڻ چاهيندا آهن."

"اهو به ڏٺو ويو آهي ته هتي جڏهن ڪي خاص واقعا ٿين ٿا، يا غير معمولي حالتون پيدا ٿين ٿيون ته ان جون پوريون خبرون پنهنجو ريڊيو ڪونه ڏيندو آهي، جيتوڻيڪ ماڻهو ان باري ۾ خبرون ڄاڻڻ لاءِ بيحد بيتاب ۽ پريشان هوندا آهن. پوءِ ماڻهو مجبور ٿي، ٻاهرين ملڪن جو ريڊيو: 'بي. بي. سي'، 'وائس آف آمريڪا'، 'آل انڊيا ريڊيو'، ۽ 'ريڊيو ڪابل' وغيره ٻڌندا آهن."

"ان حالت ۾ اجايا افواه به پکڙجندا آهن."

"۽ ٻاهر وارا ريڊيا اڪثر ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪري ٻڌائيندا آهن."

”هاڻي وري ٽيليويزن تي اڻ پڙهيلن کي پڙهائڻ لاءِ سبق ڏيڻ شروع ڪيا اٿن. هڪڙو ته اڻ پڙهيل ايترو غريب ٿا ٿين، جو هنن وٽ ٽيليويزن ٿئي ئي ڪانه، تنهن ڪري اهڙا سبق هنن تائين پهچي ڪونه سگهن. ٻيو ته اڻ پڙهيل گهڻو ڪري ٻهراڙي جا رهاڪو ٿا ٿين، سي وري آهن سنڌي. هي وري سبق ڏين اڙدوءَ ۾. هاڻي ٻڌايو ته اهڙي پروگرام جو مقصد ڇا؟“

”ها ڀائو، سرڪار کي نئين سر سوچڻ گهرجي ته ريڊيئي ۽ ٽيليويزن تي ايترو خرچ ٿئي ٿو، انهن مان ايترو لاڀ به ٿئي ٿو يا نه؟“

”مون تازو ٽي-ويءَ تي هڪ ڊرامو ڏٺو. ان جي ڪهاڻي بلوچي هئي، ماحول بلوچي هو، لباس ۽ رهڻي ڪرڻي بلوچي هئي، رسمون ۽ روايتون بلوچي هيون، سڀ ڪجهه بلوچي هو، پر ڪردار ٻولي اڙدو ڳالهائي رهيا هئا. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ته . . . .“

”هايار، مون به اهو ناٽڪ ڏٺو هو. واقعي ٿي اهو اڙدو ٻوليءَ جو ڪمال آهي، جو ٻيرن ۾ ٻير پيدا ڪيو ڇڏي.“

”ها، پر اهي ٻيرن جي ڪنڊن ۾ زوريءَ ٽنبيا وڃن ٿا. هي ٽنبيل ٻيرسڪي سڙي، ڪري پوندا آهن.“

”اسين ٻيرن ۾ ٻير ٽنبڻ وارا نه آهيون. اسين حقيقت پسند آهيون. اڇو ته ڪچهريءَ جي ڪاروائيءَ جو مهورت ڪريون، شاهه لطيف جي شعر سان!“□

(١- ڊسمبر ١٩٧٧)

بي وقتي بانگ

"يائو، مان هوء جاء ڇڏي آيس ۽ لطيف آباد ۾ ٻي جاء اچي مسواڙ تي ورتي اٿم."

"اڙي زورآور، تو اها وَسَ جهڙي جاء ڇو ڇڏي؟ ان جي مسواڙ به مناسب هئي، پاڙو به ڀلو هو ۽ تنهنجي آفيس جي ويجهو به هئي."

"بس يائو، ڳالهه ئي نه پڇ. نه رڳو آفيس کان ڪجھ پري ٿي ويس، پر مسواڙ به ٻيڻي آهي ۽ ڊپازٽ به چوٽي ڏيڻي پئي."

"پوء توکي ڪهڙي لاچار ڪئيو؟"

". . . . هي مسيت جي لائوڊ اسپيڪر تان هن وقت ڪهڙو آواز شروع ٿي وي، هيتري رات لڙڻ ڪان پوء؟"

"انهن ملن کي نه جهل آهي نه پل. نه ڏسن سرڪاري قانون ۽ نه انساني اخلاق."

"سنجيده قسم جا عالم ائين نه ڪندا. اهي ڪم آهن نڙڪو ۽ اڌ پڙهيل ملن ۽ ٻانگن جا."

"سرڪار وري وري پئي اعلان ۽ چتائي ڪري ته مسيت جو لائوڊ اسپيڪر فقط ٻانگ ۽ جمعي جي خطبي لاء ڪتب آندو وڃي، پر هي اڌ پڙهيل مُلا ۽ ٻانگا، جنهن وقت وڻين وعظ، تقريرون ۽ مولود شروع ڪريو ڇڏين. رات جو اڌ اڌ رات تائين ائين ڪندا رهن ۽ پرڀات کان اڳ وري شروع ٿيو وڃن. هاڻي ته ڪئسيٽ نڪري پيا آهن، سي چاڙهيو ڇڏين ۽ پاڻ وڃي آرام سان سمهيو رهن. اوڙي پاڙي وارن لاء جسماني هاڃو ۽ ذهني عذاب آهي، پر مذهب جو مامرو سمجهي، بيزار هوندي به، ڪجھ ڪيي نه ٿا سگهن."

"زوردار آواز ۽ اوجاڳا ماڻهن جي صحت برباد ڪري رهيا آهن."

"هي نڙڪو ۽ اڌ پڙهيل ٻانگا، ٻانگ جي ستيا به ناس ڪيو ٿا ڇڏين. تو ان طرف ڌيان ڏنو آهي الائي ڪونه ته هنن جي ٻانگ جو لهجو اهڙو هوندو آهي، ڄڻ ڀار پيا ڪڍن. جي ٻانگ نعرو يا سڏ آهي ته ان جو آواز اتساهه

پيدا ڪندڙ، جوش ڏياريندڙ، ۽ دل ۽ دماغ ۾ پيهي ويندڙ هجي، مختصر هجي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ هجي. ٻانگ اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي جا سمجهه ۾ ڪانهه ٿي اچي، ۽ ٻانگ ڏيڻ ۾ ايتري دير ڪن ٿا، جو ٻڌڻ وارن لاءِ صبر جو امتحان بڻجيو پوي."

"توکي ياد هوندو تہ هڪ سياسي هلچل جي حصي طور، مسيتن ۾ بي وقتيون ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيو ويون هيون. ان دوران بہ اوڙي پاڙي جو آرام قتل رهيو."

"اڄ پڙهيل ملن جي هٿ ۾ مذهب جو ڪاروبار رهيو تہ نتيجا اهڙائي نڪرندا."

"ڪجهہ وقت اڳ، هرڪو مُلو پنهنجي مسجد جي لائوڊ اسپيڪر تان پنهنجي فرقي جو پرچار ڪندو هو ۽ ٻين فرقن کي ننديندو هو: بريلوي ديوبنديءَ کي، سُني شيعي کي، وهابي قبر پرست کي ان ڪري ڏاڍا جهيڙا ۽ خونريزيون ٿيون. پوءِ سرڪار کي اهڙين تقريرن تي بندش وجهڻي پئي ۽ مسيتن جي لائوڊ اسپيڪرن جو استعمال کي قدر گهٽجي ويو آهي."

"مان سمجهان ٿو تہ هي مسئلو جڏهن سرمائيدارن ۽ سيٺين جو اقتصادي مسئل تي ايرندو، تڏهن ان کي ڪافي ٻنجو اچي ويندو. اهو هن طرح تہ هاڻي بہ ڪجهہ ماڻهو مسيت جي پرسان گهر يا فليٽ خريد ڪرڻ يا مسواڙ تي وٺڻ ڪان لهرائن ٿا. جڏهن اهو لاڙو وڌيڪ ڇنو ٿيندو، تڏهن دولتمند ۽ سرمائيدار جي ڪروڙ خرچ ڪري، وڪري يا مسواڙ واسطي بنگلا ۽ ست ست اٺ اٺ ماڙ عمارتون اڏائين ٿا، سي ڏسندا تہ لائوڊ اسپيڪرن ڪري ماڻهو اهي جايون نہ ٿا وٺن تہ هنن جا ڪن کڙا ٿيندا. پوءِ هو يا تہ مُلي جو کيسو پري هن جو وات بند ڪرائيندا. پر ائين بہ دائمي طرح قصو نہ هلندو، انڪري هو سرڪار ۾ اثر رسوخ هلائي، لائوڊ اسپيڪرن بابت سختيءَ سان پورو عمل ڪرائيندا."

"پائو، بهرحال، پنهنجي ملڪ ۾ رات جي منڙي ننڊ ۾ بہ شيون رخنو وجهن ٿيون. هڪڙو مڇرن جي ڪنن ۾ چڙ ڏياريندڙ ڀُون ڀُون ۽ زهريلا چڪ، ۽ ٻيو لائوڊ اسپيڪرن تي مُلن جا آواز."

"۽ ٻنهي شين ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي."

"هاڻي وقت اچي ويو آهي جو اسين اهو سوچيون ته مسيتن کي فقط عبادت لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي، پر ان مان ٻيا ڪم به ورتا وڃن."

"اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. اسلام جي شروعاتي دور ۾ به مسيتن ۾ تعليم ڏيڻ، عدالت جا فيصلا ڪرڻ ۽ ٻين مقصدن واسطي ڪتب آندو ويندو هو."

"هينئر اسانجي ملڪ ۾ جڳهن ۽ عمارتن جي اڻاٺ آهي، ۽ مسيتون خالي رهن ٿيون. ان ڪري گهرج ان ڳالهه جي آهي ته مسيتن کي صحيح نموني استعمال ڪيو وڃي. مثال طور اسڪولن جون جڳهيون گهٽ ۽ سوڙهيون آهن. خاص ڪري ڳوٺن ۾ ته اسڪول جي جاءِ نه هجڻ ڪري يا ڊٺل يا ڪرڻ جي حالت ۾ هجڻ ڪري، ٻارڙن کي کليل ميدان تي يا وڻن هيٺان پڙهڻو پوي ٿو. ڪجهه ڳوٺن ۾ ته اهڙا حادثا به ٿيا آهن، جو ڪلاس هلندي، معصوم شاگردن مٿان اسڪول جي پراڻي ڇت ڪري پئي ۽ ڪيترا ٻار موت جو شڪار ٿيا."

"شهرن ۾ تعليم لاءِ جڳهه جو وڏو مسئلو آهي. ڪيترن اسڪلون ۽ ڪاليجن ۾ ڊبل شفٽ هلي ٿي ته به پورت ڪانه ٿي پوي."

"شهرن ۾ وڏيون وڏيون، عاليشان عاليشان، ڪشاديون ڪشاديون عمارتون مسجدن جون ٺهي آهي، جتي شاگرد آرام ۽ آسانيءَ سان پڙهي ٿا سگهن."

"ڳوٺن ۾ ته به جڳهيون ٺهي پڪيون، بلند ۽ عاليشان نظر ايندي يون: هڪڙي وڏيري جي حويلي ۽ ٻي مسيت. بهرحال هن وقت ان تي ٻيو بحث ڪونهي. بحث آهي ته مسيتن کي ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڇو نه ڪجي؟"

"تعليم ڪانسواءِ، مسجدون ڪورٽ طور استعمال ٿي سگهن ٿيون، جج ڪيس اتي هلائين. راڄوٽي فيصلا به اتي ڪري سگهجن ٿا."

"پنگتي ۽ ادبي ميڙن لاءِ به اها موزون جڳهه آهي. شادي ۽ نڪاح جو جشن اتي ملهائي سگهجي ٿو. اهڙو جشن ملهائڻ لاءِ ماڻهن کي وڏو مسئلو درپيش ايندو آهي، خاص ڪري شهرن ۾. ڪا جڳهه ڪانه ملندي اٿن. يا وڏي مسواڙ تي ڪو پبلڪ هال هٿ ڪندا آهن، يا شاميانن جا شاهي خرچ ڀريندا آهن، يا هوٽلن جو ڳاٽي ڀڳو بل."

"مسجدن ۾ لئبريون ۽ پبلڪ ريڊنگ رومس به کولي سگهجن ٿيون ۽ ادبي ڪچهريون ڪرائي سگهجن ٿيون."

"ائين به هيڏيون وڏيون مسجدون صفا خالي رهن ٿيون. اهي آهن ته نماز واسطي، پر نمازي ٿهن ڪونه. مون ته ڏٺو آهي ته جنهن مسيت ۾ ٻه هزار نمازين جي گنجائش هوندي، اتي نماز وقت ويهه جماعتي به مشڪل سان ايندا آهن."

"مستين ۾ نمازي لين ڪونه. باقي نين نين مسيتن ٺهڻ جي ڏمر لڳي پئي آهي."

مون وٽ ته هاڻ جيڪو مسيت جي تعمير لاءِ چندو وٺڻ ايندو آهي ته هن کي چوندو آهيان ته پهرين اڳ ۾ ٺهيل مسيتون ته آباد ڪريو، پوءِ نيون ٺهرايو."

"گهڻن ماڻهن مسجدن کي ڪمائيءَ جو ذريعو ڪري ٻڌايو آهي. ڪنهن پلاٽ تي قبضو ڪرڻو هوندن ته ان تي مسجد ٺهرائيندا. ساڀ هڪ پاسي ۾. پوءِ باقي پلاٽ تي مسجد جي نالي ۾ دڪان ۽ جايون ٺهرائي، انهن تان پڳڙيون، ڊپازٽ ۽ ائڊوانس وٺي پنهنجي ڪتب آڻيندا. مسواڙ جي ڏيتي ليتيءَ ۾ گهوٻيون هڻندا. يا ان مسجد جا پيش امام ۽ متولي ٿي پنهنجو ڏنڊو ڪندا. مسيت جي اڏاوت ۽ هلائڻ لاءِ چندا وٺندا رهندا. اهي ڪم به هندستان مان آيلن هتي شروع ڪيا."

"ها، جهڙي طرح هنن ڇڏي ويلن جي ٻين ملڪيتن ۽ جائدادن تي قبضو ڪيو، اهڙي طرح هنن جي مذهب جاين تي به قبضو ڪرڻ خاطر اتي مسيتون ناهڻ شروع ڪري ڏنائون."

"هنن ته سڄو ملڪ مسيت ڪري ڇڏيو آهي!"

"يائو، ائين ته نه چئو. پوءِ مان جو هيڏو نقصان برداشت ڪري ۽ سهوليتون ڇڏي، اهڙي جاءِ اچي ورتي آهي، جنهن جي ويجهڙ ۾ ڪا مسيت ڪانهي، ان مان ڇا حاصل ٿيندو؟ ❑

ماضيءَ جا بت

"مولويءَ کي ڇا تي ڪاوڙايو اٿئي؟"

"هن جي ڪاوڙ منهنجي لاءِ اهو ثبوت آهي ته مون جيڪي چيو آهي، سو سؤ في سيڪڙو سچ آهي ۽ تير نشاني تي لڳو آهي. پر ٻه ڇيائين ڇا پئي؟"

"ڇيائين پئي ته نئين ٻر نه ادب رهيو آهي نه اخلاق، نه تميز ۽ نه ايمان. ان سان گڏ توتي ڪفر جي فتوا به پئي ڪڍيائين."

"توکي خبر آهي ته هنن ماڻهن ادب، اخلاق، تميز ۽ ٻيا اهڙا اصول ڇو گهڙيا آهن؟ هنن کي دل جي گهراين ۾ احساس هوندو آهي ته هنن جون ڳالهيون جهالت ۽ حماقت سان ڀريل هونديون آهن. هو انهن جو سچو جواب ٻڌڻ نه ٿا چاهين. هنن ۾ سچ ٻڌڻ جي همت ڪانهي. هو اسان جهڙن کي سچ چوڻ کان روڪڻ گهرن ٿا. ان ڪري اهڙا هٿ ٺوڪيا اصول ٺاهيا اٿن ته بزرگن سان بحث ڪرڻ بدتميزي آهي، عالمن ۽ مولوين جي ڳالهين جو رد ڏيڻ بي ادبي آهي، پيرن فقيرن سامهون چپ چورڻ بد اخلاقي آهي."

"مان پاڻ سوچيندو آهيان ته هي ملا ۽ مولوي ابوجهن ۽ اڻ پڙهيلن کي ٻڌائيندا آهن ته خدا ۽ رسول جي اکيون ٻوٽي اطاعت ڪجي. پوءِ هنن کي خدا ۽ رسول جي نالي ۾ پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ٻڌائيندا ۽ بيوقوف بنائيندا آهن. اهو مذهب جي ٺيڪيدارن جو دستور آهي ته خدا ۽ رسول جي نالي ۾ پنهنجون هٿ ٺوڪيل ڳالهيون ڪن، جئن هرڪو لاجواب ٿي وڃي ۽ ڪنهن کي به اختلاف جو موقعو نه ملي."

"ساڳي طرح ماڻهن تي رعب رکڻ ۽ چپ ڪرائڻ لاءِ چوندا آهن ته قرآن ۾ هيئن فرمايل آهي يا حديث ۾ هن ريت چيل آهي. ائين چوڻ جو مطلب هوندو آهي ته ڪوبه ان ڳالهه جو رد نه ڏئي ۽ نه دليلبازي ڪري ۽ نه پنهنجو عقل هلائي. اهڙي حالت ۾ جيڪي قرآن ۽ حديث مان اڻ واقف هوندا آهن، يا جديد علمن جو اڀياس ڪونه هوندو اٿن يا دل ۽ دماغ جا ڪمزور

هوندا آهن يا مصلحت پسند هوندا آهن، سي ماٺ به ڪري ويندا آهن."

" هن ماحول ۾ ان معاملي تي منهن تي سچ ڦهڪائي ڏيڻ لاءِ وڏي دليري تي کپي."

"ٻي هڪ ڳالهه تو به ڏٺي ۽ محسوس ڪئي هوندي ته اسلام ۾ جيڪي ٻاهتر يا ٻه سؤ فرقا آهن: سني، شيعا، وهابي، حنفي، ديوبندي، شافعي، نقشبندي وغيره وغيره، انهن جي عقيدن ۾ وڏا وڏا اختلاف آهن ۽ ڪن حالتن ۾ ته عقيدا هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. پر هر هڪ فرقو پنهنجا عقيدا يا اصول قرآن جي سند سان سچا ثابت ڪري ٿو. ان ڪري هاڻي نه جيڪڏهن ڪو پنهنجي فرقي يا ان فرقي جي ڪنهن عقيدي کي قرآن مان حوالو ڏئي سچو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته مان نه مرعوب ٿيندو آهيان ۽ نه متاثر. مان اهڙي شخص کي جاهل سمجهندو آهيان يا منافق."

"اصل ۾ عقيدي جو تصور به ان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ته جيئن ماڻهو نه پنهنجو عقل استعمال ڪن، نه آڏي پڇا ڪن نه تنقيد ڪن ۽ نه سوچ ويچار جا هيراڪ ٿين."

"هڪ اديب ۽ هڪ مولويءَ ۾ اهو فرق آهي ته اديب يا دانشور پنهنجي دماغ مان سوچيل يا تخليق ڪيل ويچار ۽ نظريا ۽ فيصلا ٻڌائيندو آهي، پر ملو يا مولوي هر ڳالهه ڪنهن ٻئي جي حوالي سان ڪندو آهي، جڻ ته ڪيس پنهنجو دماغ آهي ئي ڪونه. مثال طور هو چوندو قرآن ۾ هنيئن چيل آهي، حديث ۾ هن طرح آيل آهي، فلاڻي نبيءَ هي فرمايو آهي، فلاڻي محدث جو هي قول آهي، فلاڻي وليءَ جو فلاڻو ارشاد آهي."

"اديب ۽ دانشور به ڪڏهن فيلسوفن ۽ دانائن جو حوالو ڏيندا آهن، پر اهو پنهنجي ويچار جي پٺڀرائي ۾ هوندو آهي ۽ اهڙو حوالو عقل ۽ دليل جي ڪسوٽيءَ تي پرکي سگهبو آهي."

"اڳيئون وڏن ۽ بزرگن جو ادب ڪرڻ جي ڳالهه پئي ڪئيسين. مان سمجهان ٿو ته ان روايت ڪري پيءُ ماءُ ۽ اولاد جي وچ ۾ ادب ۽ حياءَ جا اجايا پردا ڪڙا ڪيا ويا آهن. ان جو مطلب آهي ته پٽ پيءُ سان کهرو يا بي تڪلف نه ٿئي. ان ڪري هو پنهنجي دل جي ڳالهه هن سان سلي نه ٿو

سگهي. جيتوڻيڪ هجڻ ائين کپي ته پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ دوستيءَ جو ناتو هجڻ کپي. پلا ان کان هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجها ڪير ٿي سگهن ٿا. پر قصو ابتو آهي. مثال طور پٽ کي ڪنهن ڇوڪريءَ سان پيار آهي ته هو پنهنجي ان پيار جون ڳالهيون پنهنجي دوست کي ته ٻڌائي ٿو، پر پنهنجي پيءُ سان اهڙي ڳالهه ڪري نه ٿو سگهي. جي پيار ۾ ڪو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته هو ڏاڍو پريشان ٿئي ٿو، وري ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هو دوست کي ته همراز بنائي ٿو ۽ هن کان مدد وٺي ٿو، پر پيءُ کي وچ ۾ نه ٿو آڻي، پاڻ هو ڪوشش ڪري ٿو ته پيءُ کي اها خبر نه پوي.“

”اهڙا ادب، عزت، اخلاق ۽ تقدس جا نظريا جاگيرداري دور جي پيداوار آهن. پرمارن ۽ جاگيردارن پنهنجي وجود قائم رکڻ لاءِ اهي اصول بنايا ۽ مقدس هستيون ايجاد ڪيون. جڏهن طبقاتي سماج ختم ٿيندو تڏهن اهو سڀ ڪجهه پاڻ‌ـ ادو ميٽجي ويندو.“

”انهن مقدس هستين اسان کي ذهني طرح اهڙو غلام بنائي ڇڏيو آهي جو ان مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ الائي ڇا ڇا ڪرڻ پوندو، الائي ڪيترو وقت لڳندو.“

”وڏن کي هرو ڀرو عزت ڏيڻ ۽ بزرگن کي هرپرو مٿاهون سمجهڻ ذريعي اسان کي ماضي پرستيءَ جي سکيا ڏني وڃي ٿي، اهڙي طرح ننڍي هوندي ئي اسان جي ذهن ۾ اهو ٻج ڇٽيو ٿو وڃي ته اسين سمجهڻ لڳون ته اڳ کان هلندڙ جاگيرداري نظام سٺو آهي. وڏا ۽ بزرگ سدائين ماضيءَ کي ساراهيندا ۽ حال کي لوئيندا آهن، جيتوڻيڪ حقيقت ان جي ابتڙ آهي. پنجاهه سال اڳي جڏهن اسان جا وڏا ننڍا هئا، تڏهن اهي سک، سهولتيون ۽ ترقيون ڪٿي هيون، جي اڄ اسان کي آهن. اسان جي ڳوٺ ۾ ئي ڏس: پڪا رستا، بجلي، ٽيليفون، سئينما، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٻيا اهڙا هزارين زندگيءَ جا سک آهن. اهي اسان جي ابن ڏاڏن کي سندن ننڍپڻ ۾ ڪٿي ميسر هئا. باقي هو واءِ ويلا مچائن ٿا اخلاق جي، سو اخلاق هر دور ۾ الڳ ٿيندو آهي. اخلاق جا ماپا هر دور ۾ جدا جدا ٿيندا آهن. جاگيرداري دور جو اخلاق ٻيو ٿيندو آهي، صنعتي ۽ سرمائيداري دور جو ٻيو. شهر جي تهذيب ۽ ڳوٺ جي تهذيب ۾ فرق ٿيندو آهي. سائنسي ترقيون به اخلاق ۽ تهذيب کي نئين رنگ ۾ آڻي

چڙ ڏينديون آهن. تعليم پڻ اخلاقي قدرن ۾ تبديلي آڻيندي آهي.“

”ها، مون تو کان پڇيو هو تہ مولوي توتي ڇو ڪاوڙيو آهي؟“

”انهن ٿي ڳالهين تي. اوطاق ۾ وينا هئاسون، مون ٻئي همراهہ سان پٺي ڳالهايو ۽ هن زماني ۾ سائنس جي ڏنل سکن، سهوليتن ۽ ترقين جي پٺي ڳالهہ ڪئيسين تہ مولوي وچ ۾ ٽپي پيو ۽ لڳو ماضيءَ کي ساراهڻ ۽ حال کي لوڙڻ. ڳالهائيندي ڳالهائيندي چوڻ لڳو تہ توهان تہ پڏو ٿا اهڙن سائنسدانن تي جيڪي انجڻ جي زور تي هوائي جهاز اڏائن ٿا. پراڃ کان چار هزار سال اڳ فلاڻو نبي، بنا انجڻ جي فقط ڦوڪ سان هوائي جهاز اڏائيندو هو. هاڻي اهڙي بيوقوفيءَ جي ڳالهہ ٻڌي ڪيئن نہ چڙ ايندي. سو مون چيو مانس تہ مولوي صاحب اهڙا حماقت ڀريا ڳپوڙا ۽ جهالت واريون ڏند ڪٿائون ويساهہ وسوڙل ۽ جاهل ڳوٺاڻن کي ٻڌائي رعب رکيو هوندءِ. مان پوري اعتماد سان تو چوان تہ اهو نبي جي هن دور ۾ اچي تہ هوائي جهاز تہ ٺهيو رکو بجليءَ جو بلب ٻرندي ڏسي تہ بہ عجب مان بيهوش ٿي وڃي. منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي مولوي منهن سجائي اٿي ويو.“ ❑

ٽون ٽون، مان مان

"ڀائو، ڇا ٿيو؟ پير تي پلستر چاڙهايو اٿئي؟"

"حادثي ۾ پير جي هڏي ڀڄي پيئي آهي."

"حادثو! ڪيئن ٿيو؟"

"ڪلاس ختم ٿيڻ تي، بس اسٽاپ تي اچي بيٺا هئاسين. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ڏنب هئا. هڪڙي رڪشا لنگهندي، مونکي ٽڪر هڻندي ويئي."

"مار ڀيسان! اڄڪلهه حادثا بي حد ڪان وڌي ويا آهن. مون کي به تنهنجي هڪڙي دوست ٻڌايو، سو پڇڻ لاءِ هڪدم ڀڄندو آيو آهيان."

"هن حادثي جي جاءِ تي، مونکي ٻيو تجربو پڻ ٿيو."

"ڪهڙو؟"

"هينئر اسين ڏسون پيا ته ماڻهو ٻولي، تهذيب ۽ اقتصادي فائدي جي بنياد تي فرقن ۾ ورهايل آهن. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ غير سنڌي شاگردن جي گهڻائي آهي، ان ڪري هو ان ڪي ترقي وٺائڻ تي وڌيڪ زور ڏين ٿا. شهرن ۾ غير سنڌي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا، ان ڪري هو شهرن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشان آهن. غير سنڌي، سنڌ يونيورسٽي يا ڳوٺن تي سرڪار طرفان وڌيڪ خرچ ڪرڻ تي ڪُرڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اتي سنڌي گهڻائيءَ ۾ آهن."

ها، سنڌي ووٽر گهڻو ڪري سنڌي اميدوارن کي ووٽ ڏين ٿا ۽ غير سنڌي ووٽر، غير سنڌي ميمبر چونڊن ٿا ۽ ڀيرازيءَ مان سنڌي ميمبر."

"زبان جي فسادن ۾ اڙدو ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ ٻٽ هئا؛ پوءِ مزور هو يا مالڪ، ڳالهه صحيح هجي يا غلط، پر اڙدوءِ وارا اڙدوءَ سان، سنڌي سنڌيءَ سان. مذهب کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني ويئي."

"غير سنڌي آفيسر گهڻو ڪري غير سنڌين کي نوڪريون ڏين ٿا، پوءِ ڇاهي انهن کان وڌي لياقت وارا سنڌي اميدوار موجود ڇو نه هجن."

"غير سنڌي پنهنجي تهذيب کي اوليت ڏيندا ۽ ان کي مٿاهون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، پوءِ ڇاهي اها تهذيب هتي ڌاري ۽ درٻاري ڇو نه هجي. هو سنڌي تهذيب کي ڪمتر ثابت ڪرڻ جا جتن ڪندا، پوءِ ڇاهي اها

پاڪستاني لکڻ سان، هڪ نموني قوميت جو لاڳاپو، وطن يا جاگرافيائي ايراضيءَ سان محسوس ٿئي ٿو.“

”ساڳي ڳالهه هيءَ آهي ته نالو ڪهڙو به ڏيو، قوم جي وصف بابت اختلاف يا قوم جي بنياد جي باري ۾ بحث مباحثا بيڪار آهن. اهو ان ڪري جو مقصد آهي ته ڌرتيءَ جي هڪ حصي ۾ رهندڙ انسان خوش، سکيا ۽ امن ۾ هجن. پوءِ ماڻهن جي ان مجموعي کي نالو ڪهڙو به ڏيو. هرويرو ضروري نه آهي ته ان کي قوم ڪوٺيو.“

”ها، هڪ ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو خوشحال، پُرامن ۽ ترقيءَ جي راهه تي هلندڙ هجن.“

”اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهو صدين کان، پيڙهين کان ساڳي ڌرتيءَ تي رهندڙ هجن.“

”ها، ڌرتيءَ جو رشتو، رت جي رشتي کان وڌيڪ سگهارو آهي.“

”رت جو رشتو به ڌرتيءَ جي محابي آهي. جي رت جي رشتي وارا، هڪ ٻئي گهر جي ڌرتيءَ تي رهندڙ نه هجن ته رت جو رشتو پڻ بي معنيٰ بنجي وڃي.“

”ماڻهو سک، صلح ۽ سلامتيءَ سان تڏهن رهي سگهندا، جڏهن هنن جي ٻولي ساڳي هوندي. هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم پرائي سگهندا. هو آفيسن ۽ ڪورٽن ۾ پنهنجي ٻولي ڪتب آڻي سگهندا.“

”انسان جو پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ سان ڳوڙهو ڳانڍاپو ٿئي ٿو. هن جا سورما اُهي آهن، جن سندس ڌرتيءَ خاطر قرباني ڪئي هوندي، سِرُ ڏنو هوندو، تڪليفون سٺيون هونديون. ٻين ديسين، ٻين ڌرتين جا سورما، هو دلي طور قبول ڪري نه ٿو سگهي. انهن واسطي هن کي اهو سياويڪ احساس ۽ جذبو جاڳي ئي نه ٿو سگهي، جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن واسطي پيدا ٿئي ٿو.“

”راجا ڏاهر سنڌين لاءِ سورمو آهي، پر ٻيا ان جو نالو به برداشت ڪري نه ٿا سگهن. پنجاب وارا جيڪو درجو راجا رنجيت سنگهه کي ڏين ٿا، اهو درجو، هن لاءِ، ٻين وٽ ڪونه ملندو.“

”ساڳيو حال شاعرن ۽ دانشورن جي معاملي ۾ آهي. اسان سنڌين واسطي لطيف سائين، وڏي ۾ وڏي هستي آهي. پڙهيل يا اڻ پڙهيل، هرڪو سنڌي

امن جي تلاش

"سائين! اڄ ڪاليج ۾ داخلا جي فارم ۾ قوميت وارو ڪالم پرڻ وقت مان منجهي به پيس ۽ ڪي ويچار به ويڙهي ويا."

"مسئلو ڪهڙو هو؟"

"گڏيل قومن جي نظريي يا مقرر ڪيل اصول موجب قوميت جو بنياد وطن، ٻولي سڀيتا ۽ تاريخ آهي. پر اهڙا به ملڪ آهن، جي قوميت جو بنياد مذهب تي رکن ٿا، جهڙوڪ: اسرائيل ۽ پاڪستان، جيتوڻيڪ هي ملڪ گڏيل قومن جا ميمبر پڻ آهن."

"پتو نه ٿو پوي ته اها ڪهڙي قسم جي سنستا آهي، جنهن جا ميمبر ان جي اصولن ۽ ٺهرائن کي مڃڻ لاءِ ٻڌل نه آهن. هندستان، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا ڪشمير جي باري ۾ ٺهراءَ ڪونه مڃيا، ۽ اسرائيل ساڳي ڪائونسل جي والاريل علائقن جي باري ۾ ٺهرائن کي ٺڪرائي ڇڏيو، جيتوڻيڪ ٻئي گڏيل قومن جا ميمبر آهن. اهڙي ريت ڏکڻ آفريڪا ۽ روڊيشا جون ٿورائيءَ واريون ڏاريون گوريون حڪومتون به گڏيل قومن جي ٺهرائن کي پٺي ڏيو ويٺيون آهن."

"بي اصولي، بيوسيءَ جي باعث ٿي سگهي ٿي."

"اسانجي ملڪ ۾ قوميت جو بنياد مذهب آهي. پر هتي ٻين مذهبن وارا به رهن ٿا، جهڙوڪ: هندو ۽ ڪرستان. انهن جي قوميت ڪهڙي ٿي؟"

"توکي خبر هوندي ته ڪاليجن ۽ سرڪاري آفيسن ۾ جيڪي درخواستن جا يا ٻيا فارم ڀرايا ويندا آهن، تن ۾ هڪڙو ڪالم 'قوميت' جو پڻ هوندو آهي. ان ڪالم ۾ 'اسلام' يا 'مسلم' نه لکيو ويندو آهي، پر پاڪستاني لکيو ويندو آهي. هندو ۽ عيسائي به ان ڪالم ۾ پاڪستاني لکندا آهن."

"جڏهن ته هتي قوميت جو بنياد مذهب آهي، ان ڪري ان ڪالم ۾ اسلام لکڻ گهرجي. پاڪستان ته جاگرافيائي ايراضي آهي ۽ نه مذهب جو نالو.

پاڪستاني لکڻ سان، هڪ نموني قوميت جو لاڳاپو، وطن يا جاگرافيائي ايراضيءَ سان محسوس ٿئي ٿو.“

”ساڳي، ڳالهه هيءَ آهي ته نالو ڪهڙو به ڏيو، قوم جي وصف بابت اختلاف يا قوم جي بنياد جي باري ۾ بحث مباحثا بيڪار آهن. اهو ان ڪري جو مقصد آهي ته ڌرتيءَ جي هڪ حصي ۾ رهندڙ انسان خوش، سکيا ۽ امن ۾ هجن. پوءِ ماڻهن جي ان مجموعي کي نالو ڪهڙو به ڏيو. هرويرو ضروري نه آهي ته ان کي قوم ڪوٺيو.“

”ها، هڪ ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو خوشحال، پُرامن ۽ ترقيءَ جي راهه تي هلندڙ هجن.“

”اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهو صدين کان، پيڙهين کان ساڳي ڌرتيءَ تي رهندڙ هجن.“

”ها، ڌرتيءَ جو رشتو، رت جي رشتي کان وڌيڪ سگهارو آهي.“

”رت جو رشتو به ڌرتيءَ جي محابي آهي. جي رت جي رشتي وارا، هڪ ٺي گهر جي ڌرتيءَ تي رهندڙ نه هجن ته رت جو رشتو پڻ بي معنيٰ بنجي ويجي.“

”ماڻهو سک، صلح ۽ سلامتيءَ سان تڏهن رهي سگهندا، جڏهن هنن جي ٻولي ساڳي هوندي. هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم پرائي سگهندا. هو آفيسن ۽ ڪورٽن ۾ پنهنجي ٻولي ڪتب آڻي سگهندا.“

”انسان جو پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ سان ڳوڙهو ڳانڍاپو ٿئي ٿو. هن جا سورما اُهي آهن، جن سندس ڌرتيءَ خاطر قرباني ڪئي هوندي، سِرُ ڏنو هوندو، تڪليفون سٺيون هونديون. ٻين ديسين، ٻين ڌرتين جا سورما، هو دلي طور قبول ڪري نه ٿو سگهي. انهن واسطي هن کي اهو سياويڪ احساس ۽ جذبو جاڳي ٺي نه ٿو سگهي، جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن واسطي پيدا ٿئي ٿو.“

”راجا ڏاهر سنڌين لاءِ سورمو آهي، پر ٻيا ان جو نالو به برداشت ڪري نه ٿا سگهن. پنجاب وارا جيڪو درجو راجا رنجيت سنگهه کي ڏين ٿا، اهو درجو، هن لاءِ، ٻين وٽ ڪونه ملندو.“

”ساڳيو حال شاعرن ۽ دانشورن جي معاملي ۾ آهي. اسان سنڌين واسطي لطيف سائين، وڏي ۾ وڏي هستي آهي. پڙهيل يا اڻ پڙهيل، هرڪو سنڌي

هن کي سمجهي سگهي ٿو ۽ هن تي فخر ڪري ٿو. پر غالب ۽ اقبال جا نالا به هنن واسطي اوپرا ۽ عجيب آهن. پر جن پرڳڻن يا ٻولين جا اهي شاعر آهن، انهن پرڳڻن يا ٻولين وارن لاءِ غالب ۽ اقبال هرويرو به وڏي شيءِ آهن، ۽ هو هرويرو به انهن کي لطيف سائينءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ڏيندا. اهوئي آهي زمين ۽ ٻوليءَ جو ناتو."

"بلڪ اقبال کي ته پنهنجي پرڳڻي جا عام ماڻهو به ڪونه سڃاڻن. اهوئي نتيجو آهي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ڇڏي، ٻي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو."

"ان ڪري سنڌ ۾ اقبال يا غالب کي اهميت ڏيڻ يا لطيف سائينءَ کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ، ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ڦڻن تي لوڻ ٻرڪڻ ۽ ڏاڍائي آهي، ۽ سنڌين جي دل آزاريءَ لاءِ بدترين حرڪت."

"سنڌيءَ کي هو جمالو ناچ، راڻو راڳ ۽ بينون موج ۾ آڻي ڇڏينديون. پر خٽڪ ناچ، لڏي ناچ يا قوالي هن جي دل جي تارن کي ايترو ڇيڙي ڪونه سگهندا."

"خٽڪ ناچ سرحد ۾ ٿو سونهي، لڏي ناچ پنجاب ۾ ۽ قوالي اجمير ۾، راڳ، رقص ۽ سازن جو به ڌرتيءَ سان اٽوٽ ناتو آهي."

"جيڪي ماڻهو روزگار جي تلاش ۾ يا ڪنهن ٻي مجبوريءَ ڪري پنهنجو ملڪ، پنهنجو ديس يا پنهنجو علائقو ڇڏي، ٻئي علائقي ۾ وڃي رهن ٿا ته انهن کي کپي ته اتي ان ڌرتيءَ جي ٻولي ۽ تهذيب اختيار ڪن. جي هنن ائين نه ڪيو ۽ پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب، ان علائقي ۾ مڙهڻ جي ڪوشش ڪين ته اها نهايت نامناسب ۽ غير سياويڪ حرڪت ٿيندي ۽ امن ۾ رخنو پوندو."

"اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ٻولي يا پنهنجي تهذيب لاءِ ايڏي محبت آهي ته پوءِ هنن کي واپس پنهنجي علائقي ۾ وڃڻ کپي."

"ان ڪري به هڪ پرڳڻي واري جو ڪنهن ٻئي پرڳڻي ۾ ڪوبه دائمي روزگار اختيار ڪرڻ يا اتي سدائين لاءِ آباد ٿيڻ وارو اصول صحيح نه ٿو ڏسجي. اهڙي عام اجازت نه هجڻ گهرجي."

"پاڻ ٿيڻ ائين گهرجي ته جي ماڻهو پنهنجو ملڪ يا پرڳڻو ڇڏي، ٻئي پرڳڻي ۾ وڃي رهيا آهن ۽ اتي پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب مڙهڻ تي ڪِتِ ڏيڻ ٿا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اتي جي اصلي رهاڪن جا نوڪرين، واپار، زمين ۽ ملڪيتن ۾ حق هڙپ ڪن ٿا، تن کي واپس پنهنجي ملڪ يا پرڳڻي ڏي موڪليو وڃي. ائين سڀئي ڌريون سک ۽ سلامتيءَ سان رهي سگهنديون.“

”مطلب اهو آهي ته زمين جي ڪنهن حصي تي رهندڙن کي نالو ڪهڙو به ڏيو، ڀلي هنن کي قوم نه ڪوٺيو، پر اتي ڌارين کي اچڻ نه ڏيو؛ اهڙا ڌاريا، جي پنهنجي ڌاري ٻولي اتي مڙهڻ چاهين، جي پنهنجي ڌاري تهذيب اتي مڙهڻ چاهين، جي ڌاريا نوڪرين ۽ واپار جي سلسلي ۾ اصلي رهاڪن جا حق ڦٻائين ۽ پرماريت ڪن.“

”ها، صلح، سلامتيَ ۽ سک سان رهڻ لاءِ اصليت، ساڳي ٻولي، ساڳي سڀيتا، ساڳي تاريخ، ساڳيو وطن هجڻ ضروري آهي.“ ❑

(٢٦ اپريل ١٩٧٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يھودي

"مان اصلي پريو بينو آهيان، گجڻ ٿو چاهيان"

"ڇو ڇا ٿيو آهي؟"

"اڄوڪي اخبار پڙهي اٿئي؟"

"الائي ڪهڙي اخبار؟"

"اڄوڪي يعني 17 ڊسمبر 1978ع جي ڊان؟" "اڇا ته ڪانه پڙهي اٿم. پر ٻه ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟"

"يهودين وري پاڻ کي واڪو ڪيو آهي"

"ڪهڙا يهودي؟"

"مان چوندو آهيان نه ته يهوديت ڪنهن مذهب جي پوئلڳيءَ جو نالو ناهي، پر اهو هڪڙي خاص قسم جي ذهنيت آهي. پڪ ڄاڻ ته منهنجي ان ڳالهه ۾ ذرو به وڌاءُ ڪونهي"

"يعني؟"

"يعني يهودي اهو آهي جنهن کي هڪڙي ملڪ، هڪڙي ديس، هڪڙي ڌرتيءَ تي ٽڪاءُ نه اچي يا اتان ٽڙيو وڃي. ڌاري ڌرتيءَ تي به هن جي جيون جو هڪڙوئي نظريو هوندو آهي ۽ اهو آهي پرماريت ۽ سامراجيت. ان واسطي هو اتي نوان نوان فتنا ڪندو آهي"

"ها، تو اها خبر پئي ٻڌائي"

"خبر اها آهي ته هتي يهودين هڪڙو ڪراچي صوبو محاذ ناهيو آهي، جو سنڌ کي ٽڪرا ڪري الڳ ڪراچي صوبو ناهڻ چاهي ٿو. اڄوڪي اخبار ۾ ان محاذ وارن ڪراچي صوبي جي حمايت ۾ بيان ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته جڏهن سياست تان پابنديون لهنديون، تڏهن هو ان واسطي باقاعدي ۽ ڀرپور سطح تي هلچل هلائيندا. هاڻي جڏهن هو لاهي پائي بيٺا آهن ۽ هو مسلمان نه پر يهودي آهن، تڏهن اسان کي به پنهنجي ماڻهن کي هينئر ئي صاف صاف

هن فتني کان خبردار ڪرڻ گهرجي ۽ هنن يهودين سان پڇڻ لاءِ تيار رهڻ جو چتاءُ ڏجي."

"يار چوين سچ ٿو. آهن هي پورا پورا يهودي. هنن ۽ يهودين جي ڪردار ۾ ڪو فرق ئي ڪونهي. هي ملڪ مذهب جي نالي تي ٺاهيو ويو، جهڙي طرح يهودين مذهب جي نالي ۾ اسرائيل جو ملڪ ٺاهيو. يهودي به قوميت جو بنياد مذهب تي رکن ٿا، اسرائيل جنهن جو اصل نالو فلسطين آهي ۽ جنهن جا اصل رهاڪو فلسطيني هئا، اتي 1948ع کان اڳ يهودي فقط ڏهه سيڪڙو هئا پوءِ ڌارين ملڪن جا يهودي اچي هتي زوريءَ آباد ٿيا، اهڙي طرح جرمني، رشيا، يورپ، آفريڪا ۽ ٻين ملڪن مان جيڪي يهودي ڌِڪاريا ويا سي هتي پهچي ويا ۽ پوءِ ٻيا يهودي به هتي سٽيو مال ملندو ڏسي هتي هليا آيا. ان ۾ هنن سان انگريز ۽ آمريڪي سامراجين جو ساٿ هو. نتيجو اهو ٿيو جو 1940ع تائين فلسطين (اسرائيل) ۾ هنن جي آدمشماري ڏهه سيڪڙي مان وڌي ستر سيڪڙو تي وئي ۽ 1948ع ۾ هو نوي سيڪڙو تي ويا. ان وچ ۾ هنن اتي جو اصل رهاڪن ۽ عرب فلسطينين تي ڏاڍايون ۽ ظلم شروع ڪري ڏنا ۽ هنن کي پنهنجو ديس ڇڏڻ تي مجبور ڪيائون"

"هتي به ته ائين ٿيو. ورهاڱي وقت هنن پناهگيرن اچڻ شروع ڪيو. اسان رحم کائي هنن کي پناهه ڏني، اسان سمجهيو هو ته جيئن مينهن پوڻ وقت، ڪچي جهوپڙيءَ وارا پرواري پڪي جاءِ ۾ اچي پناه وٺندا آهن ۽ مينهن ختم ٿيڻ تي موٽي پنهنجي جهوپڙيءَ وڃي وسائيندا آهن، سو هي به موٽي ويندا، پر هي ته هت کُپ کوڙي ويهي رهيا ۽ ٻين کي به هيڏي سڏائيندا رهيا. هنن به هتي جي اصلي رهاڪن هندن کي هتان ڪڍڻ لاءِ فساد ڪرايا ۽ گهڻن هندن کي ان ڪري پنهنجو اباڻو ديس ڇڏڻو پيو"

"پوءِ ته هنن پناهگيرن جي ٻيگهي مچي وئي. جنهن ملڪ مان به تڙيا وڃن ته ڏو اچيو هتي پهچن. اهڙي طرح هندستان، يوگنڊا، بنگلاديش، برما، ويتنام يا ٻيو جتان به نيڪالي ملين ٿي ته اسلام جي نالي ۾ اچيو هتي ٿي پهتا"

"جيئن فلسطين ۾ ڪافي تعداد ۾ يهودي اچي ويا ته هنن فلسطين کي ٽڪرا ڪري پنهنجي جدا رياست قائم ڪرڻ جي ڳهر ڪئي، صفا ساڳئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني ۾ جيئن هتي وارا پناهگير پنهنجو تعداد هڙرادو نموني وڌائي، سنڌ کي ٽڪرا ڪري پنهنجو ڪراچي صوبو بنائڻ چاهين ٿا.“

”يهودي، فلسطين تي اتي جي اصلي ٻولي عربيءَ کي ريٽي پنهنجي عبراني ٻولي مڙهي ۽ فلسطينن جي زمينن ۽ ملڪيتن تي قبضو ڪيو، صفا ساڳئي نموني هتي پناهگيرن اسان تي پنهنجي اردو ٻوليءَ ٿاڦي آهي ۽ اسان جون جايون، جائدادون، ڪارخانا ۽ زمينون ڦٻايون آهن.“

”اصل ۾ اسان لڏپلاڻ قبول ئي ڪانه ڪئي هئي. لاهور جي پاڪستان واري ٺهراءَ ۾ لڏپلاڻ جو ذڪر ئي ڪونه هو. اها لڏ پلاڻ نه ٿئي ها ته نئون ملڪ پاڪستان ڏاڍو مضبوط بنجي ها ۽ لڏپلاڻ نه ٿئي ها ته يهودي ذهنيت وارن کي هيڏي اچڻ جو موقعو ئي ڪونه ملي ها ۽ هيڏا هاجا ڪونه ٿين ها. جي پناهگير ۽ پنجابي لڏي وڃي بنگال ۾ نه وهن ها ۽ اتي اردو ٻولي نه مڙهي وڃي ها ته پاڪستان ٽٽي ئي ڪونه ها“

حقيقت ۾ يهودين جو ڪنهن به ڌرتيءَ سان پيار ڪونه هوندو آهي. هنن جو ڪوبه وطن ڪونه هوندو آهي. هو ملڪ جي امن، سلامتيءَ ۽ خوشحاليءَ جا خواهشمند ڪونه هوندا آهن. هنن جي سامراجي ذهنيت هنن کي دولت جو ڳولائو بنائي ڇڏيندي آهي. ان واسطي هو هندستان ۽ بِهار ڇڏي بنگال ايندا آهن. بنگال ۾ ڦٻي نه سگهيا ته برما هليا ويندا. برما ۾ دال نه ڳري ته سنڌ ۾ اچي نازل ٿيندا. هنن جي نه اسلام سان سچائي هوندي آهي ۽ نه پاڪستان سان“

”ان ڪري اسان کي پنهنجي ماڻهن کي ذهن نشين ڪرائڻ گهرجي ته جنهن صورت ۾ هي آهن ئي يهودي ته پوءِ هيل تائين جو هو اسان کي اسلام جي نالي ۾ احمق بڻائيندا رهيا آهن، ان کان اسين خبردار ٿي وڃون ۽ هنن کي يهودي ئي سمجهي هنن جي سازشن جو مقابلو ڪريون.“

”هنن يهودين جي منافقي ۽ مڪاريءَ جو ڪاٿو ڪير ڪري سگهندو؟ مرڳوئي اسان تي وک وک تي غداريءَ جو الزام پيا لڳائن. جيتوڻيڪ هو ان حقيقت کان به انڪار ڪري نه ٿا سگهن ته سنڌ ئي هڪڙو اهڙو پرڳڻو هو جتي هنن کي پناهه ملي“

”هن وقت به سنڌ ئي پاڪستان جي ڪامنويلٿ يا گڏيل دولت آهي. پناهگير، پنجابي، پٺاڻ، بلوچ سڀ پيا سنڌ مان مالي، معاشي ۽ اقتصادي فائدا

حاصل ڪن"

"ڏسجي ته ائين ٿو ته پاڪستان آهي ئي سنڌ. پناهگير هتي، پنجابي هتي، پٺاڻ هتي، بلوچ هتي، بنگالي هتي"

"ٻين سيني پرڳڻن وارن سنڌ جي ملڪيتن، زمينن، نوڪرين ۽ روزگارن تي اچي قبضو ڪيو آهي. ڪو سنڌي ڪنهن ٻئي پرڳڻي مان اهڙو فائدو حاصل ڪرڻ جو سوچي به نه ٿو سگهي"

"ڏسجي ٿو ته هنن يهودين پاڪستان ۾ سنڌ کي ڦرلٽ ڪرڻ جو ذريعو ڪري سمجهيو هو. ٻيو هو بنگال، سو ته پاڻ ڇڏائي ويو"

"اڳي ته اسين هنن کي مسلمان سمجهندا هئاسين، ان ڪري هنن جي اسلام جي نالي ڦهلايل ڄار ۾ ڦاسندا رهياسين. پر هاڻ جڏهن اسين سڃاڻي ويا آهيون ته هو ڪردار جا يهودي آهن ته پوءِ هنن جي اسلام جي نالي ۾ ڦهلايل ڄار ۾ ڦاسڻ جو سوال ئي ڪونه ٿو اٿي. هو سامراجي آهن ۽ هنن سان ائين ئي وڙهبو جيئن سامراجين سان مقابلو ڪجي"

"فلسطين جي جدوجهد اسان جي سامهون آهي"

"ڏکي جنگ ۽ لاڳيتي جاکوڙ"

"خبر اٿئي ته هي انهيءَ ڳالهه تي ايترو زور ڇو ٿا ڏين ته اسين پاڻ کي سنڌي، پنجابي، پناهگير نه پر صرف مسلمان سمجهون. هو ائين ان ڪري ڪن ٿا ته هنن جو سنڌ جون زمينون ۽ ملڪيتون ڦٻايون آهن، سو اسين هنن کي مسلمان ڀائر سمجهي اعتراض نه ڪريون. پر جيئن ته هو يهودي ثابت ٿيا آهن، انڪري هنن جي اها هٿ ٺوڪيل حجت به ڪا وزن ڪانه ٿي رکي"

"هو قوميت جو بنياد مذهب کي به ان ڪري بنائن ٿا ته هو ٻاهران اچي سنڌ جي ڪارخانن، جائدادن، نوڪرين ۽ روزگارن تي ڌاڙا هڻندا رهن ۽ سنڌين کي ان خلاف احتجاج ڪرڻ جو موقعو نه ملي، پر جيئن ته هنن پاڻ کي ذهني طرح ۽ عملي طرح يهودي ظاهر ڪيو آهي، ان ڪري اسين سنڌن ئي ان ٺڳايل بنياد تي بيهڻ نه ڏينداسين."

اهڙي طرح اسين انهن غير سنڌي ڪامريڊن کي سمجهي ويا آهيون. جي چون ٿا ته مارڪس جو نعرو هو ته "دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو!" ان ڪري جيڪي غير سنڌي مزدور، سنڌ ۾ ڪم ڪن ٿا، تن تي سنڌين کي اعتراض هئڻ نه گهرجي. اسان کي خبر آهي ته مارڪس جي انهيءَ نعري جي

اها غلط سمجهائي آهي. ان جو مطلب هو ته مزدور پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ رهي سرمائيدارن ۽ سامراجين جو مقابلو ڪن ۽ ٻين علائقن جي اهڙين ئي تحريڪن ۾ هنن جي مدد ڪن، ان جو مطلب اهو ناهي ته ٻين علائقن ۾ وڃي اتي جي رهاڪو مزورن کي حقن کان محروم ڪيو وڃي"

"مان سوچيندو آهيان ته هتي رهندڙ ڪامريڊ سچا ڪامريڊ نه آهن. ٻهرين ڳالهه: جي هو سچا ڪامريڊ هجن ها ته هڪ مذهب جي بنياد تي ٺهندڙ رياست ۾ هندستان مان لڏي ڪونه اچن ها. يا جي هتي پيدا ٿيا هئا ته پناهگيرن جي پنهنجي ڌاري ٻولي هتي مڙهڻ ۾ پناهگيرن جي سامراجي ڪردار جي مخالفت ڪن ها. نه وري هنن ٻاهرين ۽ ٻين ڌارين جي هتي اچي آباد ٿيڻ خلاف آواز اٿاريو آهي. هنن هر معاملي زبان، نوڪرين، ڪاليجن ۾ داخلائن جي سلسلي ۾ سنڌين جي مقابلي ۾ پنهنجن پناهگيرن جي مدد ڪئي يا مجرماڻي خاموشي اختيار ڪئي. هينئر به ڏسجو وڃنا ته سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ ۾ هو پناهگيرن جو پاسو وٺندا. هي جي سچا ڪامريڊ هجن ها ته پناهگيرن، پنجابين ۽ پٺاڻن جي پنهنجن علائقن ڏانهن واپس لڏي وڃڻ جا حامي هجن ها ۽ اهڙي عملي جدوجهد ڪن ها."

اهڙي طرح پنجابي ڪامريڊ به سچا ڪامريڊ ڪونه آهن. هنن ڪڏهن به پنجابين کي سنڌ ۾ زمينون ملڻ خلاف آواز بلند نه ڪيو آهي. يا پنجابين طرفان سنڌين تي جي ٻيون زيادتيون ٿين ٿيون، تنهن ۾ سنڌين جو ساٿ نه ڏنو آهي. اهڙي ريت پٺاڻ ڪامريڊن به سنڌ ۾ پٺاڻ مزورن جي لوڌ جي باري ۾ ٻڙڪ نه ٻولي آهي"

"مطلب اهو آهي ته ڪنهن سنڌي ڪامريڊ کي هتي جي غير سنڌي ڪامريڊ تي ڀاڙڻ نه گهرجي، نه هن مان سنڌين جي ڇڱائي لاءِ اميد ڪرڻ گهرجي ۽ نه هن کي سچو ڪامريڊ سمجهڻ گهرجي"

"اڄ به عملي طرح اسان اسلام يا ڪميونزم جي جذبي سان نه پر قوم پرستيءَ جي جذبي سان ڀريل آهيون. جيتوڻيڪ زباني طرح پاڻ کي اسلام پرست يا ڪميونسٽ ظاهر ڪرڻ جي منافقي ڪريون ٿا."

"خاص ڪري غير سنڌي ڪامريڊ، قوميت جي مسئلي جي ڇپار نه ڪندو آهي، ڇو ته هن کي خبر آهي ته اها ڳالهه سندس پنهنجي قوم جي مفاد جي ابتڙ آهي، هو ڪنهن حد تائين مذهب جي اوٽ به وٺندو آهي، ڇو ته

هن کي ڄاڻ آهي تہ ان ۾ سنڌس پنهنجي قوم جو فائدو آهي"

"اها حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي ۽ بار بار ثابت ٿي چڪي آهي تہ دنيا ۾ انسان جو سڪهاري ۾ سڪهارو جذبو قوميت جو آهي" ❑

(۱۷ ڊسمبر ۱۹۷۸)

معافي ثواب جي

"هيلوجاني!"

"هيلو! . . . . . "

"ائين پيو نهارين ڄڻ ڪڏهن ڏٺو ڪونه اٿيئي! ڪونه ٿو سڃاڻين ڇا؟"

"تون . . . . تون . . . . ڪير آهين؟ ڏاڍي گهرائپ مان پيو ڳالهائين!"

"منهنجو آواز به ڪونه ٿو سڃاڻين ڇا. ڀلا هڻ منهنجي ڪپڙن ڏي غور سان ڏس!"

"ڏٺل ته ڏسجين ٿو، پر . . . ."

"اڙي ڇا جي پَرَ پَرَ ڪري ٻڌي اٿيئي، هَٽَ به نه ٿو ملائين. هونءَ ته ياڪر پائڻ ڪانسواءِ ڳڏجندو ڪونه آهين! اڃا به پيو دوڏا ڦاڙي نهارين! اڃا به . . . ."

". . . . . ."

"ڀلا هي ڏس ! ڪڙڪ نوٽن جي ٿهي! اڄ ئي هڪڙي ٺيڪيدار کان ڪميشن ملي اٿم. ۽ جڏهن اهڙيون ٿهيون ملنديون آهن، تڏهن پاڻ ٻئي شهر جي بهترين هوٽل ۾ هلي به ڪمرا وٺندا آهيون. سڄي رات ڊنر، شراب ڪباب ۽ سهڻين ڪال گرلس (Call_girls) سان عيش ڪندا آهيون."

"اڙي ياڙيا، تون آهين. يار، مون ته توکي صفا ڪونه سڃاتو. ڏاڙهي ڪڏهن کوڙايئه؟"

"ٻه ڏينهن اڳ"

"اها وري جُوڄڪي ڪيئن اچي ويئه. پهرين ته ڏاڙهي ڪونه رکائيندو هئين. پوءِ اوچتو رکائڻ شروع ڪيئه. وري وڃي حج به ڪري آئين. حج ڪانپوءِ تنهنجي ڏاڙهيءَ جي ڊيگهه وڌندي ويئي، ۽ اوچتو اڄ ڏسان ٿو ته اها صفا چٽ آهي."

"ڀلا منهنجي هلت چلت ۾ ڪو فرق ڏٺئي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اها ته مونکي خبر آهي ته ڏاڙهيءَ جي سنت ۽ حج جي فرض کان اڳ توڙي پوءِ تون فضل ربيءَ کان ڪونه مڙيو آهين. پاڻ جڏهن پنڌ اڳيرو تڏهن رفتار به تيز آخر معاملو ڪهڙو آهي؟"

"هن سماج ۾ هن وايو منڊل ۾ ڪوڙي عزت ۽ پاڻ تي نيڪ هجڻ جو ٺپو لڳرائڻ جي شوق ۾ ماڻهوءَ کي عقل ۽ ضمير خلاف، ٻهروپي ڍونگ رچائڻو پوي ٿو."

"پر ياڙيا، اهڙو گنڀير ۽ فيلسوف ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. سنئين سنڌي ڳالهه ڪئي ڪر."

"يائو! حياتيءَ ۾ ٻه منافقتون ڪيو اٿم: هڪ ڏاڙهي رکائڻ جي، سا ته ڪوڙائي ڇڏيم. ٻي حج ڪرڻ جي سا خدا معاف ڪندو." ❑

(٧ جولاءِ ١٩٨٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيجل، ٻئي روپ ۾

"سائين، قومي گيت ڇا ٿيندو آهي؟"

"ڇا؟ . . . . ڇا ٿو ڇيئن؟"

"مولا وڏائي، مون اهو پئي پڇيو ته قومي راڳ ڇا کي چئبو آهي؟"

"ڇو . . . . ڇو ٿو پڇين؟"

"خدا ڀلو ڪرئي، اهو به ٻڌايان ٿو، پر پهرين مونکي سمجهايو ته سهي."

"قومي گيتَ، انهن گيتن کي چئبو آهي، جي قوم جي باري ۾ هجن."

"سائين، مان ڇڻ ماڻهو، ائين ڪٿي ٿو سمجهي سگهان، کولي ٻڌايو."

"پهرين ته اهي قوم جي ٻوليءَ ۾ هجن."

"اهو ته اسين پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ڳائيندا آهيون."

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾ هجن، يعني پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن، جهانگيڙن ۽ سانگيڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جبلن، ندين ۽ پهاڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جهنگن، ڳوٺن ۽ شهرن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي هارين، ڪاسبين ۽ پورهيتن جي باري ۾ هجن."

"ها سائين، ٻيو؟"

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ جي باري ۾ هجن، يعني تاريخي واقعن جي باري ۾ هجن. پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن ۽ سورمين، سورهين ۽ سورهياڻين، سرويچن ۽ سرويچاڻين جي باري ۾ هجن. جي ڌرتي ڌارين جي غلام هجي ته اهي گيت آزاديءَ جا اُمنگ پيدا ڪرڻ وارا هجن."

"ها سائين، اڃا به ٻيو ڪجهه؟"

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي سيپتا جي باري ۾ هجن، يعني ڌرتيءَ جي رهاڪن جي رهڻي ڪرڻي، اٿڻي وهڻي ۽ هنن جون ريتيون رسمون. انهن جو

روشن پهلو اجاگر ڪيل هجي ۽ اونداهو پهلو نندڻيل هجي. انهن گيتن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ تي پرماري نظام ۽ پيڙيندڙ طبقي خلاف پيڙهيل طبقي ڪي جاڪوڙ ڪرڻ جو سڏ هجي. اهڙا گيت جن جو فن عوام لاءِ هجي."

"مولا پلو ڪرئي، ڳالهيون ته گهڻيئي ڪري وئين. ڪي سمجهه ۾ آيون، ڪي ڪونه آيون. پر مطلب اهو ٿيو ته قومي گيتَ اهي آهن، جن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جون ڳالهيون هجن. بس سائين، هاڻ هڪڙي عنايت ڪريو."

"ڪهڙي؟"

"مونکي ڪن ماڻهن ٻڌايو آهي ته توهان شاعر آهيو ۽ ڏاڍا سٺا قومي گيتَ ٺاهيندا آهيو، مان ان ڪري ئي توهان وٽ آيو آهيان."

"پوءِ مان ڇا ڪريان؟"

"مون کي چار پنج پلا ۽ نوان قومي گيت ٺاهي ڏيو."

"جو، ڇا ڪندين؟"

"اسين مڱڻهار آهيون، ڳائڻ وڄائڻ وارا، اهوئي اسانجو گذر سفر آهي. اهي گيتَ محفلن ۾ ڳائيندا اسين."

"تون ته ڳچ ڄمار جو ٿو ڏسجين، هن مهل تائين ڇا پئي ڳايو وڄايو اٿئي، جو هنيئر هي خيال آيو اٿئي؟"

"مولا وڏائي، سڄي عمر ته عشق ۽ پيار جا راڳ پئي ڳايا اٿئون ۽ داد حاصل ڪيو اٿئون، پر هاڻي اهو وقت نه رهيو آهي!"

"ڪيئن پلا؟"

"سائين، هاڻي شاگردن جي محفلن، سياسي ۽ ادبي ميڙن ۽ لطيف گهوٽ جي جشنن ۾ ته ٺهيو، پر مڱڻي ۽ شاديءَ جي موقعن تي به ماڻهو انهن ڳائڻن کي گهرائن ٿا، جي قومي گيت ڳائن ٿا. اسانکي جي ڪوٺين ٿا ته به اتي موجود ماڻهو قومي گيت ڳائڻ جي فرمائش ڪن ٿا. اسان جيڪي راڳ ۽ گانا ڳائيندا آهيون، يا جيڪي اسانجي وڏا ڳائيندا هئا، تن تي نڪو ايترو داد ملي ٿو ۽ نه ايتري گهور ٿئي ٿي. اسان ڏسندا آهيون ته قومي گيت ڳائيندڙن تي گهور به ڏاڍي ٿئي ٿي ۽ ماڻهو داد به ڏاڍو ڏين ٿا. عشق ۽ پيار جي گانن تي ته اسين مڱڻهار نچندا آهيون، پر قومي گيتن تي، ٻڌندڙ تاڙين جو ٺهڪو

لڳائي ڏين ۽ جوش ۾ اٿيو نچڻ لڳن. لوڪ گيت ٻه ماڻهن ڪي وڻن ٿا، پر قومي گيت ٻيءِ ڳالهه آهن. سو باباسائين، مولا ڀلو ڪريئي، ڪي اهڙا ٻول لکي ڏي جو ٻڌي ماڻهو مست ٿي وڃن!. . . ." ❑

(١٢ نومبر ١٩٨٢)

سنڌو نياپو: مارچ ١٩٨٤

ڀڃنديون اهڙيون ماڙيون

"ڪلهوڪي حادثي ۾، چار ماڙ اڏجندڙ عمارت اچي پٽ تي پئي. ان ۾ اسان جا چويهه پناڻ مزور تلي تي ئي افت مري ويا، ۽ پنجاهه کن سخت زخمي ٿي پيا. انهن مان به پتو ناهي ڪيترا مرن. جيڪي بچندا، سي به لولا لنگڙا ٿي پوندا. هنن جي جيون جنجال بنجي پوندو."

"ڪيڏي نه دل ڏاريندڙ گهٽنا!"

"اسين ڪهڙا نه بد نصيب آهيون. هڪڙو پرديس جو موت، نه رڳو حياتيءَ جي پيچاڙڪين گهڙين ۾ پنهنجن ٻار ٻچن ۽ پيارن کان سوين ڪوهه پري، ۽ انهن مائٽن ۽ پيارن کي الائي موت جي خبر ڪڏهن اوچتو پوي، يا شايد ڪڏهن پوي ئي نه، ۽ تنهن کان سواءِ، مرڻ کانپوءِ به پنهنجي ديس جي مٽي نصيب نه ٿئي."

"اسانجا لاش رليو وڃن. ايترو خرچ ڪير ڪري اسان جا لاش اسانجي وطن تائين پهچائي. تنهن کانسواءِ اسان جا گهر ۽ ڳوٺ ايترو پري ۽ اهڙن اٽانگن پيچرن تي آهن، جو اوستائين لاش پهچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڏينهن لڳيو وڃن. تيستائين اهو لاش اهڙي ڌپ ڪري ويندو، جو ڪو اوڏو به اچڻ نه چاهيندو. ان ڪري اسانجي مائٽن کي به اسانجي موت جي خبر، اسانجي مرڻ کان ڪيترا ڏينهن پوءِ پئجي سگهي ٿي. هو ويچارا پيچاڙيءَ ۾ منهن به ڏسي ڪونه سگهن."

"ها ادا، حياتيءَ ۾ به اسين پنهنجي وطن جي ڌرتيءَ کان دور گذارڻ تي مجبور آهيون. اتي ڪو روزگار ڪونهي. پيٽ لاءِ مجبور ٿي هيڏو پري اچڻو پوي ٿو، پنهنجي ڌرتيءَ کان پري، پنهنجي ٻارن ۽ پيارن کان پري، پنهنجي خوشين کان پري. گهر ٻن ٻن، ٽن ٽن سالن کانپوءِ مس وڃي سگهون، ۽ سو به ٿورن ڏينهن لاءِ."

"ها يار، جي اسان کي پنهنجي ملڪ ۾، ۽ پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن جي ويجهو روزگار ملي وڃي ته پرديس جا پنڌ ڇو ڪريون. جدائيءَ جو ورهه ڇو برداشت ڪريون. ڪير پنهنجي زمين، پنهنجو گهر، پنهنجا جگر جا

نڪر، شوق سان ڇڏي وڃي ايترو پري رهندو ۽ ايترو ڏکيو عرصو پرڏيهه ۾ گذاريندو!"

"ها، جي سرڪار اسان واسطي ڪجهه به ڪرڻ چاهي ٿي ته ٿورا يا ٻئي قسم جا ڪارخانا اسانجي پرڳڻي ۾ کولي سگهي ٿي. اتي به ڪچو مال آهي، اتي به اسانجا جبل ۽ ميدان قدرتي خزانن کان خالي نه آهن. نيت هجي ته غريبن لاءِ اتي به سڀ سهوليتون ٿي سگهن ٿيون. اسانکي پنهنجي ئي پرڳڻي ۾ مزوري ملي ته ان کان وڌيڪ اسان لاءِ ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي. اتي اسان ٿاپر سان رهي سگهون ٿا. اتي اسان جون دليون به پريل رهن ٿيون ته پنهنجي ديس ۾ آهيون. اتي اسان لاءِ هر شيءِ ۾ پنهنجائپ آهي. پنهنجا راڳ، پنهنجا ناچ، پنهنجا ميلا ملاکڙا، پنهنجون ريتيون رسمون. هتي اسان پاڻ کي هر معاملي ۾ اوپرو سمجهون ٿا. هتي اسانجي عيد به عيد ناهي. اتي اسان رواجي رهڻي ڪرڻيءَ ۾ به هتي جي عيد کان سرس خوشي محسوس ڪندا آهيون."

"ها سڀ ڪو پنهنجن ۾ ئي سونهي. هتي اچي اسانکي احساس ٿو ٿئي ته اسان جي اصلي جڳهه پنهنجو پرڳڻو آهي جتي زمين، ماڻهن، وڻن ٽڻن، باغن کيتن، پهاڙن ماترين، ريتن رسمن، ڏورن ڏڳن، ٻولي ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجائپ آهي."

"اسانجا خان ۽ ٺيڪيدار اتي به اسانجو رت چوسين ۽ پنهنجا ڪيسا ڀرين، ته هتي به هو اسان کي ساڳئي نموني استعمال ڪن ٿا. هو اسانجي مجبوري ۽ بيڪسيءَ جو هتي اجابه وڌيڪ ۽ ناجائز فائدو وٺن ٿا. هاڻي هن عمارت جو ٺيڪيدار هڪڙو پٺاڻ آهي، هو اسان مزورن کان وڌ کان وڌ ڪم وٺي، ٿوري ۾ ٿورو اجورو ٿو ڏئي. ڪم اڪلائڻ ۾ اهڙي تڪڙ ڪري ٿو، جو اهو خيال به نه ٿو ٿئيس ته هيڏي ساري وڏي عمارت اوچتو نه تڙڪاٽ ڪري اچي پٽ پوي. ٿيو به ائين."

"توکي خبر آهي ته هن عمارت جي ٻي ماڙ جي جڏهن آر. سي. سيءَ جي ڇت پئجي چڪي، تڏهن ان کي اصول ۽ قاعدي موجب ويهه ڏينهن لاڳيتو پاڻيءَ سان تَر رکڻو هو. ان ڪانپوءِ مٿان اڏاوت ڪرڻي هئي، پر هن ٺيڪيدار فقط اٺ ڏينهن پاڻي ڏياريو ۽ پوءِ هڪدم ان مٿان اڏاوت شروع ڪري ڏنائين. پاڻي به اڻپورو ڏنائين. ان ڇت کي پورو پاڻي ڏيڻ لاءِ گهٽ ۾

گهڻ ويهن مزورن جي گهرج هئي، پر هن رڳو ڏهه مزور ان ڪم تي لڳايا، جي پورو پاڻي ڪونه پهچائي سگهندا هئا. انهن ڳالهين طرف هن جو اسان مان ڪن مزورن ڌيان به ڇڪايو، پر هن ڪي پنهنجي تڪڙ لڳي پئي هئي ته جلد کان جلد گهٽي ڪان گهڻو خزانو هٿ ايندو وڃي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو اها عمارت ڊهي پئي آهي، جنهن ۾ موت جو شڪار مزور ٿي ٿيا."

"اها به ته خبر هونديءَ ته هن عمارت جو مالڪ هڪ پنجاب جو لکاپتي سيٺ آهي. هو پاڻ ته پنجاب ۾ ويٺو آهي. هن ڪي هتي جي ماڻهن ۽ مزورن تي ڪهڙو ڪهڪاءُ ايندو. جي عمارت ڪم هلندي ڊئي، تڏهن به مزرو مرندا جي گهر لهي وڃڻ ڪان پوءِ، انهن جي رهاڪن سميت عمارت پٽ تي اچي پئي تڏهن به هتي جا ماڻهو مرندا. هن جو ڪم پيسي سان، سو هو هتان لڪ ميڙي، پنهنجي گهر ڪٽي ويندو. هو ته ايترو پري آهي، جو جي سندس ڪرتوتن ڪري هن عمارت سان حادثو ٿيو ۽ سوين انسان موت جو شڪار ٿيا ته به هو هتي جي ماڻهن جي عتاب ۽ لعنت ملامت ڪان پري رهندو."

"اسان هتي جي عام ماڻهن ۾، اسان لاءِ نفرت ۽ حقارت به ڏسندا رهيا آهيون. هتي به مسڪين ۽ بيروزگار ماڻهو آهن. هو به هتي جي ڪارخانن ۽ اڏاوتن ۾ پورهيو ڪرڻ چاهين ٿا. پر هڪ نموني اسين پرديس جا مزور، هنن جا حق هڙپ ڪيو ويٺا آهيون. اسانجا سيٺيون ۽ ٺيڪيدار، هنن ڪي ڪم ڏيڻ نه ٿا چاهين. مون پاڻ هنن ڪي اهو ڪنرپٽو ڪندي ڏٺو آهي. مون ڪوڙ تَرَ جي ماڻهن ڪي هتي مزوري ۽ ملازمت ڪرڻ لاءِ درخواستون ۽ منٿون ڪندي ڏٺو آهي، پر هتي جي ڪارخانن ۽ ڪمپنين جا مالڪ ۽ ٺيڪيدار، جي گهڻو ڪري ٻاهريان آهن، سي هتان جي لائق ماڻهن ڪي به موٽائي ڇڏيندا آهن."

"ها، مان ته ٿورو گهڻو پڙهيل پڻ آهيان، ۽ اخبارون پڙهندو آهيان. مونکي خبر آهي ته هتي جا اصل رهاڪو، هتي ايندڙ ٻاهرين ڪان انهيءَ ڪري ئي اڻوڻندڙ احساس رکن ٿا."

"آهي به هنن جي اها ڳالهه واجبي ۽ سياويڪ."

"اهو به تو ڏٺو هوندو ته جڏهن به سنڌي پنهنجا اهڙي قسم جا حق گهرندا آهن ته ٻاهران آيل ڪڏيل محاذ ٺاهي، هتي وارن جي مخالفت ڪندا آهن، ۽ هنن ڪي هر نموني محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن."

"ٻولين جي فسادن ۾ تو ڏٺو هوندو ته اسان واري ٺيڪيدار، اسان پنهنجي پورهيتين کي هتي جي رهاڪن خلاف ڀڙڪايو هو ۽ ٻَڃَ ڪئي هئي ۽ لالچ به ڏني هئي."

"ٻاهرين مزورن، ٻاهرين سرمائيدارن ۽ پرمارن جو پاسو ڪنيو. ٻاهرين مزورن، هتي جي مزورن تي حملا ڪيا."

"اهڙي حالت ۾ ائين چوڻ ته مزور پاڻ ۾ ڀائر آهن، سو غلط آهي. ۽ "دنيا جا مزدورو، هڪ ٿي وڃو!" وارو نعرو پڻ بيجا آهي. ان حالت ۾ ٻاهرين مزورن، ٻاهرين سرمائيدارن جي دلاليءَ جو ڪردار ادا ڪيو."

"اسانکي پورو احساس آهي ته اهڙيون ماڙيون ڍهنديون رهنديون!" ❑

اداري جا ويجھو پترا ٿيل بهترين ڪتاب

شاھ جو رسالو
- مڪمل -

(ڪلياڻ آڏواڻي جو مرتب ڪيل، پن بهترين ٻزائن ۾. چئن ڪلرن ۽ ريگزين ڪور پڪو جلد، آفيسٽ پيپر تي ڇپيل. ڊبل ڪرائون سائيز.)
سنڌ ۾ پهريون ڀيرو بهترين گيٽ اپ ۾.

ڪل صفحا 496. قيمت: =/150 روپيا

نسيم کرل جون ڪهاڻيون

سنڌي ادب جي مهان ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي مڙني ڪهاڻي تي مشتمل ڪتاب، جنهن ۾ سندس ٽن مجموعن، "شبنم شبنم ڪنول ڪنول"، "چوٽيهون در" ۽ "ٻمي" ۾ آيل ڪل ڪهاڻيون شامل آهن ۽ گڏوگڏ سندس ڪهاڻين تي سنڌ جي ٽن سڄاڻ نالن: ولي رام ولڀ، نجم عباسي ۽ عبدالقادر جوڻيجو جا تفصيلي رايا پڻ شامل ڪيل.

ڊيمي سائيز، 292 صفحا ۽ چار رنگو بهترين ٽائيٽل.

قيمت =/80 روپيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻڪ

سنڌي ادب جو سر موڙ نالو. سنڌي ڪهاڻي کي نئين گس ڏانهن نيندڙ، بلڪ سنڌي ڪهاڻي توڙي ناول لاءِ نئون گس گهڙيندڙ نالو، جيڪو جيئري مخالفتن جي وَرَ چڙهي ويو ۽ مرڻ کان پوءِ وساريو ويو. سنڌس چيپيل ٽي بهترين ڪتاب:

1- حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

(جنهن ۾ سنڌس ڪل ڪهاڻيون شامل آهن.)

2- ساهه مُٺ ۾ (ناول)

(جيڪو ضيا شاهي دؤر ۾ سنڌ ۾ چيچجي نه سگهيو ۽ موهن ڪلپنا جي چواڻي: ماڻڪ جيڪڏهن هي ناول نه لکي ها ته ايترو جلد نه مري ها.)

3- ٽي ناوليٽ

(جنهن ۾ ماڻڪ جا ٽي شاهڪار ناوليٽ، "رڃ ۽ پڙاڏا"، "پاتال ۾ بغاوت" ۽ "لڙهندڙنسل" شامل آهن.

هر ڪتاب جي قيمت =/45 روپيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ڪهاڻي (تاريخ)

(سنڌ جي تاريخ کي نئين رخ کان ڏسندڙ، هند ۾ رهندڙ جلاوطن سنڌي ڪيول ملڪاڻي جي ڪتاب The Sindh Story جو سنڌي ترجمو.)

گوندر ويندا گذري

(سنڌ جي قومي/عوامي شاعر "ابراهيم منشي" جي اها شاعري، جنهن ون يونٽ کان ضيا شاهي دؤر تائين جنم ورتو ۽ اڪ چنيءَ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول ٿي. جنهن جو پهريون ڇاپو هٿوهٿ کپي ويو. هي ڪتاب پيهر ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿي پڌرو ٿيو آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا ايندڙ ڪتاب

1- پاڻ ۾ ويٺا آهيون — نجم عباسي
(وڏي عرصي کان پوءِ نجم عباسي جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو، ڊيمي سائيز ۾.)

2- درد جو دريا — موهن ڪلپنا
(موهن ڪلپنا چواڻي: هي ناول منهنجي سيني ناولن کان بهترين ناول آهي ۽ سندس خواهش موجب سنڌ ۾ ڇپجي رهيو آهي.)

3- زندگي او زندگي — استاد بخاري
(موت سان مسلسل جنگ جوٽي ڪيس شڪست ڏيندڙ، زندگي جي فاتح شاعر "استاد بخاري" جي شاعري جو نئون مجموعو.)

4- نيڻ مهٽي خيال جاڳيا — تاج جويو
(جديد سنڌي شاعريءَ جو اڀياس - سنڌ جي سڄاڻ شاعر تاج جويو جي قلم سان.)

5- وحشي جيوت جا نشان — محمد ابراهيم جويو
(سنڌي ادب کي روشن خيالي جي گس لائيندڙ محترم ناالي محمد ابراهيم جويي جو ترجمو ڪيل بار بار پڙهڻ جهڙو ڪتاب.)



[جمال صحبت]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu